
شهید
هیمون کالاٹی

(سندي سرويچ)



ڈاکٹر آزاد قاضي

روشني

kaptan abro

شهيد هيمون ڪالاڻي

(سنڌي سرويچ)

مرتب

ڊاڪٽر آزاد قاضي

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

2015ع

Roshni Book No. 691

ڪتاب جو نالو: شهيد هيمون ڪالاڻي

مرتب: ڊاڪٽر آزاد قاضي

وڏايل ۽ سنوارڻ چاپو ڦهريون: © روشني 2015ع

ڪمپوزنگ: رفيق حسين ڪولاچي

روشني ڪمپوزرس، حيدرآباد

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ

قيمت: -/200 رپيا

SHAHEED HEMOON KALANI

Compiled by: Dr. Azad Qazi

Composed by: Rafique Hussain Kolachi
Roshni Composers & Printers Hyder Chowk, Hyderabad
Printed: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro
New Revised First Edition © Roshni 2015

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي ڪاتي حيدرآباد+ پٽائي بوڪ هائوس اوريئنٽ سينٽر، حيدرآباد
ڪنگ پن بڪ شاپ، پريس ڪلب، حيدرآباد + فيضان بوڪ ڊپو حيدرآباد + ورسٽي بڪ شاپ، جامشورو
شير يزدان بڪ اسٽال پٽ شاهه + حيدر ڪتب خانو پٽ شاهه ڪاليواڙ اسٽوس اردو بازار ڪراچي
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو + رهبر بڪ ايڪيڊمي رابعه سينٽر، لاڙڪاڻو+ مدني بڪ ڊپو لاڙڪاڻو
نيشنل بوڪ ڊپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو+ نوراني بوڪ ڊپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو+ هدايه بڪ ڊپو بندر روڊ لاڙڪاڻو
اشرف بوڪ اسٽال مسجد روڊ، نوابشاهه + مڪتبه گلشير، لياقت مارڪيٽ نواب شاهه
مهراڻ ڪتاب گهر، ڪيرو + المزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ + ٽئر ڪتاب گهر، مٺي
ڪنگري بوڪ شاپ، اسٽيشن روڊ، ميرپور خاص + المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، سانگهڙ
مدني اسلامي ڪتب خانو دادو+ سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ، دادو + جنيد بوڪ ڊپو دادو
عبدالرزاق بڪ اسٽال ميڻڌ+ مرچوالي بوڪ ڊپو بدين + رحمر بوڪ ڊپو بدين + سوڇهرو ڪتاب گهر، بدين
مهراڻ بوڪ سينٽر سکر + ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، سکر + عزيز ڪتاب گهر، بشراج روڊ، سکر
الفتح نيوز ايجنسي مهراڻ مرڪز سکر مڪتبه امام العصر، گهوٽڪي
سنڌ ڪتاب گهر، شڪارپور+ مولوي عبدالحئي شڪارپور+ سمعد بوڪ مارٽ، شڪارپور
تهذيب نيوز ايجنسي خيرپور ميرس + نيشنل بڪ اسٽال پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
مڪتبه عزيز، ڪهڙا + سجل ڪتاب گهر، درازا
ڪنول ڪتاب گهر، مورو+ قاسمه لائبريري اسپتال روڊ، ڪنڊيارو+ سارنگ ڪتاب گهر، ڪنڊيارو

ارپنا

سنڌ جي روشن مستقبل لاءِ قربانيون ڏيندڙ نوجوانن جي نالي.

ڪڏهن ڪڏهن تہ سارجو ۽ چار لڙڪ هارجو
جڏهن ۽ ساوڪيون اچن، چمر الوٽ ٿي نچن،
ائين نہ پوءِ وسارجو تہ ڪير سنڌ پر ستوءِ ڪير رنڌ پر مئو.

'ايياز'

فهرست

• پيش لفظ	آزاد قاضي	7

حصو پهريون

1. هيمون ڪالاڻي جي جدوجهد جو پس منظر	غلام حسين رنگريز	15
2. هيمونءَ جي همٿ ۽ بهادري	جيئو لالواڻي	21
3. شهيد هيمون ڪالاڻي آزاديءَ جو پروانو	نبي بخش ڪوسو	72
4. هيمون ڪالاڻي	پير علي محمد راشدي	76
5. ويرماتا جيئي ٻائي جو ويرهيمون ڪالاڻي	تهلرام آزاد	78
6. آمر شهيد هيمون ڪالاڻي	گوبند مالهي	80
7. سندڙ جو سپوت: هيمون ڪالاڻي	ڪرانتي ڪرپلاڻي	82
8. سورهيه سپوت: هيمون ڪالاڻي	نارائڻ ٽي. شرما	85
9. شهيد هيمون	شري مرلي "بيراڳي"	87
10. شهادت جو جام پيئندڙ	جي رام "سنڌو"	90
11. ويرماتا جو دلير سپوت	فتومل ٽيڪچنداڻي	94
12. شهيدن جو سرتاج ويرهيمون ڪالاڻي	ڪي ڊي مهتا	98
13. پڳت سنگهه جي راهه جو راهي	ڪمل پياسي	101

14. سورهيه هيمون ڪالاڻي	گوپالداس جميعتراءِ	104
15. سنڌ جو پڄت سنگهه		
آمر شهيد هيمون ڪالاڻي	ناري هرداس مل گرسهاڻي	106
16. هيمون ڪالاڻي	هيمون قاضي	108
17. هيمون ڪالاڻي	دادا سنڌي	112
18. شهيد هيمون ڪالاڻي	منصور قادر جوٽيجو	115
19. هيمون ڪالاڻي	غلام محمد لاکو	127
20. هيمو ڪالاڻي	مهر ڪاچيلوي	130
21. هيمو هڪ حقيقت، هڪ سچائي	رشيد پٽي	133

حصو ٻيو

(الف) ڪهاڻي/تاثر

1. هيمون ڪالاڻي	شوڪت حسين شورو	147
2. هيمون ڪالاڻي		
ڪيئن اسان وٽان هليو ويو!	وشوامتر روچيرام	149
3. ديش پڄت هيمو ڪالاڻي	پوپٽي هيرانندائي	153
4. سنڌ جو سورمو	ڊاڪٽر منگهارام ڪالاڻي	158

(ب) ڊراما

1. هندستان ڇڏي وڃو!	موهن ڪلپنا	160
2. آمر شهيد هيمون ڪالاڻي	هرومل راجپال	180

(ج) شاعري

1. سنڌ هند ۾ هيمون ڪالاڻيءَ جي ياد	اي جي اُتم	187

پيش لفظ

سپاتر شير سنڌڙيءَ جا، ملهايئه سنڌ جو پاٽي،
شهادت جي سند تنهنجو ٻڌي سينگار ڪالاٽي.
(آشا درگاپوري)

سنڌ نہ رڳو صوفين ۽ سنتن، پر شهيدن جي سرزمين پڻ پئي رهي آهي. سنڌ پرامن ۽ سيڪيولر سرزمين آهي. جهڙيءَ طرح ان جا صوفي بغير ڪنهن مذهبي متيبد جي مڙني ڏيهه واسين جي جسبي جي مشترڪ ميراث پئي رهيا آهن، ساڳي ريت سنڌ جي شهيدن وارين صفن ۾ پڻ ڪائي مذهبي منافرت نظر ڪانہ ٿي اچي. "شهيد ڏاهر" ۽ "جئه شينهن" کان ٿيندي "شهيد هيمون ڪالاٽي" کان عبدالرزاق سومري ۽ اشوڪ ڪمار تائين شهيدانِ سنڌ جي هڪ وڏي قطار آهي، جنهن ۾ ڪئين سرويچ سورهيہ شامل آهن، جن کي سنڌ جو هر محب وطن سنڌ جي شهيد طور عزت ۽ احترام سان ياد ڪندو پئي رهيو آهي.

"اڳيان اڏن وت، پٺين سر سنباهيا."

محڪوم قومن جي سجاڳي ۽ ارتقا واري عمل سان شهيدن جي رت جو سڏيءَ طرح واسطو هجي ٿو اهو ائين تہ جڏهن جڏهن سندن عمل ۽ ڪردار جو بيان ٿئي ٿو تڏهن قوم جي نوجوانن جي دلين ۾ ملڪ سان محبت جي سلسلي ۾ هڪ قسم جو نئون روح ڦوڪجي وڃي ٿو. ۽ اهي پنهنجي شهيدن جي حالاتِ زندگي ۽ ڪارنامن مان سبق حاصل ڪري معروضي حالتن ۾ ڪي رستا ۽ راهون هموار ڪري سگهن ٿا. ان ئي بنيادي قومي ضرورت جي، غلام قومن لاءِ اهو ضروري ٿيو پوي تہ انهن جي قومي هيرن ۽ شهيدانِ وطن جي ياد تازي

ٽيندي رهي. ان مقصد جي مدنظر ڪافي وقت ڪان آڻ اهڙي مواد جو ڳولائو پئي رهيو آهيان. هن ڪان اڳ "شهيد مخدوم بلاول" تي ڪتاب آڻي. ان اهم ۽ بنيادي ضرورت واري سلسلي جي شروعات ڪئي ويئي.

گذريل ڪيترن ئي سالن ڪان "شهيد هيمون ڪالاڻي" بابت مواد جي پڙ ميڙا چوندي. ان اميد تي ڪندو پئي رهيس تہ هيمونءَ جي شخصيت ۽ ڪارنامن تي ڪو ڪتابچو لکجي. ان دوران ۾ سال اڳ پراڻي سياسي ڪارڪنن جيئي لالواڻي احمد آباد مان شهيد هيمون ڪالاڻي (با تصوير جيون جهانڪي) پڌرو ڪيو جيڪو بهترين ڪم آهي. ان کي ڏسڻ ڪان پوءِ مون کي به خيال آيو تہ سالن ڪان هيمون ڪالاڻي بابت ڪيل ان ميڙاچونديءَ کي ڪتابي صورت ۾ آڻي ڇڏجي. چاڪاڻ تہ هر ليکڪ جي لکت جو پنهنجو پنهنجو مقام آهي. هر ليک جي پنهنجي پنهنجي خوشبوءِ آهي. ان قسم قسم جي خوشبوءِ وارن گلن جو هي گلدستور تيار ڪيو ويو آهي.

هن تيار ٿيل ڪتاب ۾ هيمونءَ بابت اٽڪل 30 ليکڪن جي خيالن کي يڪجا ڪيو ويو آهي. ان سان گڏ جيئي لالواڻي جي ڪتاب مان پڙ هيمونءَ بابت مکيہ معلومات ڪنئي ويئي آهي. جنهن مان شهيد هيمون ڪالاڻي جي زندگي ۽ ڪارنامن واري حوالي سان ڪئي پهلو نروار ٿين ٿا.

هيمونءَ جي آزاديءَ واري تحريڪ ۾ حصو ونڊ واري سلسلي کي ڏسڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ. ڪيس پس منظر ۾ خاندااني حوالي سان هڪ خاص. انقلابي ماحول مليو هو. مثلاً سندس چاچو ڊاڪٽر منگهارام ڪالاڻي نہ رڳو قوم لاءِ ترنگ جو تيرٿ ڪيو هو پر هن نوجوانن ۾ انقلابي روح ڦوڪڻ ۽ کين يڪجا ڪرڻ واري خيال سان "سوراج سينا" نالي هڪ جماعت جو پڙ بنياد وڌو هو جنهن ۾ 19_20 سالن جي عمر ڪان ونڊي 25 سالن جي عمر تائين هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج جا وديارٿي ديش سان پيار ڪندڙ جوان شامل هٿا. سوراج سينا جو مقصد هو نوجوانن ۾ ديش پڳتيءَ لاءِ روح

قوڪڻ ۾ ديش کي انگريزن جي غلاميءَ مان آزادي ڏيارڻ لاءِ نوجوانن ۾ قرباني‌ءَ جو معدو پيدا ڪرڻ" انهيءَ اداري "سوراج سينا" جو هيمون پڻ ميمبر هوندو هو. ان سکيا جي نتيجي طور هو پڙهڻ سان گڏ ترڻ ۾ مختلف نمونن واري ڪثرت ڪرڻ سان گڏ هڪ جيڏن ۾ مختلف طريقن سان سجاڳي آڻڻ واريون سرگرميون ڪندو رهندو هو.

سائين جي. ايم. سيد هڪ هنڌ لکيو آهي ته:

"تاريخ شاهد آهي ته اهي ئي قومون عروج تي پهتيون، جن ۾ اهڙا ماڻهو پيدا ٿيا، جن قوم جي نفعي لاءِ پنهنجا خون هاريا، راتيون جاڳي ڏينهن ڪيا، پيٽ سان پٽر ٻڌي وقت گذاريو هر مشڪلات کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهيا ۽ مستقبل لاءِ حال قربان ڪيو."

هيمون ڪالاڻي‌ءَ جي ڏنل قرباني‌ءَ کي پڻ ان تناظر ۾ ڏسڻ گهرجي، پر تاريخ جا عجيب فيصلا ٿين ٿا. هيمون ڪالاڻي ۽ ان جهڙن ٻين ڪيترن ئي محب وطن فردن جنهن ملڪ جي آزادي‌ءَ لاءِ قربانيون ڏنيون، اهو جڏهن آزاد ٿيو ته اهڙي صورت ۾ جو انهن مان ڪيترن لاءِ، اها آزادي جڙ ته عذاب جو نئون روپ ونڊي آئي. ۽ اهو عذاب هيو لڏپلاڻ جي نالي ۾ ڏيهه مان جلاوطني. جنهن جو شڪار هيمون ڪالاڻي‌ءَ جو خاندان به ٿيو.

نکلے جب اسیر تو بدلا ہوا زمانہ تھا

هيمون جنهن آزدي‌ءَ لاءِ آواز بلند ڪيو ۽ پاڻ پتوڙيو هيمون جهڙن هزارين سورمن جي ڏنل قرباني‌ءَ کانپوءِ جڏهن اها گهڙي آئي ته اها به ان صورت ۾ جو هيمون‌ءَ جي سرير رڪ کي به سڪون نصيب ڪونه ٿيو. چاڪاڻ ته جنهن جابر کي تڙي ڪيڙ لاءِ هُن سَر جي بازي لڳائي، ان ويندي ويندي اهڙو ماحول پيدا ڪرايو جو هيمون‌ءَ جي ابي امان کي پنهنجي وطن جا وڻ ڇڏي دربدر ٽيٽو پيو. هتي اها ڳالهه قابل ستائش آهي ته هند سرڪار پنهنجي وسيع تر قومي پاليسي تحت ڀڳت سنگهه ۽ ٻين سورمن جيان هيمون‌ءَ کي پڻ شهيدانِ هند طور ياد ڪرڻ شروع ڪيو.

ورهاڱي ڪان پوءِ هيمون ڪالاڻيءَ جو ماتا پتا، سنڌ ڪي خيرباد چئي "چيمپور ڪالوني ممبئي" ۾ وڃي رهائش اختيار ڪئي. اتي هيمونءَ جي ياد تازي رکڻ لاءِ 1951ع ۾ شهيد هيمون ڪالاڻي يادگار منڊل قائم ڪيو ويو. جنهن جو سيڪريٽري ڪتوملڻ ٽيڪچنداڻي هو. ان منڊل پاران هيمون ڪالاڻيءَ جي ياد تازي رکڻ لاءِ هر سال 21 جنوري شهادت جي ڏينهن طور ملهائڻ سان گڏ، اها پڻ ڪوشش ٿيندي رهي ته هند سرڪار ڪان هيمون جي يادگار طور ٽپال جي ٽڪلي جاري ڪرائي وڃي ۽ سرڪاري طور تي ڪو يادگار قائم ڪرايو وڃي. ان سلسلي ۾ اڪل پارت سنڌي پڻنچات فيڊريشن ممبئي وارن ڪوشش ونڍي، چيمپور ڪالونيءَ ۾ هڪ هزار وال پلاٽ حاصل ڪري، هيمونءَ جو يادگار تعمير ڪرايو ۽ 1973ع ۾ هيمونءَ جي ڏنل قرباني‌ءَ جي مڃتا طور سندس ماتا ڄيٺي ٻائي کي "سنڌو ماتا" جو لقب پڻ ڏنو ويو. هيمون جي ماتا 90 سالن جي عمر ۾ سيپٽمبر 1986ع ۾ چيمپور ڪالوني ممبئي ۾ وفات ڪري ويئي. سندس وفات ڪان 2 سال اڳ پارت جي وزيراعظم مسز اندرا گانڌي سرڪار پاران هيمونءَ جي ياد ۾ جاري ڪيل يادگار ٽڪلي ڪيس پيش ڪئي هئي.

ناز ڪر ماتا مڻي، هڙئي سپاتر ويرتان،
هو سچو سپوت تنهنجو ۽ سنڌوءَ جو شان آ.
(وشنداس آسراڻي)

هن ڪتاب جي مواد کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي.

پهرين حصي ۾ هيمون ڪالاڻيءَ جي زندگيءَ ۽ جدوجهد بابت ليک لکيل آهن، جڏهن ته ٻئي حصي ۾ "هيمون ڪالاڻي ۽ سنڌي ادب" هيٺ ادب جي مختلف صنفن، جهڙوڪ: ڪهاڻي، ڊراما ۽ شاعري جي ميدان ۾ ليکڪن پاران شهيد هيمون جي ڏنل قرباني‌ءَ واري حوالي سان لکيل چونڊ مواد شامل ڪيو ويو آهي.

شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي ننڍي عمر ۾ ملڪ لاءِ ڏنل قرباني‌ءَ کان متاثر ٿي هند ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي شاعرن سندس جدوجهد کي

پيٽا ڏيڻ لاءِ مٿس شعر لکيا ۽ ڪيترن سياستدانن ۽ ڪلاڪارن ڪيس وقت بوقت ادب ۽ احترام وچان لفظي پيٽا پڻ ڏني آهي.

آءٌ هند/سنڌ جي مڙني حال حيات توڙي مرحيات ليکڪن جو شڪريو ادا ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو جن جي مواد سان هن ڪتاب کي جامع ڪري پڙهندڙن اڳيان پيش ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب جي پبلشر کي جس هجي جنهن وقت جي اهم ضرورت تصور ڪندي شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي زندگي ۽ جدوجهد بابت هي مواد شايع ڪيو.

اڄ جو دؤر جنهن ۾ اڪثر نوجوان نه ته پڙهي ٿو ۽ نه وري ڪڙهي ٿو ائين پيو محسوس ٿئي ته سنجيدگي اختيار ڪرڻ بجاءِ بي مقصد نعرن سان نينهن لايو هلڙبازيءَ ۾ پيو هلي. اهڙي صورتحال ۾ شهيد هيمونءَ ڪالاڻيءَ جي حياتيءَ جو احوال ۽ سندس پاران ڪيل جدوجهد جي موٽ ۾ مليل ميڙتا، اڄ جي نوجوانن جي اندر ۾ بهتر طريقي ۽ صحيح رخ سان جدوجهد ڪرڻ ۽ ايمانداري ڏيڪارڻ لاءِ جذبو جاڳائي سگهي ٿي. چاڪاڻ ته هن مواد پڙهڻ سان هڪ ئي بنيادي نقطو جنم وٺي ٿو ته هيمونءَ جهڙو 19 سالن جو ڇيرو نوجوان، جنهن جي اها عمر گهمڻ ڦرڻ ۽ راندين روندين ڪرڻ واري هئي. ان عمر ۾ هن جنهن نموني قوم لاءِ همت ۽ بهادريءَ سان قرباني ڏني، اهڙي عمل کيس امر ڪري ڇڏيو جنهن ڪري اڄ تائين نه رڳو کيس ياد ڪيو وڃي ٿو پر آچاريه ڪرپلاڻي ۽ جيرامداس دولترام جهڙا اڳواڻ به کين نمسڪار ڪن ٿا. جڏهن ته ان دؤر ۾ هيمونءَ جا هم عمر ۽ هم سفر ڪيترائي نوجوان هوندا، پر اڄ اهي ڪنهن کي به ياد ڪونهن، ڪاش سنڌ جي نئين ٽهيءَ جي اندر ۾ عظيم ڪارناما سرانجام ڏيڻ ۽ بلند ڪردار وارن عملن کي سمجهڻ واري سوچ ۽ سنجيدگي پيدا ٿي سگهي.

طالب العلم

آزاد قاضي

13 مئي 2009ع.

سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.

حصو پھریون

غلام حسين رنگريز

هيمون ڪالاڻي جي جدوجهد جو پس منظر

تاريخ جو تسلسل اسان کي ٻڌائي ٿو ته جڏهن به جنهن قوم ڪنهن ڌاري قوم کي پنهنجي ڌرتيءَ تي پير ڌرڻ جي مهلت يا جڳهه ڏني ته اها قوم پنهنجي خوش فهميءَ، ساده مزاجيءَ، ۽ بي سمجهيءَ سبب دائمي طور ڌارين جي غلام ٿي ويئي.

اِنهيءَ نقطه کي نظر ۾ رکندي اسان هندستان ۾ انگريزن جي اچڻ، پيو جمائڻ ۽ 40 ڪروڙ هند واسين تي حُڪمراني ڪرڻ واري واقعي تي ويچارڻ سان ڏسنداسين ته مغل بادشاهن جي معمولي غلطي هند واسين لاءِ ڪيڏو نه عذاب آندو.

انگريزن، لشڪر جا ڪٽڪ ڪاهي يا آرماڙ وٺي هندستان فتح نه ڪيو هو پر واپاري بنجي آيا ۽ حڪمران ٿي ويهي رهيا.

تاريخي طرح اِنهيءَ سلسلي جي اِبتدا 1613ع کان ٿي، جڏهن شهنشاهه جهانگير هڪ فرمان جاري ڪري انگريزن کي سورت ۾ واپاري ڪوٺين کولڻ جي اجازت ڏني. اِنهيءَ اجازت جو فائدو وٺندي انگريزن آهستي آهستي پير پسارڻ شروع ڪيا. هِنن جو اوائلي نشان بنگال ٽيو. بنگال ۾ هِنن نه رڳو واپاري ڪوٺيون کوليون، پر ڪن ايراضين کي پنهنجي قبضي هيٺ آڻڻ جي شروعات ڪئي. بنگال جي نوجوان شهزادي سراج الدولہ اِنهيءَ حرڪت کي تاڙي ورتو ۽ حڪم ڏنائين ته، "قبضي هيٺ آندل ايراضيون خالي ڪيون وڃن ۽ آئنده اهڙيءَ حرڪت کان پرهيز ڪئي وڃي." جيڪڏهن سراج الدولہ اعليٰ دوراندیشي کان ڪم ونڊندي اُن وقت تي انگريزن کي هندستان مان مڪمل طرح تڙي ڪڍي ها ته پوءِ وارا لوءَ ڪانڊاريندڙ خونين

داستان جنم نہ ونڻ ها. انگريزن جڏهن سراج الدولہ جي حڪم جي پيروي نہ ڪئي تہ سراج 24 مئي 1756ع تي هنن جي خلاف تاديبي ڪارروائيءَ جي شروعات ڪئي.

انگريزن طرفان قائم ڪيل قاسم بازار واري ڪوٺي تہ پهرئين سَٽ ۾ سراج جي هَٽ چڙهي ويئي. انگريز ڊپ ۾ هراس وچان وٺي "هوگلي" ندي ڏانهن پڳا. پَر هن اهم ۾ فيصلہ ڪن موقعي تي سراج جي نرم روش انگريزن جي ڪم آئي ۾ هو بچي ويا. اِنهيءَ جو نتيجو اِهو نڪتو جو انگريزن وجهہ وٺي مقامي اختلافن کي هَوا ڏيئي، مير جعفر جهڙا غدار خريد ڪري ورتا ۾ پلاسيءَ جي ميدان ۾ سراج جي مدمقابل ٿي، ڪيس شڪست ڏيئي، هندستان ۾ وڏيڪ پير پختا ڪيائون. هاڻي هو واپارين مان ڦري هڪ سياسي طاقت بنجي چڪا هئا. هنن وٽ ڪيترائي عهدن، پئسن ۾ مرتبن جا بکيا، لالچي هندستاني، سندن چوپيل هڏين تي پلبا هئا ۾ ڪي وري مقامي اختلافن ۾ تڪرارن کي ترجيح ڏيندي، هنن جا بندوقچي، خانبهادر، راءِ بهادر ۾ سَر وغيره بنجي، موقعي پرستيءَ جو مظاهرو ڪندا وتندا هئا.

اِنهي دلاليءَ ۾ چمچاگيريءَ جي صلي ۾ ڪن کي خلعتون ملنديون هيون تہ ڪن کي جاگيرن جا پروانا. بهرحال پلاسيءَ ۾ سراج ۾ سرنگا پٽم ۾ ٽيپو جي شڪست کان پوءِ آخري وڏو معرڪو 1857ع ۾ ٽيو جنهن ۾ هندستانين وڏي پئماني تي بغاوت ڪئي، پر پنهنجن جي غداري ۾ اندروني ويڑهہ هٽي هن بغاوت جا ٽرا ڪيڊي ڇڏيا ۾ انگريز دهليءَ جا بہ حاڪم ٿي ويا. آخري مغل تاجدار بهادر شاهہ ظفر کي همايون جي مقبري مان گرفتار ڪيو ويو.

ڳلهہ جن جي اڳيان انگريز هٽ ٻڌيو عرضدار ٽيو واپار ڪرڻ جي اجازت وٺي رهيا هئا. اڄ انهن عرضدارن اڳيان انهن جا پويان جوابدار بنجي قيدي بنيا وينا هئا. ڳلهہ جو پينو ۾ آيل ڏاريو اڄ جو امير ۾ حاڪم هئو. دلالن، غدارن ۾ نيچ قسم جي موقعي پرستن جون ٽوپيون ٽنڊ تي هيون، پر محب وطن هند واسين عالمن ۾ مفڪرن کي متي لڪائڻ لاءِ آجهو بہ ميسر نہ هئو. زماني جو عجب رنگ هو:

"گردش گردون گردان گرد گان را گرد کرد،
بَر سر اهل تميزان ناقصان را مَرد کرد."

يعني: زماني جي گردش عجيب آهي، چَٽ پَٽن تي پَٽ چَٽن تي، مڙسن تي وري ناقص ۽ نااهلن کي مڙهيو چڏي.

غرض ته 1857ع جي اِنهيءَ بغاوت کي دٻائڻ ۾ هند واسين کي هيسائڻ لاءِ انگريزن جيڪي ظلم ڪيا، تن جا داستان لنگ ڪانڊاريندڙ آهن. هندستان جي عظيم سلطنت تي قابض ٿيڻ کان پوءِ ڪهڙا ڪهڙا ڪلور ڪيا ويا، تن جو مختصر ذڪر انهيءَ لاءِ هيٺ ڏجي ٿو ته پڙهندڙن کي اندازو ٿئي ته تر جي گُٽي ڪيئن سئو چوٽون کارائي ٿي ۽ ڏرتيءَ جا ڏاڙيل پاڇين تي ڪيڏا نہ بي رحم هوندا آهن.

ظلمن جا چند خوني مثال

(1) جڏهن آخري تاجداري بهادر شاهہ ظفر گرفتار ڪيو ويو ته هن پيرسن شهنشاهہ کي ذهني پيڙا ۽ عذاب ڏيڻ لاءِ سندس جوان شهزادن جون سسيون ڪپي، هڪ وڏي ٽالهہ ۾ رکي، ڏکي، عيد جي موقعي تي کيس سوکڙي ڪري موڪليون ويون. تخت و تاج کان محروم اسير شهنشاهہ لاءِ عيد جو اهو تحفو ڪيڏو نہ المناڪ هوندو تنهن جو اندازو بخوبي لڳائي سگهجي ٿو.

(2) انگريز حڪومت جي ظالمانہ نظامِ حڪومت جي شڪنجي ۾ ماڻهن کي جڪڙيو ويو هو جنهن ملڪ ۾ ڦاهي تي لٽڪائڻ، سوئر جي ڪل ۾ جيئرن انسانن کي جلائڻ ۽ تويٰ جي منهن ۾ ڏيئي ماڻهن جا پرخچا اُڏائڻ، سوئر جي چربي جسم تي مکي جيئرن انسانن کي ٽاندن تي ليٽائڻ ۽ لوهہ جي گرم سيخن سان ڏنب ڏيئي تڙپندڙ لاشن جو هيبتناڪ منظر ڏسڻ جا نظارا عام هجن، اتي جي حالتن جو ڪهڙو ذڪر ڪجي." (ڪتاب، "تحريڪ ريشمي رومال" صفحہ 23)

(3) 1857ع جي بغاوت جي ناڪاميءَ کان پوءِ جي خوني داستانن جو ذڪر ڪندي اخبار ٽائمز جو ايڊيٽر لکي ٿو ته: "بغاوت جي اعلان کان 48 ڪلاڪن اندر اندر پنج سؤ ماڻهن کي ڦاهي تي لٽڪايو ويو."

(4) هڪ انگريز مورخ لکي ٿو ته:

"بنارس، الهہ آباد ۽ ڪانپور جي واقعي کان اڳ ۾ چند نوجوانن کي صرف ان ڪري ڦاهي تي لٽڪايو ويو جو انهن شوقيہ طور باغين جون جهنڊيون کڻي شهر ۾ گشت ڪيو هو."

(5) هڪ انگريز تامسن لکي ٿو:

"ڦاهي ڏيڻ جي ٻين وارداتن سان گڏ هيءَ واردات بہ اکثر ڏسڻ ۾ ايندي هئي، يعني: ڏوهيءَ (جيڪو وطن جو وفادار هوندو هو) کي هاٿيءَ تي ويهاري، انب جي وڻ هيٺان آڻي، مٿان رسو ٻڌي هاٿي کي هڪليو ويندو هو. اهڙيءَ ريت ڏوهي سخت عذاب ۽ پيڙا جي حالتن ۾ چڪجي تاڙجي مرندو هو."

(6) مسٽر تامسن وڌيڪ لکي ٿو:

"رڳو ڦاهي کان ڪم نہ ورتو ويندو هو پر ماٹھن کي گهرن جي ڪوٹين ۾ بند ڪري ٻوساڻي باهہ ڏيئي ساڙيو ويندو هو."

(7) ساڳيو مسٽر تامسن لکي ٿو:

"بيشمار ڳوٺن کي اهڙي وقت آڳ جي اُلن جي نظر ڪيو ويندو هو جو جڏهن عورتون ٻيڙا ۽ ٻارڙا ايندڙ قهر کان بي خبر مٺڙي ننڊ ۾ پيا هوندا هئا."

(8) هڪ انگريز جنرل "نيل" جي ظلمن جا داستان تہ وار ڪاندارايندڙ آهن. هن ڪانپور جي شهر ۾ پنگين جي هڪ فوج ٺاهي هئي، جيڪا بيگناهہ هندستانين کي گهرن مان ڪڍي ڦاهيون ڏيندي هئي، پر ڦاهين ڏيڻ کان اڳ هنن جي ڇهرن تي سوئر ۽ ڳئوءَ جي چربي ملائي ويندي هئي ۽ پوءِ هنن کي ماري ڪٽي مجبور ڪيو ويندو هو تہ اهي ڪمرن جا گندا فرش زبانن سان چٽي صاف ڪن."

انهن انسانيت سوز ظلمن کان علاوه انگريز سرڪار باقاعده منظر نموني هندواسين تي ثقافتي غلبي حاصل ڪرڻ ۽ منجهن غلامانہ ذهنيت کي پختي ڪرڻ لاءِ هيٺيان قدم کنيا:

(1) مقامي زبانن جي ترقي کي روڪي، انگريزي ٻولي کي اوليت ڏني ويئي. اُنهن ماٹھن کي نوڪريون ملنديون هيون، جيڪي انگريزي زبان سکندا ۽ انگريزي ثقافت کي پنهنجو ٻڌائيندا هئا.

(2) "حڪومت جي ڪائونسلن ۾ هندستانين کي ڪوبہ حصو نہ هئو جو پنهنجا ڏک سور پيش ڪري سگهن. اعليٰ نوڪرين ۾ هندواسين کي ڪابہ نمائندگي نہ ڏني ويندي هئي." (اسباب بغاوت هند، صفحہ 11)

(3) لارڊ ميڪالي انگريز سرڪار جي ثقافتي غلبي ۽ اثر و نفوذ جي لاءِ جيڪي تجويزون حڪومت اڳيان آنديون، تن مان ثقافتي سامراجيت جو پتو پوي ٿو انهيءَ مان هيءَ ڳالهہ ۽ پڌري ٿئي ٿي تہ غاصب قومون رڳو معيشت ۽ دولت تي ڏاڙا نہ هڻنديون آهن، پر قومن جي ضميرن کي ۽ زنجير وجهنديون آهن. ميڪالي لکي ٿو:

"اسان کي اهڙي جماعت بنائڻ گهرجي، جيڪا اسان ۽ اسان جي ڪروڙها رعيت جي وچ ۾ ترجمان جو ڪم ڏي ۽ اها جماعت اهڙي هڻڻ گهرجي، جيڪا خون ۽ رنگ ۾ تہ هندستاني هجي، پر مزاج ۽ انداز ۾ انگريز هجي." ("مسلمانون کا روشن مستقبل"، صفحہ 131)

(4) هندستانين کي جاهل، آڻ سڌريل، سندن زبانن کي ادبي سرمايہ کان خالي ۽ سندن تهذيبي ورثي کي واهيات سڏي، انگريزن جي سماجي برتري کي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي.

مطلب تہ معاشي، سياسي ۽ ثقافتي استحصال ۽ غلاميءَ جي اِنهيءَ ظالماڻي روش جي خلاف هندواسين انتهائي بهادريءَ، جرئت، حب الوطنيءَ جا نہ وسرندڙ مثال قائم ڪيا.

هيڏا ظلم ۽ زيادتيون ٿيون، پر هندواسين هزارها جانين قربان ڪرڻ ۽ قدم قدم تي شڪستن کائڻ کان پوءِ ۽ شڪست نہ قبولي ۽ آزاديءَ جي جدوجهد جاري رکي. هي مثال غلام قومن جي اونداهين راهن کي روشن ڪرڻ لاءِ اڄ ۽ قطب تاري جيان قائم آهي.

انگريزن خلاف رد عمل

انگريزن جي ظلم زور ۽ زيادتين خلاف تہ اِبتدا کان ئي ڪي قدر رد عمل ٿيو هو پر ان رد عمل کي ڪابہ منظم صورت نہ ملي هئي. هِتي هُتي ڪُنڊڙ چٽنگن هن نندي کنڊي جي ضمير کي جنهنجهوڙيو پئي ۽ هڪ اعليٰ مقصد يعني آزادي کي ماڻڻ لاءِ منظم پئي ڪيو. اِنهيءَ سلسلي ۾ 1857ع وارو واقعو آزاديءَ جي راهہ ۾ هڪ سنگ ميل جي

حيثيت رکي ٿو. جيتوڻيڪ ڪيترن موقعي پرستن ۽ مفادپرستن انگريزن جي راج کي ظل الاهي سڏي، قصيده خوانيون ڪري، خلعتون، انعام اڪرام ۽ القاب حاصل ڪيا، پر اِنهيءَ دور ۾ سراج دولھ، ٽيپو سلطان، جهانسي جي راڻي، شيخ الهند، عبيدالله سنڌي ۽ پگٽ سنگھ جا ڪردار انگريزن خلاف هلايل جدوجهد جا عظيم مثال آهن.

اِنهيءَ کان پوءِ انڊين نيشنل ڪانگريس، جنهن جو وجود 1885ع ۾ پيو ۽ جنهن ۾ هندو مسلمان وغيره، هند جي آزاديءَ جي قدر مشترڪ تي متحد ٿيا هئا. هِن ڏِس ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو مهاتما گانڌيءَ، جنهن سياٽپ، ڏاهپ ۽ بهاديريءَ سان انگريزن خلاف جنگ جوٽي، تنهن انگريزن کي گوڏن ٽيڪڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. هڪ صديءَ جي جدوجهد جنهن ۾ ڪيترائي اهڙا موقعا آيا، جن تي نااُميد ۽ ڪمزور فطرتن وڙهڻ کي جهڪڻ کان بهتر سمجهيو هو سا هاڻي پنهنجي منزل کي قريب ٿي رهي هئي.

آگسٽ 1942ع ۾ گانڌيءَ طرفان جيڪا سول نافرماني جي تحريڪ هلي هئي، تنهن انگريز سرڪار کي ڪافي پريشان ڪيو. انگريز سامراجيت جون پاڙون هاڻي ڌريون ٿي چڪيون هيون ۽ سندس ٻيڙو ٻڏڻ وارو هو. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو تيئن تيئن انگريزن تي دهاءُ وڌندو ويو تان جو 18 آگسٽ 1942ع تي آل انڊيا نيشنل ڪانگريس ڪاميٽيءَ انگريز سرڪار تي ڪاپاري ڏڪ هڻندي "هند خالي ڪريو تحريڪ" جو اعلان ڪيو. "هند خالي ڪريو" جو اِهو پرجوش اعلان، هندستان جي مڪمل آزادي جو اعلان هئو. اُن اعلان انگريزن سان مڙني مشورن ۽ مصلحتن جا دروازا بند ڪري ڇڏيا. هاڻي پارليامينٽ ۾ ميمبريون، نوڪريون ۽ حصا توڙي روزگار جون سهولتون خيرات ۾ ونڊ بجاءِ پوريءَ پوريءَ آزادي ۽ خودمختياري جو اعلان ڪيو ويو. (اهڙي طرح) انگريز سامراجين جي تمنائيندڙ چراغ آخري پڙڪو کاڌو ۽ وسامي ويو سوا سؤ سالن جي ڏکوئيندڙ غلاميءَ جون زنجيرون آزاديءَ جي گرميءَ سان پگهرجڻ لڳيون ۽ "هند خالي ڪريو تحريڪ" آزاديءَ جي سج وارو روپ ڌاري اُپرڻ لڳي.

(اپريل 1973ع)

جينو لالواڻي

هيمونءَ جي همٿ ۽ بهادري

هيمون لکل جڳهه تي رهي، انگريزن خلاف سازشون ستيندو هو. شهر ۾ جيڪو به واقعو ظلم حادثو گوڙ گمسان ٿيندو هو اُن جي جاڻ رکندو هو، پر هو به کلئي عام کجهه کرڻ ۾ هن وقت لاچار هو. هن وٽ هٿيار گهٽ هئا. گهڻا ساٿي پڻ چڪرين ۾ مارجي ويا هئا، جيڪي باقي بچيا هئا، اُهي جدا جدا ڪمن ۾ رُڌل هئا.

23 آڪٽوبر جي صبح، هيمون ساٿين سان گڏ ويٺو هو. ٻاهران گهرايل هٿيار پڻ اڄ پهچڻ وارا هئا. هٿيارن جو واهپو کڻڻي کڻڻي کان لاءِ کجي، کڻڻي کار گذاريءَ کي اڳرائي ڏجي، هو پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪري رهيا هئا.

هيمونءَ هريءَ کي شهر موڪليو هو. انقلابين کي کچلڻ لاءِ رنگين فوج، توپون، گولا، بارود گهرايو هو. فوجن جي هلچل جاڻڻ به ضروري هئي، ان کان جي به ڪن ساٿين ٻڌان جوابداري رکي ويئي هئي. جهجهي انداز ۾ فوج، اُنهن جا ظلم ڏسي، ناگر ڪ ڏنا اصل ڪونه هئا. پاڻ انگريزن سان وڙيڪ جوش، بهاديءَ سان لڑڻ لاءِ تيار ٿي ويا هئا.

هيمون ساٿين سان گفتگو ڪري رهيو هو. اُتي هري تکڙو تکڙو ڊوڙندو ڊوڙندو آيو هو سهکي رهيو هو سندس ساهه پڻ ٻُنجهي رهيو هو هو کافي گهبرايل هو. شايد کنهن هن جو پيڇو کيو هو تمام پري کان ڊوڙندو آيو هو.

هيمونءَ هٿ پکڙي هريءَ کي وهاريو. هن کي ساهي پڻڻ لاءِ چيو. بعد ۾ کائنس پڇيو:

"کڻڻي ماجرا آهي؟ ايترو تکڙو تکڙو ڊوڙندو آيو آهين. کنهن پيڇو کيو اٿئي ڇا؟"

"نہ، منهنجي پٽيان ڪو بہ نہ لڳو آهي، پر انقلابين جي جاسوسن مان جاڻ ملي آهي تہ هڪ انگريز فوج جي ريل گاڏي سکر مان ٽيندي ڪوٽڙيا وڃڻي آهي. ان ۾ فوجين سان گڏ ڪافي انداز ۾ بارود، بم، مشين گنون وغيره آهن. هٿياربند فوج کي ڪرانتيڪارين کي ختم ڪرڻ لاءِ موڪليو پيو وڃي."

"نهايت ئي بهترين خبر آهي. اسان کي بارود ۽ هٿيارن جي پاڻ ضرورت آهي، انگريزن جا هٿيار انهن جي سامهون ئي استعمال ڪنداسين." هيمونءَ چيو.

"ڇا ٽرين کي لٽيو ويندو؟ ريل ۾ بيشمار فوجي آهن. انهن سان مقابلو ڪيئن ڪنداسين؟ اسان جو حملو آتم گھاتي ثابت ٿيندو." هريءَ گنيير ٿي چيو.

"اسان کي ٽرين لٽڻي ڪونهي ۽ نہ ئي وري کو حملو ڪرڻو آهي. اسين اتڪل ۽ ڏانوَ سان ڪم ڪنداسين. نانگ بہ مري، لٺ بہ نہ ڀڃي، اهڙو اُپاءَ ڪنداسين. فوجي بہ مرندا ۽ هٿيار بہ حاصل ٿيندا." هيمونءَ چيو.

"پر ڪهڙي نموني؟" سيني گڏجي اُتساهہ سان پڇيو.

"پهرين مون کي ان راز پريءَ جاڻ جا تفصيل ٻڌاءِ؟" هيمونءَ چيو.

مان بزار ۾ ويس بدلائي گھمي رهيو هئس. عوام سان گڏجي، ڳالهيون ٻہ ٽي ڪيم ۽ حال چال ٻہ ٻڌي پڇيم. گھمندي گھمندي مان ريلوي اسٽيشن طرف پهتس تہ اُتي وڏي پئماني تي فوجي پهرو هو. هٿياربند فوجي قطارن ۾ اسٽيشن کي گھيري ٻيٺا هئا. ڏسندي ئي من ۾ ويچار آيو تہ ضرور ڪجهہ هوندو؟ مان ساوڏانيءَ سان جاڻڻ لاءِ اڳتي وڌيس. ريلوي اسٽيشن جي دروازي وٽ پهتس تہ آواز ٻڌم. ٽڪيٽ چيڪر هڪ سپاهيءَ سان ڳالهائي رهيو هو. چيڪر پڇيو:

"اڄ هن اسٽيشن تي هيتري فوج ڇا لاءِ طعنات ڪئي ويئي آهي؟ ڪو خاص مهمان، بالا عملدار يا فوج جو وڏو اڇٽو آهي؟"

"نہ، اڄ رات 9 بجي جيڪا ريل گاڏي هتان لنگھندي، ان ۾ هٿيار ۽ فوجون آهن. ڪجهہ هٿيار هتي لاهڻا آهن. اهي سنيالي ڪٽي وڃڻ لاءِ اسان مٿان جوابداري هموار ٽيل آهي، ڪٽي ڪرانتيڪاري حملو نہ

ڪن. هٿيار لٽڻ جي ڪوشش نہ ڪن. ان لاءِ تمام گھٽي فوج هتي ۽ آس پاس بيھاري ويئي آھي. سخت پھرو رکيو ويو آھي." سپاھيءَ چيڪر جي سوال جي جواب ۾ چيو.

"ڳالھ ٻڌندي ئي مان اُتان کسکي. ڊوڙندو اھا خبر وقت سر توھان کي ٻڌائڻ لاءِ ھتي پھتو آھيان. رستي تي ھڪ ڪرانتيڪار جاسوس پڪڙ گڏيو ان پڻ ٻڌايو تہ ھڪ فوجي ٽرين، بارود سميت سکر ريلوي اسٽيشن تان لنگھڻي آھي." ھريءَ چيو.

"ريل اسٽيشن تي پھچي، اتان لنگھي وڃ ان کان اڳ ٽرين کي ڪيرائڻو آھي." ھيمونءَ پروسي سان چيو.

"ڪم ڏاڍو خطرناڪ آھي. خطرو بہ وڌيڪ آھي. پوري شھر ۾ اسٽيشن تي فوجي آھن. ٽرين روڪيندا سين ڪيئن ۽ اڏائيندا سين ڪيئن؟" ساٿين پڇيو.

"ان جي رڦا مون وٽ آھي. ٽرين کي ريل پٽن تان ڪيرايو ويندو. ريل پٽن تان ھيٺ لھندي تہ ھٿيار ۽ ڏماڪيدار مادي جي ڦاٽڻ سان ڏماڪا ٿيندا. ڏماڪن ۾ فوجي خود بہ خود مرندا." ھيمونءَ چيو.

"پر يوجنا ڪھڑي آھي؟ ھي ڪم ڪھڑيءَ ريت، ڪير ڪندو؟"، ساٿين پڇيو.

"اھو ڪم مان ڪندس، توھان مون سان گڏ رھجو. وقت گھٽ آھي، مڪمل ھوشياريءَ سان تياري ڪرٽي آھي. اسين شام جو وري مساٽن جي ٻُحري ۾ گڏجنداسين. سڀ پاڻ سان گڏ تارچ، ھٿيار ڪٿجو. ھري تون سکر بسڪيٽ فئڪٽريءَ سان، ريلوي پٽن ويجھو جيڪي ڪڏا آھن، اتي رات جو اٽين بجي کان پھرين ريلوي پٽن جون فش پليٽون ڪڍڻ جا اوزار لڪائي رکڻ جو بندوبست ڪج، شھر ۾ ڪڙڪ تلاشي جاري آھي. سازش کي عمل ۾ آڻڻ کان اڳ ئي گرفتار نہ ٿي وڃون. ان ڳالھ جي خاص ھوشياري رکڻي آھي. سمورو ڪم چالاڪيءَ، خاموشيءَ سان ڪرڻو آھي، ڪنھن کي بہ ھن سازش جي بوءِ نہ اچڻ گھرجي. ھتي حاضر ساٿين کان سواءِ ھيءَ لڪل راز ئي رکڻو آھي، ٻئي ڪنھن کي بہ جاڻ پوڻ نہ گھرجي، خبر ڦھلي تہ سڄو ماندارڻ مٽيءَ ۾ ملي ويندو." ھيمونءَ چيو.

"اسان پوري پوري خبرداري رکنداسين ۽ شام جو مڪمل تيارين سان گڏجنداسين. انگريزن کي مؤت ڏينداسين." چئي سڀ پنهنجي پنهنجي ڪم کي لڳي ويا. انگريزن جي خاتمي لاءِ نئين ته گهٽن ڏينهن کان. هيمون پنهنجي گهر ڪٽنب سان گڏجڻ نه ويو هو؟ ماءُ جي آشيرواد وٺڻ لاءِ هو گهر پهتو.

"منهنجا پيارا لال، تون هيترا ڏينهن ڪٿي هئين؟ مون گهٽن وٽان تنهنجا حال جاڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪوبه ڪجهه به ٻڌائڻ لاءِ تيار نه هو. ڪنهن نه ڪنهن بهاني ڳالهه ٽاري ڇڏيندا هئا. ٻڌو اٿم ڪنهن لڪل هنڌ، غفا ۾ رهيو پيو آهين، پر ڇا لاءِ؟ اهڙو ڪهڙو گناهه ڪيو اٿئي جو لڪ ڇپ ۾ ٿو رهين؟" ماتا هيمونءَ کي ڏسندي ئي پڇيو.

"امان، تو کي پنهنجي پٽ تي وشواس ڪونهي؟" هيمونءَ پڇيو.

"پٽ، تو مٿان پورو وشواس آهي. پڪ اٿم تون ڪوبه خراب، اٽوٽندڙ ڪنهن کي نقصان پهچائيندڙ ڪم نه ڪندو هوندين. ڪري به نٿو سگهين؟" ماتا چيو.

"امان، مان جيڪو ڪم ڪري رهيو آهيان، ان سان اسان جي ڪٽنب جي عزت وڌندي." هيمونءَ چيو.

"عزت ته ٺيڪ، پر تون ڪهڙو ڪم ٿو ڪرين؟ صاف صاف ٻڌاءِ." ماتا چيو.

"امان، ظاهر آهي تنهنجو پٽ ڪو چور ڊاکو لٽيرو يا خوني ڪونهي، نه دهشتگرد آهي. مان ديش پريمي، ديش پڇت آهيان. جيئن تون منهنجي جنني ماتا آهين، تيئن پارت ماتا جنهن جو اَنُ، جل ۽ هوا ڪاوان ٿو اها به منهنجي ماءُ آهي. امان، مون ملڪ جي آزاديءَ لاءِ قسم کنيو آهي. مان آزاديءَ لاءِ ڪم ڪندو آهيان. مان وطن جو سپاهي آهيان. ديس پريم جو جذبو ڪانئر کي بهادر بڻائيندو آهي. مان ته توهان جو بهادر پٽ آهيان. پارت ماتا لاءِ قربان ٿيڻ لاءِ به تيار آهيان." هيمونءَ چيو.

"نه پٽ نه، اهڙي اپسوچ جي ڳالهه نه ڪر. تون ڇا لاءِ مرندين، مرندا تنهنجا دشمن. پر پٽ، ديش شيوا لاءِ تمام گهٽا شخص آهن، ڇا لاءِ تون پنهنجي جان جوکم ۾ وجهي رهيو آهين. هيءَ عمر لڑڻ جي نه پر گرهست جيون ۾ داخل ٿيڻ جي آهي. تنهنجي شاديءَ جون ڳالهيون

هلي رهيون آهن. تون اها ديس سيوا ڇڏي، گرهست جيون اختيار ڪر." ماتا سمجهائيندي چيو.

"امان تون سمجهين ڇو نه ٿي؟ انگريزن اسان جي جنم پومي ۽ ڪي غلام بڻايو آهي. هو پارتواسين جو قتل عام ڪري رهيا آهن. ملڪ کي چوسي، نپوڙي، کوکلو ڪري رهيا آهن. حالتون سازگار نه آهن. نه امان نه. ڏکئي وقت مان منهن موڙيان. اهو مون کان هرگز نه ٿيندو. امان، ڪانئرن، ڍڇندڙن، آڙ ميچيندڙن لاءِ هن سنسار ۾ ڪابه جاءِ ناهي. مان ڪرانتيڪاري آهيان. اڳتي وڌايل قدم ڪڏهن به نه رکجندا. مان لڙندي لڙندي ئي مرندس." هيمون ۽ چيو.

"نه پٽ، اهڙا تکا تير منهنجي دل تي نه هلاءِ مون کي توکي شادي ڪرائڻي آهي. گهوٽ راجا بڻائڻو آهي. ونڙي گهر آڻڻي آهي. تو کي مان موڙ ٻڌل لاڏي جي روپ ۾ ڏسڻ چاهيان ٿي. تنهنجا اهي ويڑ مون کي ڏکوئي رهيا آهن."

"امان، پارت ماتا جي چاتيءَ ۾ وديشي تير هڻي گهايل ڪري رهيا آهن. پارت ماتا خون سان لٿ پٿ آهي. ان کي قرباني ۽ جي ضرورت آهي.

امان، توهان منهنجي شادي ڪرائڻ جي خواهش رکو ٿا. شاديءَ جي ڇج نڪرندي، سا به بئنڊ باجن سان. امان، مان توهان کي وشواس ٿو ڏياريان ته منهنجي شادي ايتري ته شاندار هوندي جو توهان ڏسي دنگ رهجي ويندا. منهنجي ڇج ۾ ايترا ته ڇاڇي هوندا، ايترا ته هوندا جو توهان ڳڻي ئي ڪونه سگهندا ۽ حيرت ۾ پئجي ويندا. منهنجي شاديءَ جو جلوس شان، مانَ، آنَ، ڏهڀي سان نڪرندو.

پر امان، هينئر مون کي توهان آشيرواد ڏيو. مان جنهن مهان ڪم لاءِ وڃي رهيو آهيان، ان ۾ مون کي ڪاميابي حاصل ٿئي." هيمون ۽ چيو.

"منهنجا پياراپٽ، منهنجي سدائين تنهنجي متان آسيس آهي. جواني ماڻين، وڏي عمر ماڻين، سؤ سال جو ٿين، پر جڏهن تنهنجو ڪم پورو ٿئي، تڏهن رات جو گهر موٽي اچج. ڪيڏانهن هليو نه وڃج. گهٽا ڏينهن ٿي ويا آهن. تو منهنجي هٿن جو رڌل ڪاڏو نه ڪاڏو آهي. مان هنن هٿن سان توکي ويهي کارائيندس. مان تنهنجون من پسند شيون ڪاهيندس. تون ضرور واپس اچج."

"ها، امان ڪر ۾ فتحيابي حاصل ٿي ته ضرور ايندس. تنهنجن هٿن سان روٽي کائيندس. هاڻي مون کي وڃڻ جي آگيا ڏيو." هيمونڙ چيو.

"چٽ پٽا جگ جگ جين." ماءُ آشيرواد ڏيندي چيو.

هيمون ننڍن پائرن، پيڙ کي پيار ڪري مٿو چمڪي، ڏاڏيءَ جي آسيس وٺي، گهران اڪل ارادي سان نڪتو.

شام جو سپ مساڻن جي بحري ۾ گڏ ٿيا. جملي اناويهه ميمبر هئا. هيمونڙ رٽا سيني کي سمجهائي. ويوهه رچنا جوڙي ويئي.

چاندوڪي رات هئي، هيمون ساٿين سميت بُحري مان باهر نڪتو. چند به هيمونڙ جو اُتساهه همٽ ڏسي آهستي آهستي مسڪرائي رهيو هو. سکر بسڪيٽ ڪارخاني سامهون چاليهه فوٽ ڪن پري ريل پٽڑي هئي. بسڪيٽ فئڪٽريءَ پرسان ٽي سيٽ ويرومل رهندو هو. رٽا مطابق هيمونڙ جا ساٿي، پر واري باغيچي ۾ لڪي ويا ۽ اڇ وڇ ڪندڙن جي هلچل تي نظر رکي رهيا هئا.

هيمون ٻن ساٿين سان، ريل پٽن پرسان ڪڏن ۾ لڪايل فش پليٽون ڪيڙ جا اوزار ڪڍي، بيحد ساوڌانيءَ سان ڏهيل پيرن سان، ريل پٽڑيءَ تي پهچي ويو. ٻن ساٿين کي ڪجهه پري بيهاري چوڌاري نظر رکڻ لاءِ چيو. ڪو به شخص، سپاهي، پوليس وارو هن طرف ايندي نظر اچڻ سان ئي، هيمونڙ کي تارچ جو اشارو ڪرڻ جو طئي ڪيو ويو. هيا پنج-ڇهه ساٿي ريل پٽن تي ٽي اڳيان پٺيان نظرداري رکڻ لاءِ ڪڙا ڪيا ويا، جي چوطرف باز نظر وجهي رهيا هئا. هيمونڙ جي اڳيان پٽن تي جيڪي ساٿي بيٺل هئا، انهن ۾ لڇمڊاس ڪيسواڻي، حشو سنتاڻي، هري ليلاڻي ۽ ٽيڪر پاٽيا هو.

هيمون اوزار باهر ڪڍي فش پليٽون ڪيڙ شروع ڪيون. شانت ماحول ۾ "ٽڪ ٽڪ ٽڪ" جو آواز اُپريو. سکر بسڪيٽ ڪارخاني جي چوڪيدار آواز ٻڌا. پري ڪان ريل پٽن پاسي کان آواز اچي رهيا هئا. ان طرف نظر وڌي، هن اڃ سچاتل ماٺهن کي بيٺل ڏٺو. هن کي شڪ ٿيو. هو ٿوري دير گهوريندو رهيو. فش پليٽون ڪيڙ جي ڪوشش هيمونڙ جي جاري هئي. چوڪيدار ڊوڙندو ڪارخاني جي پٺئين طرف ويو. هيمونڙ جي بيٺل ساٿين مان هن کي ڪنهن به نه ڏٺو هو ۽ هن ڪارخاني مان پوليس کي فون تي جاڻ ڏني.

پوليس جاڻ حاصل ڪندي ئي، سادي ويس ۾ جاسوسن ۽ بندوق ڌاري سپاهي ريل پٽن طرف ڊوڙندا آيا. هيمونءَ جي سائين هنن کي پنهنجي طرف ايندو ڏسي، هيمونءَ کي تارچ سان اشارو ڪيو. هيمونءَ کي پوليس اچڻ جي جاڻ پئجي ويئي. هن سائين کي اتان پڄي وڃڻ لاءِ اشارو ڪيو. سائين هيمونءَ کي پڙ پڄڻ لاءِ چيو. پر هيمونءَ سائين جي ڳالهه نه مڃي. لاچار سائي هيمونءَ جي ضد ڪري، هيمونءَ جو حڪم مڃي. ڪيس اڪيلو ڇڏي اتان پڄي نڪتا. هيمون اتي ئي بيٺو رهيو. هن پڄڻ جي ڪا به ڪوشش نه ڪئي. پوليس هن کي گهيري ورتو.

پوليس ترت روهڙي اسٽيشن تي فون ڪري، ريل کي اڳتي موڪلڻ جي منع ڪري، اتي ئي بيهارڻ جا حڪم ڪيا. ريل تہ چڙڻ لاءِ تيار هئي.

اسٽيشن ماسٽر لائين ڪليئر جو سرٽيفڪيٽ ڊرائيور کي ڏنو هو. آئوٽر سگنل هيٺ ٿيو. گارڊ سائي جهنڊي ڏيکاري سيٽي هنئي. ٽرين به موٽ ۾ سيٽيءَ سان جواب ڏنو ۽ گاڏي هلڇل ۾ آئي. گاڏي اڃا ڪجهه قدم اڳتي مس وڌي تہ اچانڪ آئوٽر سگنل اپ ٿي ويو. گاڏي جهوپا کائي بريڪ جا چيچاٽ ڪندي هڪدم بيهي رهي. ٽرين ۾ سوار سولجر وائڙا ٿي ويا. هر هڪ جي دل ۾ سيسرات پئدا ٿيو. سولجرن درين کان منهن ٻاهر ڪڍي، نهاريڻ لڳا ۽ سوالي نگاهن سان هڪ ٻئي کي تڪڻ لڳا.

هيڏانهن هيمون، جنهن کي پڄڻ جو موقعو ۽ وقت به هو پر هو نه پڳو. هن سوچيو پڄڻ سوريهه جو ڪم نه آهي. پاڻ کي پوليس وچ ۾ گهيريل ڏسي، هو اتي اتي بيٺو. پوليس هن کي فش پليٽون ڪڍڻ جي الزام سميت گرفتار ڪيو. اڪيلو هيمون پوليس سان ڪنهن به جهڙپ کان سواءِ پڪڙجي پيو. هن کي جيل جي شيخن پٺيان بند ڪيو ويو. هيمونءَ جا سائي، هيمونءَ کي اڪيلو ڇڏي نه چاهيندي به اٽوٽندڙ من سان اُتان کسڪي ويا هئا. انهن کي هيمونءَ جي چنتا ستائڻ لڳي. چنتا چو نہ ٿئي، هو سائين جو لاڏلو هو. بهادر هو. وري هنن جو مڪ اڳواڻ به هو.

رات جو وقت پنهنجي رفتار سان سرڪندو رهيو. اڌ رات اچي ٽي. گهر ۾ هيمونءَ جي ماءُ ۽ ڏاڏي کاڏو تيار ڪري هيمونءَ جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيون هيون.

ٻاور جي گهڙيال ٻارهن جا ٽڪاو هنيا. ڏاڏيءَ چيو: "رات جا ٻارهن وڳا آهن. هيمون ايڏا نه آيو آهي. ڪٿي رڪجي ويو آهي؟ وري الائي ڇو اڪ ٻيئي ڏڙڪي. شل سڪ هجي." ماءُ ۽ ڏاڏيءَ کي ڪافي چنتا ٿي ٻيئي هئي.

هيمونءَ جي ساٿين ڪانسواءِ، شهر ۾ ٻئي ڪنهن کي به اها ڄاڻ ڪونه هئي ته ڪو هيمون پوليس دواران گرفتارٿي ويو آهي.

رات جو هڪ بجي هيمونءَ جي گهر خبر پهتي ته هيمونءَ کي پوليس پڪڑي ويئي آهي.

هيمونءَ جا ڪٽنبي، رات جو ئي ڊوڙندا ڊاڪٽر منگهارام ڪالاڻيءَ جي گهر پهتا. هيمونءَ جي گرفتاريءَ جي ڳالهه ڪئي. ڊاڪٽر ڳالهه کي گنڀيرتا سان نه ڪنيو ۽ چيو "ڪجهه به ٽينشو ڪونهي، هيمون ٻار آهي، پوليس هن کي ڇڏي ڏيندي."

صبح ٽيندي ئي شهر ۾ هيمونءَ جي گرفتاريءَ جي خبر وڄ جيان ڦهلجي ويئي. سيني اخبارن جي سرخين ۾ هيمونءَ جي گرفتاريءَ جي خبر هئي. سنڌ واسي حيرت ۾ پئجي ويا. سوراج سئنا جا ساٿي به گهٽا ڏکي هئا. هو اڳواڻ ڪانسواءِ اناڻ ٿي ويا هئا.

هيمونءَ کي مرڪزي ضلعي جيل، جنهن جي اڏاوت 1906ع ۾ ڪئي ويئي هئي ۾ رکيو ويو. هن کان پڇا ڳاڇا ڪرڻ ۽ حقيقت ڄاڻڻ لاءِ هيمونءَ مٿان هر قسم جا ظلم ڪيا ويا. لب لالچون ڏنيون ويئون. هو تاج جو شاهد بڻجي، ان لاءِ ڪوششون ڪيون ويون. پوليس هيمونءَ کان هن جي ساٿين جا نالا ڄاڻڻ چاهيا. پر هيمون خاموش رهيو. گناهه پنهنجي مٿان کنيو هئائين ۽ صاف لفظن ۾ ڄاڻايو و ته هن اهو ڪم سوچي، سمجهي، رڳا سان، هوش حواس ۾ بنا ڪنهن جي زوربار هيٺ، پنهنجي مرضيءَ سان ڪيو آهي. ڪنهن به شخص ڪنهن به ڪرانتيڪاري، ڪنهن به گروهه جو ان پليان کابه سڏي- اٽسڏي سازش، سهڪار اشارو نه آهي. لاچار ٽي ڪورٽ هن جي ڪيس جي شنوائي فوجي ڪورٽ ۾ شروع ڪئي.

سکر، سنڌ ۾ هندو-مسلم قومي تناوَ سماج، ڌارمڪ، سياسي سگهه کي توڙي ڇڏيو هو. هندو مسلم جماعتون هڪ ٻئي خلاف ڪر ڪنديون هيون. عوام کي پڙڪايو ويندو هو. مذهبي ڪٽرپڻي، قومي ايڪتا، پائيچاري کي توڙي ڇڏيو هو. امر شهيد ڪنور رام کي مسلمانن رُڪ استيشن تي گولي هڻي قتل ڪيو هو جنهن ڪري هندن ۾ نفرت، جوش جي لهر ڦهليل هئي. پڳت ڪنور رام ته قومي ايڪتا جو رکوالو هندو مسلم جو خير خواهه، لوڪ لاڏلو غريبن، اپاهجن، لاچارن جو همدرد، بنا ذات پات، ڌرم مذهب جي پيد پاوَ جي غريب غربي کي مدد ڪندڙ هڪ خدا ترس انسان هو. اهڙي مهان شخص کي پڻ هندو مسلم نفرت جو بک بڻايو ويو.

پير علي محمد راشدي، جنهن آزاديءَ بعد پاڪستان سرڪار ۾ وزيرپد پڻ ماڻيو ان جو نڊيو پاڻ حسام الدين راشدي، هندن خلاف زهر اوگاريندو هو. هو سمجهندو هو ته هندن جي ڪري، مسلمانن جي بربادي ٿي آهي. "سنڌ زميندار" ۽ "ستاراه سنڌ" اخبارون ته هندن خلاف ڪافي ڪجهه شايع ڪنديون هيون. سنڌي هندن انهن کي پريم سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته سنڌ جا سنڌي مسلمان به هندو سنڌي پائر آهن، هڪ ئي ماتا، سنڌ ماتا جو اولاد آهن، انهن ۾ ڪو به پيد پاوَ ڪونهي، پر انگريز هندو مسلمانن کي ڌرم مذهب جي نالي ويڙهائڻ چاهين ٿا. انگريزن جو اصول آهي ويڙهايو ۽ راج ڪريو. ديش جو ورهاڱو ڪرائڻ لاءِ هو نفرت جو بج ڇٽي رهيا آهن، پنهنجي حڪومت قائم رکڻ لاءِ آزاديءَ جي لڙت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ هو اها چالبازي هلي رهيا آهن. پر مسلمان کا به ڳالهه نه سمجهيا ۽ نه ئي انگريزن جي چال بازي ڄاڻي سگهيا.

ان ئي عرصي ۾ سنڌ ۾ "مارشل لا" فوجي قاعدو لاڳو هو. سنڌ جي خطرناڪ ڪُرن جي ڪافي دهشت هئي. هو اوچتو حملا ڪري دهشت ڦهلائيندا هئا. هو انگريزن جا خاص دشمن هئا. هنن انگريزن جي نند حرام ڪري ڇڏي هئي. حملاور، خوني ڪُرن کي پڪڑي پڪڑي جيلن ۾ بند ڪيو ويندو هو. هو ايترا ته جانڻا، قداور، مضبوط، بهادر هئا، جو جيل توڙي اتان پڄي ويندا هئا.

سکر ضلع ۾ پير ڳوٺ جي رهواسي "پير پاڳاري" جا ڀُر فقير هئا. هيءَ لکن جي تعداد ۾ هئا. هو پير پاڳاري جا ڪٽر مريد هئا. پير جي حڪم کي اهو الله، رسول جو فرمان سمجهي مٿي تي رکندا هئا ۽ ڪجهه ب ڪندا، مرندا، ماريندا، پر پير جي حڪم جي پوئواري ضرور ڪندا. پير جي سلامتي، بچاءَ، حفاظت ڪرڻ لاءِ ظلمي انگريزن سان هنن جو ٽڪر ٽيندو رهندو هو. چڪري لڳندي رهندي هئي. پير انگريزن جو ڪٽر ۽ ڪٽر دشمن هو. ڪانگريس ۽ عوام جيان پير جي ب خواهش هئي ته انگريز حڪومت جو انت ٿئي، ملڪ آزاد ٿئي. ان لاءِ پير پاڳارو سنڌ جي ڪانگريس، آزاديءَ جي لڙاڪن سان سدائين لهه وچڑ ۾ رهندو هو.

انگريزن جي پير پاڳاري جي ڀُرن سان ڪافي ٽڪراءَ ٿيو. پر انگريزن لاءِ ڀُرن سان مقابلو ڪرڻ ايترو سؤلو نه هو. ڀُرن ۾ ڇ ڏاهه، لٽ ڦر، قتل، باهيون لڳائي ڏماڪا ڪري، انگريزن جا هوش اڏائي ڇڏيا هئا. انگريز جاسوس، خابرو پير پاڳاري ۽ انهن جي مريدن جي چوپر جي جاسوسي ڪرڻ ويندا هئا. اهي ڀُرن هٿان ماريا ويندا هئا. ان ڪري ڀُرن جي دهشتگرديءَ کي هنجو ڏيڻ لاءِ ملڪ سان "مارشل لا" لاڳو ڪيو ويو هو. رات جو ڪومبنگ ڪري، ڀُرن کي پڪڑيو ويندو هو. سنڌ ۾ سخت فوجي قانون ۽ فوجي ضابطو بندوبست هجڻ جي باوجود پڻ سنڌ واسي ديش پريم سان ٽمٽار ٽيل هئا. هنن ڪڏهن ب همٿ نه هاري ۽ سرڪار خلاف ڏيکاءَ، مظاهرا ڪندا رهيا.

سنڌ ۾ مارشل لا هجڻ ڪري هيمونءَ جو ڪيس اسپيشل ٽربيونل ۾ هليو. هيمون گرفتار ٽيو آهي. اهو احوال، هيمونءَ جي پتا پيسومل ڪالاڻي، جيڪو ب ڏارمڪ ويچاروان هو سنڌوءَ ۾ سنان ڪري، سورج کي ارگ ڏيندو هو. جل چاڙهيندو هو ۽ پوءِ ڪم ڪار کي لڳندو هو. ڪپرو ٽرپارڪر ۾ سرن جا بڻا هلائيندو هو. ٺيڪيداري ب ڪندو هو ۽ انگريز حڪومت هنن کي ڀُرن جي لاءِ خاص مضبوط جيل جي اڏاوت جا ٺيڪا ب ڏنا هئا. هو سدائين سکر ۽ گهر کان ٻاهر رهندو هو تائين پهتو.

هيمونءَ جي گرفتاريءَ جو ٻڌندي ئي هو سڪر ڏوڙي آيو. انگريز عملدارن سان گڏيو. هنن انهن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته هيمون بي گناهه آهي، پر انگريز ڪٽان سمجهڻ ۾ ٻڌڻ وارا هئا.

هيمونءَ کي جيل مان ڇڏائڻ جون ڪوششون شروع ٿي ويون هيون. هن کي ضامن تي ڇڏيو ويڙ لاءِ درخواست ڪئي ويئي، پر ڪجهه به هڙ پلئه حاصل نه ٿيو.

جيستائين ڪيس جي شنوائي اڳتي وڌي، تيستائين هيمونءَ کي پراڻي سکر جي پوليس چوڪيءَ پرسان آيل جيل ۾ رکيو ويو هو. هيمونءَ جيل جا ڪپڙا نه پاتا. هن کي گهر جا ڪپڙا پتلون، اڇي خميس ۽ اڏ هانهن وارو سويٽر پهرڻ، جيل ۾ گهر جي بستري تي سمهڻ، هر ورز گهران کاڏو موڪلڻ جي اجازت سان گڏ، گهر جي ڪٽنبين کي هر روز هيمونءَ سان ملڻ جي اجازت ڏني ويئي هئي.

هيمونءَ جو نندو ڀاءُ ٽيڪچند جنهن جي ان وقت عمر نوَ سال هئي، اهو ڪپڙا، کاڏي جون شيون، ٻيون گهربل ۽ ضرورت واريون شيون، جيل ۾ وڏي ڀاءُ هيمونءَ لاءِ کڻي ويندو هو. هيمون جي ڪيس جي ڪورٽ ۾ پيشڪش ڪرڻ لاءِ شري پيرزاده عبدالستار، نندیرام واڏواڻي (تعليمدان- سماج سيوڪ شري جهمٽ مل واڏواڻيءَ جو چاچو) ساڏو رام ڪالاڻي (هيمونءَ جي پتا پيسورام جي چاچي جو پٽ) جملي چئن وڪيلن کي ڪيس ڏنو ويو. ڪورٽ ۾ شنوائي هلندي رهي، ٻنهي ڌرين وچ ۾ قانوني لڙائي جاري رهي.

*****

سکر ۾ هيڊ مُنشي ڪورٽ، مئجسٽريٽ ڪورٽ، سيشن ڪورٽ ۽ سول ڪورٽ هئي، جتي فوجداريءَ جا ۽ ٻيا هر ڪنهن قسم جا ڪيس هلايا ويندا هئا. پر هيمونءَ جو ڪيس مارشل لا ڪورٽ ۾ هلايو ويو.

ڪورٽ ڪيس جي شنوائي شروع ٿئي، ان کان پهرين هيمونءَ جي وڪيلن هيمونءَ کي سمجهايو ته، "ڪورٽ ۾ پنهنجو گناهه قبول نه

ڪجاڻ، سچ هرگز نہ ڳالهائجاڻ ۽ ريل پٽن جون فش پليٽون ڪڍڻ، گاڏيءَ کي پٽن تان ڪيرائڻ، ريل ۽ سُوار انگريزن کي ماري، انهن سان گڏ رڪيل بارود هٿيارن کي ختم ڪرڻ واري جيڪا حقيقت آهي، اها ڪورٽ ۾ هرگز بيان نہ ڪج ۽ چئج تہ مون مٿان جيڪو ڏوهہ مڙهيو ويو آهي، اها انگريزن جي سازش آهي."

پر وڪيلن جي ڳالهہ طرف هيمونءَ ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو هن انهن جي ڪا بہ ڳالهہ نہ قبولي ۽ صاف چٽن لفظن ۾ ڄاڻايائين تہ: "مان ڪوڙ اصل ڪونہ ڳالهائيندس. جيڪو سچ ۽ حقيقت آهي، اها ئي جج اڳيان بيان ڪندس. مون جيڪا ڪارروائي ڪئي آهي، جنهن کي گناهہ، سازش، ڪاند وغيره چيو ٿو وڃي، اهو مان ضرور ٻڌائيندس. پر مون سان گڏ ڪهڑا ساٿي هئا. ان بابت خاموش رهندس. وات مان هڪ بہ حرف نہ هوليندس."

فوجي ڪورٽ ۾ هيمونءَ جي ڪيس جي ڪارروائي شروع ٿي. هيمونءَ کي سخت لوهي زنجيرن سان ٻڌي ڪورٽ جي ڪٺهڙي ۾ ڪڙو ڪيو ويو. هن جي هٿن ۾ هٿڪڑيون لڳل هيون. هيمون شان سان ڪنڌ مٿي ڪري بيٺو.

جج جي ڪورٽ ۾ داخل ٿيڻ سان سڀ اٿي بيٺا. سپاهين سلامي هڻين. جج ڪرسيءَ تي ويهي. ڪيس جي ڪارروائي شروع ڪرڻ لاءِ چيو.

سرڪاري وڪيل جج کي سجدو ڪري اڳيان بيهي چيو: "ماءِ لارڊ، هي چوڪرو جيڪو ڪٺهڙي ۾ توهان جي سامهون بيٺو آهي، اهو هيمون ڪالاڻي آهي. هڪ خطرناڪ گنهگار آهي."

جج: هن جو گناهہ بيان ڪيو وڃي.

سرڪاري وڪيل: انگريز حڪومت خلاف بغاوت، ٽوڙ ڦوڙ ۽ ڏماڪا. انگريز فوج جي گاڏي ڪيرائڻ جي سازش ڪئي. ان تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش. ريل جي پٽن جون فش پليٽون ڪڍندي، ضروري اوزارن ۽ ساز سامان سميت ثبوتن سان پڪڙجڻ. هن جا ٻيا ساٿي بہ آهن، جيڪي لاپتا آهن.

هيمونءَ جو وڪيل: سر، هي ننڍو ٻالڪ آهي. هو ايڏو وڏو گناهہ ڪري نٿو سگهي. هو بي ڏوهي آهي.

سرڪاري وڪيل: ماءِ لارڊ، هي ڏسڻ ۾ برابر ٻار آهي، پر ڏاڍو خوفناڪ دهشتگرد آهي. هن تمام وڏو گناهه ڪيو آهي. انگريز فوج کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هي ڏاڍو خطرناڪ، حرفتباز شخص آهي، هن جي پٺيان هڪ وڏي گئنگ جو هٿ ۽ پٺيرائي آهي.

هيمونءَ جو وڪيل: سر، توهين جيڪڏهن هن ٻالڪ کي ڏيرج سان سمجهائيندؤ تہ هو بهادر انگريز سرڪار خلاف بغاوت ڪرڻ ڇڏي ڏيندو.

جج: ٺيڪ آهي. جوان تنهنجو نالو ڇا آهي؟

هيمون: منهنجو نالو "انقلاب" آهي. مان ڪرانتيڪاري پارٽ ماتا جو سپوت آهيان.

سرڪاري وڪيل: ماءِ لارڊ، هي ڇوڪرو ڏاڍو مضبوط ارادي وارو آهي. حڪومت کي نيست و نابود ڪرڻ لاءِ ئي ڪم ڪندو آهي. هن کي سياسي پٺيرائي آهي. هن سان گڏ وڏي گئنگ ۽ سازشون ستيندڙن جو گروپ آهي. جڏهن هي گرفتار ٿيو تڏهن هن جا ٻيا ساٿي ٻه هٿا، جيڪي اتان پڪڙي نڪتا. جوان تنهنجن ساٿين جا نالا ڇا آهن؟

هيمون: منهنجا ڪي ٻه ساٿي ڪونہ آهن. مان اڪيلو آهيان. منهنجو ساٿي آهي "انقلاب" ۽ پٺيرائي آهي "وندي ماترم."

سرڪاري وڪيل: تنهنجي پٽا شريءَ جو نالو ڇا آهي؟

هيمون: "هندستان پارٽ مهان."

سرڪاري وڪيل: ڏنڊو؟

هميون: ديش پريم جو ڦهلاءُ، ڪرانتي ۽ مڪمل آزادي حاصل ڪرڻ.

سرڪاري وڪيل: يوئر آنر، توهان هن جوان جا جواب ٻڌا، هي جوان ڇهري، صورت مان جيترو شريف، معصوم، سادو سودو نظر اچي ٿو، اهو اندر کان اوترو ئي خطرناڪ مجرم آهي، خوني آهي، قاتل آهي، انيڪ ڏوهن ۾ شامل آهي.

هن هڪ سنگين جُرمُ ڪيو آهي. 23 آڪٽوبر جي ڏينهن، ڪوئٽيا طرف ويندڙ فوجي ٽرين کي ڪيرائڻ جي سازش ڪري، فوجين کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي. "المائٽي-گوڊ ڪرپا" ۽ انگريز حڪومت جي سڃاڻ، وفادار سپاهين هن کي سر زمين تي گرفتار

ڪري. هن جي ناپاڪ ڪوشش کي ناڪامياب بڻايو ۽ حالت ۾ هزارين انگريز فوج جا بهادر سپاهي، بنا ڪنهن ڏوهه ۽ گناهه جي موت جي پيٽ ڇڙهي وڃن ها. يوئر آنر، فوجي پٽ پنهنجي ماتا جا سپوت آهن، پتا جي سنتان آهن، انهن جا پٽ ڪٽنب آهن، جن ۾ ٻهاڳڻيون ننڍا ننڍا ٻار آهن، اگر ٽرين پٽڻ تان لهي وڃي ها، ته زوردار ڏماڪا ٿين ها، وفادار حڪومت پريمي، جانباز انگريز فوج جي سپاهين جي شرير جا ذرڙا ذرڙا ٿي اڏامي وڃن ها! رت سان لٿ پٿ ڏکائيندر ڇهرا ۽ اڇ شناخت لاش ملن ها، انهن جون زالون وڏوا ٻڌجي وڃن ها! ٻار اناٿ، لاوارث ٻڌجن ها!

ماءِ لارڊ، حادثي جو صرف تصور ۽ ڪلپنا ڪرڻ سان ئي دل دهلجي وڃي ٿي ۽ خوفناڪ نظارو اکين اڳيان تري اچي ٿو. ماءِ لارڊ! هي جوان اهڙي خوفناڪ خطرناڪ واقعي جي سازش لاءِ جوابدار آهي.

هي مجرم آهي، ديش ۽ڳت ڪونهي، سنڌ جا، شهر جا ٻاڪو خوني، بدمعاش، لفنگا، لُٽيرا ۽ انگريزن جا ڪٽر دشمن، ڀُرن سان هن جو سڌو سنهڻ آهي. هي گٺنگ جو رنگ ماسٽر آهي. حرفتي چالاڪ چتر ۽ فريبي.

هيمونءَ جو وڪيل: سر، سرڪاري وڪيل جا دليل ڪوڙا ۽ بي بنياد آهن، ان ۾ ڪا به سچائي، ڪا به حقيقت ڪونهي ۽ ڪي به ثبوت ڪونه آهن. ماءِ لارڊ، هن ٻار کي جيڪڏهن هڪ دفعو معاف ڪيو ويندو ته هو توهان جي صلاح، آگيا ۽ حڪم موجب وهنوار ڪندو. توهين هن کي سمجهائيندا ته هو ضرور سمجهي ويندو. نادان آهي، ٻل ڪري ويٺو آهي. ان کي سڌارڻ جو هڪ موقعو ضرور ڏيڻ گهرجي. مان وشواس ٿو ڏياريان ته سنئين دڳ لڳي ويندو.

جج: ٺيڪ آهي، ٺيڪ آهي. مسٽر هيمون ڪالاڻي، توکي پنهنجي صفائيءَ ۾ ڪجهه چوڻو آهي. (هيمون شانت رهي ٿو)

هيمون خاموشيءَ مان ڪجهه نه ورندو. هيءَ ڪورٽ آهي. تون جيڪڏهن ڪورٽ کي سات ڏيندين، ڪورٽ جي عزت ڪندين ته ڪورٽ به تو سان پورو پورو نياءَ ۽ انصاف ڪندي. ڪورٽ تنهنجي سات سهڪار ڏيڻ سان خوش ٿي. تنهنجي عمر، جوانيءَ ۽ پهرئين

گناهه جو خيال رکي. قانون مطابق تو کي ملندڙ سزا گهٽائي سگهي ٿي. معافي به ڏيئي سگهي ٿي.

مسٽر هيمون، تو جيڪو ڪم ڪيو آهي، ان لاءِ معافي گهُرُ. پڇتاءَ جو اظهار ڪر. اڳتي تون اهڙن ڪمن کان باز ايندين، پنهنجي اپياس ۾ ڏيان لڳائيندين. ڪڏهن به انگريزن خلاف ڪو به ڪم نه ڪندين. ڪورٽ اهڙو کي وشواس ڏيارينديں ته، ڪورٽ جيئن مون توکي اڳ ۾ ڇاڏايو توکي معافي ڏيئي سگهي ٿي. تون پنهنجي جوانيءَ جي چنتا ڪر، مستقبل بابت سوچ، پنهنجي ماتا پتا، ڪٽنبين جو خيال ڪر، ماءُ جي ٿڃ جي لج رک. سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. تون ماتا پتا جو پيارو دلارو آهين، انهن جي شيوا ڪرڻ تنهنجو فرض آهي.

هيمون: مون کي فخر آهي، مان پنهنجي پوڄا لائق ماتا پتا جو اولاد آهيان، مان پارت ماتا جي سنتان آهيان. منهنجي ماءُ اڄ غلام آهي، زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي، ان تي اَتياچار ٿي رهيا آهن، ان جي سيني ۾ تير، گوليون چپايون پيون وڄن، مان ان جي چنتا ڪريان ٿو. مان پنهنجن بزرگن، پائرن پارتواسين لاءِ سوچيان ٿو ۽ مان حقيقت شناس آهيان ته انگريز ديش جا دشمن آهن. منهنجي پارت ماتا تي هر ڏينهن هر پل وار ڪري رهيا آهن، جنهن جي مان سخت مخالفت ڪيان ٿو.

جج صاحب، قانون، انصاف ۾ منهنجو ڪو به وشواس ڪونهي. قانون انڌو آهي، جنهن گهٽن ئي بي گناهن کي، بنا ڪنهن ڏوهه جي سزايابَ ڪيو آهي، ڦاسيءَ تي لٽڪايو آهي ۽ سخت عمر پر قيد جي سزا ڏني آهي، ته ڪن کي وري ڪاري پاڻيءَ جي سزا ڏيئي انڊمان، نڪوبار موڪليو ويو آهي.

سر جيستائين معافيءَ جو سوال آهي، مون ڪو به گناهه نه ڪيو آهي. ديش جي آزادي منهنجو جنم سِدّ آڌڪار آهي. ديش پريم، منهنجي وفاداري ۽ پارت ماتا کي نمسڪار منهنجي شردّا آهي. حب الوطني منهنجو ڪرم ۽ ورتي آهي. انياءَ، ظلم خلاف آواز بلند ڪرڻ منهنجي واڻي آهي. پنهنجي حق لاءِ لڙڻ، نياءَ، ستيه جي پوڄا ڪرڻ منهنجو حق آهي. هنن ڳالهين تي عمل ڪرڻ سان ڪوئي قانوني گناهه نٿو ٻڌجي. فوجون ديش ۽ حڪومت جي حفاظت لاءِ لڙنديون آهن.

مان بہ پارت ديش جو سپاهي آهيان. پنهنجن حقن ۾ جوابدارين کان سڄاڻ آهيان. ديش پڳتيءَ جو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم ڪريان ٿو ۾ ڪندو رهندس. اهو منهنجو مقصد آهي. منهنجي جوابداري آهي. جيستائين جيئرو رهندس تيستائين پنهنجا فرض پالينداس. پنهنجن ۾ ديش واسين جي حقن لاءِ لڙندو رهندس. اهو منهنجو مقصد آهي. منهنجو فرض آهي. جيستائين جيئرو آهيان اهو ڪم ڪندو رهندس.

هيمونءَ جو وڪيل: (سمجهائيندي) هيمون. ٿورو ڌيرج کان ڪم وٺ. شانت ٿي ڳالهه کي سمجهه. نرم رُخ اختيار ڪر. جوش مان ڪجهه حاصل ٿيڻو نہ آهي. پريم آدر شانتيءَ سان ڳالهائيندي ڪورٽ سان فضيلت وارو وهنوار ڪندين تہ هيءَ ڪورٽ تو کي معافي ڏيندي.

هيمون: مان آزاديءَ لاءِ ڪم ڪريان ٿو ڪوئي گورک ڏنڊو. سمگلنگ ڪونہ ٿو ڪريان تہ پوءِ معافي چا جي؟

جج: مسٽر هيمون. ڏڌيءَ دل سان سوچ. انگريز حڪومت سان ٽڪر کائڻ جو انجام ڪهڙو نڪري سگهي ٿو؟

هيمون: انجام! ها ها مان ڄاڻان ٿو'سزا ۾ موت'، 'عمر پر قيد' يا 'ڪارو پاڻي' هن کان وڌيڪ ٻيو چا ٿو ٿي سگهي. جج صاحب. توهان کي تہ انصاف ڪرڻو آهي. گناهن جي سزا ڏيڻي آهي تہ پوءِ ڪرانتي ويرن کي نہ. پر هنن انگريزن کي ڏيو جن پارت واسين سان فريب. دغا ڪئي آهي. واپاري بڻجي هن ديش ۾ آيا. تانا شاهہ بڻجي ويا آهن. قانون پڻ تاناشاهي آهي.

سرڪاري وڪيل: ماءِ لارڊ. هي ضدي آهي. مان وري بہ ٿو چوان تہ هن معصوم مڪڙيءَ پڻيان هڪ خوفناڪ چهرو آهي. اهو آهي شيطان جو. هيءُ وحشي آهي. جيڪو فوجي ريل اڏائڻ جي همٽ ڪري سگهي ٿو ان کي جيڪڏهن معاف ڪيو ويندو تہ. اهو اڳتي هلي نہ ڄاڻ الائي چا چا ڪري سگهي ٿو؟ ان ڳالهہ تي غور ڪيو وڃي خونخوار انسان کي کليل. آزاد ڇڏي نٿو سگهجي. جيڪڏهن هن کي ڇڏيو ويندو تہ ٻين جوانن مان ڊپ نڪري ويندو همٽ وڌي ويندي ۾ انگريزن خلاف

ڪلهي عام ڇاتي ٿوڪي ڪم ڪندا. لڙندا ڇڪريون لڳنديون. قاعدي قانون جي مٿي پليت ٿيندي. امن امان پنگ ٿيندو. ان لاءِ هيمونءَ کي جوابدار ڄاڻائي. وڌ ۾ وڌ سزا ڏيڻ جي مان هڪوار ٻيهر سفارش ڪريان ٿو. دهشت ڦهلائيندڙ لاءِ سزا موت آهي ـ موت.

هيمون: جج صاحب، غدار اسين نہ، انگريز آهن، جا ڳالهه ڪڏهن ب وساري نہ وبندي. انگريزن کي پارت ڇڏڻو ئي پوندو. 'ڪئٽ انڊيا'، انگريزو! پارت ڇڏي وڃو.

جج: مسٽر هيمون، پنهنجي زبان بند رک. آخرين دفعو پڇان ٿو تو کي پنهنجي ڪيل ڪم لاءِ پڇتاءُ آهي؟ تون معافي ونڊ لاءِ تيار آهين؟"

ڪيس هلي رهيو هو ان کي ٻڌڻ لاءِ جڏڪ سڄي سنڌ. جيل ٻاهران اچي ڳاهٽ ٿي هئي. پيڙ هجڻ سبب آواز ب ٽي رهيا هئا. جنتا وقتي نعرا ب هڻي رهي هئي. جنهن ڪري ڪورٽ اندر خلل پوڻ لڳو. جج پڇيو: ' ڇا جو گوڙ آهي؟' ۾ حاضر پوليس کي، عوام کي شانت ڪرائڻ، ضابطو رکڻ لاءِ حڪم ڏنو جيئن ڪورٽ جي ڪارروائي سولي نموني هلي سگهي.

جج ٻاهر گڏ ٿيلن کي شانت ڪرائڻ لاءِ حڪم ڏنا هئا. پر پوليس، جج جي حڪم ملڻ سان ئي ڪورٽ ٻاهر ڊوڙي ويئي. ٻاهر گڏي ٿيلن کي شانت ڪرائڻ بدران انهن کي ڏڪا ڏيڻ لڳا. مٽن هنٽرن جو مارو ڪيو. لٺ بازي ب ڪئي. حاضرين ۾ ڀاڄ پئجي ويئي.

ڪورٽ اندر هيمونءَ چيو:

جج صاحب، مان انقلابي آهيان. ديش پڳتن کي موت جو ڊپ نہ هوندو آهي. مان گيتا جو پاٺ ڪندو آهيان. گيتا ۾ ڀگوان شري ڪرشن چيو آهي: "شرير ناسونت آهي، آتما اجر ـ امر. منهنجي آتما جو آواز آهي سرير پلي ناس ٿئي، پر منهنجو پراڻن کان پياروں مهان، سرڳ کان ب وڌيڪ خوبصورت پارت آزاد ٿئي. اها ڳالهه اجر ـ امر رهندي هڪ هيمون مرندو تہ سنڌ ـ پارت ۾ انيڪ هيمون جنم ونڊندا. مان نوجوانن جي مڪ مان چوندس "انقلاب زنده باد" "پارت ماتا زنده باد" کو ب قانون ۾ انگريز انهن آوازن کي ڏهائي نہ سگهندا. جج صاحب! توهان جو قانون مون کي جيڪا سزا ڏيندو مون کي منظور آهي.

سرڪاري وڪيل: هيمون، تو کي سزا ته ملندي ئي، ماڻ لاءِ، مجرم خود سزا پوڳڙ لاءِ تيار آهي. معني هو پنهنجو گناهه قبول ڪري ٿو. هو خود چاهي ٿو ته ڪورٽ هن کي سزا ڏئي. ان لاءِ مان ڏوهيءَ لاءِ نامدار ڪورٽ کي سزا جو حڪم ڏيڻ لاءِ وينتي ٿو ڪريان.

هيمونءَ جي وڪيلن، صغير سنيءَ سبب هيمونءَ کي بچائڻ لاءِ ڪافي دليل ڏنا. رحم جي درخواست ڪئي. هيمونءَ کي ضد چڏڻ لاءِ سمجهايو پر نتيجو هڙي. جج فتويٰ ڏني.

جج: هيمون معصوم سڀاجهو نه پر ضدي آهي، ايماني آهي. هن تمام گهٽا ڏوهه ڪيا آهن. غيرقانوني ڪمن سان جڙيل آهي. انگريزن خلاف بغاوت، حڪومت سان غداري ڪئي آهي. هنن ڏوهن سان گڏ گنهگار هيمون ڪالاڻيءَ، فوجي ٽرين ڪيرائي، هزارن جي تعداد ۾ فوجين جو جيون خطري ۾ وجهڻ، انهن جو قتل ڪرڻ، سرڪاري بارود، ملڪيت جو ناس ڪرڻ ۾ باهه لڳائڻ جهڙا گناهه ڀڻ ڪيا آهن. فرض تي حاضر پوليس سپاهين مٿان بم اُڇلڻ، انهن کي مارڻ، جيل مان ڏوهارين کي ڇڏائڻ جهڙين انيڪ سازشن ۾ شامل آهي. اهو دليلن مان ثابت ٿئي ٿو.

هيمونءَ کي سپاهين ريل پٽن جون فش پليٽون کڻندي گرفتار ڪيو ان ڪم جي سرانجاميءَ لاءِ ڪتب آندل اوزار جيڪي ڪورٽ ۾ ثبوت طور پيش ڪيل آهن ۽ بسڪيٽ فئڪٽريءَ جي چوڪيدار جنهن فون ڪري پوليس کي ڇاڻ ڏني، هڪ ٽيندڙ خوفناڪ حادثي ۽ هزارن جي تعداد ۾ فوجين جي موت کي تاريو آهي. ان چوڪيدار جي شاهدي، سڀ ڳالهيون هيمونءَ کي ڏوهاري ثابت ڪن ٿيون. بچاءَ ۾ هيمونءَ جا وڪيل ڪوبه اهڙو ثبوت، دليل پيش نه ڪري سگهيا آهن. جنهن سان ثابت ڪري سگهجي ته هيمون بي گناهه آهي ۽ هن اڻ ڄاڻائيءَ ۾ اهو ڪم ڪيو آهي. لحاظا هيمونءَ گناهه ڪيو آهي، اهو طئي ٿئي ٿو.

سر زمين تي سازس ۾ هيمونءَ سان گڏ ڪهڙا ڪهڙا ساٿي هئا، ڪهڙو ڏوهاري گروهه هن ڪم ۾ شامل آهي، ڪهڙن دهشتگردن شخصن جي هيمونءَ کي پٺيڙائي، ساٿ، مدد آهي ۽ انگريز حڪومت

خلاف ٻيون ڪهڙيون سازشون سڀيون ويئون آهن. ان ۾ ڪير ڪير شامل آهي؟ مدن جي جاچ ڪرڻ ضروري آهي. پڇا ڳاڇا ضروري آهي. لحاظ هيءَ ڪورٽ هيمونءَ کي پوليس حوالي ڪري ٿي. هن جي ساڻين ۽ ٻين جوابدارن لاءِ جاچ جا حڪم ڏئي ٿي. گڏوگڏ هيمونءَ کي عمر ۾ قيد جي سزا ڏني ويڄي ٿي.

پوليس هيمونءَ کان جيل ۾ ڪا ٻ پڇا ڳاڇا ڪري سگهي ٿي. جاچ جوچ لاءِ کيس ٻ ڏهنوار ڪري سگهي ٿي. رستو اختيار ڪري سگهي ٿي، جنهن جي ڪا ٻ اپيل، درخواست نه ٿي سگهندي.

جج فتويٰ ڏيئي پنهنجي چيمبر ۾ ويڙهه لاءِ اُٿيو.

هيمونءَ زور سان تاڙيون وڄايون. ٽهڪ ڏيندي چيو:

واهه ـ واهه جج صاحب واهه ڇا ته فتويٰ آهي؟ ٻڌي ڇڏيو: توهان جي سرڪار انگريز فوج ۽ پوليس پريشان ٿي ويندي ۽ پر منهنجي زبان ڪڍهن ٻ وطن ۽ ساڻين خلاف ڪولائي نه سگهندي. مان ساڻين جا نالا ڪونه ٻڌائيندس. دوستن سان غداري ڪونه ڪندس. جيترا ظلم ڪرٽا هجن ڪجي ڪشٽ ڏجي. مان ڪا ٻ داد فرياد ڪونه ڪندس. پر جيترا ظلم وڌيڪ ٽيندا اوترا وڌيڪ دفعا چوندس.

"انقلاب زنده باد" "پارت ماتا جي جئ" "وندي ماترم"، "انگريز حڪومت مڙده باد" "انگريز قانون مڙده باد". جج صاحب اڃ مان ڏاڍو خوش آهيان. "پڳت سنگھ زنده باد" "انقلاب زنده باد".

ڪورٽ جي اندر حاضرين پڻ "انقلاب زنده باد" جا نعرا هڻڻ شروع ڪيا. جج جو منهن ٽامٽجي ويو. غصي ۾ منهن ڦيريو چيمبر ۾ هليو ويو. ڪورٽ اندر ٻاهر نعرا گونجي رهيا هئا.

*****

پياري هيمونءَ کي عمر ۾ قيد جي سزا ملڻ سان، هن جا ڪٽنبي، شهرواسي، ساٿي ڏاڍا دکي هئا. سڄي سنڌو روئي رهي هئي. سڀ غمگين هئا. پر هيمون خوش هو. آنند، اُتساهه ۾ هو. هن کي خوشي هئي ته هو ديش لاءِ ڪم آيو. هو آرام ۽ سکون سان جيل ۾ رهندو هو.

سکر ۾ به گهٽائي ننڍا وڏا جيل هئا. پر هڪ وڏي، وشال، قلعي جيان مضبوط جنهن کي شاهي لوهي دروازا لڳل هئا. ان "مکيه سکر ضلع" جيل ۾ گنهگار قيدي ۽ سياسي قيدين، ٻاهران آيل قيدين کي رکيو ويندو هو. جيل ۾ 800 کان 1000 ڪن قيدي هڪ ئي وقت گڏ رهي سگهن، ايترو وڏو جيل هو. عورتن، مردن لاءِ جدا جدا بئرڪون، ڪوٺيون جوڙايل هيون. جيل جو ضابطو بندوبست جيلر، نائب جيلر، جيل سپريڊنٽ ۽ ٻين عملدارن جي هٿن ۾ هو جن کي ڪي عمر ۾ قيد جا قيدي مدد ڪندا هئا. جيلر گهڻو ئي سخت ۽ ظلمي هو. جيل ۾ هڪ سنڌي سب جيلر جيئنداس ريلواڻيءَ جي پڙ مقرري ڪيل هئي. هو ڏيرج وان، انصاف پسند قيدين سان سٺو وهنوار رکندڙ رحم دل انسان هو. قيدين سان انسانيت پريو وهنوار ڪندو هو.

هيمونءَ کي به سينٽرل جيل ۾ رکيو ويو. هن ئي جيل ۾ شڪارپور، حيدرآباد، ڪراچي، نواب شاهه (ساهتي)، خيرپور رياست ۽ ٻين شهرن جي سنڌي آزاديءَ جي وڙهاڪن، جن کي ڪجهه وقت جدا جدا شهرن جي جيلن ۾ رکيو ويو هو، بعد ۾ انهن مان ٽن کان چار سؤ ڪن سياسي قيدين کي سکر جي مرڪزي جيل ۾ تبديل ڪيو ويو. جيل ۾ ڪچي ڪم جا قيدي، وڏا گنهگار، ڏاڪو، دهشتگردن ۽ عمر ۾ قيد جي قيدين سان گڏ آزادي پسند مردن ۽ نارين کي پڙ بئرڪن ۾ پوريو ويو هو.

آزادي هلچل جا ستيا گرهي سرو شري سچانند ڪيرومل، موٽومل سچانند، هوندراج دڪايل، هاسانند جادوگر، دادا چوٿرام ٽاواڻي، ديوان پڳونداس ڪرپلاڻي، پرسرام ٽهلراماڻي، ٻلديو گاجرا، هيرانند ڪرمچند، جيوٽ لال جيرامداس، ڊاڪٽر تارا چند لالواڻي، ڊاڪٽر جينانند راشٽر وادي، ڪامريڊ حشو ڪيولراماڻي، ڊر مچند جيئواڻي، ديش پگٽ ويرومل بيگراج، رامچند ويرومل، مهاراج ٽهلرام، پروفيسر تارا چند گاجرا، ڊاڪٽر بوندرام پنجابي، جيوت رام لالواڻي، 'ترنگ'، ٽانورداس خوبچنداڻي، شيامداس چانڊومل سچديو، ڊاڪٽر آتما رام لالواڻي، هوند راج لڇيرام پاٽيا، لڪشمڻ راجپال، بولچند راجپال وغيره. آزاديءَ جا پروانا، ديوانا جيڪي مهان ودوان، سماج سيوڪ، ٻڌي جيوي، اخبار نويس، ليکڪ، شاعر، اڌياپڪ، پروفيسر، پرنسپال،

ڊاڪٽر، وڪيل، واپاري، ڪارخانيدار هئا. سڪر جيل ۾ سياسي قيدين طور رکيا ويا هئا. پدم شري دادا هوندراج "دڪايل" ساڻئي هيمون ڪالاڻيءَ واريءَ بئرڪ ۾ ٻئي روم ۾ نظر بند هو.

جيل ۾ هيمونءَ کي هڪ مضبوط لوهي دروازي واري ڪوٺيءَ ۾ بند ڪيو ويو هو. هيمون خطرناڪ قيدي هو ان لاءِ ڪوٺيءَ جي آس پاس سخت هٿياربند پهرو لڳايو ويو هو. انگريز سپاهي جيڪي ظلمي هئا، هر روز انيڪ انسانن جو قتل ڪندا هئا. خونريزي جن جو پيشو هو. اُهي هيمونءَ جي ڪوٺيءَ اندر اڪيلو ويڙ ڪان ڇرڪندا هئا. انگريز سپاهي خوش ٿه هئا ته هيمون هنن جي جيل ۾ هو پر گڏوگڏ ڊپ ۾ هئن ته هيمونءَ جا ساٿي، هيمونءَ کي ڇڏائڻ لاءِ جيل کي بمن سان نه اڏائين.

جيل جي نيمن مطابق، قيدين جي ڪٺنبن کي هفتي ۾ هڪ ڏينهن سپاهين جي حاضريءَ ۾ مقرر ڪيل وقت تائين گڏجڻ، ڳالهيون ڪرڻ ڏنيون ويندیون هيون. پر هيمونءَ جي ڪٺنب کي روز هيمونءَ سان گڏجڻ جي خاص اجازت ڏني ويئي هئي. جيلر ۽ ٻين عملدارن جي مرضي هئي ته هيمونءَ جا ڪٺنبي، خاص ڪري ماتا، پتا هيمونءَ کي سمجهائين ته معافي وٺي، ساڻين جا نالا ٻڌائي. گروهہ جو نالو ڄاڻائي، سرڪار جو شاهد بڻجي، پر هيمون ڪجهہ به ٻڌائڻ لاءِ تيار نه هو.

هڪ ڏينهن سوير صبح جو جيلر، هيمونءَ جي ڪوٺيءَ وٽ آيو. هيمون ان وقت گيتا جو پاٺ ڪري رهيو هو. هيمونءَ جو نيم هو سوير جاڳي، سنان پاٽي ڪري پوڄا پاٺ ڪرڻ. هيمونءَ جي پڳٽيءَ ۾ پنگ پيو جڏهن هن جيلر جو ڪڙڪ آواز ٻڌو.

جيلر: سپاهي، دروازو کول. ڪٽي آهي حرام خور. پاٺ کي ڪرانٽيڪاري ٿو سڏائي؟ ڪوٺيءَ جو لوهي در زوردار آواز ڪندي کُليو. جيلر اندر داخل ٿيو. جيلر کجهہ چوي ان کان اڳ هيمون گرجيو.

هيمون: مسٽر جيلر، منهنجو نالو هيمون ڪالاڻي آهي، مان هتي ئي آهيان.

جيلر: (ٿهڪ ڏيندي) هون، تون ئي هيمون ڪالاڻي آهين.

هيمون: (زور سان ٿهڪ ڏيئي) ها، مان ئي هيمون آهيان ديش ۾ڳٽ

جيلر: (غصي ۾) شٽ اپ! سو تون ئي آهين، ننڍڙيءَ عمر ۾ هيڏو وڏو ڪم ڪرڻ نڪتو هئين. داد ڏجي ٿو تنهنجي همٽ کي. ڇوڪرا، مان ڏاڍو سخت آهيان، پر اسان جي سرڪار رحمدل آهي، توکي آزاد ڪري سگهي ٿي.

هيمون: وري چا ٿيو مسٽر جيلر! مون کي عمر پوري قيد جي سزا ڏيڻ کان پوءِ به، چا تنهنجي سرڪار ٽڪجي پيئي آهي، کين ڏکي ويئي آهي؟

جيلر: هيمون تون ٻالڪ آهين. چا لاءِ پنهنجي جواني جيل جي شيخن پٽيان وڃائي رهيو آهين. جيون قيمتي آهي، ان کي اجايو برباد نہ ڪر. تنهنجي عيش عشرت ڪرڻ جا ڏينهن آهن. تون چاهين تہ سڀ ڪجهہ ڪري سگهين ٿو. تون سرڪار جي شاهد بڻجي، ساڻين جا نالا ٻڌاءِ ريل سازش ڪنهن جي دماغ جي سازش هئي؟ ڪير آهن؟ ڪٿي ٽاڻن؟ ٻڌاءِ تہ مان سرڪار کي تو کي آزاد ڪرڻ جي سفارش ڪندس.

هيمون: (وڏو ٽهڪ ڏيندي) سرڪاري شاهد، آزادي، معافي!؟

جيلر: ها آزادي، تنهنجي هن جيل مان آزادي، مون کي تنهنجي ماتا، پتا تنهنجي جوانيءَ تي رحم ٿو اچي، تو کي پنهنجي جان پياري هجڻ گهرجي، تنهنجي آزاديءَ جو هڪ ئي رستو آهي، سچ ٻڌاءِ! حقيقت ڄاڻاءِ!

هيمون: (ڪلي) رحم.... رحم مون کي توهان جي حڪومت تان اچي رهيو آهي، خاص ڪري توهان تان. ٻڌو آهي تمام سخت، ڪٿي بي رحمي، ظالم جيلر آهيو اڄ اوهان جي دل ۾ رحم ڪٽان آيو آهي؟ ديا، رحم ۽ توهان، ناممڪن. اها توهان جي چالاڪي، هوشياري مون اڳيان نہ هلندي، مان تنهنجي چالبازيءَ، لالچ، مسڪي سان پرپور اجائي همدرديءَ ۾ ڦاسڻ وارو ڪونہ آهيان. مون کي افسوس آهي، توهين ۽ توهان جي حڪومت مون جهڙي، جيتامڙي اڳيان گوڏا کوڙي رهي آهي.

جيلر: (غصي ٿي) يو باسٽرڊ، تون مون کي نٽو سجاڻين. منهنجي اڳيان پلن پلن زبان کولي آهي، مان ڏوهارين جي لاءِ ڪال آهيان، شيطان آهيان.

(پنهنجي فولادي، مضبوط هٿ سان هيمونءَ کي زوردار ٽڦ هڻندي). ٻڌاءِ، ڪير آهن تنهنجا ساڻي؟

هيمون: انقلاب!

جيلر: تون ڪهڙي گروهہ سان جڙيل آهين؟

هيمون: وندي ماترم.

جيلر: (غصي ۾) انقلاب.... انقلاب.... انقلاب....

هيمون: (هانهن مٿي کٽي) زنده باد.

جيلر: (هيمونءَ کي هٿ واري لڪڙيءَ سان ماريندي، ڪڙڪ آواز ۾) سوئر، باسٽرد، بڏاءِ تنهنجا ساٿي ڪير ڪير هئا، اهي ڪٿي آهن؟ نہ تہ ماري ماري اڌ مئو ڪري ڇڏيندوسانءِ. (لڪڙ جو مارو هيمونءَ مٿان جاري رکندي).

هيمون: (جيلر جي لڪڙ کي هڪ هٿ سان روڪيندي) مسٽر جيلر تہ بڏ منهنجا ساٿي هئا پڪڙ، پادر ۾ مترڪو. اهي توهان جي قيد ۾ ئي آهن. جيڪو ڪرٽو اٽوَ ڪيو جيترو مارٽو اٽو ماريو. جيتري مار ڏيندا اوترا پيرا منهن مان بار بار وڌيڪ نڪرندو "انقلاب زنده باد"، "وندي ماترم."

جيلري هي شخص سڏي نموني جواب نہ ڏيندو. سپاهيو هيمونءَ کي هنٽر هڻو ۽ جيستائين جواب نہ ڏئي ماريندا رهو.

سپاهيءَ حڪم ٻڌنديئي هيمونءَ مٿان چابوتن جو وسڪارو ڪري، هن کي خون سان لٽ پٽ ڪري ڇڏيو. جيلر زخمن مٿان لوڻ، مرچ وجهڻ جو حڪم جاري ڪيو. سپاهي عمل ڪن ٿا. هيمون خاموش سهندو رهي ٿو. نيم بيهوش ٿي زمين تي ڪري پوي ٿو.

جيلر: هي بيهوش ٿي ويو آهي، هن کي هوش ۾ آڻي، وري ماريو. باهر جا ڏنپ ڏيوس، برف مٿان ليٽايوس. ننڊ اچيس تہ سمهڻ نہ ڏجوس. هن جي سختين سڀان ننڊ حرام ڪري ڇڏيو. ماري ماري اڌ مئو ڪري ڇڏيوس. بک، اڃ تي رکوس. تنگ ٿي، خود بہ خود راز کوليندو نالا ٻڌائيندو.

جيلر ڪڙڪ، سخت حڪم ڏيئي ڪوٺيءَ مان باهر نڪري ويو.

ڪوٺيءَ مان هيمونءَ جو بلند آواز اڃي رهيو هو. "انقلاب زنده باد"، "وندي ماترم"، "جئہ سنڌ ـ جئہ هند".

جيل ۾ هيمونءَ سان ڪافي سختيون ڪيون ويئون. ڏينهن جا ڏينهن، اُڃيو بکيو ۽ بنا ننڊ رکيو ويو. هنٽر هنيا ويا، برف جي نادين تي

سمهاريو ۽ ڪوڪن مٽان بيهاريو ويو. اهڙا ته حيواني ظلم ڪيا، عذاب ڏنا ويا جو پلا پلا ڏڃي وڃن. ننڍي پون. پر هيمون هو مضبوط بهادر آخر ڪار جيلر به هيمونءَ اڳيان هار قبولي. هن کي چوٽو پيو:

" هيمون، شير ماءُ پيءُ جو شير پٽ آهي. بهادر فولادي، پکو ديش پڳت آهي."

هوڏانهن هيمونءَ جي وڪيلن مٽين ڪورٽ ۾ مرسي پٽيشن داخل ڪئي. مٽين ڪورٽ پڻ هيمونءَ جي عمر پر قيد جي سزا قائم رکي.

سنڌ جو مارشل لا ائڊمنسٽريشن هيڊ ڪوارٽر حيدرآباد ۾ هو. ڪرنل رچرڊسن کي هيمونءَ جي وڪيلن اپيل ڪئي. فوجي هيڊ ڪوارٽر ڪورٽ ۾ ڪيس هليو.

سرڪاري وڪيلن ڄاڻايو:

"هيمون خوفناڪ انسان آهي. هن جا ارادا ڪافي ناپاڪ ۽ خطرناڪ آهن. هو پاڳل ڪتو آهي، جيڪو هر وقت پيو انگريزن کي چڪ پائيندو آهي. هن جا چڪ به ڪافي زهريلا آهن. سزا گهٽائڻ، رحم ڪائي معافي ڏيڻ سان پاڻ حملي آورن کي موقعو ملندو. وڌوڙ فساد وڌي ويندا. هيمون شهر جي شانتي، امن امان لاءِ وڏو خطرو آهي. اسڪولي، ڪاليجي شاگرد، نوجوان چڙواڳ ٿي ويندا. هاٿي قيد ۾ آهي، آزاد ٿيندو ته حڪومت لاءِ مٿي جو سور ثابت ٿيندو."

رچرڊسن پڻ ظلمي، ضدي، ايماني، گهمنڊي هو. هن هيمونءَ جي وڪيلن جي دليلن کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري، جنم ٽيپ جي سزا گهٽائن بدران هيمونءَ کي ڦاسي ڏيڻ جو حڪم ڪيو.

حيدرآباد جي فوجي هيڊ ڪوارٽر مان، ڪمانڊر لارڊ لاروني، هيمونءَ جي ڦاسيءَ جا حڪم سڪر جيل جي جيلر کي موڪليا. جيلر بود ۾ پرجي ويو. انگريز خوش هٿا. هنن کي مٽي جي سور هيمونءَ کان سدائين لاءِ چوٽڪارو ملي رهيو هو.

پر سڄي سنڌ، خاص ڪري سڪر ۾ روڄ راڙو هو. هر انساني دل روئي رهي هئي. اکين مان زار زار ڳوڙها وهي رهيا هٿا. جتي ڪٿي ماتم چانيل هو.

سنڌ جي مهان نيتائن، وڏن اڳواڻن، سنتن، سياستدانن سرڪار کي هيمونءَ لاءِ رحم جي اپيل ڪئي. ڪراچيءَ جي ميئر جمشيد مهتا، ساڻ ٻيلي جي مهنت سوامي هرنامداس، ساڏو ٽي. ايل واسواڻي، ديش پڳت ويرومل مينگهراج، پيرزاده عبدالستار دادا جيرامداس دولترام ۽ ٻين انيڪ مدبرن حڪومت کي اپيل ڪئي ته هيمونءَ بدران هو خود معافي وٺڻ لاءِ تيار ٿيا.

ڌلي‌ءَ جي گورنر جنرل وائسراءِ لارڊ لنٽگو کي رحم جي اپيل ڪئي.

ڌلي‌ءَ وائسراءِ ڏي هيمونءَ جي ٻيڙيءَ ڏاڏيءَ، ماءُ، ننڍو ڀاءُ ڪچ ۾ ڪٽي گڏجڻ ويا. جيئن وائسراءِ کي ڏاڏيءَ جي ٻڌايي، ننڍي ٻار تي رحم کائڻ لاءِ، چيو ويو. هيمون معافي وٺندو وشواس ڏيارين ويو پر وائسراءِ ٻه ڪنهن جو ڪجهه ٻه نه ٻڌو اکين سان ڪجهه ٻه نه ڏٺو ورين ڪجهه ٻه ڪونه. وائسراءِ رحم جون درخواستون گند جي ٽوڪريءَ ۾ اڇلائي ڇڏيون، پر هيمون ڏاڍو خوش هو. پڳت سنگهه جيان قاسيءَ تي لٽڪڻ، جنهن لاءِ هن بار بار رياض ڪيو اها هن جي تمنا هاڻي پوري ٿي رهي هئي.

*****

سکر جيل ۾ هيمون قيد هو. قاسيءَ جي تاريخ اڃا طئي نه ڪئي ويئي هئي. جيل جا عملدار تاريخ جي انتظار ۾ هئا. هنن قاسيءَ جون تياريون شروع ڪري ڇڏيون هيون. جيل ۾ قيد ديش پڳتن ۾ اڻ تڻ هئي. سينڌي کان ننڍڙي، آزاديءَ جي ديواني کي قاسيءَ جي سزا ملي هئي. انگريزن جي حيوانيت تي سڀ غصي ۾ هئا. چؤطرف دک، شوڪ، ماتم ۽ آنسون هئا.

سکر جا اڳواڻ، معزز شخص، مدبر، جيلر جي منظوريءَ سان جيل ۾ هيمونءَ سان گڏجڻ آيا. هنن هيمونءَ کان حال چال پڇيو.

هيمونءَ چيو: توهان سڀني جون آسيسون آهن.

هڪ بزرگ پڇيو: پٽ، جيل ۾ ڪاڏو ته سئو ٽو ملي نه، لڏيڻ هوندو؟

هيمون: بابا سڀ ڄاڻن ٿا جيل ۾ ڪاڏو اهڙو ٽو ملي، جيڪو جانور

به نه ڪائن. ڦلڪو ننڍو اڏ ڪچو اڏ پڪو پاڇي رکيل، بانسي ۽ سڙيل دال ڇڀي سا به وقت سر نه. پاروٽا ٽڪر، سڪل ڏوڏا، ته پوءِ سواد جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟ بابا، آزاديءَ جي متوالن کي لڏيڏ، سوادي، طاقتور ڪاڏي سان ڪو به سنهڙ ڪونهي. ڏسو جيل جو بانسي ڪاڏو ڪائي پاڻ منهنجو وزن اٺ پائونڊ وڌي ويو آهي. مون کي خوشي آهي، موت جي سزا ملي آهي.

بزرگ: هيمون پٽ، اسين ڇاٽون ٽا، تون ڏاڍو خوش آهين، تنهنجي چهري تي مشڪ آهي. پٽ، هي خط وٺ ان تي صحيح ڪري ڏي.

هيمونءَ ڪاغذ وٺي پڙهي چوي ٿو.

هيمون: بابا معاف ڪجو مان صحيح نه ڪندس.

بزرگ: پٽا دستخط ڪرڻ ۾ فائدو آهي. ڦاسيءَ جي ڦندي مان بچڻ لاءِ هاٿي صرف اهو ئي هڪ رستو بچيل آهي.

هيمون: بابا، معافي، ڪانئرتا آهي. معافي وٺي هجي ها ته اڳواٽ ئي وٺي ڇڏيان ها. هيترا ڏک ڏولاوا، سزائون ڇو پوڳيان ها. مان ته آزاديءَ جي راهه جو راهي آهيان.

بزرگ: هيمون تون ننڍو آهين، ناسمجهه آهين، تو اڃا دنياداري نه ڏٺي آهي، تون ضد نه ڪر، سمجهه سڃي سنڌ ۾ هاهاڪار آهي. سڀ توکي بچائڻ لاءِ آتا آهن. پرارٿنائون، پڇن پاءُ، اپيلون، هر ممڪن ڪوششون وٺي رهيا آهن.

هيمون: اهي سڀ ڪوششون اجايون آهن. مان خود ڦاسيءَ تي چڙهڻ لاءِ تيار آهيان ته پوءِ مون کي ڪير بچائيندو؟ ديش جي ڪم آيس ان لاءِ مون کي فخر آهي. ديش صدقي قرباني ٿو ڏيان پاڻ، سنڌ، سنڌين، ديش واسين جو شان مان وڌندو ڏاڍ اوچو ٿيندو. نوجوانن کي آزاديءَ جو اُتساهه ملندو. جتي ديش ڏرم جي رکشا لاءِ گرو بوند سنگهه سڀ ڪجهه قربان ڪيو پنهنجي اولاد جي قرباني ڏني، ويڑ حقيقت راءِ ديش مٽان قربان ٿيو شهيد پڳت سنگهه ڦاسيءَ تي لٽڪيو اتي مان به سنڌ ڇائو آهيان، ڪنهن به حالت ۾ پٺتي نه هٽندس، اڳرو رهندس. منهنجن بزرگن ديش مٽان مري مٽجڻ جا سنسڪار ڏنا آهن. توهان سيني جي آشيرواد مون سان ساڻ آهي، مان نه رهندس، پر ديش رهندو ۽

آزاد ٿيندو. اهو ڏينهن پري کونهي، جو آزادي پارت ماتا جا پير چمندي

بزرگ: تون مضبوط دل اتل ارادي وارو انسان آهين. پر کجهه گهرو سوچ. گهر ۾ ماتا پتا، پائر، پينر گهٽا ڪي آهن. گهر ۾ سڀ روئي رهيا آهن. ماتم ڇانيل آهي. تون ئي هنن جو سهارو ۽ آڌار آهين. انهن انهن لاءِ ۾ ته سوچ.

هيمون: بابا! منهنجا ماتا پتا گيتا جو پاڻ ڪندڙ آهن. سکمني پڙهندا آهن. گرو گرنٿ صاحب ۾ اٽوٽ وشواس اٿن. هو سنتوشي آهن. رب جي رضا تي راضي رهندا آهن. وري پريوءَ جي به مرضي آهي ته مان موت کي گلي لڳايان.

بزرگ: تون ڪٿنب جو سوچ، تون نه رهندين ته انهن جو ڇا ٿيندو؟ ڪاغذ تي صحيح ڪر. ان ۾ ئي سڀني جي پلائي آهي.

هيمون: بابا، اها ڳالهه اڻ ٿيٽي آهي. سڀني جي پلائي آزاديءَ ۾ آهي. جنهن سان سڪ، شانتي، خوشحالي ايندي. جتي ڪٿنب جي ڳالهه آهي ته پورو پارت منهن جو ڪٿنب آهي. هر هڪ پارتواسي منهنجي پريوار جا اٽوٽ انگ آهن. عزيز مٽ مائٽ آهن. مان سڀني جي پلي لاءِ سوچيان ٿو ان ۾ ڪا به خرابي کونهي. معافي ونندس ته منهنجي ڪٿنب جي دلين کي ٺيس پهچندي. مان ديش دروهي سڏجندس. هر ڪو مون کي ۽ ڪٿنب کي پيو ڏڪارينڊو. مان اهڙي ذلت پري زندگي جيئڻ کان مانَ شانَ سان مرڻ پسند ڪريان ٿو. مون ۽ منهنجي ڪٿنب لاءِ فخر ان ۾ آهي ته مان ديش صدقي قربان ٿيان. توهين بزرگ آهيو مون کي معاف ڪجو مان توهان جي گهر پوري نٿو ڪري سگهان. مان صحيح هرگز هرگز نه ڪندس. صرف توهان آشيرواد ڏيو وري به سنڌ ۾ جنم ونان. سنڌ جي ڪم اچان.

بزرگ: پٽ هيمون، اسان سڀني کي تو تي ناز آهي. واقع تون بهادر ماءُ پيءُ جو بهادر پٽ آهين. خوش نصيب آهن تنهنجا ماءُ پيءُ. اسان جي پريوءَ جي تو مٿان آسيس آهي. ڳچ پٽ رام رام.

هيمون: وندي ماترم.

سڀ: وندي ماترم.

لوهي دروازي بند ٿئي ٿي.

*****

هيمونءَ کي جڏهن ڦاسيءَ جي سزا ملي. تڏهن پرچي وديارٿيءَ ۾ ان جي ساٿين کي ڪافي جوش لڳو. سڪر سينٽرل جيل جي ڦاسي گهاٽ واري مضبوط اوچي ديوار کي اُڏائي. هيمونءَ کي جيل مان پڃائڻ جي هنن هڪ سازش سڏي. اها رٿا جهامن ڪالاڻيءَ رٿي هئي. جيل پرسان آيل هڪ دڪان تي سڀ دوست پاڻ ۾ گڏ ٿيا. يوجنا کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ خيالن جي ڏي وٺ ڪري رهيا هئا. تيستائين خانگي پوشاڪ ۾ گهمندڙ هڪ جاسوس جي نظر پرچي وديارٿيءَ تي پيئي. جاسوس پرچي کي سڃاڻي ورتو. جاسوس لڪل اشارو ڪيو ۽ آس پاس ڦهليل عام ماڻهن جي ويس ۾ انگريز جاسوس. پوليس وارا ڊڪندا آيا ۽ پرچي وديارٿيءَ جي ٽوليءَ مٿان ٽٽي پيا. پرچو به هوشيار هو. هن ترت ڪيسي مان پستول ڪڍيو ۽ فائرنگ ڪندو ڊڪندو اتان فرار ٿي ويو. پر ڊوڙندي ڊوڙندي هن جي ڪيسي مان جيل ٽوڙڻ جي يوجنا، نقشو ۽ جيل مان هيمونءَ کي پڃائڻ جي طور طريقي جا تفصيل وارا ڪاغذ اتي زمين تي ڪري پيا ۽ پوليس جي هٿ لڳي ويا. پرچي وديارٿيءَ جا ساٿي جيڪي جيل ٽوڙڻ جي سازش ۾ شامل هئا، اهي هنا عينشي وديارٿي ۽ نارائڻ واڌواڻي، جن مٿان جيل ۾ پوليس چونڪيءَ جون ٽيليفون جون تارون ڪٽڻ جي جوابداري رکيل هئي. اهي ٽيليفون تارون ڪپيندي سر زمين تي پکڙيا ويا. پرچي وديارٿيءَ کي ۽ پکڙڻ لاءِ پوليس ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيو. جتي ڪٿي تلاش ڪئي. پکڙ وارنٽ جاري ڪيا. پر پرچو روپوش ٿي ويو هو. جنهن ڪري هيمونءَ کي جيل مان پڃائڻ جون ڪوششون اڃ ۾ رهجي ويون. انگريز حڪومت ۽ سازش جو پڙدو فاش ٿيڻ سان وڌيڪ سجاڳ ٿي ويئي هئي ۽ جيل جي چؤطرف ۽ جيل جي اندر وڌيڪ ڪڙڪ فوجي بندوبست قائم ڪيا ويا.

*****

هيمونءَ جي ڦاسيءَ جي حڪم سان سڄڻ ديش ۾ هن جي گهر ڪٽنب ۾ ماتم ڇانيل هو. سڀ هيمونءَ سان گڏجڻ جون ڪوششون ڪندا رهيا. پوڄا پاٺ، پرپرو پڳتي، جهوليلا جي جوت جلائيندا ۽

اُستتي ڪندا رهيا. ان وشواس سان تہ هيمونءَ کي قاسيءَ تي لٽڪايو ويڃي، تنهن کان اڳ متان ڪو چمتڪار ٿي پوي، هيمون جيئرو رهي، اهڙي گهٽن جي چاهنا، اِڇا، تمنا هئي. ايشور ۾ شرڌا ۽ رکي هئي. هيمونءَ کي جيل ۾ قاسي گهاٽ ۾ رکيو ويو هو. جيل ۾ ان وقت ٻيا ۽ گهڻا ئي آزاديءَ جا متوالا هئا. اهي جيل ۾ هر روز "انقلاب زنده باد"، "پارت ماتا جي جئ"، "وندي ماترم"، "انگريزو پارت ڇڏيو" جا نعرا لڳائيندا هئا. انهن نعرن سان گڏ هاڻي "هيمون ڪالاڻي زنده باد" جي نعرن سان جيل کي گونجائي ڇڏيو. هيمونءَ سان ڪنهن کي ۽ گڏجڻ جي اجازت نہ هئي، پر جڏهن هيمون قاسي گهاٽ ۾ "انقلاب زنده باد" جا نعرا ٻڌندو هو تڏهن هن جو چهرو ٻهڪڻ لڳندو هو. سندس چهري جي چمڪ ۾ اڪين جو نور وڌي ويندو هو هو ڏاڍو خوش هو. هيمونءَ سان ٻئي ڪنهن کي گڏجڻ جي موڪل مليل نہ هئي، پر ان جي ماتا پتا، ڪٽنبين کي هر روز هڪ ڪلاڪ تائين هيمونءَ سان گڏجڻ جي خاص ڇوٽ ڏنل هئي. ان جو ۽ خاص سبب هو. انگريز سرڪار جي اڃا ۽ ڄاهنا هئي تہ هيمون معافي وٺي، سائين جا نالا ٻڌائي. ان ڪر ۾ هيمونءَ جا ماڻ پيءُ سمجهائڻ ۾ مددگار ٿي ٿي سگهيا. ممتا اڳيان ٻهادر کان ٻهادر ڏٺي پوندا آهن. هيمون پڙ هيڏو پئجي ويندو سرڪار ۾ ظلم جيڪو ڪم نہ ڪري سگهيا اهو ڪم ممتا جو موهہ ۾ پيار ڪندو. اهڙو سرڪار جو وشواس هو پر هيمون سخت دل، فولادي انسان هو.

جيل ۾ هيمونءَ جو پيءُ پيسو مل ۾ ماڻ جيئي هائي مقرر ڪيل وقت تي گڏجڻ آيا.

پيسومل: پٽ هيمون، سپ ڪوششون ناڪامياب ويئون، ڪا ۽ واقفيت، رسوخ، اپيل، وينتي قبول نہ ويئي. اسين ٽڪجي پيا آهيون، هارائي چڪا آهيون.

هيمون: بابا، دنيا جي ڪا ۽ شڪتي، پيسو رسوخ، سچاڻپ ڪتب اچڻي نہ آهي. جيڪو ٽيڙو آهي، اهو اوس ٽيندو. منهنجي پاڻ کي ڪوئي روڪي نٿو سگهي، بدلائي نٿو سگهي. توهين اجايو دکي ٿي، پاڻي ولوڙي رهيا آهيو. مان ديش لاءِ آهيان، منهنجو جنم ماتر پوميءَ جي سيوا ڪندي، ان متان قربان ٽيڙ لاءِ ٽيو آهي. مان ديش متان قربان

ٿيندس، آزاديءَ لاءِ آهوتي ڏيندس، اها ڳالهه اٽل آهي. ايشور، پگوان، پرپوءَ، گروءَ جي پڙ اها ئي مرضي آهي. هن جي مرضيءَ کي کوئي روکي نٿو سگهي، ٽاري نٿو سگهي.

جيني ہائي: پٽ، تون چوين ٿو ته پرپو چاهي ٿو ته توکي قاسي لڳي، پر مان پڇان ٿي ته پگوان جي اها مرضي ڇا لاءِ آهي؟ نو مهينا گربہ ۾ رکي، سور سهي، مائر ہار کي جنم ڏين ٿيون، ڇا ان لاءِ ٿيون جنم ڏين ته معصوم عمر ۾ کوئي جلاد، ڪاسائي، کوئي راوڻ، شيطان هن کي ماري ڇڏي! (زاروقطار روئي ٿي.)

پيسو مل: (ماٺ ڪرائيندي) هيمونءَ ماءُ، دک ڪرڻ، روئڻ سان هاٿي ڪجهه به نه ورندو شانت ٿي شانت.

هيمون پٽ: سنڌ صوبي جي اسپيڪر پوڄ سنگهه پهلاجاڻي، ساڈو واسواٽي ايجا تائين کوشش ۾ لڳل آهن.

هيمون: بابا، فوجي ڪمانڊر رچرڊ سن ظالم، هوڏي، مغرور ۽ ڪنور آهي. مان نٿو چاهيان ته منهنجا مانائتا ماءُ پيءُ، مها پرش، سنت، درويش، اڳواڻ منهنجي ڪري هن مها پاپي ڪنور اڳيان ديا جي بيک گهرن. ڪمانڊر هنن جي بي عزتي نه ڪري وڃهي، جيڪا ڳالهه پاڻ وڏيڪ ناشائستي ٿيندي، مان ڄاڻان ٿو ته هاٿي ڪمانڊر به نه قبولينڊو ۽ نه ئي وري ميجيندو. هو پاڻ پنهنجي فرض ۽ ڏرم جي پالنا ڪري رهيو آهي، ان لاءِ منهنجي چوٽڪاري لاءِ ڪا به ڪوشش نه ڪئي وڃي. سڀ ڪوششون بند ڪيون وڃن، اها منهنجي سيني کي نماٽي وينتي آهي، ديش واسين کي عرض آهي.

جيني ہائي: ڪمانڊر ظلمي آهي، شيطان آهي.

هيمون: امان، ديش لاءِ قرباني ڏيڻ هر ڪرانتيڪاريءَ جو فرض آهي. پارٽ کي آزاد ڪرڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ونيي رهيا آهن، انهن کي گرفتار ڪرڻ، مارڻ، ڪمانڊر پنهنجو فرض سمجهي ٿو. ان لاءِ توهان کي دکي ٿيڻ جي ضرورت نه آهي.

جيني ہائي: اهو ڪٽان جو قانون آهي. هيمون، توکي گرفتار ڪيو ويو ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ پوريو ويو منهنجي من ڏينهن رات رُنو زار زار ڳوڙها ڳاڙيا، منهنجي پياري لال کي جنم ٽيپ جي سزا ڏني ويئي، تڏهن

من ڪي ڏيڻ ته هيمون جتي به هوندو هن جهان ۾ حيات ته هوندو ڪڏهن ڪڏهن ته هن سان ملاقات، گڏجاڻي ٿيندي هن جو حال چال ته ملندو رهندو..... پر .... پر موت جي سزا منهنجو هينئون ٿو چوجي..... مان اهو سور سهي نه سگهنديس، اهو ڪٽان جو انصاف آهي. هڪ ئي ڏوهه لاءِ پهرين عمر پر قيد..... بعد ۾ ڦاسيءَ جي سزا..... هيءَ انياءِ آهي..... گهور انياءِ.....

پيسومل: ها، هيمونءَ ماءِ، اهو انياءِ ئي آهي، پر تون ته ڄاڻين ٿي ته هيءَ انگريزن جي انڊي قانون مارشل لا جو انصاف آهي. مارشل لا، فوجي قاعدو.... ڪورٽ ڪچهري، سرڪاري وڪيل، سرڪاري شاهد، وري سرڪاري جج، سڀ سرڪار جا، جيڪي چاهين، جيئن وڻين تيئن فيصلو ڪن. اهو ئي ظلمي، تاناشاهه حڪومت جو نياءِ، قانون ۽ انصاف آهي.

جيٺي ٻائي: (آپي ڪان ٻاهر نڪري) سزا گهٽائڻ بدران ڦاسي، نه نه مان ته مري ويندس..... هتيارا هيمونءَ کي ڦاسي ڏين، ان کان پهرين مان پاڻي انگريزن کي ماري ڇڏيندس..... پوءِ مان مرندس.

پيسومل: جيٺي، پاڻ کي سنڀال.... سمجهداريءَ کان ڪم وٺ.

جيٺي ٻائي: مان، هتان هيمونءَ کي گهر وٺي ويندس..... هيمون تو تان ماءُ صدقي، معافي وٺ، معافي ونڊ سان انسان ننڍو نه پر مهان ٻڌندو آهي.... سرڪار جيڪي گهري تي ڏئي ڇڏ..... پر تون گهر هل (روئي ٿي).

هيمون: امان، توهان جي اکين ۾ ڳوڙها! نه امان نه! تون ته منهنجي بهادر ماءُ آهين، مون لاءِ اُتساهه ننڍپڻ کان مون کي توهان ئي ته بهادريءَ ديش پڳتيءَ جي لولي ۽ سکيا ڏني آهي. توهان کي ته پاڻ خوش ٿيڻ گهرجي، توهان جا ڏنل سنسڪار ڪامياب ٻڌيا آهن. مان راڻا پرتاب، شيواجيءَ جيان ديش پڳت ٻڌيس ۽ هاڻي پڳت سنگهه جيان ديس مٽان قربان ٿي رهيو آهيان. امان، توهان ئي ته ديش پريم جي لولي ڏني، توهان ئي ديش محبت جي ٿڃ پياري، مان توهان جي ٿڃ جي لڄ رکندس، توهان جي پاونائن، جذبن، آسيس، ۽ لوليءَ جو قدر ڪندس، ڦاسيءَ چڙهي ديش جو قرض ۽ پنهنجو فرض ادا ڪندس.

پيسو مل: پٽا اسان جو چوڻ ٿو مڃ. سرڪاري شاهد بڻجي وڃ. ... ساڻين جا نالا ٻڌاءِ..... سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿاڪ ٿي ويندو.

هيمون: نه بابا نا..... اهو ناممڪن آهي. مان حب الوطنيءَ کي داغدار نه ٻڌائيندس..... مان غداري هرگز هرگز نه ڪندس. مان ڄاڻان ٿو. مان چاهيان ته قاسميءَ جي سزا معاف ٿي سگهي ٿي. مون کي آزادي ملندي. موٽ ۾ روڊا عهدا خطاب به ملي سگهن ٿا. پر مون کي ڪجهه به نه گهرجي. ديش پريم انهن سيني عهدن. خطابن. لالچن کان گهڻو گهڻو مٿي آهي. اوچو ۽ مهان آهي. ديش تياڳ. قرباني گهري ٿو..... اها مان ڏيندس..... ضرور ڏيندس.

جيني ٻائي: پر پٽا مان چا ڪريان؟..... منهنجي ممتا..... منهنجو موهه..... منهنجو اولاد.....

هيمون: امان! ممتا. موهه. مايا جي بندڻن کان آزاد ٿي. مون کي آشيرواد ڏيو ته جيئن مان مرڪندي مرڪندي قاسميءَ چڙهان.

امان. توهان ئي ته سيکاريو آهي. هڪ ماءُ ڪک مان جنم ڏئي ٿي. ٻي جنم يومي سنڪساڻ جيون جي گهڙت ڪري. پالنا ٿي ڪري. ماءُ جي پيرن ۾ جنت آهي. سنڊ.....پارت ماتا. جنم يوميءَ جي سيوا ڪرڻ به منهنجو فرض آهي. ان کان مٿي منهنجو جيون نه آهي. امان. پارت ماتا جي هٿن ۾ غلاميءَ جون زنجيرون آهن. اسان جي ماءُ درد سهي رهي آهي. امان. مان تنهنجو دڪ. پيڙا سمجهي سگهان ٿو. اسان جي ماتر يومي به دردن. پيڙا مان گذري رهي آهي. انيڪ مائرن پنهنجا ڪونڊر ڪُهايا آهن. هارن جو هليدان ڏنو آهي. توهان کي به قرباني ڪرڻي پوندي. امان مان توهان کي وچن ٿو ڏيان..... مان وري جنم ونندس. توهان جي ڪک مان ئي جنم ونندس. مان پارت ۾ ئي سو به سنڊ ۾ ئي جنم ونندس. جڏهن مان توهان جي گود ۾ هوندس. توهان کي منهنجي گلي ۾ قاسميءَ جي نوڙيءَ جو نشان هار جي روپ ۾ نظر ايندو. اها ئي منهنجي سچائڀ هوندي..... امان مان ضرور ايندس..... ضرور موٽي ايندس.

جيني ٻائي: (روئندي) هيمون..... منهنجا پيارا پٽ.....

هيمون: ها. امان..... مان سچ ٿو چوان..... مان واپس موٽي ايندس جيستائين ديش کي آزادي نه ملي آهي تيستائين مرندو رهندس ۽ واپس جنم وٺي ايندو رهندس. بار بار مرندس..... بار بار جمندس ديش ۽ آزاديءَ صدقي

امان مون کي وچن ڏيو منهنجي ڦاسيءَ سان توهين دکي نہ ٿيندؤ اکين ۾ ڳوڙها نہ آڻيندؤ. منهنجن پائرن ۽ پيٽن کي پڻ آئت ڏجو سمجهائجو ۽ انهن کي ديش لڙائيءَ لاءِ تيار ڪجو مان وري به وچن ٿو ڏيان..... مان واپس موٽندس ..... مان واپس موٽي ايندس ..... مون کي موڪل ڏيو..... مون کي آشيرواد ڏيو.

جيني ہائي: پر پٽ ..... مان فولادي جگر ڪٽان آڻيان..... مان کهڙيءَ دل سان، ممتا جو گلو گهٽي توکي ڦاسيءَ تي لٽڪڻ لاءِ آسيس ڏيان..... آشيرواد ته وڏي آورجا، تندرست جيون، مان شان ۾ واڌارو جيون ۽ برڪت، سدائين سرسبز رهڻ جي ڏني ويندي آهي. مان..... مان..... موت جي آشيرواد تو کي ڪيئن ڏيان؟

هيمون: امان، من جي جذبات کي بي لغام نہ ٿيڻ ڏيو صادق جذبي کي قائم رکي، بنا چلايمان ٿيڻ جي، من کي قابوءَ ۾ رکو. هيءَ موت نہ منهنجي لاءِ فخر جي ڳالهه آهي، شان مان آهي توهان، ڪٽنب ۽ ديش جي لاءِ.

امان، توهان اڪيلا نہ آهيو امر شهيد پگهت سنگهه جي ماتا پڻ پگهت سنگهه کي مرڪندڙ چهري سان ڦاسيءَ تي لٽڪڻ جو حڪم ڏنو هو. هن جي ماتا جي اکين ۾ خوشيءَ ۽ فخر جا لڙڪ هئا. پٽ جي وڃائڻ جو ڪوبہ دک، افسوس ڪونہ هو. اهڙيون انيڪ مائرون آهن، جن پنهنجا جان جگر ديش صدقي قربان ڪيا آهن.

امان، توهان پڻ ڪلندي خوشيءَ سان مون کي قرباني ٿيڻ جي آگيا ڏيو مان ڏاڍو خوش ٿيندس ۽ آرام سان مري سگهندس.

امان، دک نہ ڪريو ..... مون طرف نهاريو ..... منهنجي چهري کي ڏسو..... مان ڪيترو نہ خوش آهيان. آنند ۾ آهيان..... چهري تي دک جي هڪ به ريکا نہ آهي. منهنجي جسم کي ڏسو ڦاسيءَ جي خوراڪ منهنجو وزن به وڌايو آهي. هر روز جيلر منهنجي تندرستيءَ جي جاچ ڪرائيندو آهي. ڊاڪٽر صبح شام ايندا آهن، پڇندا آهن ته مان ڪيئن آهيان؟ ڪا تڪليف، ڪا شڪايت ته ڪونهي؟ وزن وٺندا آهن..... موت کان اڳ تازو توانو ..... تندرست رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. هو پڻ ڄاڻي ويا آهن ته موت جي خوف، ڦاسيءَ جي سزا مون کي ڏکايو هيسايو نہ آهي، پاڻ سگهارو بڻايو آهي.

جيئي ٻائي: هيمون..... منهنجا پيارا پٽ.....

هيمون: بابا، توهين منهنجي قرباني سان خوش ته آهيو نه؟

پيسو مل: ها پٽا مان خوش آهيان، ايشور کي پرارٿنا آهي، سڌ جي گهر گهر ۾ تو جهڙي سپوت جو جنم ٿئي، جيڪي سڌ ۾ پارت ديش جي عزت لاءِ مري مٽجن، مان گهڻو خوش آهيان.

هيمون: امان، توهين وري روئو ٿا، امان من کي سانتيڪو ڪريو. هڪ هيمون ڪاسيءَ چڙهندو ته ڇا ٿيندو؟ صرف هڪ هيمون نه پر پارت ديش جو هر هڪ سپوت توهان کي "امان"، "امان" چئي پڪاريندو. هر هڪ ٻار ۾ توهان کي هيمون نظر ايندو. مان مرندس پر تنهن هوندي به توهان جي نظرن سامهون هوندس. پيارن ننڍڙن گلڙن ۾، رنگ برنگي گلن ۾ ۽ جهرمر جهرمر وسندڙ برساتي بوندن ۾.

جيئي ٻائي: پٽ مان وساري ويئي هئس ته تون ديش جي ملڪيت آهين، تون ڪانئر نه، بهادر آهين. مان ٻاڻ مان موهه ڪيان ٿي، مان اهو وساري ويئي هئس ته مون ئي توکي پالي نپائي وڏو ڪيو. انهيءَ لاءِ ته تون وڏو ٿي ديس سيوا ڪر، سدائين بهادر بڻج. هيمون..... منهنجا پيارا پٽ ..... پريون جهولي لال، پلي وارا پير، واهگرو هيمونءَ کي همٽ ڏجو... "انقلاب زنده باد" جي پٽ رکجو. پارت ماتا کي آزاد ڪرائجو..... اي پرماتما، لال سائين، منهنجي اها ئي توهان کي وينتي آهي.

هيمون: ها امان، پارت ماتا آزاد ٿيندي..... ضرور ٿيندي..... انقلاب زنده باد.

جيئي ٻائي: منهنجو توکي آشيرواد آهي، ديش مٽان قربان ٿي..... مان تو کي پنهنجي ممتا، موهه کان آزاد ٿي ڪريان. مان تو کي آگيا ٿي ڏيان ته خوشيءَ خوشيءَ ڪاسيءَ جو ڦندو قبول ڪج.

هيمون ماءُ پيءُ کي پيرين پئي آشيرواد ونئي ٿو.

*****

هيمونءَ جي ڪنبين کي هر روز هڪ ڪلاڪ گڏجاڻي ڪرڻ جي اجازت ملي هئي، پر هيمونءَ پنهنجي ماءُ پيءُ جي هيٺي حالت کي ڏسي، جيل وارن کي چئي چڏيو هو ته هن کان پوءِ هو پنهنجي ماءُ پيءُ،

ڪٽنبين سان ملڻ، گڏجڻ جي ڪا به خواهش دل ۾ نٿو رکي. ان لاءِ جيڪڏهن هو گڏجڻ به اچن، تہ به ملاقات جي اجازت ۾ وقت نہ ڏنو ويڄي.

جيل عملدارن هيمونءَ جي چاهنا مطابق، ڪٽنبين کي گڏجڻ جي ڏنل اجازت رد ڪري ڇڏي، هيمونءَ جا ڪٽنبي عملدارن کي سمجهائيندا، منٿون ڪندا رهيا، پر وري ڪجهه به نہ هنن کي اها چاڻ ئي نہ پئجي سگهي، تہ خود هيمونءَ هنن سان گڏجڻ، ملڻ نٿي چاهيو هيمونءَ جا ڪٽنبي سمجهندا رهيا، تہ جيل وارا ڪنور ٻڌجي ويا آهن. هو ضدي ٻڌجي ويا آهن، پر حقيقت ڪجهه ٻي هئي. هيمونءَ جي پيءُ جئہ پرڪاش نارايڻ، ارونا آصف علي سان گڏيا ۾ جيل عملدارن خلاف شڪايت ڪئي. هنن مها ودوانن ان وقت جي ڪليڪٽر ۾ جيل سپرنٽينڈنٽ سان ڳالهائي فرياد ڪئي. هيمونءَ جي پيءُ کي، وري ملاقات جو وقت ڏنو ويو. پر هيمون قاسي گهاٽ کان ٻاهر نہ نڪتو ملاقات جو وقت رد ٿي ويو.

هيمونءَ جي قاسيءَ جي سزا ڪري جيل جا عملدار تہ گهڻو خوش هئا، بود ۾ پرجي ويا هئا، پر جيل ۾ هڪ شخص اهڙو به هو جيڪ ڏاڍو دکي هو ان جو نالو هو ستيش پرساد. اهو جيل ۾ جمعدار هو. هو جيل ۾ قيدين جي ڪٽڻ سان گڏ ڪاڏي جو بندوبست پڻ ڪندو هو. هيمونءَ جي قاسيءَ جو ٻڌي، هن کي ڏاڍو گهڻو دک ٿيو جو هو هيمونءَ کي پٽ جيان پائيندو هو. هو جڏهن پنهنجو فرض پورو ڪري، فارغ ٿيندو هو تڏهن هيمونءَ وٽ اچي وهندو هو. دکي من سان هيمونءَ کي چوندو هو "تو ننڍڙيءَ عمر ۾ هيڏو وڏو ڪم ڪيو تو کي شاباس آهي، پر انگريز ظالم آهن. رام..... رام..... تو جهڙي ننڍڙي ٻالڪ کي قاسيءَ جي سزا، ظلم آهي..... نسورو ظلم..... جنهن زندگي ماڻي ڪونهي..... دنيا پوريءَ طرح ڏٺي ڪونهي..... ان کي قاسي..... سوچيان ٿو..... تہ دل پرجي ٿي اچي....."

هيمون مرڪندي جواب ڏيندو هو "بابا منهنجو ڪم ننڍو آهي يا وڏو، مان نٿو ڄاڻان. مان صرف ايترو ڄاڻان ٿو تہ انگريزن اسان کي غلام ٻڌايو آهي، هو پارت واسين کي اُڇيو ٻکيو رکن ٿا، لٽي ڦري مال پنهنجي ديش ڪٽي وڃن ٿا، هتان جي پيدائش، پرڏيهي ملڪن کي موڪلي ناڻو ڪمائي جاوا ڪن ٿا. اسان کي اناڻ، ڪمزور، بيمار ٻڌائي رهيا آهن.

انگريز سمجهن ٿا پارت واسي مورک آهن، هو چالبازيون نٿا سمجهي سگهن ۽ زندگيءَ پر غلامن جي زندگي چپ چاپ بصر ڪندا رهندا. پارت واسي فرنگين جي جوٽ ورتائيندا رهندا، پابند رهندا، ڏرپوڪ، هيٺا ٻڌجي هر حڪم مڃيندا رهندا. نہ بلڪل نہ. اهو وساري ويٺا آهن ته سنڌ واسي ايماني آهن، سوارٿي نہ پر شارٿي، پرمارٿي آهن. هو مرندا پر جهڪندا ڪڏهن بہ ڪونہ. هو مهان سڌريل سنڌو تهذيب جا وارث آهن. جنهن دنيا کي روشن راهہ ڏيکاري آهي."

سيتل هيمونءَ جي ڳالهين سان شانت ٿي ويندو هو. هو دل ئي دل ۾ هيمونءَ کي سلام ڪندو هو، پيار ڪندو رهندو هو ۽ فخر جو احساس محسوس ڪري هن کي شاباس ڏيندو هو.

هيمونءَ جيل ۾ ڪنهن سان بہ ملڻ کان صاف انڪار ڪيو هو. هو پنهنجي جيل ڪوٺڙيءَ ۾ اڪيلو اڪيانت ۾ رهندو هو. هن سيتل وٽان گيتا گهرائي هئي. هو سوير صبح جو اسر ويلي جاڳندو هو ڪثرت ڪندو هو نت نيم ضروري حاجت ڪارج پورا ڪري سنان وغيره ڪري، پوجا پاٺ ڪندو هو. جيل عملدار پڻ سوچيندا هئا ۽ حيرت ۾ پئجي ويا هئا ته جنهن شخص کي ڦاسيءَ جي سزا جي جاڻ آهي، جنهن جي اکين سامهون ڪال اچي بيٺو آهي، موت ناچ ڪري رهيو آهي، جيڪو پل پل موت طرف وڃي رهيو آهي، اهو شخص ايترو خوش ۽ آنند ۾ آهي!

هيمونءَ جي من، چهري تي ڪا بہ چنتا، اداسي، پڇتاءُ، مايوسي ڪونہ هئي. دل ۾ اُتساهہ، اُمنگ، تازگي، آنند هو. ڦاسيءَ کي هو پرپوءَ جي ڪرپا، آشيرواد مڃي رهيو هو.

ضدي، ظالم رچرڊسن، جنهن هيمونءَ کي ڦاسيءَ جي سزا ڏياري هئي، اهو ڦاسيءَ جي تاريخ مقرر ٿئي، ان وچ ۾ انگريزن جي وڏن فوجي، پوليس عملدارن کي هيمونءَ وٽ موڪليندو رهندو هو. هن اهو جاڻڻ پئي چاهيو تہ ڦاسيءَ جي سزا جو ٻڌي، هيمون ڏڃي ويو آهي، ڪين نہ؟ هو پريشان آهي، ڪين نہ؟ ساٿين جا نالا ٻڌائڻ، معافي وٺڻ لاءِ تيار ٿيو آهي، يا نہ؟ پر هيمون عملدارن جي ملاقات وقت مون ڌارڻ ڪري ونندو هو. هيمونءَ مٿان ڏهاءُ وڌندو ڏسي جيل سپرنٽينڈنٽ کي

شڪ جاڳيو تہ ڪٽي هيمون معافي نہ ونڻي ڇڏي جيل ۾ اهو ئي هڪ انگريز عملدار هو جيڪو هيمونءَ جي ڪافي عزت ڪندو هو هيمونءَ جي ويچارن ڪان ڏاڍو متاثر ٿيو هو. هو چوندو هو: "هيمون پنهنجي ديش لاءِ جيڪي ڪجهہ ڪري رهيو آهي، اهو سڀ ئي آهي. هيمونءَ جا ويچار اعليٰ آهن، ارادو اٽل آهي." پر هو بہ نوڪريءَ ڪان لاچار هو فرض جي لاچاري هئي. چاهيندي بہ ڪجهہ ڪري نٿي سگهيو. هن جي خود اها مرضي هئي تہ هيمون شان سان ڦاسيءَ لٽڪي، ديش جو مانُ اوچو ڪري.

پر هن جي من ۾ جيڪو الڪو جاڳيو هئو ان شڪ جي ڳالهہ هن جيل ۾ قيد ٿيل ٻين آزاديءَ جي ويڑهاڪن سان ڪئي. جن بہ خود پئي چاهيو تہ هيمون ديس جو ڳاٽ اوچو ڪري ڦاسيءَ چڑهي انگريز عملدارن کي شڪست ڏئي. جيل سپرنٽينڈنٽ پنهنجي شڪ کي دور ڪرڻ لاءِ، جيل ۾ قيد ديش پڳتن تي زور آندو تہ هو هيمونءَ سان گڏجن. اگر هو جهڪي ويو آهي، ٽٽي چڪو آهي تہ هن کي سمجهائين تہ معافي هرگز هرگز نہ ونڻي. موت، ڦاسي قبول ڪري ان کان کي سرانجامي ڏيڻ لاءِ، ڪن اڳواڻن جي ملاقات جيل اندر ڦاسي گهاٽ ۾ هيمونءَ سان رکڻ جو بندوبست ڪيو ويو. ڦاسي گهاٽ ۾ ويڻ لاءِ سخت پوليس پهرو هو جيل جي وڏن عملدارن کي هن ڳالهہ جي پٽڪ بہ نہ پوي، اڳواڻ لکي ڇپي هيمونءَ سان ملاقات ڪن. ان لاءِ جيل سپرنٽينڈنٽ پوليس بندوبست کي ڪجهہ ڏرو ڪيو ۽ پنهنجا پروسي جوڳا پوليس وارا طعنات ڪيا. اڌ رات جو اڳواڻ جن ۾ دادا روچيرام ٽانواڻي بہ شامل هو هيمونءَ سان گڏجڻ ويا. ڳالهيون ٿيون. هيمون پنهنجي ارادي ۾ مضبوط هو ۽ جيڪو شڪ هو اهو دور ٿي ويو. اڳواڻ شانت من سان پنهنجن ڪمرن ڏانهن موٽي آيا. جيل سپرنٽينڈنٽ پڻ بي اونو ٻڌيو.

سوير صبح هيمون پوڄا پاٺ ڪري رهيو هو. ان وقت هن جيل ڪوٺڙيءَ ٻاهران سپاهين سان گڏ جيلر کي ٻيڙل ڏٺو. هيمون فرش تان اٿي، لوهي شيخن واري دروازي وٽ آيو ۽ پڇيو:

"جيلر، چا ٿيو آهي؟ اڄ هيترو سوير اچڻ جي تڪليف چو ڪئي اٿو؟"

جيلر شانت رهيو.

"ٻڌايو آخر ماجرا ڪهڙي آهي؟" هيمونءَ پڇيو.

ڏڙڪندر ڪل سان، ڏنل ڏنل اکرن سان، ڏڌندڙ جسم سان، دکي ٽيندي جيلر چيو: "فوجي هيڊ ڪوارٽر مان حڪم آيو آهي ته 21 جنوري 1943ع جي ڏينهن سوير صبح جو توکي ڦاسي ڏني ويندي."

هيمونءَ ٻڌندي ئي زوردار ٺهڪ ڏنو ۽ چيو: 21 جنوري تي اڄ آهي، منهنجو پاڪيشالي ڏينهن، جنهن جو مان انتظار ڪري رهيو هئس. اهو اچي ويو منهنجي انتظار جون گهڙيون پوريون ٿيون. هن کان اڳ توهان جو ملاقاتون اپسوڙ سان پريل هونديون هيون، اڄوڪي ملاقات سوڙ سان پريل آهي. توهان مون کي بهترين خوشخبري ٻڌائي، منهنجي دل ٻيٽي ڪري ڇڏي آهي. ڏاڍو آنند آيو مان تيار آهيان."

جيلر حيرت ۾ پئجي ويو.

هيمونءَ جي ڪٽنبين کي پڻ تار ملي هئي. تار ۾ لکيل هو: "سياڻي صبح جو ستين بجي هيمونءَ کي ڦاسي ڏني ويندي" تار ۾ تاريخ 20 جنوري 1943ع لکيل هئي، اها هيمونءَ جي ڪٽنبين کي 21 جنوريءَ تي سوير صبح جو پهتي.

شهر ۾ پڻ هيمونءَ جي ڦاسيءَ جي خبر باهه جيان ڦهلجي ويئي. سڀ دکي هئا، سڀني نگر واسين جيل طرف رُخ رکيو هيمونءَ جي گهر ۾ روڄ، راڙو شروع ٿي ويو هو. مٽ، مائٽ، عزيز ڪٽنبي ڪٺا ٿيا. ٻين ورلڊ وار (عالمي لڙائيءَ) جو سيڪريٽري شاهه نواز به ڊوڙي آيو.

شري پيسومل، جيڪي هائي هيمونءَ جا ماءُ پيءُ هيمونءَ جا ۽ ننڍا ڀائر ۽ هڪ ننڍڙي ڀيڻ، جيڪا اڃا گود ۾ ئي هئي، ڪافي ٽڏ هجڻ جي باوجود پڻ سادي ڇهين بجي جيل پهتا.

جيل ۾ هيمون، سنان، پوڄا پاٺ ڪري، گيتا پڙهي ڦاسي گهاٽ ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار بيٺو هو. ماءُ پيءُ سان هن جي گڏجاڻي ٿي. هيمونءَ پيري پئي ماتا پتا کان آشيرواد ورتي، لوهي دروازي جي شيخن مان هانهون ٻاهر ڪڍي، ننڍي ڀاءُ کي پاڪر ۾ پري چيائين: "ڀاءُ، جيڪو ڪم مون اڌورو ڇڏيو آهي. اهو توکي پورو ڪرڻو آهي. آزاديءَ جي هيءَ ۾ سموهجي، ديش کي آزاد ڪرائڻو آهي. اها منهنجي توکي نماڻي

وينتي آهي." ٻنهي پائرن جون اکيون لڙکن سان پرجي ويون. اهي لڙک دک، غم سان گڏ وڇوڙي ۽ خوشيءَ جا هٿ. هيمونءَ ٻئي ننڍي ٻاءُ کي پاکر ۾ پريو، هن جو لڙک چميو ۽ ننڍي ٻيڻ کي گود ۾ ڪڍي، چمي، ڪنبين کان موڪلايو. هيمونءَ جو من به پرجي آيو. پر من تي قابو پائي، پليان هٿي قاسي گهاٽ طرف اڳتي وڌيو.

اڳتي وڌندي، رستي ۾ هن کي سيتل گڏيو. هو ٻڌ هيمونءَ کي ٻانهن ۾ پري چنبڙي ٻيو ۽ زار زار روئڻ لڳو.

هيمونءَ سيتل کي آڻٽ ڏنو. مرڪندڙ چهري سان، "انقلاب زنده باد" "پارت ماتا کي جئ" نعرا لڳائيندو اڳتي وڌيو. سيتل، هيمونءَ جي مٿي تي هٿ رکيو ۽ سيتل به هيمونءَ جي آواز ۾ آواز ملايو. جيل جي قيدين پڻ نعرا لڳائڻ شروع ڪيا. سڄو جيل "انقلاب زنده باد" جي نعرن سان گونجي رهيو هو. سنڌ جي ڏائي ڪپ تي، براج جي ٻيءَ ۾ جيل جي ٻربت جيڏين پتين اندر سڙول، هاڻيءَ جي ٻڪي هيمونءَ جي ڪشادي سيني تي قيدي نمبر واري تڪلي به ڪيڏي رهي هئي. هو ٻنهنجي موت کان بي پرواهه هو. سندس پيشاني ڪنهن عجيب تجليءَ سبب ٻهڪي رهي هئي. هن جي چپن تي دلڪش، معصوم مرڪ هئي. سڪر شهر ۾ خود به خود هڙتال ٿي ويئي. سڀ دڪان واهڻ بند هئا. نگر واسي جيل ٻاهران اچي ڪٺا ٿيا هئا. گهٽا ٽ وري وٽن ۽ ماڙين تي چڙهي ويا هئا. سيني جون اداس نظرون جيل طرف هيون. ٻڌڙيون ٻڌڻا روئي رهيا هئا. اسپتالن ۾ بيمار ٻنهنجي بيماري پلائي هيمونءَ جي قاسيءَ جي دک ۾ دکي ٿي زار زار روئي رهيا هئا.

قاسي گهاٽ تي هيمون ڪنڈ اوچو رکي شان سان بيٺو هو. پر ۾ ڪارو ڪلوٽوجلاد بيٺو هو. سامهون قاسيءَ جو ڦندو لٽڪي رهيو هو. ٻئي طرف جيل عملدار، جيلر، ڊاڪٽر ۽ مئجسٽريٽ بيٺا هئا.

مئجسٽريٽ: مسٽر هيمون ڪالاڻي! اڄ 21 جنوري 1943ع جي ڏينهن صبح جو تو کي قاسي.....

هيمون: (اڏ ۾ ڪٽي) ٻنهنجي ديش مٽان قربان ٿيڻ لاءِ ڏني وڃي ٿي.

مئجسٽريٽ: ها قاسي، تون باقي ٿورا پل هن دنيا جو مهمان آهين.

هيمون: قاسيءَ جو ڏينهن، پارت واسين لاءِ هڪ تاريخي، امر

يادگار ڏينهن. ها، مان ٿورن پلن جو مهمان آهيان. اهو نسورو ڪوڙ آهي. گپوڙو آهي. مان ته امر آهيان. منهنجي ديش پڳتيءَ جا آدرش. ديش اجر امر آهن. انهن جي رکوالي سنڌوديش جا نوجوان ڪندا. لڙندا. مٽجندا. ديش آزاد ڪندا.

جيئن توهان هينئر مون کي هٿ ڪڙين زنجيرن. لوهي ٻيڙين مان آزاد ڪندا. منهنجا ٻنڌن ڇوڙيندا. ان ريت هڪ ڏينهن اهڙو به ضرور ايندو جڏهن پارت ماتا جا ٻنڌ ٽٽندا ۽ پارت آزاد ٿيندو. "انقلاب زنده باد"

مئجسٽريٽ: هيمون. توکي قاسيءَ تي لٽڪايو وڃي. ان کان پهرين ٻڌاءِ تنهنجي آخري خواهش ڪهڙي آهي؟

هيمون: منهنجي آخري خواهش آهي. توهان. انگريز پارت ڇڏي وڃو. اسان کي آزادي گهرجي. آزادي ڏيو.

(سڀ چپ ٿي وڃن ٿا ۽ هيمونءَ طرف نهارين ٿا)

"مان سمجهان ٿو. توهين منهنجي اها آخري چاهنا پوري ڪري نه سگهندا. چاڪاڻ ته توهين خود سرڪارجا غلام آهيو ٻڌا ٻانها آهيو."

مان جاڻان ٿو توهين سڀ بي گناهه آهيو سرڪاري حڪم اڳيان لاچار آهيو سرڪار جو حڪم مڃڻ لاءِ توهان ٻڌل آهيو ۽ سرڪاري فرمان تحت ئي مون کي قاسيءَ تي لٽڪائي رهيا آهيو.

مئجسٽريٽ: ڊاڪٽر. جيلر. هيمونءَ جي طبيعت ۽ وزن جاچيو؟

ڊاڪٽر: سر. طبيعت بلڪل تندرست آهي. وزن اڳ کان چوڏهن پائونڊ وڌيل آهي.

مئجسٽريٽ: ناممڪن! ائين ٿي نٿو سگهي. اڄ ڏينهن تائين. قاسيءَ تي لٽڪندڙ ڪنهن به شخص جو وزن گهٽجندو ڏٺو ويو آهي. وڌندو نه آهي.

جيلر: سر. ڊاڪٽر صاحب برابر فرمائي رهيا آهن.

مئجسٽريٽ: هون! اسٽرينج هيمون. مان وري هڪوار پڇان ٿو تنهنجي آخري خواهش ڇا آهي؟

هيمون: منهنجي آخري خواهش آهي. توهين سڀ هتان هليا وڃو پر ائين توهين نه ڪندا. پر هتي جيڪي به حاضر آهيو مون سان گڏ نعرا لڳايو.

"انقلاب زنده باد"، "وندي ماترم"، "پارت ماتا ڪي جئ"

توهان نعرا هٺندا ته باهر بيٺل منهنجا ساٿي، عوام ۽ توهان جو ساٿ نعرن سان ڏيندا؟

سيٿي هڪٻئي جا منهن ڏسڻ لڳا. مئجسٽريٽ، جيلر، ڊاڪٽر ۽ حاضر سپاهي، جلاد سميت نعرا لڳائين ٿا.

"پارت ماتا ڪي جئ"، "انقلاب زنده باد"، "يونين بئڪ مڙده باد"

باهران پڻ نعرن جو پڙاڏو ٻڌڻ ۾ آيو.

مئجسٽريٽ: جلاد کي اشارو ڏنو جلاد اڳتي وڌيو ته ان کان اڳ هيمونءَ جلاد کي پاسيرو هٽايو ۽ ڪلندو نعرا هٺندو اڳتي وڌي ويو.

ڦاسيءَ جي تختي ۽ ڦندي کي چمي ٿو. جلاد جي هٿ مان ڪارو ڪپڙو وٺي پنهنجي سر مٿان، پنهنجن هٿن سان وڌهي، ڦاسيءَ جو ڦندو پنهنجي ڳچيءَ ۾ وڌهي ٿو. مئجسٽريٽ اشارو ڪيو جلاد تختو کسڪائي ورتو. نوڙيءَ کي چڪي ورتو. هيمون ڦاسيءَ تي لٽڪندو رهي ٿو. مئجسٽريٽ، جيلر، پوليس وارا هيمونءَ جي همٿ ڏسي، روئڻ هارکا ٿي وڃن ٿا. پنهنجو چهرو ڦيرائي چڏين ٿا. جلاد به اهڙي همٿ ڏسي دنگ رهجي ويو. هن جي دل پڻ ٽڪر ٽڪر ٿي ويئي. اکين مان جل ڌارا وهي چٽي. جيلر، جيل سپرنٽينڊنٽ ۽ مئجسٽريٽ هيمونءَ کي سلام ڪن ٿا. نوجوان هيمونءَ جو جسم هوا ۾ لٽڪڻ لڳو.

"هيمون ڪالاڻي زنده باد"، "انقلاب زنده باد" "هيمون ويرِ زنده باد" جي نعرن سان جيل ۽ ماحول گونجندو رهي ٿو.

*****

هيمونءَ جي ٽڏي جسم کي ڏسي آسمان ڳوڙها ڳاڙيا. وٽن ٽٽن به جهومڻ بند ڪري چڏيو هوا ٽمجي ويئي. پکي به سانت هئا. گلاب جو گل، جيڪو ايڏا پورو نڙيو ئي ڪونه هو قاتلن ان جون پنکڙيون چني ڦٽي ڪيون. سنڌو درياهه ۾ به ڪجهه وقت لاءِ ٿهر اچي ويئي. فضا ۾ صرف روح راڙو ۽ سڏڪا هئا. سکر ۾ ماڻهن جو سمنڊ هو جنهن چوليون پٽي ماريون.

سياري جي موسم هئي. زوردار ٺڏ هئڻ جي باوجود پڙ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو هيمونءَ جو آخري درشن ڪرڻ لاءِ اچي گاهڻ ٽيا هئا. ماڻهن ۾ سڃي سنڌ ۾ ماتم چانيل هو. سکر، ان جي ارد گرد، مڪمل سنڌ مان جنهن کي جيڪو وهڻ مليو پيرين پنڌ، شمشان ياترا ۾ شامل ٿيڻ، پنهنجي پياري ڪرانتي ويرجو درشن ڪرڻ، پيٺا ڏيڻ لاءِ ڊوڙي آيا.

انگريزن لاءِ هر ڪنهن کي نفرت هئي، جن جي ڏاڍ، ظلم سبب اڄ هڪ نوجوان ديش مٽان شهيد ٿيو هو. جيڪي جوان جيل ۾ بند هئا، انهن جي دلين ۾ بدلو وٺڻ لاءِ رت چوليون مارڻ لڳو. اکيون لال ٿي ويئون هيون. ڦاسي ڏيڻ کان پوءِ، لاش انتم سنسڪار لاءِ ڪٽنبين کي ڏيڻو هو پر جيل ٻاهر، رستن تي ايترا تہ حشام ماڻهن جا حاضر هئا، جو انهن کي ڏسندي ئي انگريز حڪومت ڏکي ويئي. مڪمل، سخت پوليس بندوبست تہ هئو تنهن هوندي بہ وڳوڙ فساد ڦاٽي نہ نڪرن، ان لاءِ ضابطو رکڻ لاءِ فوجي دستا پڙ طمنات ڪيا ويا، جتي ڪٽي فلئگ مارچ بہ شروع ڪئي ويئي، پر سنڌ واسي فرنگين جي فوجن کان ڊڄڻ وارا نہ هئا، ماڻهن جي آمد جاري رهي.

جيل انتظاميہ لاش ڏيڻ کان آناڪاني ڪري رهيا هئا. گهڻو وقت گذري ويو. جيئن جيئن وقت گذرندو رهيو حاضرينن جو عدد وڌندوئي رهيو.

آخر گهٽي سمجهائڻ کان پوءِ، جيل عملدار لکت ۾ ضامن گيري ورتي تہ، "لاش ڏيڻ کان پوءِ، شهر ۾ جيڪڏهن ڪي بہ دنگا، وڳوڙ فساد، خونريزي يا ٻيو ڪوبہ اٽوٽندڙ واقعو ٿيو تہ، ان جي جوابداري هيمونءَ جي ڪٽنبين مٽان رهندي" گڏوگڏ هن لک روپين جو ضامن پڙ ورتو ويو. جيل جي ڪارروائي پوري ڪرڻ بعد، هيمونءَ جي ٺڏو جسر بند موٽر ۾، سخت هٿياربند فوجي پهري هيٺ مرڪزي جيل کان ٻاهر فوتي سونپڻ جي بدران سکر براج پل جي ٻئي ڇيڙي تي آيل سنڌوندي پار ڪري، هيمونءَ جو لاش لاهي ڪٽنبين جي حوالي ڪيو ويو.

سڃي رستي تي انساني ٻيڙ هئي. ڪڌن، ماڙين، وٽن تي پڙ ماڻهو چڙهي ويٺا هئا. هيمونءَ کي ڦاسي صبح جو ستين بجي ڏني ويئي هئي، پر هن جو لاش ڪٽنبين کي شام جو ساڍي ڇهين بجي حوالي ڪيو

ويو. هيمونءَ کي فوجي ڪورٽ سلامي ڏيئي، هن جو لاش فوتي گاڏيءَ مان هيٺ لاٿو ويو. حاضر ماڻهو هيمونءَ جي درشن لاءِ جلدي جلدي اڳتي وڌڻ لڳا. ڪا اٽوٽنڊڙ گهٽنا نه ٿي. هر هڪ هيمونءَ جو آخري درشن ڪيو. سيني جي، ٻارن چاهي ٻڌين جي، اکين ۾ لڙڪ هئا. خود فوجي پوليس وارا به اندر ئي اندر روئي رهيا هئا. هيمونءَ جو لاش هو پر هن جو چهرو ڳاڙهسرو گلابي هو چهري تي چمڪ هئي. ائين ٿي لڳو جڙ گهريءَ ننڍ ۾ ستل هيمون مرڪي رهيو هو.

ان زماني ۾ پراٽي سکر جي آدمشماري 10 هزار ۽ نئين سکر جي اندازي مطابق 70 هزار هئي، پر شمشان ياترا وقت هڪ لک کان به وڌيڪ ماڻهو حاضر هئا. رستن تي پير رکڻ جيتري جاءِ به نه هئي.

هيمونءَ جو هائيون سنڌوندي‌ءَ ۾ پروان ڪيون ويون. ڪجهه رک ۽ گل هردوار گنگا نديءَ ۾ پروان ڪيا ويا.

هيمونءَ کي قاسيءَ تي لٽڪايو ويو. ان وقت جيل جي اندر ستيا گرهين "انقلاب زنده باد" جي نعرن سان آسمان کي گونجائي ڇڏيو. سوريهه ناري ڪماري جيئي سپه ملاٽي ۽ ٻيون آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ عورتون جيڪي ان وقت جيل ۾ قيد هيون، انهن پنهنجيون ساڙهيون ڦاڙي ان جا جهنڊا ٺاهيا ۽ لوهي شيخن کان ٻاهر ڪيي "انقلاب زنده باد" جي نعرن سان لهرايا. جيل ۾ حُر، مڪراني قبلين سان گڏ پٺاڻ قيدي پڻ هئا، اهي بيحد سخت جاننا، بهادر مضبوط ۽ ڪنور دل آهن، اهي به موت کان ڊڪندا هئا. انهن جڏهن هيمونءَ کي کلندي کلندي قاسيءَ جو ڦندو چمي، پنهنجن هٿن سان ڇڇيءَ ۾ وجهڻ جي ڳالهه ٻڌي، تڏهن انهن پڻ هن ويڑ ٻالڪ کي پيٽا ڏيڻ لاءِ پنهنجيون پڳون ۽ ٽوپيون سر تان لاٿيون ۽ هوا ۾ لهرايون. اکين مان وهندڙ ڳوڙهن سان کيس سلامي ڏني.

سنڌ طبيبي ڪاليج ۾ هيمونءَ جي چاچي جو پٽ ڏنومل ڪالاڻي ان وقت ڊاڪٽري پڙهندو هو. هيمونءَ جي قاسيءَ جي احوال ملڻ سان ئي ڊاڪٽري ڪاليج ۾ ان جي ارد گرد جي ڪاليجن، اسڪولن ۾ ہاٹمرادو هڙتال پئجي ويئي. هيمونءَ جي موت جي صدمي سبب انيڪ جوانن متو ڪوڙايو. ارٿيءَ کي کلهو ڏنو هو. جڏهن هنن جي ڪتب جي ڪنهن عزيز جو موت ٿيو هو. ڪليل ٽرڪ ۾ هٿياربند فوجي دستي

سان شمشان ياترا جي رستي ۾ ننڍا ننڍا ٻار نوجوان، هٿن ۾ ترنگا جھنڊا کڻي بيٺا هئا، هو خاموش هئا، چهرا دکي، گنڀير هئا، ماحول دکدائڪ هو، هو ٻاهر ماڻ هئا، پر هنن جي دلين، دماغن ۾ "انقلاب زنده باد" "وندي ماترم" جي نعرن جي گونج هلي رهي هئي.

انتر سنسڪار جي وڏي پوري ڪري، پراڻي سکر ڄڻي قوم جي وڏن مدبرن سنتن جو انتر سنسڪار ڪيو ويندو هو اتي هيمونءَ کي آخري لکڙا ڏنا ويا. ٽئين ڏينهن پگڙين جي موقعي تي پوريءَ سنڌ ۾ پارت پر مان مهان ودوان، ڪرانتيڪاري ۽ اڳواڻ حاضر رهيا.

هيمونءَ جي وفات بعد

هيمونءَ جي وفات بعد هن جو گهر تيرٿ ڌام بڻجي ويو. وڏا وڏا مدبر، اڳواڻ، اديب، ڪوي، ڪلاڪار، وزير، ڪانگريس جا ننڍا ڇاهي بالا اڳواڻ، مسلم ليگ، آر. ايس. ايس، آريه سماج، جدا جدا ڌرمن، مذهبن، پنٿن جا ماڻهو هيمونءَ جي ڪٽنبين سان دک ۾ پاڳي پائيوار بڻجي، غم خواهيءَ جو اظهار ڪرڻ لاءِ ڊوڙي آيا. سنڌ ڪانگريس جتي ڪٿي مان شان ۾ گڏجاڻيون ڪوٺايون. سنڌ جي هر ڳوٺ، لتي، بستيءَ ۽ شهر ۾ هيمونءَ کي ٻيٽا ڏني ويئي. هن ننڍڙي ويڑ جي بهادريءَ جون سرڪيون پريون ويئون. هر هوليءَ جي اخبارن، رسالن، مخزنن عزت سان هيمونءَ جي شهادت جا احوال ڏنا ۽ انگريزن جي ظلم مٽان ڦٽڪار وجهي، ڏوڙ وسائي. انگريز سرڪار جي ڏاڍ، ڏهڪاءَ جي ڪلئي عام ننڍا ٽيڙ ڪري، نفرت ۽ بغاوت کي پاڻ وڌيڪ هٿي ملي.

هيمونءَ کي 21 جنوريءَ تي ڦاسي ڏني ويئي هئي. 26 جنوريءَ تي ترنگي جھنڊي سان گڏ ڪٿي ڪارو جھنڊو لهرائي، دک ۽ غمگينيءَ جو اظهار ڪيو ويو. 26 جنوريءَ تي ڪراچي ڪانگريس هڪ جلوس ڪڍيو. شاردا مندر کان پرڀات ڦيري نڪتي هئي، جنهن ڪري انگريزن اهو اسڪول بند ڪرائي ڇڏيو هو. ان جو غصو انگريز خلاف ته هئو ئي، انهن هيمونءَ جي ڦاسيءَ جي مخالفت ڪرڻ لاءِ ترنگي جھنڊي سان گڏ ڪارا جھنڊا، گهري ڏک ۽ مخالفت جي نشاني روپ ۾ هٿن ۾ کنيا ۽ جلوس، ڪراچيءَ جي گهٽين ۾ سرگس جي روپ ۾ گهميون.

سوامي نارايڻ مندر جي حاطي ۾ سرگس سيا جو روپ اختيار ڪيو ٽرنگو ۽ ڪارو جھنڊو لھرايو ويو. اتي هر ڏرم، قوم، مذهب جي اڳواڻن سان گڏ، ڪانگريس اڳواڻن هيمونءَ کي پيٽا پيش ڪئي ۽ هن ويڑ ھالڪ جي قرباني اجائي نه وڃي. ان لاءِ ديش آزاديءَ خاطر مري مٽجڻ جو وچن ڪيو ۽ انگريزن کي ديش ڇڏي وڃڻ لاءِ للڪاريو. انگريزن جو خاتمو آڻڻ لاءِ ھٿ ۾ جل رکي قسم کنيو.

هيمون ڪالاڻيءَ جي موت بعد ساڻ ٻيلي جي گادي نشين سوامي هرنامداس صاحب آدم قد هيمونءَ جي تصوير، پنھنجي گدي، جتي ھو صاحب ويھي دَرمڪ پروچن ڪندو ھو ان جي سامھون ديوار تي لڳائي هئي. سوامي جن جا شش نيمائتو مورتيءَ تي مالھائون چاڙھيندا ھئا.

ممبئي ليجسليوٽ ڪائونسل جي ميمبرن پڻ جھنڊا لھرايا. 26 جنوري 1943ع ۾ تيرھين پرجاوادي جشن جي موقعي تي، شهيد هيمون ڪالاڻيءَ کي پيٽا پيش ڪندي، پنڊت جواھر لال نھروءَ چيو: "منھنجو دماغ سنڌ جي ياترا ڪري رھيو آھي، جتي ڪجھ ڏينھن پھرين نوجوان هيمون، جنھن جي عمر ايڳا 19 يا وري 20 سال ڪن مس هئي، کي مارشل لا ڪورٽ، انگريز فوج سان پريل ريل گاڏي، ريل پٽن تان ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ جي ڏوھ ھيٺ، ڏوھاري ٺاھي، سزايابَ ڪري، ڦاسيءَ جي سزا ڏني آھي. ھو اسڪولي شاگرد ھو ويجھڙ ۾ ئي مئٽرڪ پاس ڪئي هئائين. مون کي اھا سڌ نه آھي ته ان گناھ جو ڪو وڏو ثبوت حاصل ٿيو ھو يا نه. پر ھڪ ننڍڙي ثبوت جي آڌار تي، فوجي ڪورٽ، ڦاسيءَ جي سزا ڏني. ان واقعي مون کي گھرو صدمو پھچايو آھي، سڄيءَ پارت کي ڏاڍو ڏنو آھي. خاص ڪري پارتي نوجوانن لاءِ هيمون ڪالاڻيءَ جو رت ۽ ٻين جن ٻه آزاديءَ لاءِ پنھنجو رت وھايو آھي، اھو دائمي طور آزاديءَ جو شاھد ٻڌجي رھندو."

26 جنوري 1943ع ۾ پارتي راشٽريه ڪانگريس، پنڊت جواھر لال نھروءَ جي صدارت ۾ پھريون پرجاوادي ڏينھن ملھايو ھو.

1943ع ۾ پنڊت جواھر لال نھروءَ سنڌ جي ملاقات ورتي هئي ۽ ان هيمونءَ جي گھر، سکر وڃي روبرو هيمونءَ جي ماءُ جيٹي ٻائي ڪالاڻيءَ سان ملاقات ڪئي ۽ امر شهيد هيمون ڪالاڻيءَ کي پيٽا

پيش ڪري دل جوئي ڪئي هئي ۽ پارٽي راشٽريہ ڪانگريس طرفان ڏک جو اظهار ڪيو هو.

نيتا جي سپاش چندر بوس جي "آزاد هند فوج" جي بالا عملدار ڪيپٽن ڀلون کي پڻ پنڊت جواهر لال نهروءَ هيمونءَ جي گهر موڪليو هو ۽ جواهر لال نهروءَ طرفان ديس لاءِ ڏنل قرباني‌ءَ لاءِ پارتيہ ڪانگريس جو سونو هلو عطا ڪيو هو.

شردا وچان سنڌي هيمون ڪالاڻيءَ کي "سنڌ جو پڳت سنگهہ" سڏيندا آهن. سنڌين جي مهان سنت ساڌو واسواڻيءَ پڻ هيمونءَ جي هليدان کي ياد ڪري پيٽا پيش ڪئي هئي۽ هڪ ڏک پريو پيغام هيمونءَ جي گهر ڏيارڻي موڪليو هو.

*****

هيمونءَ جي دکدائي ديهانت سبب سڄي سنڌ ۾ ڏک جي لهر ڇانئجي ويئي. ويڙهاڪ کي پيٽا ڏيڻ لاءِ جتي ڪئي ڏک جي اظهار لاءِ گڏجاٽيون ڪوٺايون ويون. اخبارن ۾ هيمونءَ جي بهادريءَ جي ڪارنامن کي ڪٿي ليک، مضمون لکيا ويا. شاعرن هيمونءَ جي ديش پڳتيءَ جي گڙ کي ڪٿي انيڪ ڪوتائن جي رچان ڪئي. اهي ڪوتائون آزاديءَ لاءِ اُمنگ جاڳائڻ جو روپ هيون. بهادريءَ جي ڪوتائن پاڻ آزاديءَ جي پاونا کي هٿي ڏني.

* آزاديءَ جنگ جي سپاهيءَ ۽ سنڌ جي مهان ڪوي شري هوند راج 'دڪليل' هيمونءَ کي جڏهن قاسي ڏني ويئي، تڏهن سکر جيل ۾ ئي هو. هيمونءَ جي فوت بعد دادا دکايل، جيل ۾ ئي هيمونءَ جي شهادت کي ڪٿي انيڪ ڪوتائون رچيون ۽ جيل مان ئي اخبارن، مخزنن، رسالن ۾ شايع ڪرڻ لاءِ سنڌ جي جدا جدا شهرن ڏانهن موڪلي ڏنيون. پيٽا جي روپ ۾ هن هيمونءَ جي ويرتا، نڊرتا، تياڳ ۽ ديش پڳتيءَ سان پرپور انيڪ ڪوتائون رچيون.

* ديش پڳت جيوترام لالواڻي "ترنگ" پارت جي جدا جدا شهرن مان سنڌ ۾ اڇي جيڪي آزاديءَ جا انقلابي، زير زمين رهي ڪم ڪندا هئا، اهڙن آزادي جي سپاهين کي پنهنجي گهر ۾ رهائيندو هو ۽

پنهنجي پتنيءَ سان گڏ انهن جي نه صرف مهمانوازي ڪندو هو پر انهن جي هر قسم جي سار سنپال لهندو هو ۽ سيوا سان گڏ تن من ڌن سان سندن مدد ڪندو هو. هو سنڌ جو قومي ڪوي پڻ هو ان پڻ هيمونءَ جي قرباني‌ءَ کي ڪٽي سنڌي هوليءَ ۾ ڪوتائن رچيون ۽ سنڌي نوجوانن کي آزاديءَ لاءِ اتساهت ڪيو.

* پدم شري پروفيسر رام پنجواڻيءَ، هيمونءَ کي آزاديءَ جو ديوانو، پروانو، آزادي ديويءَ جو اُپاسڪ، سنڌي نوجوانن جي پريرڻا، ستيہ وان، آدرشوادي ويرسڏيو.

* پرنسيپال ڪنهيا لال تلريجا هيمونءَ کي "ديش جي امانت، آزاديءَ جو قيمتي هيرو ۽ سنڌ جو ڪوهنور" سڏيو.

* ڊاڪٽر منگها رام ڪالاڻيءَ چيو "هيمون، سنڌ جو سورمو هو نڊر، گيانوان، ڌيان وان، آزاديءَ جو سپاهي، بانڪو بهادر، گوري (انگريزي) سرڪار جو مخالف، سنڌي نوجوانن جي للڪار، "سوراج سئنا" جو مهان اڳواڻ هو. جنهن امر شهيديءَ جو تاج پهري، آزاديءَ جي پوجا، ڪري پارت ماتا کي مانُ بخشيو.

* هيمون آزاديءَ جو ديوانو، آزادي شمع جو پروانو هو جنهن پارت کي غلاميءَ مان آزاد ڪرايو. شمع وطن لاءِ پنهنجي گلي ۾ ڦاسيءَ جو ڦندو وجهي، انگريزن جي ناانصافي، ظلمن جو مقابلو ڪري، پوري سنڌ ۽ پارت جي ناموس وڌائي ۽ مهانتا ۾ اضافو ڪيو. هيمون سياسي شخص نه هو، پر هڪ ستيہ وادي، سور ويرَ، آزاديءَ جي لڙائيءَ جو سپاهي، بانڪو بهادر هو. هيمونءَ انگريز فوجي عملدارن کي صاف ۽ چٽن لفظن ۾ چيو ته مان جيڪڏهن زنده رهندس، تڏهن پڻ انگريزن جي خالف ڪم ڪندس. آزاديءَ لاءِ لڙت ڏيندس. اهو ڪم مان تيستائين جاري رکندس، جيستائين انگريز حڪومت جو پارت مان خاتمو نه ٿيو آهي. لڙندس، مرندس، پر سڪ جو ساهه نه کٽندس. چئن منهنجي لاءِ حرام آهي.

پير علي محمد راشدي

* هيمون، ويرَ شهيدن جو سرتاج هو انگريزن لاءِ هڪ هرندڙ شعلو للڪار هو. هن آزاديءَ جي راهه ۾ مرڪندي، مرڪندي، غلاميءَ جي زنجيرن کي توڙي، آزاديءَ جو ترنگو لهرايو. هيمونءَ گانڌيءَ جي

للڪار "ڪرو يا مرو" ڪي ڦاسيءَ تي لٽڪي ساڪار ٻڌايو. هيمون ڪالاڻيءَ جي شهادت آزاديءَ جي تاريخ جو هڪ سونهري ورق آهي.

شهيد پگٽ سنگهہ هيمونءَ جي اُتساهہ هو هيمون سنڌ جو پگٽ سنگهہ هو. لاڏلو پياروِ دلارو ويرِ سپاهي.

ڪي. ڊي مهتا

* هيمون سنڌ ديس جو سوريهہ سپهہ سالار اتساهہ، امنگ، حب الوطنيءَ جو ڦوهارو هو. امر شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي ماتا، ويرِ ماتا، سنڌو ماتا، جيڻي ٻائي جنهن هيمونءَ جهڙي سپاتر ڪي پنهنجي ڪک مان جنم ڏنو گود ۾ پالي نپائي، ٽڄ پياري، ملڪ مٽان قربان ٿيڻ جي آسيس ڏني، اهڙي سوريهہ ماتا ڪي منهنجو سلام. هيمون قومي نعرا لڳائيندي، پارت ماتا جي جئہ جئہ ڪار ڪندي، پارت ماتا جي چرڻن ۾ قربان ٿي ويو. ويرِ ٻالڪ هيمون ڪالاڻيءَ جي امر قربانيءَ جي ڪٿا سونهري اکرن ۾ لکي ويندي.

ڊاڪٽر چوٿرام گدواڻي

*پارت جي آزادي هڪ مهان ڪاريہ هو. امر شهيد هيمون ڪالاڻي ان مهان ڪاريہ ۾ پنهنجو پوتر ٻليدان ڏنو. اهو ٻليدان، هڪ معصوم نوجوان وديارٿيءَ جو ٻليدان. سنڌي جاتيءَ لاءِ هڪ اتساهسڪ شاندار وارتا آهي. ان ڪري منهنجي دلي تمنا آهي تہ ان شهيد جو هڪ عاليشان يادگار ڪرڻو ڪيون. مان هن ويرِ جي ماتا، سنڌو ماتا ڪي پرڻام ڏوڪريان.

سوامي شانتي پرڪاش

* هيمون ڪالاڻي 19 سالن جي وديارٿيءَ جيڪا ديس جي آزاديءَ لاءِ اتهاسڪ قرباني ڪئي آهي، تنهن قربانيءَ سڄي سنڌي سماج جو شان وڌايو آهي. جنهن ويرتا ۽ نڊرتا سان ڦاسيءَ جي رسي چشمن تي رکي. هيمون ڪالاڻي شهيد ٻڌيو سو ڏيکاري ڏو تہ سنڌي جاتي صرف واپاري ٻڌجي پيسا ڪمائي نہ ڇاڏن. پر ديش لاءِ سر تريءَ تي رکي قربان ٿي پڻ ڇاڏن. هيمون ڪالاڻيءَ جو شهادت وارو ڏينهن سڄي پارت ۾

سيني سنڌين کي وڏي شان سان ملهائي لوڪل ماڻهن کي ٻڌائڻ گهرجي، ته سنڌي جاتيءَ ۾ پڻ هڪڙا ديس پڀڪت پيدا ٿيا آهن.

سوامي ليلا شاهه

* سنڌي نوجوانن کي هيمون ڪالاڻي وانگر ويڙ ٻڌجي، ديش کي هن ڏکئي وقت ۾ هر ڪا قرباني ڪرڻ لاءِ تيار ٿيڻ گهرجي.

پروفيسر هاسانند جادوگر

*هيمون جي حياتيءَ مان اهو سبق سکون ته هميشه ديش جي شيوا ڪندا رهون. ديش جي آزادي قلي قولي، تنهن واسطي اسان کي نئين سر قربانيون ڏيڻ ضروري آهن. آزاديءَ کان اڳ مهاتما گانڌي ۽ ٻيا اڳواڻ اسان کي رستو ڏيکارينداَ رهندا هئا. هاڻي اهي اسان وٽ موجود ڪونهن ۽ سڀ کو پنهنجي پنهنجي خود مطلبي ڪم ۾ رُڌو پيو آهي، اهڙي وقت هيمون ڪالاڻيءَ جي حياتيءَ مان اسان کي سبق ملي ٿو سو اسان جا جوان دل سان هنڌائيندا، اهڙي منهنجي آشا آهي. هيمونءَ جي ماتا کي منهنجو نمسڪار.

جيوترام، پگواندداس ڪرپالاڻي (آچاريه ڪرپالاڻي)

*امر شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي وطن جي آزاديءَ لاءِ ڪيل قرباڻيءَ جي عزت ڪريان ٿو. مهاتما گانڌيءَ جو پارٽي نوجوانن ۾ قومي آزاديءَ سان محبت ڪرڻ، قرباني ڪرڻ ۽ ديش لاءِ موت به قبول ڪرڻ جي سکيا ڏني، ان سکيا جي اثر هيٺ هيمون ڪالاڻيءَ به پنهنجي جان قربان ڪئي. اي سنڌي نوجوانو اسان امر شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي زندگيءَ مان سبق سکون، قوم جي بهتريءَ لاءِ ۽ جنتا جي خدمت لاءِ قرباڻيءَ جو جذبو پيدا ڪريون!

قاسي دي تختي تي چڙهيا،
هس هس کي هيمون ڪالاڻي

جئرامداس دولترام

* هيمون ڪالاڻي کو رواجي ماڻهو نه هو. هو هڪ تمام وڏو ماڻهو هو جيتوڻيڪ عمر ۾ 18 يا 19 ورهين جو نوجوان هو پر جڏهن

مهاتما گانڌيءَ جي ڪٿ انڊيا واري للڪارجي گونج سنڌ ۾ پهتي. تڏهن هن نوجوان پنهنجي جان جي بازي لڳائي. هن للڪار جي پورت ڪئي. مان ۾ اوهين اچو تہ گڏجي اڄ سندس اڻيان سر جهڪايون.

ڊاڪٽر رام منوهر لوهيا

* پارت جي راشٽر پتي جناب فخرالدين علي احمد، هيمونءَ جي شهادت تي شرڌانجلي ڏيندي ڄاڻايو تہ "راجڌانيءَ ۾ امر شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جو شرڌانجلي ارپڻ ڪيان ٿو. اميد ٿو ڪريان، تہ نوجوان پيڑهي ان جي قربانيءَ سان وطن لاءِ قربانيءَ جو سبق حاصل ڪندي اُتساهہ پائيندي رهندي"

6 جنوري 1976 نمبر Q/M/76. راشٽر پتي پون، نيو دهلي

اي. ايم. عبدل حميد

پريس سيڪريٽري

* هيمون، سچو سوريهہ تون هئين، شهيدن جي وچ ۾ هڪ شهيد. تنهنجي ڪومل نيڻن ۾ نهاريندي مان حيرت ۾ پٽجي ويان ٿو جن مان تنهنجي ديسواسين لاءِ اٿاهہ پريم ڇلڪي ٿو. شل تنهنجي يادگيري هميشه لاءِ هر دل ۾ جڳهہ والاري ڪاش، اسان تنهنجي ويرتا پري يادگيريءَ اڻيان وڏي ادب سان سر جهڪايون. منهنجي دل جا دلارا! ڪاش، اسان تنهنجي سوپ جا ڳڙ ڳايون. اسان جو پارت ايا تائين ننڍل آهي، جتي ماڻهو ماڻهوءَ جو خون وهائي ٿو. ڇاڪاڻ تہ هتان جا غريب ايا تائين غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهن. پارت ايا خوشحال نہ ٿيو آهي. شل تون ور ور هميشه قومي ايڪتا جي شڪتيءَ کي جاڳرت ڪرين. جيڪا شهيدن جي خون مان نڪري ٿي ۽ ان دواران شل پارت، جيڪو تنهنجي جوانيءَ ۾ ڏنل قربانيءَ جي ڏرتيءَ آهي، هميشه تر و تازو رهي، شڪتي شالي، پاڪ ۽ آزاد رهي.

ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي

* هيمونءَ جي شهادت کي ياد ڪندي سروَ شري اين. آر. ملڪاڻي، پروفيسر منگها رام ملڪاڻي، آر. ڪي. تلريجا، هريرام

ماڙيوالا، چوٿڙام وليجا،ہلديو گاجرا، پرسرام ٿهلراماڻي، نيوند رام وشنداس، وشنو شرما، مولجي نرسي، روجي گنگوترا، نارائڻداس بيچر، هيرانند ڪرمچند، ڪيرت ہاہاڻي، اي جي اُتم ٿهلرام آزاد وغيره سنڌي ودوانن، اديبن، دانشورن سان گڏ غير سنڌي وڏن اڳواڻن پڻ وقت بہ وقت هيمون ڪالاڻيءَ جي شهادت لاءِ ياوَ پيني شردانجلي اربڻ ڪئي آهي.

مهاتما گانڌيءَ چيو هو:"اي پارت ماتا جا جوانو سوراج جي لڙائيءَ لاءِ لڙت ڏيڻ ڪانئرن جو ڪم نہ آهي، پر سوراج، آزاديءَ لاءِ جيڪي مرڪندڙ مڪڙيءَ سان، سوريءَ قاسيءَ تي چڙهي ويندا، قاسيءَ جي ڦندي کي چمي، قاسيءَ جي تختي تي اکيون بند رکڻ کان صاف انڪار ڪندا، اهڙن سوريهہ سپاهين جي ديش کي ضرورت آهي."

هيمون، گانڌيءَ جي ويچارن جو نشان، عڪس هو. ان ڪلندڙ چهري سان قاسيءَ جي ڦندي کي چمي، ڪليل اکين سان، بنا ڪنهن ڊپ ڊاڻ آتم وشواس سان، آزاديءَ جا نعرا لڳائيندي، پارت جي آزاديءَ جي خواهش ظاهر ڪندي، وري پارت ہ جنم وٺڻ جي تمنا ہڏائيندي، وطن مٽان قربان ٿي ويو.

نبي بخش کوسو

شهيد هيمون کالاڻي

1942ع ۾ سڄي سنڌ ۾ حُر تحريڪ انگريزن جو نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيو هو ۽ مهاياري لڙاين دوران ۾ جمهوري ادارن کي برقرار رکڻ جي دعويٰ ڪندڙ انگريز بهادر سنڌ صوبي سان مارشل لا لڳائي ڇڏيو هو ۽ اهو مارشل لا انگريز جي جمهوريت پسنديءَ جي دعويٰ جي ان حد تائين اُبتڙ هڻا، جو ڊڪڙ واهولو ڪٽڻ جي الزام ۾ ۽ بورچي چري رکڻ جي الزام ۾ پڪڙا ويندا هڻا.

ان صورتحال سنڌ ۾ مجموعي طور تي سياسي مايوسي پيدا ڪئي هئي، پر ان جي باوجود اهي ڏهن جن پنهنجي ڌرتيءَ جي آزاديءَ کي پنهنجو مقصد بڻايو هو سي ڪنهن به طرح سان خاموش نه ٿي رهي سگهيا ۽ خاص طور تي اهي ماڻهو جن ڏٺو ته دستوري ضابطن جي پابنديءَ واري تحريڪ کي ترت نتيجو حاصل نه ٿي ڪري سگهي، تن جي ذهن ۾ ترت نتيجن حاصل ڪرڻ جي تڙپ هئي ۽ ان تڙپ انقلابي دهشت پسنديءَ کي جنم ڏنو.

ان ئي عرصي دوران سکر سينٽرل جيل جي سامهون کڙڪي جي تاريخي ميدان ۾ سنڌ جي ترقي پسندن قوم پرستن ۽ انهن جي حامين ڪل سنڌ شاگرد ڪانفرنس گهرائي ۽ ان ڪانفرنس جو روح روان سنڌ جي عشق ۾ چريو ۽ سنڌ ۾ ڪميونسٽ تحريڪ جو بانيڪار محمد امين کوسو هو ۽ ان مبالغ آرائي جي زبان ۾ "باهه هاريندڙ" تقرير ڪئي. ان تقرير 16 سالن جي هڪ ڇوڪرو جوان، جيڪو شڪل صورت مان بي انتها سنجيدو نظر ٿي آيو تنهن تي ايڏو ته اثر ڪيو جو هو جلسي جي خاتمي کان پوءِ "چريي" محمد امين کوسي وٽ سڄي رات

رهيو ۽ آزاديءَ جا هي متوالا سڄي رات پنهنجي ديس جي ترت آزاديءَ بابت سوچيندا رهيا.

اهو ڇيرو جوان پراڻي سکر جي ڪالاڻي خاندان جو نوجوان هيمون هو. سندس ٽانڪي جي پويان واري جاءِ، انقلابي سرگرمين جو مرڪز هئي ۽ ان جا روح روان هئا، "هيمون"، "پرچو ودياڙتي" ۽ سندس سؤٽ "عيشي ودياڙتي". پرچو هن ڪان اڳ قمبر ڪان وٺي ڪراچي ڪلفٽن تائين ڪيترن ئي دهشت گردين ڏريعي انگريز جي اعليٰ انتظامي صلاحيتن ڪان سندن ناڪاميءَ جو اعتراف ڪرائي چڪو هو ۽ پرچي جي تحريڪ انگريز ۾ ڪنبٽي پيدا ڪري ڇڏيندي هئي.

ڏرتيءَ جي آزادي چاهيندڙن کي جڏهين اها خبر پئي ته سندن ڏرتيءَ جي پرمارن جي حامي فوجين جي هڪ ٽرين سکر مان گذري رهي آهي ته هنن جي ذهن ۾ لاشعوري طور تي پنجاب جو هي انقلابي گيت تري آيو:

اسان جنگ تي جاڻ واليلان ريلان، ڪرديان گي جام.
سادي ڇيل ڇبيلي گهبرو، هڻ ڪا نهين سگدي سامراجي لام.

عين انهيءَ وقت جنهن مهل اها ريل سکر وٽان گذرڻ واري هئي، ان کان هڪ ڪلاڪ کن اڳ اهي ٽيئي ساٿي مخدوم جماڻي پير جي سامهون، ڪڙائي سيدن جي گهرن وٽ، سامراجي مقصدن لاءِ ڪم. ايندڙ ريل جي اڇ وڇ جي خاتمي لاءِ ريل جي پٽڑي کي اکيڙڻ لڳا.

هنن انقلابين جي ڇُرپر، نائون مل جي ان پنجابي هندن جي اولاد، جن اسلامي دين جي خوبين کي مڃڻ بدران پنهنجن ڪاروباري مقصدن جي ڪري اسلام قبول ڪيو هو، تن جي ذهن ۾ اهو انديشو پيدا ٿيو ته جي انهن جون انقلابي سرگرميون نه روڪيون ويون ته، اهي نه رڳو انگريز جو خاتمو آڻيندا، پر نائون مل جي اولاد کان به حساب ڪتاب ونڊندا ۽ نائون مل جي اولاد اهي نومسلم هيمون جي گهر کان ٿورو پري اچوڪي حسن چوڪ ۾ رهندا هئا ۽ ايڏا تائين رهندا آهن. ان ڪري هميشه انگريز بهادر جي جاسوس جا چاڙتا ٿي ڪم ڪندا هئا. ان سلسلي ۾ هڪ پنجابي پوليس وارو (سندس نالو شايد فيروز

خان ئي آهي) انگريز سرڪار جو وڏيڪ ئي نمڪ حلال نڪتو. ان انگريز جاسوس جي چاڙتن جي خبر تي پنهنجي گهر پيرزادي محلي ڪان مخدوم جماڻي جو رخ ورتو.

پرچو جنهن کي انقلابي حڪمت عملي جي وڏيڪ ڄاڻ هئي، تنهن پري کان هڪ ماڻهوءَ کي ايندو ڏسي، ساڻين کي ڪسڪي وڃڻ لاءِ چيو. جيئن تحريڪ جي ڳجهي هئڻ جو راز کلي نہ سگهي، پر هيمون ريل جي پٽڑي کولڻ واري ڪم ۾ ايترو تہ رڌل هو جو اُن پنهنجي ساڻي پرچي، جو آواز ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري چڏيو ۽ هن اهو محسوس ئي ڪونہ ڪيو تہ سندس ساڻي وڃي چڪا آهن.

هي پنهنجي ڪم ۾ ايترو تہ رُڌل هو جو هن کي اهو بہ محسوس ڪونہ ٿيو تہ ڪو انگريز بهادر جو هڪ نمڪخوار ڪيس پکڙڻ لاءِ اڇي رهيو آهي. ايتري ۾ اڳ ۾ ئي رٽيل پروگرام مطابق نائون مل جي اولاد حسن چوڪ جا "نومسلم" بہ واردات جا مشير ٿيڻ لاءِ اڇي چڪا هئا ۽ انهن هيمون کي پکڙي ورتو. اُن حالت ۾ هيمونءَ رڳو مشڪيو.

ان کان پوءِ انگريز بهادر جي چاڙتن پوليس وارن، هيمون کي ايتريون اذيتون ڏنيون ۽ انهن جو مقابلو وري هيمون ايتري حد تائين ڪيو جو سنڌ بہ فخر سان چئي سگهي ٿي تہ ان ۾ بہ "جولس فوچڪ" ۽ "ليوخولان" جيترو بهادر فرزند گذري چڪو آهي.

انگريز جي نمڪخوار انهن پوليس وارن ايتري حد تائين ظلم ڪيو جو سخت سرديءَ ۾ ٻاويهہ ڏينهن هيمون ڪالاڻي کي برف جي ڪينن (نادين) تي اگهاڙو ڪري ليٽايائون تہ جيئن هيمون کين پنهنجن ساڻين جا نالا ٻڌائي سگهي، پر هيمونءَ جو چوڻ هو تہ سڄي سنڌ منهنجي ساڻي آهي، پر مون سان ڪير ڪير گڏ هو اهو راز ڪوبہ ظلم يا ڏاڍ منهنجي سيني مان نڪو اُڪرائي سگهي.

انگريز سرڪار پنهنجين سمورين قانون پسنديءَ جي دعوائن جي ابتڙ نہ رڳو هيمونءَ جي ڪيس هلائڻ لاءِ هڪ خاص ٽربيونل ويهاريو پر سمورن (پنهنجي ئي ناهيل) انگريزي قانونن جون حدون اورانگهيندي، هڪ (Minor) کي موت جي سزا ڏني.

موت جي سزا کان پوءِ جڏهن هيمون جي وڪيل پيرزادي عبدالستار سندس مامي، "سيٺ موتي داس" کي هيمون ڏانهن موڪليو ته هو معافي نامي تي هيمون جا هٿ اکر وٺي اچن تڏهن اهڙي کوشش تي هيمون چيو ته:

"آءٔ انگريز کان معافي گهرڻ تي ڏرتيءَ جي آزاديءَ لاءِ موت کي ترجيح ڏيندس"

اهڙيءَ طرح سنڌ ڏرتي جي عظيم سپوت کي سکر اسپيشل جيل جي ڦاهي گهاٽ ۾ جڏهن ڦاهي ڏني وئي، ته هن جي مُنهن تي ڪنهن به قسم جي رنج ۽ غم جي آثارن بدران خوشي ظاهر هئي. ۽ ڦاهيءَ مهل پڳٽ سنگهه وانگر هن جي چپن تي هڪ ئي نعرو هيو "انقلاب زنده باد" آخرڪار هيمونءَ جي موت، اڳتي هلي انگريز کي اها شڪست ڏني، جو جنهن انگريز جي سلطنت تان سج نه لهندو هو سو انگريز هاڻ سياسي ۽ معاشي طور تي پنهنجي هڪ بينڪ آمريڪين جو محتاج آهي. ۽ هيمونءَ جو نعرو "انقلاب زنده باد" سڄي دنيا جو نعرو آهي.

(اپريل 1973ع)

پير علي محمد راشدي

آزاديءَ جو پروانو: هيمون ڪالاڻي

ملڪ جي آزاديءَ خاطر جن پروانن شمع-وطن اڳيان پنهنجن ڳچين جا ڳڇ نذر ڪيا، تن مان هڪ هيمون ڪالاڻي به هو.

نوجوان هو ايڏا تعليم به پوري ڪانه ڪئي هئائين. پراڻي سکر جي ڪالاڻي ڪٽنب مان هو. ظاهري طرح سياست سان ڪو واسطو ڪونه هوس. توڙي جو آءٌ ورهين جا ورهيه سکر ۾ رهي چڪو هوس، پر سندس نالو ڪڏهن به منهنجي ڪن تي ڪونه پيو. معلوم ٿئي ٿو ته اندر ئي اندر پئي سڙيو ٻريو.

1942ع ۾ مهاتما گانڌيءَ انگريزن کي هندستان مان ڪڍڻ لاءِ "هندستان مان نڪري وڃو" تحريڪ شروع ڪئي. ان تحريڪ جي سلسلي ۾ ساري هندستان اندر باهه ٻري ويئي. بيشمار فساد ٿيا. سرڪاري عملدارن تي خوني حملا ڪيا ويا. ريلون ڪريون، پوليس ٽاڪا سڙيا. سرڪاري عمارتون پسم ٿي ويون. انتقام جي جذبي ۾ انگريز انڌا ٿي پيا. جبر ۽ تشدد جو اهڙو طوفان کڙڪ ڪيائون جو خود سندن تاريخ ۾ به ان جا ٿورا مثال ٿي مليا.

ان دوطرفيءَ هلچل جو پاڇو سنڌ تي به پيو. سال 1942ع ۾ هيمون ڪالاڻي، پراڻي ۽ نئين سکر جي وچ ۾ هڪ جاءِ تان ريل جي پٽي ڪڍي، ريل ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي. ريل ته ڪانه ڪري، پر پاڻ پڪڙجي پيو. انهن ڏينهن ۾ حرن کي سزا ڏيڻ لاءِ اڳ ۾ ئي سنڌ سان مارشل لا لاڳو ٿي چڪو هو. هيمونءَ تي به ڪورٽ مارشل ۾ ڪيس هليو. قاهيءَ جي سزا مليس. متن ماٽين سندس پاران گهٽيون ئي رحم جون درخواستون ڪيون، پر هيمون ڪالاڻي پاڻ اهڙيءَ ڪنهن به درخواست تي صحيح ڪانه پاتي.

ملٽري ڪمانڊر انهن رحم جي درخواستن تي فيصلي ڪرڻ کان اڳ، پنهنجا عملدار موڪليا تہ هيمونءَ سان ملي معلوم ڪن تہ ڪيس پنهنجي ڪيئي تي شرمندگي محسوس ٿي آهي يا نہ. ڪمانڊر جو خيال هو تہ منجهس ٿوري بہ پشيماني آئي هجي تہ، هو مٿانئس ڦاهيءَ جي سزا معاف ڪري ڇڏي.

عملدارن وڃي هيمونءَ سان ملاقات ڪئي. پر ڇا ڏٺائون؟ اڳ کان اڌرو؛ نہ ڪيئي تي پشيماني. نہ موت کان ڪنبڻي. چيائين:

"جيئرو رهيس تہ وري بہ اهڙا ڪم ڪندس! ۽ اوستائين جاري رکيو ايندس. جيستائين انگريزن جي حڪومت هندستان مان ختم ٿي نہ ويئي آهي!"

ڪيترا مهينا ڦاهي نہ ڏنائونس. اهو سارو وقت عملدار ان انتظار ۾ رهيا تہ ڪڏهن ٿو چوڪرو پڇتائي. پر هيمون. ۽ پشيماني ۽ پريشاني؟ ناممڪن هو! آخر تنگ ٿي تختي تي چاڙهيائونس.

(ڪتاب "اُهي ڏينهن اُهي شينهن" تان ورتل)

تھلرام آزاد

ويرماتا جينٽي ۾ائيءَ جو ويرڪ: هيمون ڪالاڻي

23 آڪٽوبر 1942ع چانڊوڪي رات هئي. هڪ قدآور چوڪرو پنهنجي ٻن ساٿين سان آهستي آهستي ريل جي پٽن ڏانهن وڃي رهيو هو. اُنهن جي هٿن ۾ هٿوڑا ۽ چيڻيون هيون. اُنهن فش پليٽون ڪيڏ لاءِ ايڏا هٿ ڪنيوئي هو جو خبر ناهي ڪٿان گشتي پوليس هٿن ۾ سنگينون تاڻي اچي پهتي. هو گهيرجي ويا. ان قدآور چوڪري پنهنجي ٻن ساٿين کي منٿون ڪري پڄائي ڪڍيو ۽ پاڻ اڪيلو انهن پوليس وارن سان مقابلو ڪندو رهيو ۽ آخر پڪڙجي پيو. اهو هو هيمون ڪالاڻي! صرف 19 سالن جو ڪڇڙو چوڪر.

ڪاني پوليس کي هيمونءَ جي تواريخ جي جاڻ هئي. سکر جي مشهور ڪالاڻي ڪٽنب ۾ 23 مارچ 1923ع ۾ پيدا ٿيل هي ٻار شروع کان ئي بيحد ذهين ۽ بهادر هو. سندس پتا پيسومل ڪالاڻي ته ٺيڪيدار هو ليڪن سندس چاچو منگهارام ڪالاڻي ڊاڪٽر هو. قومي ڪاريه ڪرتا چاچي جو هن ٻار تي گهرو اثر پيو. هو تلڪ ميونسپل اسڪول ۾ پڙهيو. پڙهائيءَ جي دوران هن ڪرشن منڊل جيمخانه ۾ خوب ڪسرت ڪئي ۽ تيز مينهن ۾ سنڈوندي تري پار ڪئي. اُنهن ئي ڏينهن ۾ ڪيس مخفي سنسڪا "سوراج منڊل" جو اڳواڻ ٻڌايو ويو. سندس آدرش هو امر شهيد پڳت سنگهه. هو اڪثر هندي گيت جهونگاريندو هو.

"ڦاهي ڏنڊا جهول گيا. مستانا پڳت سنگهه"

هڪ ڏينهن ماٺهن ڏٺو ته هو پنهنجي گلي ۾ رسي وڃهي رهيو آهي. پڇڻ تي ٻڌايائين ته:

"مان ڏسڻ ٿو چاهيان ته پڳت سنگھ ڪيئن محسوس ڪيو هوندو."

پوءِ هن سچ پچ ڦاهيءَ جو فندو ڏنو. 23 آڪٽوبر واري رات جو گرفتار ٿيڻ بعد ڪيس ڏاڍا عذاب ڏنا ويا. جيئن هو "سوراج منڊل" بابت ڪجھ ٻڌائي. ليڪن هو ويڑ پنھنجي ضد تي قائم رهيو نه نالا ٻڌايائين ۽ نه معافي گھريائين. هن تي مخفي مقدمو هلايو ويو. چون ٿا ته ڪانئس پڇيو ويو ته:

"توکي ڪجھ چوڻو آهي؟"

چيائين: "ها. مون کي دک آهي ته مان ٽرين نه ڪيرائي سگھيس".

عدالت ڪيس ڦاهيءَ جي سزا ڏني. سنڌ ۾ هاهاڪار مچي ويو.

سنڌ جا سپ اڳواڻ پيرزادو عبدالستار، ساڌيلي آشرم جو سوامي هرنامداس، ساڌو ٽي ايل واسواڻي، جمشيد مهتا سيني بيان ڪيا. لارڊ. لنلٿگو تائين عريضي ڪٽي ويا. ليڪن سزا جيئن جو تيئن قائم رهي.

21 جنوري 1943ع تي ڪيس ڦاهي ڏني ويئي. مرڻ وقت ان جي چپن تي پڳت سنگھ جو نعرو هو: "انقلاب زندھ باد".

144 قلم جي به پرواھ نه ڪري، اڻاھ ٻيڙ هيمونءَ جي انتم ياترا لاءِ اچي ڪٺي ٽي. 19 سالن جو هيمون، سنڌ جي آزاديءَ جي هلچل جو هڪ تواريخي پرش بڻجي ويو. ان ڪري ئي 1946ع ۾ جڏھن پنڊت جواھر لعل سنڌ ويو ته هو هيمون جي ڪٽنبين سان ئي گڏجڻ ويو هو.

(1981ع)

گوبند مالهي

آمر شهيد هيمون ڪالاڻي

سنڌڙي اڪثر سنتن ۾ درويشن جي پومي سڏي ۾ سمجهي ويندي آهي، پر درحقيقت سنڌڙيءَ ڪيترن سورمن ۾ شهيدن کي به جنم ڏنو آهي. سورمن ۾ ڏهرسين، هوشو شيديءَ هاسارام پمناڻي، الله بخش سومرو، ڪنور ۾ هيمون ڪالاڻي اوچو آستان والارين ٿا.

سورمن ۾ شهيدن ۾ هيمونءَ جو يگانو درجو آهي. هُو اسڪول ۾ ئي هو جو هن جو لاڙو ديش پڳتيءَ ڏانهن ٿيو. هو سردار پڳت سنگهه جي قرباني‌ءَ کان متاثر ٿيو ۾ هن به پڳت سنگهه جيان ديش مٽان مري مٽجڻ ٿي چاهيو.

1942ع جي "هندستان خالي ڪريو" جي آندولن هن کي سر جي بازي لڳائڻ جو موقعو ميسر ڪري ڏنو.

اُن وقت حُرن جي هلچل ڪري اپر سنڌ سان مارشل لا لاڳو ڪيو ويو هو. ڪيترن جوانن کي ملٽريءَ ڦٽڪا هنيا. اِنهيءَ ڪري کي ديش پڳت ڪراچيءَ وڃي ستياگرهه ڪندا هئا ۾ پاڻ پڪڙائيندا هئا. هيمون مارشل لا کي للڪاري برٽش سرڪار کي "هندستان خالي ڪريو" نعري جي گنيرتا سمجهائڻ لاءِ لئنسڊائون پل پرسان فش پليٽون ڪڍيون. هو گرفتار ٿيو پر بي همٽ نه ٿيو. هن کي سختيون ڏنيون ويون ته سچي ڪري ته هن جا ٻيا ڪهڙا ساٿي هئا. مگر هي دلير، ويرِ پڃاڙيءَ تائين ثابت قدم رهيو. "مان اڪيلو آهيان، منهنجو ڪو ٻيو ساٿي ڪونهي."

سکر جيل ۾ هو سدائين مشڪندو رهيو ٻين راڄنيتي قيدين سان کلندو ٿهڪندو ڪٻڻي راند ڪندو رهيو.

هيمون بدن جو سڊول، هاڻيءَ جو پڪو ڀيرو جوان هو. اسڪولي شاگرد تہ ڇڻ لڳندو ئي نہ هو.

هن تي سرڪاري خواهہ خانگيءَ ريت زوربار آندو ويو تہ معافي ونڊي جند ڇڏائي، مگر هو سرويچ ائين ئي چوندو رهيو:

"معافي ونڊ ڪنهن ديش پڳت جو وڙ نہ آهي. مان ديش جي آزاديءَ صدقي بار بار قاهيءَ تي چڙهڻ لاءِ تيار آهيان."

ملٽري ڪورٽ هن کي قاهيءَ جي سزا ڏني. مگر هيمونءَ جي چهري تي ڏک يا پڇتاءَ جي ريکا بہ نہ آئي.

ڪن هلندیءَ وارن هن کي اِن ڪڙيءَ سزا کان بچائڻ لاءِ وس وارن کي عرض ڪيا، مگر نردئي حاڪمن اُنهن ڏانهن ڪو ڌيان ڪونہ ڏنو.

21 جنوري 1943ع جي پرهہ ڦٽيءَ وقت کلندي قاهيءَ چڙهيو.

هن سردار پڳت سنگهہ جي نقش قدمن تي هلڻ جي آرزو رکي ۽ ان وانگر ئي کلندي ديش مٽان قربان ٿيو. هن شهادت سان سنڌڙيءَ جو شان وڌايو.

سنڌ جي پڳت سنگهہ هيمون ڪالاڻيءَ کي بار بار نمسکار.

"اُهي مائر پلي مرڪن، جي ٻاروتن ۾ لولي ڏين
صدقي ديس تان تن من، ڪرڻ جهڙي نہ ٻي خدمت."

(بيوس)

(1981ع)

سنڌ جو سپوت ـ هيمون ڪالاڻي

جيستائين ڌرتيءَ تي سنڌو پرديش قائم آهي ۽ قائم آهي سنڌو ساگر، تيستائين سنڌ جي اُن ويرِ نوجوان کي وساري نه سگهنداسين. اڻويهن ورهن جو اُهو ڪشور جنهن جيون جا سڪ ئي ڪين ماڻيا هئا، جنهن سنسار جو ڪو آنند ئي پراپت نه ڪيو هو. اُهو ننڍڙو ٻالڪ پارت ماتا جي ڪمل قدمن ۾ سمرپت ٿي ويو! سنڌي نوجوان اڄ جي چمڪ دمڪ، هوٽلن ۽ بيئر بار جي چڪرن ۾ پنهنجي اُن پياري شهيد کي پلي وساري ويٺا هجن، پر جن جي رڳن ۾ نسن ۾ سنڌو ۽ سنڌو ماتا جو خون گهمي رهيو آهي، سي سنڌ جي اَمر شهيد هيمون ڪالاڻي کي ڪيئن ٿا وساري سگهن؟

ويرِ هيمون ڪالاڻي ايڏا پڙهي رهيو هو سنہ 1942ع جو گهمساني سال. 9 آگسٽ 1942ع تي بمبئي ۾ ڪانگريس پاران انگريز سرڪار کي آخرين نامو ڏنو ويو تہ "پارت ڇڏي ويجو!" (ڪئٽ انڊيا). برطانوي سرڪار اُن آخرين نامي تي آپي ڪان ٻاهر نڪري ويئي. هنن ڪنور قدم کڻڻ شروع ڪيا. گانڌيجي، پنڊت نهرو، سردار ولڀ پائي پٽيل ۽ ٻين مکيہ ڪانگريسي اڳواڻن کي گرفتار ڪري قيد روانو ڪيو. انگريز سرڪار جي ڏاڍ ۽ ڏاڙڏونس جي قدمن پرجا کي وڌيڪ اُتساهت ڪيو ۽ هنن هر هنڌ سرڪار سان سنگهرش شروع ڪيو.

اهڙي اِتهاسڪ سميہ ۾ سنڌ پٺتي ڪيئن ٿي رهي سگهي؟ اُن ساڳئي سال ۾ ئي سنڌ جي "حر" نالي هڪ هنسڪ جاتي، پنهنجي مرشد، پير پاڳاري جي پڪڙجڻ سبب ڪاوڙجي قانون پنهنجي هٿن ۾ کنيو هو. حرن حرڪت ڪئي ۽ ٽنڈو آدم (ضلع نوابشاهہ) پرسان لاهور ميل کي

ڪيرائي وڏائون. اُن حادثي ۾ ڪيترا ئي نہ بي گناھ ماڻھو ماريا ويا. جن جي جرڪتن کي روڪڻ لاءِ انگريز سرڪار سنڌ جي ڪراچي شھر کي چڏي باقي سڄي سنڌ سان مارشل لا لڳايو. اھڙو ڏھڪاءُ ۽ دٻاءُ ڪيائون جو وڏا وڏا ڪانگريسي نيتائون ڪراچيءَ ۾ روڄي پاڻ کي پڪڑائڻ لڳا. پر سنڌ ۾ ستياگرھ ڪرڻ کان ڪنارو ڪيائون!

سنڌ جي سڪر شھر جي ھڪ اسڪول جي وديارٿي هيمون ڪالاڻي جي دل ۾ اُن وقت انقلاب ۽ آزاديءَ جون لھرون چوليون ماريڻ لڳيون. ھن سوچيو تہ مان پارٽ جي آزاديءَ لاءِ ڪجھ ڪريان. ھالڪ هيمون ڪالاڻي پنھنجي خواھش موجب ڪن ھڪ ٻن ساٿين کي ساڻ ڪنيو ۽ سڪر ريلوي اسٽيشن جي ٻرپان، ريل پٽيءَ جون فش پليٽس يا نٽ بولٽ ڪڍڻ جي ڪوشش ڪيائين. ھالڪ هيمون ڪالاڻي پنھنجي اُنھيءَ عمل ۾ ڪامياب ڪين ٿيو ۽ سڳ سوڌو پڪڑجي ويو!

ويڑ هيمون ڪالاڻيءَ کي پڪڑڻ کان پوءِ طرح طرح جون سختيون ۽ ايذاءَ ڏنا ويا. مارڪٽ ڪئي ويئي، ستائڻ تي باز نہ اچڻ بعد لوڻ لالچون ڏنا ويا. ليڪن سنڌو ماتا جي ھن لاڏلي لعل ڪجھ ب ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو. چاھي ھا تہ ڪن ٻين جا نالا ڏيئي، پاڻ سرڪاري شاھد بڻجي پنھنجي جان بچائي سگھي ھا. پر ھن ٻالڪ آھڙو ديش دروھ جو ڪاريہ ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو. ڪلپنا ڪريو تہ 19 ورھين جي ڪشور ۾ ڪيتري نہ ويرتا پريل ھئي. ڪھڙو نہ ساھسي ۽ سورمو ھو! جان ھرھڪ کي پياري ھوندي آھي. پر ھن ويڑ جان کي پيارو نہ ڪيو. خوش قسمت آھن اُھي ماءُ پيءُ جن ھڙي سورھيہ پٽ کي جنم ڏنو.

ويڑ هيمون ڪالاڻيءَ تي ملٽري ڪورٽ ۾ مقدمو ھلائي. ڪيس ڦاھيءَ جي سزا سڻائي ويئي. ڦاھيءَ جي سزا ٻڌڻ کان پوءِ ب ھن ويڑ جي منھن تي اُداسي نہ آئي. ھو ھميشہ شانت چت ۽ گنڀير رھندو ھو. لاشڪ ھن جي دل ۾ ديش پڳتي ۽ وطني حب جا جيڪي جذبا اُن وقت اُڪندا ھوندا، جيڪي دل ۾ ولولا ٿيندا ھوندا، جيڪي اُڏما ۽ السنا اُتپن ٿيندا ھوندا، تن کي ضابطي ۾ رکڻ جي پرپور ڪوشش ڪندو رھيو. ڪنھن ب ريت ھن ڌاري حڪومت اڳيان ڪنڌ ھيٺ نہ ڪيو!

ويڑ هيمون ڪالاڻيءَ کي ٻڌايل ڦاهيءَ جي سزا سبب سڄي سنڌ ۾ هاهڪار مچي ويئي. سوامي هرنامداس صاحب (مهنت شري ساڌ ٻيلا تيرٿ) جهڙن ست پرشن، ساڌو واسواڻي جهڙن مهان سنتن، شري جمشيد مهتا جهڙن نرم اڳواڻن ۽ ٻين انيڪ سنسٿائن ۽ پٽنچاتن پاران مارشل لا جي ڊڪٽيٽر ميجر جنرل رچرڊسن کي اپيلون ۽ عريضا موڪليا ويا تہ هيمون ڪالاڻي جي نندڙي اوسٿا کي ڏسي، ڪيس جيئندان ڏنو ويڃي، پر اُهي سڀ اپيلون ۽ وينتيون اجايون ويون ۽ 21 جنوري 1943ع تي، سکر سينٽرل جيل ۾ هيمون ڪالاڻي کي ڦاهيءَ جي تختي تي لٽڪايو ويو. ٻالڪ هيمون پنهنجي ارادي تي اٽل تي پختو رهيو "پارت ماتا جي جئ" ۽ "انقلاب زندهہ باد" جا نعرا هٽندي پارت ماتا جي قدمن ۾ قربان ٿي ويو. سنڌ ئي نہ بلڪ پارت جي اتهاس ۾ ٻالڪ هيمون ڪالاڻيءَ جي امر ٻليدان جي ڪٿا سونن اکرن ۾ لکڻ جهڙي آهي. ديش لاءِ نندڙيءَ اوسٿا ۾ پنهنجا پراڻ نڇاور ڪندڙ نڊر ٻالڪ کي اسين ڪڏهين بہ وساري نٿا سگهون. شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي جيون مان شال سنڌي نؤجوان ڪو سبق حاصل ڪن ۽ پنهنجي جوانيءَ جا جوهر اجاين ڪن ڪمن ۾ بيڪار وڃائڻ بدران ديش ۽ سماج جي شيوا لاءِ آرپڻ ڪن!

(1981ع)

نارائڻ ٽي. شرما

سورهيه سپوت: هيمون ڪالاڻي

هيمونءَ جو جنم سکر ۾ 23 مارچ 1923ع تي ٿيو. هو ورزش ۾ نهايت ماهر هو. سکر جي لئنسڊائون پل تان سنڌوندي‌ءَ ۾ ٽپا ڏيندو هو. سکر ۾ نم جي چاڑهي ڏکي ۾ ڏکي آهي. اُن تان هو يڪساهيءَ سائيڪل تي چڙهي ويندو هو جڏهن ته ٻيا آڏ تي لهي پوندا هئا. بدن جو اهڙو مضبوط هوندو هو جو کڏي راند ڪندي ڪو ڪيس ورلي پکڙي سگهندو هو.

هيمونءَ جي دل ۾ ننڍي هوندي کان ئي وٽي قومي خيال ڦوڪيل هئا. آگسٽ 1942ع ۾ آزاديءَ جو ناد وڳو هو ۽ ڏاري سرڪار آزاديءَ جي هلچل کي دٻائڻ لاءِ سپ ظالمانه طريقا ڪتب آڻي رهي هئي ۽ هيمون ڪالاڻيءَ کي به ڦاهيءَ تي لٽڪايو ويو.

هيمون ڦاهي جي تختي تي چڙهيو. مئجسٽريٽ ڪانئس همدرداڻي نوع ۾ پڇيو:

آخرين خواهش اٿيئي؟

هائو اٿم..... صرف هڪ خواهش اٿم ته شهيد ٿيڻ کان اڳ پارٽ ماتا جي جئ منايان.

ائين چئي جيل جي پوئتي خاموشيءَ کي ٽوڙيندي هيمون پڪاريو: "پارٽ ماتا جي جئ" "انقلاب زندهه باد" ۽ "هندستان آزاد".

ٺيڪ ان وقت پارٽ ماتا جي جئڪار جي صدائن وچ ۾ نوجوان جي پيرن هيٺان تختو ڪسڪايو ويو رسيءَ کي چڪ ڏني ويئي ۽ نوجوان جو سرير هوا ۾ لٽڪڻ لڳو.

21 جنوري پارٽ جي آزاديءَ جي آندولن جو اِتهاسڪ ڏينهن آهي. 19 ورهين جي ڦوهه جوانيءَ ۾ پارٽ ماتا جو دلير سپوت سوريءَ

تي چڙهيو. اُن وقت آسمان به لڙڪ وهايا. وٽن نٽن به گويا جهولڻ بند ڪري، شانت اختيار ڪئي. ڪوبه اهڙو بني بشر نه هو جنهن جي اکين مان گنگا جمنا جي ڌارا نه وهي هجي.

اهو 21 جنوريءَ جو ڏينهن هو جنهن ڏينهن وحشيءَ اچي زوريءَ گلاب جو گل چنو. گل ايڏا پورو اُپريو به نه هو يا فقط ٽوري هٻڪار ڪيي هئائين ۽ بلبل خوشيءَ مان نچندي پرواز ڪندي ڦيرا پئي پاتا ـ بهار جي هير مشڪي ڪشڪي رهي هئي. چمن ۾ چؤطرف بهاري هئي. ان وقت شير هيمون ڪالاٽيءَ کي انگريز سرڪار ڦاهيءَ تي چاڙهيو. ان وقت مارشل لا جو زمانو هو. سڄي هند پر ۾ "ڪئٽ اِنڊيا" جو نعرو لڳايو ويو. جتان ڪٽان آواز اچي رهيو هو تہ انگريز هندستان ڇڏي وڃو.

هن جوان کي به جوش آيو هڪ انگريز پلٽڻ ريل گاڏيءَ ۾ اچي رهي هئي، هن وڃي ريل جا بولٽ کوليا. پوليس اچي کيس پڪڙيو ۽ مارشل لا ڪورٽ ۾ ڪيس هليو. ڪيس ڦاهيءَ جي سزا ملي. ماٺهن ۾ هاهڪار مچي ويو. سيني پئي چيو تہ:

"جڏهن ڪنهن به حياتي جو نقصان نہ ٿيو هو تہ پوءِ ڦاهيءَ جي سزا ڇو؟"

وائسراءِ تائين اپيلون ٿيون، پر ڪجهه به نہ وريو ۽ هيءُ شير اپيلن ڪرڻ جي برخلاف هو.

چي: "ڇوٽا اپيلون ڪريو. مان ديس مٽان قربان ٿيندس."

آخر 21 جنوريءَ جو ڏينهن مقرر ڪيو ويو. ڦاهيءَ جي ويل سويل اُٿيو. اُٿي گيتا جو پاٺ ڪيائين. ڦاهيءَ جي جاءِ تي جلاد کان نوڙي وٺي پاٺ پنهنجي هٿن سان گلي ۾ وڌائين. ڦاهيءَ ملڻ کان پوءِ شير جي آرتي ڪيي ويئي. سڄو سکر اچي پلٽيو. ٻين ڳوٺن جا ماڻهو به آيا. ماٺهن جو جٽڪ سمندر هو جنهن ڇوليون پئي ماريون. مساڻن ۾ اگني سنسڪار ڪرڻ وقت ماٺهن هارن وانگر پئي رنو.

(1981ع)

شري مرلي "بيراڳي"

شهيد هيمون

"سوري جنين سيج، مرڻ تن مشاهدو"

(شاهه)

اهو وقت هيو جڏهن قرباني جو قدر هو. ڪٽ هئي. ملهه هو. ان وقت ميدان ۾ هڪا مقصد پٽيان مرندڙ متجندڙ جوان. جان جي بازي لڳائيندي هنن کي مزو ايندو هو. مرڪندي مرڪندي سوريءَ جي تختي تي چڙهڻ جي اُمنگ هوندي هئي. گولين ۽ لٺين کائيندي، کين اُتي آنند محسوس ٿيندو هو. حقيقت ۾ ضرورت ۽ ان وقت گهٽي هئي. اهڙي قرباني جي پتلن جي غلامي جي مضبوط زنجيرن کي ٽوڙڻ. انهن ئي مانجهي مڙسن جو ڪم آهي. هي آزادي اهڙن ٻليدانن جو ڦل آهي.

پر اڄ ڇاهي؟ آزادي آئي، راج ستا سامهون آهي. ستا جي هٽ ڪرڻ جي لالچ گهٽن کي وکوڙي ويئي آهي. قرباني جا پتلا خاموش آهن، ۽ اڃتي وڌي رهيا آهن. انيڪ طاقت جا طالبو طاقت هٽ ڪرڻ لاءِ جماعتن اندر موجود آهن. ڏڦيڙ آهي ۽ انتظام جي مٿي پليٽ آهي. سڌانت ۽ اصولن کي ڪوبه وزن ڪونهي. ستا کپي، عهدو کپي، وڏ ماڻهپي کپي، شُهرت کپي.....

21 جنوري 1943ع شهيد هيمون ڪالاڻي جي پوتر ورسيءَ جو ڏينهن..... ڪٽڻ انڊيا جو ناد وڄي چڪو هو. 8 آگسٽ آڌيءَ رات جو بمبئي ۾ سيني اڳواڻن کي مهاتما سميت گرفتار ڪيو ويو. ڪي به هدايتون جنتا اڳيان نه هيون ته "ڪٽڻ انڊيا" هلچل کي کهڙي ريت هلائجي، اُن کي جنهن کي جتي جيئن لڳو اُتي اُن ائين ڪيو. انهيءَ ڪٽڻ انڊيا هلچل واري طوفان ۾ آهنسا سان گڏ ڪي هنسا جا به واقعا

ٽيا، پر ان جي سڃي جوابداري برٽش سامراج واد مٿان هئي، جن هلچل کي نگهوسار ڪرڻ لاءِ ڪيئي ڪڙا ڪارناما ڪيا. اڳواڻن جي جيلن ۾ هوندي به جنتا هن هلچل کي خوب چڱيءَ طرح هلايو ۽ جو پارٽ شاگردن ۽ نوجوانن هلچل ۾ ادا ڪيو سو بلڪل ساراهڻ جوڳو آهي. سڀ پڇ ته اسڪول ڪاليج ۽ هاسٽلون ته هن هلچل جو مرڪز ٻڌجي ٻيا ۽ اهڙي وقت ڪيئي شاگرد نڪري نروار ٽيا، جن آزادي جي راهه ۾ قرباني ڏني. سنڌي نوجوان به ڪو پوئتي ڪونه پيا. ڪاليجن ۽ اسڪولن اندر وقت به وقت هڙتالون ٿيون، مظاهرا ٿيا، لٺيون ۽ گولين هليون، ليڪن سڀ ڪان وڌيڪ بي مثل قرباني هئي، هيمون ڪالاڻيءَ جي شهادت! انهيءَ قرباني سنڌ کي آزادي جي اتهاس ۾ سونهري اکرن ۾ براجمان ڪيو آهي. آزادي جي اتهاس ۾ هيمون ڪالاڻيءَ سان گڏ سنڌڙيءَ جو نالو پڻ هميشه امر رهندو.

شهيد هيمون ڪالاڻي جو جنم سنڌ جي مشهور شهر سکر ۾ ٿيو. سندس اصلي ڳوٺ سکر پراڻو هو. سندس پتا شري پيسو مل ڪالاڻي هڪ ٺيڪيدار هو. ننڍي ئي هن ۾ ڪافي اُتساهه، اورچائي، امنگ هوندو هو. راندين روندين ۾ ته هن جو خاص حرف هو... شاگرد اوسٿا ۾ ئي هن ۾ قوميت پريل هئي. پنهنجي چاچي شري منگهارام ڪالاڻي دوران ڪوليل "سوراج سڀنا منڊل" جو هو هڪ برڪ ڪاريه ڪرتا هو انهيءَ منڊل اندر نوجوانن کي وندر سان گڏ قومي سپاهي ٻڌجڻ جي اوائلي سکيا ڏني ويندي هئي.

شهيد هيمون ڪالاڻيءَ کي شهيد پڳت سنگهه لاءِ اڻ ڪٽ احترام هو ۽ دل ئي دل اندر اها آس هوندي هئس ته ڪهڙو اهڙو سپاهگو ڏينهن ايندو جو مان پڻ پارت لاءِ سوري تي چڙهي پڳت سنگهه سان وڃي ملندس. نيٽ هٽي وڃي هنڊ ڪيائين، ۽ پنهنجي دل جي منشا پوري ڪيائين ۽ اهڙي منشا جنهن جو ويچار ڪندي پڻ گهٽا هوند چرڪجي وڃن!

"ڪئٽ انڊيا" جي هلچل طوفان رفتار ۾ جاري هئي- 23 آڪٽوبر رات جو ٽي جوان گهران سنبري نڪتا ريلوي لائين کي پٽڻ لاءِ- جو خبر پين ته گورن جي پلٽڻ جي اسپيشل ٽرين انهيءَ لائين تان لنگهي

رهي آهي. انهيءَ ڪاريہ ۾ مشغول هئا تہ سرڪاري ماڻهن کين لکي لکي اڇي پکڙيو. ہ ڇڙا ڇڄڻ ۾ ڪامياب ٿيا. ليڪن هيمون پکڙجي پيو. مارشل لا جو زمانو مٿان وري بي رحم ملٽري عملدار رچرڊ ڊسن، سو سنڌي جنتا جي بار بار ہاڏائڻ تي ہ هن 19 ورهين جي معصوم کي نہ ڇڏيو. 21 جنوري 1943ع تي اهو آزاديءَ جو پروانو ڪلندي ڪلندي سوليءَ جي تختي تي چڙهيو.

مارشل لا ڪورٽ ۾ ڪيس هلندي هن بيڊپائيءَ سان چيو:

"مون ريلوي لائين ان لاءِ ٽي ٽپي جو فرنگين جي وزيرن کي ناس ڪرڻ جو ارادو هوم، ليڪن بدقسمتي آهي، جوان رڻا ۾ ناڪامياب ويس"

ڪيس اڻ ڳڻيا عذاب ڏنا ويا، تڏهن ہ آخر تائين هن ويرِ نوجوان اهو ڪونہ ٻڌايو تہ سندس ٻيا ـ ۽ ساٿي ڪير هئا!

قاهيءَ جي تختي تي چڙهڻ کان اڳ ۾ سندس تور جيڪا جيل اندر ورتي ويئي، سا جيلر جي چوڻ موجب 21 ڏينهن ۾ 7 پائونڊ وڌيل هئي. آخرين وقت تي ہ قاهيءَ جي تختي تان هو "انقلاب زنده باد" "هندستان آزاد" "پارت ماتا جي جئ" جا نعرا هٽي رهيو هو. اهڙو هو دليرِ ويرِ اسان جو هيمون ڪالاڻي.

لعل لاکيڙو هئين پنهنجي ڪٽنب جو شان تون،
ديش جو هيرو هئين ۽ سنڌ جو ايمان تون.
(پال "آشام")

("پشپ پومي" بمبئي 26 جنوري 1968ع)

جي رام "سنڌو"

شهادت جو جام پيئندڙ

جيڪو ماڻهو پنهنجي ملڪ لاءِ مرڻ کان ڪيهائي ٿو اهو زنده مردي سمان آهي! پر اهو شخص جو پنهنجي ملڪ تان جان گهوري ٿو اهو امر آهي. هيمون اڄ کان 26 سال اڳ ملڪ مٽان مشاهدو ماڻيو ۽ ان ڪري هو امر آهي.

"ملڪ لاءِ جان گهوري، سا بہ ٿوري!"

(راهي)

هيمن، جنهن کي پيار مان هيمون ڪري چوندا هئا، ان وقت اسرندڙ جوانيءَ ۾ هو جو بي ڏپائيءَ سان ملڪي محبت واري ميدان جي جنگ ۾ شريڪ ٿيو ۽ آخر ۾ هن پنهنجي جيون جي آهوتي ڏني. ان لاءِ ته جيئن ديس ڌارين جي چنبي مان نجات ماڻي.

پارت جي جنگي آزادي، جا عام طور اسين 1857ع جي يڌ (جنهن کي اسين اڄا کالهه تائين "بلوَر" ڪري سمجهندا هئاسين) کان آرنپ ٿيل ليکيون ٿا، (اها) اُن وقت چوٽي تي هئي. جڏهن 18 آگسٽ 1942ع ۾ ديش پتا، مهاتما گانڌي انگريزن کي "ڪئٽ انڊيا" "پارت ڇڏي ويجو" جو آخري نامو ڏنو ڪئٽ انڊيا جي تحريڪ، پارت ۾ انقلابي هلچل کي هٿي ڏني ۽ گانڌيءَ جي ڏنل نعري "ڪرو يا مرو" کي عملي روپ ڏيڻ لاءِ ڪوششون ٿيون. نتيجو اهو نڪتو ته ڌارئين راج ڏهڻ جا اهڃاڻ بخوبي نظر اچڻ لڳا. هرهنڌ اهائي خواهش پي ظاهر ڪئي ويئي ته:

"مرنداسين مگر ملڪ کي آزاد ڪنداسين" (ڪايل)

"ڀاهي! ڀاهيو! ڏاريون راڄ!
ناهي ناهيو پنهنجو راڄ!"

سنڌ ۾ اهڙي هلچل ڪان پاسيرو ڪين رهي سگهي. هوءَ ۾ ديش جي هر هلچل ۾ سنڌڙي پنهنجو حصو ڇڪيءَ طرح ورتو هو. سنڌ هئي ته ننڍڙي پر واهه جو سندس پاڻ هو هر هلچل ۾ پوءِ اها مذهبي تحريڪ هجي يا سياسي، سماج يا انقلابي تحريڪ. (سپ ۾ اڳري هئي) 9 آگسٽ ڪان وٺي ملڪ ۾ گرفتارين جي ڏم مچي وئي. وڏا وڏا اڳواڻ گرفتار ٿي چڪا هئا. سنڌ جا اڳواڻ ۽ ترنگن ۾ بند ٿي چڪا هئا. ان وقت ملڪ ۾ تحريڪ جون واڳون سنپاليون ان وقت جي نوجوان اڳواڻن، جهڙوڪ: جئي پرڪاش نارائڻ، ڊاڪٽر رام منهور لوهيا، اچيٽ، شريمتي ارونا اصغر علي وغيره. اڳواڻن جي غير حاضريءَ ۾ سنڌ ۾ پڻ انقلابي تحريڪ پنهنجو تجلو ڏيکاريو جنهن جو روپ هر وقت ڪنهن نه ڪنهن هنڌ جنتا دوران ملي ٿي. هلچل جا مکيه مرڪز هئا، ڪراچي، حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻو شڪارپور، جيڪب آباد ۽ دادو. ڪراچي جي سيني هلچل جو دماغي مرڪز هو ته سکر (پر) ڊڙي محمد ان سرگرمين جي جان هو. سکر هوءَ ۾ پيرپاڳاري جي حر هلچل ڪري مارشل لا جي قانون هيٺ هو. اهڙي وقت قومي ڪم ڪندڙن جون ٽوليون سکر ۾ ڪٺ انڊيا جي هلچل کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ پنهنجي رت ست جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار هجن.

هيمون قدآور جوان هو. ناهوڪو ۾ واهه جو هو. مئٽرڪ ۾ پڙهندڙ شاگرد وايو منڊل کي ڏسي مان ڪيئن ٿي رهي سگهيو. سندس من اڳ ئي چاچي ڊاڪٽر منگهارام ڪالاڻيءَ جي اثر هيٺ ۾ دادا ٽانور داس گلومل جي اڳواڻي هيٺ بغاوت جي پئي تياري ڪئي. نفارو ٻڌي سندس جوش جڳهه نه پائي سگهيو ۽ هن جوان فيصلو ڪيو ته انگريزن جي سرڪار کي ڏوڏائڻ جون، ڪيرائڻ جون ڪوششون ڪري. هو ڪٿرتي جوان هو. "پڙهڻ، ترڻ، تير هڻڻ ۽ چوٽين سواري" جي ڪهاوت کي هن پنهنجي جيون ۾ ڇڪيءَ پرجهيو پروڙيو ڪيو هو. سنڌو ندي پار ڪرڻ ته سندس ڏائي هٿ جو کيل هو. ڏکيون

لاهيون. چاڙهيون سائيڪل تي لنگهي وڃڻ سندس روزانو ڪرت هئي. ڪهڙي ۽ ملهه جو ته استاد هو. اُهي سڀ خاصيتون ڪيس هڪ نڊر جوان بنائڻ لاءِ ڪافي هيون. هڪ شهيد لاءِ همت، هوشياري ۽ پنهنجي مقصد لاءِ سچائي، اهي ٽئي گڻ تمام ضروري آهن. انهن گڻن ئي سچ ته هيمونءَ کي شهادت حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪئي ۽ هو "سوراج سينا" جو سپنائي بڻيو.

"سوراج منڊل" جي خفيه ڪارين ۾ حصو وٺڻ لڳو. قومي ڪاريه ڪرتائون جي لڪل هئا. انهن کي لڪڻ ۽ ڪم ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ لڳو ۽ آخر جڏهن ڪيس خبر پئي ته ظالم انگريز ملتري ۽ بارود، آزادي جي هلچل کي ڪچلڻ لاءِ هڪ خاص گاڏيءَ ۾ سڪر اچي رهي آهي. تڏهن جوان ان گاڏي کي ڪيرائڻ جو ارادو ڪيو پر قدرت کي ٻيو ڪجهه منظور هو. هيمون ڪاسرايو ويو ۽ ڪيس ڪاهيءَ جي سزا ٻڌائي وئي. ڪاهيءَ جو ٻڌي سندس بدن ۾ سراٽ ڪين پئدا ٿيو پر ان ۾ نئون جوش ۽ خروش آيو. هو مستانو ٿي جهومڻ لڳو. هن جي اکين ۾ خواب هو ته پارت ۾ وري جنم وٺي ٻيهر هن سرڪار جي ڌاهڙ جو. ان خوشي ۾ هو 7 پائونڊ تور ۾ پڙ وڏي ويو! ڪاهيءَ جو ٻڌي عادتي ڏوهاري ٻه ڪنبي ويندا آهن، اتي هي الهڙ نوجوان تور ۾ وڏي! چا ته سندس قوت هئي. ديش پڳت جي تقاضا هئي ته هو آهوتي ڏئي ۽ انهيءَ اها ڏني. ڪلندي ۽ خوش ٿيندي هو چوندو رهيو:

"ڄميو آهين، اَوس مرندين، مگر شير ٿر ٻڌجي!"

ڪاهيءَ جي تختي تي ٻه "انقلاب زندهه باد" ۽ "پارت ماتا جي جئ" جا نعرا هٽندو رهيو- نه صرف ايترو پر آخري خواهش جي دوران ۾ هن سيني عملدارن کي ٻه مجبور ڪيو "انقلاب زنده باد" ۽ "پارت ماتا جي جئ" جي نعرن هڻڻ لاءِ اهڙي نڊر ۽ سورهيه جوان تي سندي جاتيءَ کي فخر آهي. هيمون شهيد ٻڌيو جيئن ملڪ کي آزادي ملي. هن پنهنجو جيون قربان ڪيو ان لاءِ ته ڪروڙين پارت واسي ڏارئي راج مان نجات پائي سگهن. پنهنجو گرم خون وهائي ويو ان لاءِ ته ديش جي آزادي ڪجهه ويجهو اچي.

"چيري چيري چاهي جلايو چيري ڪيو تڪ چارا!
ته ٻه نڪرندي منهنجي مڪ مان، آزاديءَ جي پڪار."

اهائي هئي سندس خواهش ۽ اهوئي هو سندس ان وقت جي انگريز کي جواب هو.

"شهادت جام جن پيتو! سي اج به امر آهن!"

(آشا)

ڪير زنده ليکبو جي ملڪ زنده نہ آهي؟ ڪير مئل ليکبو جي ملڪ زنده آهي؟ هيمون سچ تہ مئوئي ڪين آهي. جيسين ملڪ زنده آهي، ملڪ جي آزاديءَ لاءِ سندّ دوران ڪيل ڪوشش جو نشان آهي هيمون!

اهڙي ويرڪي هزارين سلام!

(هفتيوار "سندي ٽائيمس"، بمبئي. 27 جنوري 1969ع)

فتومل ليکچنداڻي

ويرماتا جو دلير سپوت

ماءُ جيڻي ٻائيءَ لاشڪ هڪ سورمي پٽ کي جنم ڏنو. گود ۾ ئي پٽ کي ديش پريم جي لولي ڏني هٿائين. ان ڪري هيمونءَ کي ننڍي هوندي ئي، آزاديءَ جا نعرا لڳائيندو ڏسي پيئي گدگد ٿيندي ۽ آسيس ڪندي هئي، ته "پٽ تون وڏو ٿي "سورمو ٻڌجي" پارت ماءُ جي غلاميءَ جون زنجيرون ٽوڙي، منهنجو ڀاڻ اوچو ڪندين."

ماءُ جي هيءَ ڏنل آسيس، هيمونءَ لاءِ شڪتي ۽ پگتيءَ جو ٻندار ٻڌي. ايڏا ائڻ سائن جو مس ٿيو ته پاڻ جيڏن ٻارن جا ٽولا وٺي، ترنگو جهنڊو جهولائيندو آزاديءَ جا نعرا لڳائيندو سکر پراٽي جي گهٽين ۽ گهرن ۾ هي گيت جهونگاريندو هو:

قومي جهنڊو ڦڙڪي، ڦڙ ڦڙ،
دشمن جي ڇاتي، ٽڙڪي، ٽڙ ٽڙ،
آيو سوڀ زمانو چلو شير جوانو.

ننڍڙو هيمون، پنهنجن ساٿي ٻارن سان آزاديءَ جي مستيءَ ۾ اُمنگ ۽ اُتساهه ۾ اچي روڻي ڪائڻ ۾ پلجي ويندو هو.

باندر سڀا جو اڳواڻ

جيئن آزاديءَ جي هلچل زور ٻڌي پڪڙيو سوين نر ۽ ناريون نڪري نروار ٿيا. هيمون پنهنجي باندر سڀا سان روزانو سکر پراٽي جي پرڀات فيرين ۾ ولائتي ڪپڙي جي بائڪاٽ ڪرڻ ۾ حصو وٺندو هو. مائرون اُمنگ ۾ اچي زريءَ ۽ ڪيمخاب جا ولائتي ڪپڙا جلائڻ لاءِ ڪڍي ڏيندیون هيون. اهڙيءَ ريت سکر پراٽي ۽ سکر نئين مان روزانو

هزارين رپين جو ولائتي ڪپڙو گڏ ڪري سنڌوندي‌ءَ جي ڪنڌي تي، سکر ساڻ ٻيلي جي سامهون جلايو ويندو هو.

باندر سئنا جون حرڪتون

شراب جي گتن تي پڪيٽنگ ڪرڻ واري ڪم ۾ هيمون‌ءَ جي اڳواڻي‌ءَ هيٺ باندر سئنا خوب جلوو ڏيکاريو.

سرڪاري ڪامورا جيڪي ڪارون ٽوپيون پائي، آفيسن ۾ ويندا هئا، انهن کي هي باندر سئنا جا ٻالڪ وکوڙي ويندا هئا ۽ ڪاري ٽوپي غلاميءَ جي نشاني لاهي، آڇي گانڊي ٽوپي پائڻ لاءِ وينتي ڪندا هئا. اُن زماني ۾ "آڇي گانڊي ٽوپي" پائڻ، سرڪار بغاوت جي نشاني سمجهندي هئي. جيڪي سرڪاري ڪامورا ضد ڪندا هئا، انهن جون ڪارون ٽوپيون، باندر سئنا جا ٻالڪ اهڙي‌ءَ تہ چالاڪي‌ءَ سان لاهي ڇڄي ويندا هئا، جو ڪير بہ کين پڪڑي نہ سگهندو هو.

آکاڙي ۾ ڪسرتون ڪرڻ

هيمون ايڏا چوڌهن سالن جو مس ٿيو هو تہ ماءُ جي آکيا موجب روزانو نت نيم سان آکاڙي ۾ وڃي، خوب ڏنڊ بيٺڪ ڪندو هو. ان ڪري ٻن تن سالن اندر سندس شرير، سڊول سهڻو ۽ طاقتور ٻڌجي پيو.

هيمون لٺ هلائڻ ۾ ايترو ماهر ٻڌجي پيو جو هن سان ڪوبہ هم عمر وديارٿي پُڄي نہ سگهندو هو.

تلڪ هاءِ اسڪول جو هي شاگرد ڪهڙي ۽ ونجهہ وڙي راندين ۾ خوب جلوو ڏيکاريندو هو. ڊوڙ پائڻ ۾ تہ هن سان ڪوبہ شاگرد پهچي نہ سگهندو هو.

اسڪول طرفان راندين جي چٽاپيٽين ۾ هيمون 16 سالن جي عمر ۾ ڪيترائي ميڊل ۽ انعام کٽيا ۽ هي شير دل وديارٿي سيني ماستر صاحبن ۽ شاگردن ۾ پيارو ٻڌجي پيو.

سوراج سينا ۾ داخل

ڊاڪٽر منگهارام ڪالاڻي، هيمونءَ جو چاچو ديش جي آزاديءَ لاءِ ترنگ جي ياترا ڪري، جڏهن ٻاهر نڪتو تڏهن سنڌس نظر هيمونءَ تي پيئي ۽ هن دل ئي دل ۾ سوچيو ته، هيمون نيٺ اسان جي ڪالاڻي خاندان جو ديپڪ ٻڌبو. ان ڪري هن ڪيس پنهنجي برپا ڪيل "سوراج سينا" ۾ آندو. سوراج سينا ۾ 19-20 سالن جي عمر کان ونڊي 25 سالن عمر تائين هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج جا شاگرد ۽ ديش جي لڳن وارا جوان شامل هئا.

سوراج سينا جو مقصد هو نوجوان ۽ ديش پڳتيءَ لاءِ روح ڦوڪڻ ۽ ديش کي انگريزن جي غلاميءَ مان آزاد ڪرائڻ لاءِ نوجوانن ۾ قرباني‌ءَ جو معدو پيدا ڪرڻ. سال کن اندر هيمون سوراج سينا جو روح روان ٻڌجي ويو.

ڪئٽ انڊيا تحريڪ

مهاتما گانڌيءَ اوچتو اعلان ڪيو ته، "انگريزو هندستان ڇڏي وڃو" ۽ پارتواسين کي "ڪرو يا مرو" جو پيغام ڏنو.

1942ع جو هي ڪئٽ انڊيا تحريڪ، سڄي پارت ۾ بجليءَ جيان ڦهلجي وئي. پارت جا انقلابي ڪئٽ انڊيا تحريڪ ۾ زير زمين ٿي ويا ۽ انگريزي راج کي ختم ڪرڻ لاءِ سڄي پارت ۾ گرم ويچارن جي نوجوانن معرفت ساڙ ۽ ٻار جو تحرڪ هلائڻ لڳا. هي طوفاني تحرڪ ايترو ته زور ونڊي ويو جو سنڌ جا گرم ويچار ڌارا وارا نوجوان، پڻ هيمون ڪالاڻيءَ سميت هن تحريڪ ۾ ڪاهي پيا. ملٽري ۽ نيويءَ تائين بغاوت ڦهلجي وئي. ان وقت انقلابي سرڪاري ڳجهن بابت جاسوسي ڪري، بليٽن ذريعي سڄي پارت ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هدايتون موڪليندا هئا ته اسان کي ڪهڙا طريقا ونڊي، ڪهڙو ڪم ڪرڻو آهي. ان سلسلي ۾ هيمون ڪالاڻي پڻ سنڌن سائي ٻڌجي ويو ۽ جان جي بازي لڳائڻ لاءِ، همٿ ۽ حوصلي سان ڪم ڪندو رهيو.

انگريزن جڏهن ڏٺو ته ملٽري ۾ نيوي ۽ ہر بغاوت ڦهلجي پيئي وڃي، تڏهن حراس ہر اچي، پنهنجي بچاءَ ڪرڻ ۾ پارت جي ديش پڳتن کي ختم ڪرڻ لاءِ وڏي تعداد ہر انگلينڊ مان انگريز ملٽري ۾ بارود گهرائي پنهنجا پير پختا ڪرڻ لڳا.

اهڙي جاسوسي ڪندي، کين هڪ ڳجهه مليو ته انگريز ملٽريءَ سان پريل هڪ ترين سڪر سنڊ مان لنگهي، ڪوٽنا ڏانهن بن ڏينهن ہر وڃڻي آهي. تڏهن بليٽن ۾ ہين ڳجهن طريقن سان سڪر جي زير زمين ڪم ڪندڙ تائين سنديش پهچايو ويو ۽ حڪم ڏنو ويو ته ڪيتري به قرباني ڪرڻي پوي ته ڪئي وڃي، پر ڪنهن به حالت ہر اها انگريز ملٽري ۾ بارود سان پريل ترين ختم ڪئي وڃي.

سڪر سنڊ ہر ان وقت مارشل لا لڳل هئي ۽ چوڌاري ظلم ۽ ڏاڍ جو گهوڙو تيز ٽي چڪو هو.

سڪر پراڻي جي هڪ لڪل شمشان جڳهه تي، زير زمين انقلابي جوانن جي هڪ طوفاني ميٽنگ ٿي. سيني کي حڪم پڙهي ٻڌايو ويو ۽ پڇيو ويو ته ڪهڙا جوان آهن، جي سر تريءَ تي رکي، جان جي بازي لڳائڻ لاءِ تيار آهن. اهو حڪم ٻڌي، سيني جوانن جا ڪنڊ جهڪي ويا. شير دل هيمونءَ کان اها روئداد سڻي نه ٿي ۽ اُٿي ڪڙو ٿيو.

هيمونءَ کي بروقت چتايو ويو ته هي تمام خطرناڪ ڪم آهي، هن ہر سر جي ست ڏيڻ کان به نه هٽڻو آهي ۽ جي پڪڙجي پئين ته پوءِ ڪنهن به ساٿيءَ جو يا پارٽيءَ جو سُراغ ڏيڻو ڪونهي. سيڪجهه پنهنجي سر تي سهڻو آهي. ته هي ڪم مون پنهنجي سر ڪيو آهي، جو مان انگريز راج کي جلد ختم ڪرڻ ٿو چاهيان. جانباز شير دل هيمونءَ جيڪو وچن پنهنجن ساٿين اڳيان ڪيو سو اکر به اکر ڪيئن پوروڪيائين. اهو هڪ وڏو دردناڪ داستان آهي.

(1981ع)

ڪي ڊي مهتا

شهيدن جو سرتاج ـ ويرهيمون ڪالاڻي

8 آگسٽ 1942ع آڌي رات جو بمبئي ۾ مهاتما گانڌيءَ سميت پارٽ جي قومي اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ويو هو. انگريز سرڪار پارٽ کي چٽليئنج ڏنو. پارٽ ۾ "ڪئٽ انڊيا" جي ناد وڄائي "ڪرينگي يا مرينگي" جو نعرو بلند ڪري اُٿي ڪڙو ٿيو. اهو قبولڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهجي تہ ڪئٽ انڊيا هلچل جي طوفان ۾ آهنسا کي آپنائيندي ڪي هنڌ ڪارروايون ٿيون، جن جي سڄي جوابداري اُن وقت جي انگريز سرڪار مٿان هئي، جنهن آزاديءَ جي هلچل کي ختم ڪرڻ لاءِ زور، ظلم ۽ زبردستيون ڪيون. اڳواڻن جي جيلن ۾ هوندي ۾ "انگريزو هليا ويجو" هلچل جو سڏ جنتا دل و جان سان ورنايو. اهو وقت هو قرباني‌ءَ جي ڪرڻ يا مرڻ جو. هيو تہ ٿهيو پر پنهنجي سنڌ جي ڳوٺن مان زالون ۽ ٻي ڏپائيءَ مان نڪري نروار ٿيون. سنڌ جي پيڙهيءَ واري ڳوٺ اوباوڙي تائين هلچل زور شور سان هلي (اتان ۽ شامي ديوي مهتا) پنهنجي ننڍڙي ڪکي ڪوشليابائي، سميت قاعدو ٽوڙي جيل ويئي، هزارها قرباني‌ءَ جا پتلا نڪري نروار ٿيا، تن کي پنهنجي جان جي بازي لڳائڻ ۾ مزو ٿي آيو. آزاديءَ جي راهہ ۾ مرڪندي مرڪندي سوريءَ جي سيج تي چڙهڻ جي آس سدائين سندن دل اندر رهندي هئي. غلاميءَ جون زنجيرون ٽوڙي آزاديءَ جو جهنڊو کڙو ڪرڻ سندن مقصد هو. ان وقت اسڪول، ڪاليج، هاسٽلون اهڙن سرويچ جوانن جا مرڪز هئا، جن شاگردن ۾ ملڪ لاءِ جان ڏيڻ جي جذبات پري، جوانن کي تيار ڪيو. جڏهن پارٽ "ڪئٽ انڊيا" جو ۽ "ڪرينگي يا مرينگي" جو نعرو بلند

ڪيو تہ اسان جي سنڌڙي بہ سر اوچو ڪيو. سنڌي جوان بہ پوئتي ڪين پيا. ٽپي پيا هن آزاديءَ جي آڳ ۾. ڪاليجن، اسڪولن ۽ هڙتالون ٽيندیون هيون. گوليون هليون، مگر سڀ کان وڌيڪ بي مثل سنڌ جي قرباني. سنڌي جوانن جي قرباني، سنڌي شاگردن جي قرباني. هيمون ڪالاڻيءَ جي شهادت. پارت جي آزادي اتهاس ۾ هيمون ڪالاڻيءَ جي قرباني هميشہ ياد رهندي. شهيد سورمو هيمون ڪالاڻي مون سان سکر جيل ۾ گڏ هو. ڪشتيءَ ۾ پهلوان، ونجهوتي ۽ ڪبڈيءَ جو کوڙيو راندين ۾ ڪيس ڪيترائي انعام ملیل. هڪ بانڪو بهادر شير پهلوان هو. هيمون ڪالاڻيءَ جو جنم سنڌ جي مشهور سکر پراڻي ۾ ٿيو.

سندس پتا پيسو مل ڪالاڻي هڪ ٺيڪيدار هو. ننڍي هوندئي هن ۾ ڪافي اُتساهہ هوندو هو. ڏاڍو اوچ اُمنگ وارو هوندو هو. انهن خوبين ڪري هن ڪي ڪافي سرٽيفڪيٽ ۽ ہلا ملیل هئا. ودیارٿي جيون ۾ ئي هن جوان ۾ ملڪي محبت جا مڇ هئا. پنهنجي چاچي شري منگهارام ڪالاڻي پاران کولیل "سوراج سڀا منڊل" جو هو هڪ سرگرم ڪم ڪندڙ هو. انهيءَ منڊل اندر نوجوانن کي وندر سان گڏ قومي سپاهي بڻجڻ جي شروعاتي سکيا ڏني ويندي هئي.

شهيد هيمون ڪالاڻيءَ کي شهيد پگٽ سنگهہ لاءِ عزت هوندي هئي. دل ئي دل ۾ اها چاهنا هوندي هيس ۽ چوندو هو تہ ڪهڙو اهڙو سپاهگو ڄاڻهن ايندو جو مان پڻ پارت ماتا جي ڪاڻ سوريءَ تي چڙهي پگٽ سنگهہ سان وڃي ملندس. نيٺ هٽي وڃي هنڌ ڪيائين ۽ پنهنجي دل جي منشا پوري ڪيائين. اهڙي منشا جنهن جو ويچار ڪرڻ سان ئي گهٽا هوند ڇرڪي وڃن.

ڪٽڻ انديا جي هلچل طوفاني رفتار ۾ جاري هئي. 23 آڪٽوبر رات جو ٽي جوان گهران سنبري نڪتا. خبر پين تہ گورن جي پلٽڻ اسپيشل ٽرين رستي ريلوي لائين تان لنگهي رهي آهي. اُن پلٽڻ هندستان کي دٻائي رکيو آهي. غلام ڪري رکيو آهي. ريلوي لائين پٽڻ جو ويچار ڪيائون ۽ انهيءَ ويچار ۾ ئي مشغول هئا تہ سرڪاري

ماڻهن اڇي کين پکڙيو. ۽ جڏا پڄڻ ۾ ڪامياب ٿيا. ليڪن هيمون پکڙجي ويو.

مارشل لا جو زمانو مٿان وري بي رحم ملٽري عملدار رچرڊسن، سو سنڌي عوام ۽ سڄي ديش جي احتجاج ۽ التجا تي به هن ابهر جوان کي نه ڇڏيو ويو. 21 جنوري 1943ع تي اهو آزاديءَ جو پروانو ملڪي محبت جو مجنون، ڪلندي ڪلندي سوليءَ جي تختي تي چڙهيو.

(1981ع)

ڪمل پياسي

پڳت سنگھ جي راھ جو راھي

23 آڪٽوبر 1942ع رات سھائي ھئي. پر انھن تن جوشيلن جوانن لاءِ اھا رات چڱي نہ ھئي. جن ھڪ خطرناڪ ڪم کي پنھنجي ھٿ ۾ کنيو ھو.

1942ع ۾ "پارت ڇڏيو" تحرڪ پوري جنبش ۾ ھو. جڏھن ھڪ زوردار خبر آئي: "انگريزن جي فوجي گاڏي اڄ سکر وٽان لنگھندي."

وقت ھٿان وڃائڻو نہ ھو. اٽويھن سالن جي جوان ھيمون ڪالاڻيءَ للڪاريو: "اسان کي اُن گاڏيءَ کي ڪيرائڻو ئي پوندو...."

ريل جي پٽن تان تکڙو تکڙو ڊوڙندي، جتي لکي سگھيا ٽي، اُتان لکندي، ٽي جوان گاڏيءَ جي وکڙ وٽ پنھنجي پنھنجي مقرر جاءِ تي پھچي، اوزارن کي ٻاھر ڪڍي، ريل پٽن جون فش پليٽون ڪڍڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا.

پوليس ٽاڙو ويجھو ئي ھو.

"ھي چا آھي؟" ھڪ پوليس واري ڪن لڳائي ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي "اُن جو آرٽ ھڪ ئي آھي. ريلوائي جو ٻڌوا!" ٻئي پوليس واري وراڻيو.

آڏ ڏزن ڪن پوليس وارا بندوقون ڪٽي آواز طرف ڊوڙڻ لڳا.

ھيمون ۽ ساٿين کي پوليس جي بوٽن جي آواز جي ڪڙڪ پڄجي ويئي. ھيمونءَ پنھنجن ٻنھي ساٿين کي اوندھ ۾ گم ٿي وڃڻ جي ھدايت ڪئي ۽ خطري کي اڪيلي سر منھن ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. ڪيڏي نہ قرباني!

ٿورن ئي منٽن ۾ ھيمونءَ جي ارد گرد گولين سان پريل بندوقون اُپيون ٽي ويون. شانتيءَ سان ھيمون ھٿ ۾ جھليل ھٿوڙو ڦٽو ڪري اُڇي ٻيٺو.

"توهان جهڙن چوڪرن کي ته زندگيءَ ۾ جو سبق سيکارڻ گهرجي." پوليس انسپيڪٽر رڙ ڪئي.

"ڇ مارشل لا لاڳو هڻڻ ڪري ان ۾ ڪا دقت نه ٿيندي.... تنهنجا ساٿي ٻيا چوڪرا ڪٽي آهن؟" انسپيڪٽر دڙڪو ڏنو.

اُن جو هيمونءَ کو جواب ڪونہ ڏنو ۽ پوليس کي به اُنهن جي ڪا ڄاڻ پئجي ڪين سگهي.

جيل ڪوٺڙيءَ جو دروازو جيئن ئي هيمون جي اندر گهڙڻ سان بند ٿيو هيمون ان راز کي پنهنجو پاڻ ۾ ئي سمائي چڏيو. ڪيس ڄاڻ هئي ته اهو راز نہ ٻڌائڻ ڪري ڪيس انيڪ نمونن ۾ پيڙيو ۽ ستايو ويندو. عذاب ڏنا ويندا، پر هن ان جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪئي ۽ مشڪندي سڀ ڪجهہ ڪٽڻ سهندو رهيو.

هر دفعي هيمونءَ کي ڪٽڻ ڏينديِ پوليس وارا ڪانئس پڇندا هئا ته توسان گڏ ٻيو ڪير هو؟ هن ڪم ۾ تنهنجا ٻيا ڪهڙا ساٿي آهن؟

پر هيمون سڪون سان، ڪين اهوئي جواب ڏيندو هو ته:

"ماري چڏيندو ته ٻہ مان سندن نالا توهان کي ڪين ٻڌائيندس."

مٽس مقدمو هليو ۽ ڦاهيءَ جي سزا مليس. ڦاهي ڏيڻ جي تاريخ 21 جنوري 1943ع مقرر ڪئي ويئي. سزا ٻڌڻ بعد ٻہ هيمونءَ جي منهن تي ڏپ جي ڪابہ ريکا ته ڪانہ هئي، پر پاڻ چيائين:

"مون کي ڏاڍي خوشي آهي. مون ته پاڻ پڳٽ سنگهہ جي موت مرڻ ٿي چاهيو. اڄ منهنجو سپنو پورو ٿي رهيو آهي...."

هيمونءَ جا مائٽ ڪيس گڏجڻ آيا. هيمون جي ماءُ ته جنسي روئي ڏنو.

"امڙ ڏک نہ ڪر!" هيمونءَ ماءُ جي ڪلهي تي پنهنجو هٿ رکندي چيو:

"گيتا ۾ ڪين چيل آهي ته آتما اَمر آهي ۽ ديهہ آهي هڪ پوشاڪ جي طرح. جا آتما پيئي مٽائيندي آهي."

مون کي آسيس ڪر ته مان جيئن وري هن ديس ۾ جنم وٺان ۽ وري ديس پڳٽ جو موت نصيب ٿئيم."

آخري ڏينهن، يعني 21 جنوريءَ تي هيمون شانت هو ۽ سندس منهن تي مشڪ هئي. قيد ۾ رهندي سندس وزن پاڻ وڌي ويو هو. ڦاهيءَ جي تختي ڏانهن ويندي جلاد هن جي ويجهو آيا، پر هن ڪين چيو:

"توهان جو ڪو ضرور ڪين آهي. مان پاڻ ئي ٿو تختي تي چڙهان."

پهاڙن جيان اڏول هيءَ نينگر ڦاهيءَ جي تختي تي سڏو ٿي بيٺو جلاد ويجهو آيو ۽ ڦاهيءَ جو ڦندو سندس گلي ۾ وڌائين ۽ ان کان پوءِ ملٽري آفيسر سندس ويجهو آيو.

"اي نوجوان!" هن رعب سان چيو:

"قاعدي موجب، مان اهو جاڻڻ ٿو چاهيان ته تنهنجي جيڪڏهن کا آخرين خواهش هجيِ ته ٻڌاءِ ته اُن کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويجي."

"ها! برابر اٿم." هيمونءَ مشڪي جواب ڏنو ۽ اُها هيءَ آهي ته جو ڪجهه مان چوان، توهين به اُهو ئي چئو." ان کان پوءِ هن هٿ مٿي ڪري زور سان نعرو هنيو:

"انقلاب زندهه باد".

آفيسر جي جڙ زبان ئي انڪي پئي ۽ ان کان پوءِ ڦاهيءَ جي ڪوڙيءَ مان، تختي هٽائڻ کان پوءِ صرف ڪُچيءَ جي مٽڪي ٽٽڻ جو آواز آيو.....

(1981ع)

گوپالداس جميعتراءِ

سورهيه هيمون ڪالاڻي

1942ع جي تحريڪ ۾ هندستان ۾ ڪيترن ئي جوانن ڪي ڦاهيءَ جون سزائون مليون، پر انهن سڀني ۾ هي نندڙو نينگر هو هيمون ڪالاڻي جنهن کي 21 جنوري 1943ع تي ڦاهي ڏني ويئي.

هيمون ڪالاڻيءَ جو جنم 23 مارچ 1923ع سکر پراڻي ۾ ٿيو هو. جڏهن هيءَ انگريزي ٽيون درجو پڙهندو هو تڏهن 1932ع ۾ هند جي آزاديءَ لاءِ تحرڪ شروع ٿيو. هر هنڌ نوجوان وديارٿي لڙائيءَ ۾ ڪاهي پيا. سکر پراڻي ۾ ڊاڪٽر منگهارام ڪالاڻيءَ "سوراج سينا منڊل" ڪوليو هو. هن منڊل ۾ انيڪ وديارٿي شامل ٿيا. هيمون ڪالاڻي پڻ هن منڊل جو ميمبر بڻيو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ پاڻ کي اهڙو پيارو ڪيائين، جو منڊل جي مکيه ڪارروائين ڪندڙ مان هڪ بڻيو هو. منڊل پنگتي ۽ راجنيتي ڪمن ۾ بهرو ونڊندو هو. ان دور ۾ سنڌ ۾ سکر پراڻو آڪاڙن جو مکيه مرڪز هو.

شري ٺاڪرداس گلي مل جي ڪوشش سان سکر پراڻي ۾ ڪرشن منڊل برپا ٿيو. هن منڊل پاران شاهي آڪاڙو ڪوليو ويو. انيڪ نوجوان هن آڪاڙي ۾ ڪسرتون ڪرڻ ايندا هئا. هيمون ڪالاڻيءَ کي به ڪسرتن سکڻ جو شوق جاڳيو. هيمون به نيم سان سويل صبوح جو روزانو ڪسرت شالا ۾ ويندو هو. نندي هوندي ئي ڪسرتن جا انيڪ نمونا سکيو.

1942ع جي تحرڪ ۾ هو ستون درجو پڙهندو هو. ڪن نوجوانن ساري هندستان ۾ ساڙپاڙ جو تحرڪ هلايو. هيمون ڪالاڻي به ان تحرڪ جي وڪڙ ۾ اچي ويو ۽ هڪ ملٽري ٽرين کي ڪيرائڻ جي

ڪوشش ڪيائين. پوليس ٽاڻو ريلوي بند جي ويجهو هو ۽ چانڊوڪي رات پڻ هئي. ان ڪري رات جو 12 بجي ڌاري جيئن هيمون پنهنجن ساٿين سان گڏجي بند اُکيڙڻ لڳو تيئن پوليس واري جي نظر مٿس پئجي ويئي ۽ هو ٻوڙندو ڪيس گرفتار ڪرڻ آيو.

آخر 21 ڊسمبر 1942ع تي مارشل لا ڪورٽ ڪيس جي فتويٰ ڏني ۽ هيمونءَ کي ڦاهيءَ جي سزا مقرر ڪئي ويئي ۽ سندس ٻن ساٿين کي آزاد ڪيو ويو. در حقيقت سکر جي ملٽري ڪورٽ ۾ ملٽري عملدار هيمونءَ کي ڏهه سال سزا مقرر ڪئي هئي ۽ فتويٰ جا ڪاغذ جڏهن حيدرآباد سنڌ (هيڊ ڪوارٽر) ڏانهن، ملٽري ڪمانڊر گوري عملدار رچرڊسن ڏانهن منظوريءَ لاءِ ويا تہ هن سزا گهٽائڻ بدران ويتر وڌائي ڦاهي مقرر ڪئي ۽ ڦاهيءَ جي پڙرائي 21 ڊسمبر 1942ع تي سکر ۾ ڪئي ويئي. ڦاهيءَ جي سزا خلاف اپيل داخل ڪئي ويئي. سوامي هرنامداس صاحب، سنڌ جي سنت ساڌو واسواڻي، شري جمشيد مهتا ۽ ٻين سنڌ جي برک اڳواڻن سزا کي رد ڪرائڻ لاءِ ڏاڍيون ڪوششون ورتيون. پاڪستان جو ڪاڌ خوراڪ جو وزير مسٽر پيرزادو عبدالستار سزا گهٽائڻ لاءِ دهليءَ چڙهي ويو ۽ وائسراءِ سان ان باري ۾ ملاقات ڪيائين، پر ڪجهہ بہ نہ ورين ۽ سزا ساڳي قائم ٿي.

21 جنوري 1943ع ڦاهي ڏيڻ جو ڏينهن مقرر ڪيو ويو جنهن تورسان هو سينٽرل جيل ۾ گهڙيو. ڦاهيءَ ڏينهن ان تور کان 5_6 پائونڊ وڌيو. صبوح جو سويل ڦاهيءَ جي ڪوٺيءَ مان ڪڍي، کيس ڦاهيءَ جي تختي تي نيو ويو. کلندي ڪڏندي "هندستان آزاد"، "پارت ماتا ڪي جئہ" ۽ "مهاتما گانڌيءَ جي جئہ" جا نعرا هٺندي وڄي ڦاهيءَ جي تختي تي بيٺو.

سندس گلي ۾ ڦاهيءَ جي ريشمي رسي وڌي ويئي. هيمون ڪالاڻيءَ ان جي گلن جي هار وانگر آڇيان ڪئي. هڪ سيڪنڊ ۾ ڪانٽو ڦيريو ويو ۽ هيمونءَ جي سرير مان آتما اُڏامي ويئي. هيمونءَ جو لاش ڦاهيءَ جي تختي تان کنيو ويو ۽ اهو باهر بيئل ملٽريءَ جي حوالي ڪيو ويو جن اهو ملٽري لاريءَ ۾ چاڙهي شمشان پوميءَ ۾ پهچايو.

(1981ع)

ناري هرداس مل گرسهاڻي

سنڌ جو ٻڪت سنگهه: آمر شهيد هيمون ڪالاڻي

21 جنوري امر شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي شهادت جو ڏينهن آهي. 21 جنوري 1943ع تي هڪ ڪِيرو ۽ سندر جوان ماڻڪن جو تارو ۽ سنڌي جاتيءَ جو فخر ۽ هند جي مايا ناز هستيءَ، پارت جي آزادي برقرار رکڻ لاءِ عظيم قرباني ڪئي ۽ جان جي بازي لڳائي. ويرَ ۽ سورمي وانگر شهادت جو جام پيتو ڪلندي ۽ مشڪندي ڦاهيءَ جي تختي تي چڙهيو ۽ آخرين وقت تائين سندس چپن تي "انقلاب زندهه باد"، "هندستان آزاد" جا نعرا هئا.

اڄ پريا 38 سال گذري ويا آهن. ليڪن هيمون آمر آهي. هو سنڌ جو ٻڪت سنگهه بڻيو ان وانگر ئي انقلابي، بهادر، دليرَ، ويرَ، وطن پرست هو. ديش جي محبت هن کي ديوانو ڪري ڇڏيو ۽ هن مجنونءَ وطن سان نياپو ۽ جان جي آهوتي ڏني. جيئن غلام پارت جون زنجيرون ٽٽن ۽ هندستان آزاد ٿئي. هيمونءَ سڌ اونايو پارت ماتا جو ديش پتا مهاتما گانڌيءَ جو جنهن 1942ع ۾ "هندستان ڇڏي ويو" جي هلچل هلائي. هن سڌ اونايو ديش جي لاڏلي پنڊت جواهر لعل نهروءَ جو ۽ هندستان جي انقلابين جو انگريزن سان ٽڪر کاڌائين. ڪنهن کي ڪجهه نه ٻڌايائين ۽ ديش جي نوجوان ٽهيءَ لاءِ زندهه مثال قائم ڪيائين. شهادت جو جام پي هو سڌو پريوءَ جي چرنن ۾ وڃي ويٺو. هيمون مري ڪونه ويو آهي، هو زندهه آهي ۽ رهندو. اهڙا ويرَ، وطن پرست، ديش پريمي ۽ قرباني جا پتلا مرندا ڪين آهن، هو هميشه امر آهن. سندن ياد اڄا به تازي آهي.

نوجوانن تي اثر

مان 1942ع جي سال ۾ نوابشاهه سنڌ ۾ "ولس هاءِ اسڪول" ۾ شاگرد هوس ۽ منهنجي عمر 14 سال هئي. پتا صاحب سرڳواسي ديوان هرداس مل گرسهاڻي، نوابشاهه ضلعي ۾ سنڌ جا برڪ فوجداري وڪيل هئا ۽ وڪيلن جي ائسوسيئيشن جا پرڌان، ولس هاءِ اسڪول جي بورڊ جا چيئرمن، الیکٹرک سپلاءِ ڪمپنيءَ جا چيئرمن ۽ حامد علي ڪلب جا چيئرمن. منهنجي اسڪول ۾ استرائيڪ ٿي، مون پتا صاحبن جي مرضيءَ خلاف آزاديءَ جي آندولن ۾ سرگرم ڀهرو ورتو. هيمونءَ جي ڦاهيءَ جي خبر ڏڏڪو ڏنو جنهن ساڻين ۾ جوش پيدا ڪيو. ستياگرهه ڪيوسين، سيشن ڪورٽ تي ترنگو جهنڊو چاڙهيوسين. پوسٽ ۾ باهيون لڳيون، ريلوي جا پٽا نڪتا، پليٽون نڪتيون ۽ نيٽ چار دفعا جيل جي ياترا ڪرٽي پيئي. ۽ ٽي دفعا نوابشاهه ۾ رڪيو ويو ۽ چوٽون دفعو سخت پورهئي سان چئن مهينن جي سزا ملي ۽ حيدرآباد سنڌ جيل ۾ موڪليو ويو. ليڪن قسم ڪنيوسين ته ديش سان وفادار ٿي. ديش جي آزاديءَ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪنداسين. ان لاءِ جان ڏيڻي پيئي ته ڏينداسين. هيمونءَ جي شهادت مون تي ۽ منهنجي جيون تي گهرو اثر ڪيو ۽ هڪ نئين همت ڏني ۽ هڪ نئون وشواس ڏنو.

(1981ع)

هيمون قاضي

هيمون ڪالاڻي

سورهيه مرين سوپ کي، ته دل جا وهم وسار
هڻ پالا، وڙهه پاڪرين، آڏي ڍال مَ ڌار
مٿان تيغ ترار مار ته متارو ٽئين.
(شاهه)

شاهه پٽائي جي بيتن ۾ واين جي وادي، سنڌ سدائين سورهين، سورمن، سرواڻن ۽ سوريچن کي جنم ڏيندي رهي آهي. اهي سرويچ سدائين ڌرتي ماتا جي ٽڄ جو ٽورو ريتي رت جو نذرانو ڏيندي لاهيندا آيا آهن. سندن رت جا ڦڙا پوڻءَ کي پيٽ ڏيئي، پوڻءَ کي سرخ بنائيندا رهيا آهن. جيڪي سندن هستي ۽ عظمت جا اٽمٽ نشان ٽي تاريخ جي صفحن ۾ نمايان نظر ايندا آهن. اهڙن سرڪرين سرواڻن مان "شهيد هيمون ڪالاڻي" به هڪ آهي.

هيمون 18 سالن جو ڪيرو ماڻ جو لاڏلو پٽ هو. سندس خاندان پراڻي سکر جو رهاڪو هو. هيمون جو ڪٽنب ڪالاڻي ڪوٽائيندو هو جيڪا هڪ هندو ذات آهي. ڄائو ٽپنو سنڌ ۾ ئي هو سو سنڌ ۾ ئي ساهه هيس. هيمون وڏو وطن پرست ۽ بردبار بانڪو بهادر هيو. هيمون ننڍي هوندي کان ئي سخت حساس ۽ جذباتي هو. ظاهري طور تي تمام مائيڙو هو ڇڙ سياست سان لڳاءُ ئي ڪونه هيس. پر اندر ۾ آگ جا الا ۽ اڌما پڙڪو کائيندا رهندا هئس. هيمون ڏسڻ ۾ هيڏو هو ۽ وڇولي قد وارو مانجهي مڙس هو.

هيمون جي وقت ۾ سجي برصغير تي برطانوي سامراج جو غلبو هو. برطانوي سامراج پاران مڙهيل جاگيرداري نظام (Feudalism) جي

ظلم ۽ بربريت ماڻهن جي مائي ساگر ۾ مانڊاڻ مچائي ڇڏي غريب پورهيتن جي زندگي مفلوج ٿي چڪي هئي. پر تڏهن به انگريز برصغير جي ماڻهن جو بي دريغ قتل ڪيو رت پيتو ۽ سچو پينگيو ڪيو اقتصادي توڙي سياسي استحصال ڪيو ۽ ماڻهن ۾ انتقامي ڪارواين ڪرڻ جو شعور جاڳيو. انهن حالتن هيمونءَ جي دل کي ڏوڏي وڌو. هيٺو هيمون دل ئي دل ۾ اٽڪلون سٽڪلون سوچيندو هو ته ڪيئن انگريزن کي هن ڌيهه مان ڏڪاري ڪڍجي ۽ وقت جو انتظار ڪرڻ لڳو. نيٺ جڏهن 1942ع ۾ مهاتما گانڊيءَ طرفان "هندستان خالي ڪيو"، "Quit India Movement" واري هلايل تحريڪ زور ورتو تڏهن هيمونءَ همت ٻڌي سنڌ مان سڊ ڏنو ۽ پنهنجن ساٿين جو ساٿ ونڊي، پراٽي ۽ نئين سکر جي وچ ۾ فوجي گاڏي ڪيرائڻ لاءِ ريل جي پٽڑي اکيڙي. گاڏي تي ڪاڪ ڪري، پر هيمون هٿيڪو ٽيو. هيمون جڏهن اهو واقعو ڪيو تڏهن هن ايجا تعليم ئي پوري ڪاڪ ڪئي هئي. هن تعليم کي خيرباد ڇئي. آزاديءَ جي تحريڪ ۾ حصو ورتو هو.

جنهن وقت هيمون گاڏي ڪيرائڻ وارو واقعو ڪيو ان وقت سنڌ ۾ انگريز سامراج کي ڪمزور ڪري سامراجي شڪنجن کي ٽوڙي سامراجيت کي ختم ڪرڻ لاءِ ٻن قسمن جا گروه مختلف طريقن تي عمل ڪري رهيا هئا.

1. هڪ قسم جا اهي ڏاڙيل هئا. جيڪي بئنڪن کي ڏاڙو هڻي پئسا آڻي ڪانگريس کي مالي مدد ڏيندا هئا. اهڙن ڏاڙيلن جو مشهور مهندار اميرو رند هو. جيڪو هاٿي لاڙڪاٿي ۾ ڪراڙپ جي زندگي گذاري رهيو آهي. اهڙي قسم جو مشهور واقعو ان وقت ۾ عرب بئنڪ کي لڳل ڏاڙو آهي. جيڪو اهڙن ڪارروائين جو ثبوت آهي.
2. ٻئي قسم جا اهي جوڌا جوان هئا. جيڪي سڌو سنئون انگريز سامراج سان ٽڪر کائيندا هئا ۽ ايڪڙ ٻيڪڙ مختلف هنڌن تي دهشت پسنديءَ جون ڪارروايون ڪندا هئا. اهڙي قسم جون ڪارروايون ڪندڙن ۾ هيمون ڪالاڻي اچي وڃي ٿو.

در حقيقت صحيح شعور نہ هڻڻ ڪري ۽ سماجي ارتقا ۽ تضادن جي ڄاڻ نہ هڻڻ ڪري، مڻي بيان ڪيل پهريون ٽولو تہ بلڪل ئي ڏاڙيل ٻڌجي پيو. باقي ٻيو ٽولو جنهن کي دشمن جي صحيح ڄاڻ هئي، سي سياسي دهشت پسند ٻڌجي ويا. ڇاڪاڻ تہ انهن کي صحيح سوچ جي صحيح استعمال جو ڏاڻ نہ آيو.

هيمونءَ جي وقت ۾ انگريز سرڪار اڳ ئي سنڌ ۾ پيرپاڳاري سيد صبغت الله شاهہ جي سرڪردگيءَ ۾ هلندڙ حرن جي تحريڪ کي هيٺو ۽ بي وس بنائڻ لاءِ سنڌ ۾ مارشل لا لڳائي چڏي هئي ۽ سزائن ڏيڻ لاءِ مارشل لا ڪورٽون قائم ڪيون ويون هيون. ان سلسلي ۾ ئي هيمون تي ٻہ مارشل لا ڪورٽ ۾ ڪيس هلايو ويو جنهن ۾ ڪيس ڦاهيءَ جي سزا ٻڌائي وئي. هيمون کي تہ ڪابہ ڳڻتي ڪانہ هئي، هو هميشہ جيان پراعتماد هيو. هن سرڪار کي ڪابہ رحم يا معافيءَ جي درخواست ڪانہ ڪئي. جڏهن تہ ڪيس زوربار ڪيو پئي ويو تہ ٻين ساڻين جا نالا ٻڌائي معافي وٺي آزاد ٿئي، پر هي اردو ۽ اڏول رهيو پنهنجي ڪئي تہ نہ پشيمان ٿيو نہ وري ساڻين جا نالا ٻڌايائين. هيمونءَ مات مور نہ مڃي.

ڪاري ڪکر هيٺ، مون جهيڙيندڙ ڇڏيا،
ڪارا ڪندڙ هٿن ۾، اڏل وڇيرا هيٺ،
ٿي تنهين سين ڏيٺ، موٽڻ جنين ميهڻو.
(شاهہ)

جڏهن فوجي ڪمانڊر هن کان پڇيو:
"جيڪڏهن توکي ڇڏيون تہ ڇا ڪندين؟"
هيمونءَ دليريءَ سان جواب ڏنو:
"جيڪڏهن مون کي ڇڏيو ويو تہ وري وڃي ساڻين سان ساڻيا ڪم ڪندس، اوستائين جيئن انگريز منهنجي پاڪ ۽ پوتر ڌرتيءَ تان پنهنجا ناپاڪ قدم نہ تا پٽين."

هيمونءَ کي پوءِ ڪافي وقت تشدد هيٺ رکندا رهيا تہ جيئن پنهنجي ڪئي تہ پشيمان ٿئي، پر هيمون ۽ پشيمان؟ ٻہ متضاد سوال هئا. مرندي گهڙيءَ تائين هيمونءَ هار نہ مڃي. نيٺ ڦاهيءَ جي تختي تي چاڙهيائونس، جتي ڦاهي جي ڦندي کي چمي ڳچيءَ ۾ وڌائين.

اي سنڌو توکي پيٽ ڏنا،
ڪنهن ماڪ ڏڙا، ڪنهن لڙڪ ڏڙا،
جن توکي پنهنجو رت ڏنو
سي پنهنجو پاڻ ملهائي ويا.

هيمون کي آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ سپاهي Freedom Fighter چئي سگهجي ٿو پر اهڙو دهشت پسند (Terrorist) چئي نه ٿو سگهجي، جيئن موجوده وقت ۾ ڪجهه رومانٽڪ نوجوان پنهنجي رنگا رنگ طبيعت ۾ هيروئزم جي شوق خاطر، دهشت گرديءَ ڏانهن مائل ٿيندا ٿا وڃن.

(1987ع)

دادا سنڌي

هيمون ڪالاڻي

1942ع جو زمانو هو ساري هندستان تي انگريزن جو قبضو هو ۽ ڪر ہوساڻ جو دور هو. برطانوي سامراج پاران مڙهيل جاگيرداري نظام، سيني غريبن جو رت چوسي چڏيو هو. مسڪين پورهيتن جي زندگي خراب ٿي چڪي هئي. اقتصادي ڦرلٽ چوٽ چڙهيل هئي. سياسي طرح، سڄي ننديڪنڊ تي انگريزن جي حڪومت هئي. محب وطن ۽ آزادي جي پتنگن کي چونڊي چونڊي ماريو ٿي ويو. برصغير جي ساري ملڪيت کڄي برطانيہ وڃڻ لڳي ۽ هتان جو عوام ڏينهون ڏينهن ويو بکن ۾ ڳرندو ۽ ڇُهرندو. اها حالت ڏسي، سنڌ ۾ حر تحريڪ شروع ٿي ۽ وچ هندستان ۾ مهاتما گانڌي "هندستان خالي ڪريو" جو نعرو هنيو. ان وقت ماڻهن جي دلين ۾ انگريزن خلاف، نفرت جا آڙاهہ پئي ٻريا. ان ڪري هندستان جي آزاديءَ لاءِ هر ڪو هن نعري کي لبيڪ چوندو اڳتي وڌيو. هن نعري جو پڙاڏو سکر جي هڪ نوجوان جي ڪن تي بہ پيو هو ڳيرو هو الهڙ هو نئون رت هوس. هن چاهيو ٿي تہ هي ظالم سامراج، جنهن اسان جي ڌرتيءَ تي رت جي راند کيڏي آهي، ترت ختم ٿئي. هن جو نالو "راهي هيمن" هو ۽ پر پيار مان کيس "هيمون" چوندا هئا.

هو 23 مارچ 1923ع ۾ پراڻي سکر ۾ جائو. سندس پيءُ پيسو مل ٺيڪيداري ڪندو هو. منجهس آزاديءَ جي تڙپ ۽ ولولو هو.

سندس ڄاڻ سڃاڻ اهڙن ماڻهن سان هئي، جيڪي آزاديءَ جي راهہ جا پانڌيئڙا هئا.

23 آڪٽوبر جي رات هئي، جڏهن هنن کي خبر پيئي تہ فوجين سان ٻريل هڪ اسپيشل ٽرين اچي پئي، جيڪا سکر مان ويندي ۽

لازماً اهي فوجي، ديس جي آزادي جي شمع تان پتنگن وانگر سر ڏيندڙن لاءِ اجل جو سبب بڻيا. هنن گڏجي، فوجي ترين کي ختم ڪرڻ لاءِ سر تريءَ تي رکي، ريل جي پٽڑيءَ کي اکيڑڻ جو ڪم شروع ڪيو. عين ان وقت، ڪيس هڪ سپاهي فيروز خان پڪڑي ورتو ۽ سندس ٻيا ساٿي پڇي ويا. هيمون کي جيل ۾ وجهي، مٿس ڇا ڇا نه تشدد ڪيو ويو. هن کي سخت سرديءَ ۾ برف جي بلاڪن تي 22 ڏينهن لاڳيتو اگهاڙو سمهاريو ويو. ڏنڪا هنيا ويا، لوهه جي تتل سيخن سان ڏنب ڏنا ويا، پر هن ڪجهه نه سليو. آخر ڪيس ڪورٽ مارشل ڪيو ويو جتي هڪ دفعي چيو هئائين:

"مون ريلوي لائين، ان لاءِ اکيڑي ٿي ته، فرنگين جي ٽرين کي ناس ڪريان، پر بدقسمتي جو ان ۾ ناڪامياب ٿيس."

اهو اقراري بيان سندس جرئت ۽ همت جي نمائندگي ڪري ٿو. تي سال ساندهه ڪيس هليو ۽ آخر ڪيس ڦاهيءَ جي سزا ڏني ويئي، جيڪا دنيا جي تاريخ ۾ هڪ نابالغ ٻار کي ڀهرين سزا هئي. موت جي سزا منظور ٿيڻ کان پوءِ، هيمونءَ جي وڪيل، پيرزادي عبدالستار سندس مامي کي موڪليو ته هو هيمونءَ جي هٿ اکرن سان معافي نامي تي صحيح وٺي اچي ته ڪيس معاف ملندي. پر هن چيو ته:

"ڦاهيءَ جو ڊپ ڪانئرن کي ٿيندو آهي، جيڪي پنهنجو ضمير چانديءَ جي چند سڪن تي وڪڻي چڏيندا آهن. موت جو نالو وٺي، مون کي ڊيڄارڻ جي ڪوشش نه ڪريو. معافي ان لاءِ وٺان ته مون پنهنجي ڪارڪردگيءَ تي پڇتايو هجي، پر ائين نه آهي. مون کي پنهنجي ڪئي تي فخر ۽ ناز آهي. جيئرو رهيس ته اهڙا ڏوهه وري ڪندس. فرنگين کان معافي گهرڻ تي، ڏرتيءَ جي آزادي وارو موت هزار درجا بهتر آهي. موت کان گيدي ڊڄندا آهن، پر وطن جا سپاهي، سوريءَ کي سينگار سمجهندا آهن ۽ رت کي سهاڳ جي ميندیءَ جو رتبو ڏيئي سيني سان لائيندا آهن."

جڏهن ساٿس ماءُ ملڻ آئي ۽ ان به کيس معافي وٺڻ لاءِ چيو ته ان کي به جواب ڏنائين ته:

"تون منهنجي ماءُ آهين ۽ مون کي سڃيءَ دنيا کان پياري آهين. پر منهنجي هڪ ٻي به ماءُ آهي. جنهن جو درجو ۽ مرتبو توکان به اتاهون آهي۔ اها آهي هن ننڍي کنڊ جي ڌرتي. مان ان ڌرتيءَ ماتا تان صدقو ٿو ٿيان. دعا ڪجانءِ!"

هيمونءَ جي انهيءَ جذبي ۽ حب الوطنيءَ جي لڳاءَ دشمن کي به ڏڪائي ڇڏيو. چون ٿا ته هو جيل ۾ نهايت خوش رهندو هو ۽ پنهنجن ڏورن تي هٿ هٽي چوندو هو:

"هنن بازن کان ڪم ونڊو آهي ۽ انگريزن کي ملڪ مان ڀڄائڻو آهي".

هو چوندو هو:

"جڏهن مان آزاد ٿيندس ته ان کان به وڌيڪ ڪم ڪندس ۽ ايستائين ڪندو رهندس. جيستائين انگريز ملڪ نڪو ڇڏي".

هو دوستن کي چوندو هو ته:

"هو موت جي ڪري لڇي نه ٿيندو. پر هڪ بهادر جي موت مرندو."

۽ ٿيو به ائين! هن 21 جنوري 1943ع جي صبح جو سوريءَ کي چُمي ڏيئي. آزادي جي حور مٿان سر قربان ڪيو.

هيمون اسان جي تاريخ جو عظيم ڪردار آهي. اهڙي سورهيائي. ثابت قدمي ۽ سرفروشيءَ جو مثال دنيا جي تاريخ ۾ نڪو ملي. جو هڪ معصوم هار دار کي چميو هجي.

امين کوسي سچ چيو آهي ته:

"هيمون جو موت هڪ بهادر جو موت آهي. جيڪو ميٽجڻ ۽ ميسارجڻ جو نه آهي."

منصور قادر جوٽيجو

شهيد هيمون ڪالاڻي

اها زندگي جنهنجو ڪوبہ ڪارج يا مقصد ڪونهي، سا زندگي موت کان بہ وڌيڪ بدترين ۽ پيانڪ آهي. جيڪي ماڻهو سمجهن ٿا تہ موت، زندگيءَ جي انتها آهي، اهي حقيقت ۾ زندگيءَ ۽ موت جي فلسفي کي سمجهي ئي ناهن سگهيا. جيستائين ڪو ماڻهو موت جي سچاين، حقيقتن ۽ گهراين کان واقف نٿو ٿئي، تيستائين زندگيءَ جي سچاين ۽ حقيقتن کي پرکڻ ۽ پروڙڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

بزدلي ۽ پاڙيائپ جي سؤ ورهين جي زندگيءَ کان بهادري ۽ همت جي هڪ گهڙي ۽ لمحي واري زندگي بہ وڌيڪ بهتر آهي. ضمير جو موت، جسماني موت کان وڌيڪ بدترين موت آهي. دنيا ۾ هڪڙا ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جيڪي صرف ۽ صرف زندگيءَ لاءِ ئي جيئندا ۽ مرندا آهن ۽ ٻيا اهڙا هوندا آهن، جن لاءِ زندگي بہ موت کان وڌيڪ ايذائيندڙ عذاب هوندي آهي، جيڪي ماڻهو سچ ۽ سچائي، ڪارڻ مرندا آهن. اهي تاريخ جو هڪ نہ وسرندڙ باب ٻڌجي ويندا آهن ۽ جيڪي ماڻهو ڪوڙ ۽ ڪڇ جي پوئواري ڪندي مرندا آهن، اهي مرڻ بعد هميشہ هميشہ لاءِ ختم ٿي ويندا آهن. تاريخ ۾ انهن جو ڪوبہ نالو نشان باقي ناهي رهندو.

هڪڙا ماڻهو قلم جي نوڪ ذريعي لفظي تاريخ لکندا آهن تہ ٻيا ماڻهو پنهنجي لال لهوءَ جي رينڙن رت ڦڙن سان ڌرتيءَ جي آزاديءَ جي تاريخ لکي، شهيدن جي صف ۾ پنهنجو امر نانءُ لکائي ويندا آهن. اهڙن مانجهي مردن، ۽ سورهيہ سرويچن مان هيمون ڪالاڻي بہ هڪ هو.

هيمون ڪالاڻي، مذهبي طور هونءَ ته هندو هو پر سندس جيون جي وڏي کان وڏي تاريخي سچائي اها آهي، جو هو ڪنهن ڪفر ۽ اسلام جي جنگ ۾ نه، پر پنهنجي ڌرتي ماتا سون ورني سنڌوءَ جي سينڌ سنواريندي، سندس آزاديءَ خاطر شهيد ٿيو. هو هڪ اهڙو اڻل ۽ اڏول سنڌي جوڌو هو جنهن وحشي انگريز سامراج جي خوني چنبن مان سنڌ کي آزاد ڪرائڻ چاهيو. هيمون ڪالاڻي مسلمان نه سهي، پر ڪنهن اهڙي جرنيل کان هزارين ڀيرا وڌيڪ بهتر هو جنهن پنهنجي تلوار ڌريمي پنهنجي ئي ڌرتيءَ ۽ ديس واسين کي فتح ڪيو هجي، جنهن پنهنجي ئي وحشي گهوڙن جي سنبن سان ڪنهن مظلوم ڌرتيءَ کي چيريو ڦاڙيو ۽ ڪيڙيو هجي، يا انسانن جي ڪنهن بي ڏوهي جٿن کي پنهنجي ذاتي خواهشن جو غلام بڻايو هجي، يا اسلام جي آڙ ۾ ڪنهن جي مظلوم نياڻين جون لڄون لٽيون هجن. هيمون ڪالاڻي هندو ضرور هو پر اهڙن سوين ڏوهن کان پاڪ هو.

هيمون ڪالاڻي هڪ اهڙو عظيم انسان هو جيڪو اڄ به ڪلهه وانگر، سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي دلين جو ڌڙڪو ۽ قومي آزاديءَ جي جنگ جو هيرو آهي، مسلمان توڙي هندو سنڌين لاءِ ساڳي عزت ۽ احترام لائق آهي. سنڌ جا تقريباً سڀ طبقا اڄ به آزاديءَ خاطر هيمونءَ جي قربانيءَ کي محبت ۽ عقيدت واري نگاهه سان ٺا ڏسن. سنڌ جي ڌرتي اڄ به دين ڌرم جي دوکي کي نفرت جي نگاهه سان ڏسي ٿي. سنڌ ۾ اڄ به پيار ۽ محبت جو مقام مذهبن کان مٿانهون آهي. سچل سرمست جي ان درس تي اڄ به سنڌ واسي عقيدو ۽ يقين ٺا رکن:

"مذهبن ملک ۾ ماڻهن منجهايا."

محبت، سنڌ ۾ اڄ به عالمي فاتح قوت جي حيثيت ۾ نروار آهي. ۽ اهائي محبت سنڌ ۾ مذهبن کان مٿانهون درجو ماڻي چڪي آهي.

ماضيءَ ۾ واقعي سنڌ اندر مذهبي ٽڪراءَ ۽ ڪٽرپڻي سنڌين کي هڪٻئي کان ڇني ڌار ڪيو نفرتن جو ٻج ڇٽيو ويو ۽ دلين آڏو مذهبي ديوارون کڙيون ڪري، دلين اندر ڊپ، خوف ۽ نفرت کي اپاريو ويو. نتيجي ۾ ايڪي، ڀڏي ۽ پائيچاري کي ايترو ته سخت

چيهو رسيو جنهن جو ازالو اڄ تائين ٿي ناهي سگهيو پر اڄ هر هڪ باشعور ۽ هوشمند سنڌي سمجهي ٿو ته. "سنڌين کي هاڻي رڳو سنڌيت ۽ محبت جي نالي ۾ ئي گڏ رکي سگهجي ٿو پر مذهب ۽ ملڪ جي نالي ۾ نه..... اهائي قوميپرستيءَ جي عظيم فتح آهي." شايد اهوئي سبب آهي، جو اڄ سنڌ جي تاريخ توڙي سنڌين جي دلين ۾ راجا ڏاهر، هيمون ڪالاڻي، روپلي ڪولهي ۽ اشوڪ ڪمار شهيد جي بہ ايتري ئي عزت آهي، جيتري شاهہ عنايت شهيد، مخدوم بلاول، هوشو شيدي يا رزاق سومري جي.....!!

شهيد هيمون ڪالاڻي 23 مارچ 1923ع تي پراڻي سکر ۾ ڄائو سندس چٽيءَ جو نالو تہ "راهي هيمن" رکيو ويو پر اڪيلي پٽ هٿ ڪري پيءُ ماءُ طرفان سندس لاڏ ڪوڏ وارو نانءُ "هيمون" پئجي ويو. پراڻي سکر ۾ ئي پليو نپنو ۽ وڏو ٿيو. سندس پيءُ جو نالو "پيسو مل" هو جيڪو سکر ۾ ٽيڪيداري ڪندو هو ورهاڱي کان پوءِ سندس خاندان سنڌ ڇڏي ويو. سندس ماءُ اڄ بہ هندستان ۾ زنده آهي. گذريل سال 19 ڊسمبر ۾ هندستان ۾ ملهائجندڙ سنڌي سميلن ۾ هيمون ڪالاڻيءَ جي ورسيءَ تي تقرير بہ ڪئي هئائين. ۽ اڄ سوڌو پنهنجي نوجوان پٽ هيمونءَ جي ڪاهيءَ جو تصور پنهنجي پوڙهين اکين ۾ سانديو، پنهنجي ڏرتيءَ کان دور، وطن هوندي جلاوطنيءَ جو جيون گهاري رهي آهي. سوچيو اهڙي ماءُ تي، جنهن جو ڀيرو پٽ سنڌ جي آزاديءَ جي جنگ وڙهندي ڪاهيءَ چاڑهيو ويو هجي، پر ان شهيد جي ماءُ هندستان سرڪار جي رحم ڪرم ۽ وظيفي تي جلاوطن زندگي گهاري رهي هجي، ۽ سوچيو اهڙي شهيد بابت جيڪو ڪاهيءَ تي تہ سنڌ لاءِ چڙهيو پر سنڌ ۾ سندس ورسي ملهائڻ تي بہ بندش آهي، ڪيڏو نہ ظلم ۽ ناانصافي آهي. هن ملڪ ۾ پنجاب جي راجا رنجيت سنگهہ جي ورسي ملهائڻ تي بندش ڪانهي، پر سنڌ جي راجا ڏاهر جي ورسي تہ ڇا، پر ڪنهن ڪتاب ۾ نالو لکڻ تي بہ منع آهي. غلامن ۽ حاڪمن ۾ ايترو ئي فرق آهي.

هيمون ڪالاڻي شروعاتي پرائمري تعليم پراڻي سکر جي پرائمري اسڪول ۾ حاصل ڪئي، ان بعد تلڪ ميونسپل هاءِ

اسڪول ۾ انگريزي پڙهڻ لاءِ داخلا ڪرايو ويو. تلڪ اسڪول، لوڪمانيا تلڪ مهاراج جي نالي پٽيان قائم ٿيل هو. پر ورهاڱي کان پوءِ جڏهن هن ملڪ ۾ اسلامائيزيشن جي عمل زور ورتو ۽ ڪافر شهرن کي مسلمان بڻائڻ جو رواج وڌڻ لڳو. جيئن سيتا روڊ کي ڪافر مان مسلمان بڻائي "رحماني نگر" ڪيو ويو تيئن تلڪ ميونسپل هاءِ اسڪول کي به مسلمان بڻائي. سندس اسلامي نالو سرڪاري هاءِ اسڪول رکيو ويو.

هيمون ڪالاڻيءَ جي شروعاتي انقلابي زندگي بابت ڪابه پڪي شاهدي ڪانه ٿي ملي. جڳ مشهور دانشور پير علي محمد راشدي پنهنجي مشهور ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" جلد پهرئين ۾ لکي ٿو ته:

"نوجوان هو ايڄا تعليم ۾ پوري ڪانه ڪئي هئائين. پراڻي سکر جي ڪالاڻي ڪٽنب مان هو. ظاهري طرح سياست سان ڪوبه واسطو ڪونه هوس. توڙي جو آءٌ ورهين جا ورهيه سکر ۾ رهي چڪو هوس، پر سندس نالو ڪڏهن به منهنجي ڪن تي نه پيو. معلوم ٿئي ٿو ته اندر ئي اندر ۾ پئي سڙيو ۽ ٻريو....!"

پر ڪن حقيقتن مان ظاهر ٿئي ٿو ته. هيمون ڪالاڻي آزادي پسند انقلابي زندگيءَ ۾ پنهنجي چاچي محترم منگهارام ڪالاڻي طرفان ڪيل "سوراج سڀا منڊل" ۾ عملي طرح هڪ متحرڪ ۽ سرگرم ڪارڪن جي حيثيت سان ڪم ڪيو. جيڪا انگريزن خلاف آزاديءَ واري هلچل هلائڻ لاءِ عملي طرح جدوجهد لاءِ سرگرم هئي. هيمون ڪالاڻي انگريزن کي هندستان مان ڪڍڻ لاءِ اهنسا بجاءِ هنسا يا تشدد جو حامي هو. ڇو ته ان وقت هندستان کي آزاد ڪرائڻ واري هلچل لاءِ تي فڪر جنم وٺي چڪا هئا.

هڪ: مهاتما گانڌي هو جنهن هندستان ڇڏي وڃو جو نعرو ڏئي اهنسا جي واٽ ورتي. گانڌي جي چيو ته پرامن احتجاج، بائڪاٽ ۽ هڙتال ذريعي انگريز سامراج کي پڄي وڃڻ تي مجبور ڪيو وڃي.

ٻيو سياش چندر بوش هو جنهن انگريز حاڪمن کي "گوريلا جنگ" يا ڇاپا مار ويڙهه ذريعي پڄائڻ پئي چاهيو.

ٽيون پڳٽ سنگهه هو جنهن دهشت پسند ڪارروائين ذريعي انگريزن کي هندستان ڇڏائڻ ٿي چاهيو ۽ لڳي ٿو ته هيمون ڪالاڻي پڻ پڳٽ سنگهه جي دهشت پسند تحريڪ کان گهڻو متاثر ٿيل هو. جو ته ڪڏهن ڪڏهن هو پنهنجي ڪلاس فيلوز کي گڏ ڪري انهن کي پڻ پڳٽ سنگهه جي دهشت پسند ڪارروائين بابت ليڪچر ڏيندو هو.

هيمون جسماني طرح ڪٽي ننڍڙو هو پر ذهني طور وڏن کان به وڏو هو. هن محسوس ٿي ڪيو ته جنهن قوم (انگريز) پيار محبت ۽ امن جي هٿيارن بجاءِ بندوق بم ۽ بارود هٿ ۾ ڪٽي اسان جي ڌرتيءَ ۽ ديس کي غلام بڻايو آهي، ان قوم آڏو بي هٿيار ٻڌجي، پيار ۽ محبت وارو احتجاج ڪرڻ بزدلي ۽ پاڙيائپ کان سواءِ ڪابه معنيٰ نٿو رکي. ڇو ته هٿياربند دشمن سان هٿيار جي ئي زبان ۾ ڳالهائڻ ڪپي. پرامن احتجاج ذريعي هو (انگريز) ڪڏهن به هندستان نه ڇڏيندا. شايد ان ڪري ئي هيمون ڪالاڻي دادا ٽانورداس گلومل جي اڳواڻيءَ هيٺ ريل ڪيرائڻ واري رٽا تيار ڪئي هئي.

اهو هڪ اٽل قانون آهي ته ڪنهن به ديس اندر بندوق هٿ ۾ ڪٽي، ڏاڙيلن جي روپ ۾ داخل ٿيندڙ قوم تشدد کان سواءِ واپس ناهي موٽندي. شايد ان ڪري ئي سنڌ اندر ڏارين انگريزن خلاف جيڪي به تحريڪون ۽ هلچلون هليون، سي سڀ ئي پرتشدد ۽ هنسائي هيون ۽ گوليءَ جو جواب گوليءَ سان ڏنائون. ان دور ۾ هڪ طرف دنيا ۾ ٻي عالمگير جنگ جا ڪارا ڪڪر چانيل هئا. موت جا وحشي درندا انسانن مٿان بمن جي بارش وسائي رهيا هئا. مغربي دنيا جون اتحادي قوتون روس ۽ آمريڪا سان گڏجي هٽلر خلاف جنگ وڙهي رهيون هيون ۽ جپان جي شهرن هيروشيما ۽ ناگاساڪي مٿان ايٽمي اسلح (ايٽم بم) جي استعمال لکين ماڻهن کي موت جي نند سمهاري چڪيو هو ته ٻئي طرف سنڌ اندر انگريز سامراج خلاف گوريلا جنگ هلي رهي هئي، جيڪا "حر تحريڪ" جي روپ ۾ سنڌ اندر ڏارين سامراجين خلاف ۽ انهن کي سنڌ مان ڪيڙ خلاف نروار ٿي چڪي هئي.

حر تحريڪ جو مک رهبر ۽ اڳواڻ پير سائين پاڳارو وڏو مکي ٻيلي ۽ اندمان ۾ هندستان جي بين الاقوامي طور مڃيل گوريلا اڳواڻ ۽

آزاد هند فوج جي اڳواڻ سپاش چندر بوش سان ڳجهي طور ملاقاتون ڪري چڪو هو ۽ ٽئين مڪتب فڪر، يعني مهاتما گانڊيءَ جي پرامن ۽ اهنسا واري تحريڪ کي پڻ سنڌ مان ڇگي خاصي موٽ ملي هئي. انهن ٽنهي فڪرن کي ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان سنڌ ۾ هٿي ملي، پر "بن قومي نظرين" واري تصوراتي ۽ هوائي نظرئي جو ان دور تائين ڪوبه خاص ڪردار نظر نٿو اچي.

آزادي ڪنهن کي به گهر ويٺي جهوليءَ ۾ ملي نٿي سگهي. چو ته آزادي لاشن جي ڍير تي ۽ رت جي درياڻن جي وهڪ کان پوءِ نصيب ٿيندي آهي. جنهن قوم جي ليدر هڪ سيڪنڊ لاءِ به جيل ياترا نه ڪئي هجي، ڪو ظلم ۽ ڪا تڪليف نه سٺي هجي، ان قوم کي آزادي ملڻ ڪافي مونجهارن ۽ دليلن کي جنم ڏيندڙ فيصلو آهي. تاريخ ۾ ايڏو انڊيرو دنيا جي ڪنهن به حصي ۾ ناهي ٿيو ۽ نه ئي ٿي سگهي ٿو.

مان ته محققن ۽ تاريخدانن جي ان راءِ کي به مڃڻ لاءِ تيار ناهيان ته هي عالمگير جنگ جي تباهي ۽ بربادي جي نتيجن مان متاثر ٿي، انگريز يا برطانوي سامراج هندستان ۽ ٻين ٻيلڪن ۽ نوآبادين کي آزادي ڏني. اهو دليل حقيقت ۾ ته انگريز سامراج سان وڙهندڙ شهيدن جي هاريل رت کان مڪمل انڪار برابر آهي. چو ته هي عالمگير جنگ جي تباهڪاريءَ کان پوءِ به برطانوي سامراج ان پوزيشن ۾ هو ته هو ڪجهه سالن تائين هندستان سميت ٻيلڪن کي غلام رکي سگهيو ٿي، پر هندستان سميت ٻين ڪيترن ئي غلام ملڪن جي آزادي پسند قوتن جي پرتشدد ڪارروائين کان ڊڄي ڪري انگريزن غلام ملڪن کي آزادي ڏني، پر هتي ته اها آزادي مذهبي غلاميءَ جو روپ وٺي، اسان آڏو نروار ٿي. جيڪا اڄ ڏينهن تائين اسان جي اکين آڏو آهي.

هند ۽ سنڌ مان انگريزن جا پير پٽڻ جو واحد سبب هتان جي آزادي پسند انقلابي قوتن جون گوريلا ۽ دهشت پسند ڪارروايون هيون. هندستان ۾ سپاش چندربوش ۽ پگت سنگهه ۽ سندس ساٿين جون ڪارروايون ته هتي پير سائين پاڳارو هيمون ڪالاڻي، پرچو وديارٿي ۽ ٻين دهشت پسند ۽ گوريلا تنظيمون ٿاهي. آزاديءَ جي جنگ ۾ حصو ورتو، نتيجي طور پير پاڳاري ۽ هيمون ڪالاڻيءَ کي ڦاهيءَ

چاڑهيو ويو پر پنهنجي زندگيءَ پر هو ڪنهن به سامراجي قوت آڏو نه جهڪيا ۽ جن انگريزن جي هٿ پر هٿ ڏئي جيون گهاريو. جن قوم پرستن ۽ انقلابين جا گهٽ پيڇرا ۽ پيرا ٻڌايا، جن قوم پرستن جي ڏنل قربانين جو نيلام ڪيو ۽ جن شهيدن جي رت سان غداري ڪئي، تن مان ڪي خانبهادر ٻڌيا، ته ڪي راءِ بهادر ڪي سر ٻڌيا، ته ڪي پيو ڪجهه..... ان سڄي انقلابي عمل ۽ قربانين جي هاريل رت مان واضح ٿيو ته هندستان کي هي عالمگير جنگ جي ڪري نه، پر آزادي پسند قوتن جي انقلابي تحريڪ جي نتيجي پر مجبور ٿي انگريزن آزاد ڪيو. انگريز حڪمرانن جي انگن اکرن مطابق رڳو سنڌ اندر حر تحريڪ دوران چاليهه هزار سنڌي شهيد ٿيا ۽ ست هزار سنڌي عورتن جي عصمت دري ڪئي وئي. اڄ به ضلعي سانگهڙ پر اهڙيون سوين عورتون زنده آهن، ۽ سنڌ برصغير جو پهريون ملڪ هو جتي حر تحريڪ جي گوريلا ويڙهه جي نتيجي پر 1942ع پر مارشل لا لڳائي انگريزن قتل عام ڪيو ۽ ٻئي طرف مارشل لا ڪورٽون قائم ڪري، آزادي پسند سنڌي ماڻهن کي سخت سزائون ڏنيون.

"ساڻ ٻار" تحريڪ دوران پڻ سنڌ پر هيمون ڪالاڻي ۽ سندس آزادي پسند انقلابي تنظيم وڏو ڪردار ادا ڪيو. سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن پر انگريز سرڪار جي هيڊڪوارٽرن، سرڪاري آفيسن، ڪورٽن ۽ ٽاڻن تي حملا ڪري، سرڪاري رڪارڊ تباهه ڪيو ويو. ان تحريڪ دوران هيمون ڪالاڻي وارن انسپيڪٽر جنرل جي ڪوڙيءَ صحيح سان جيل پر بند، پنهنجو هڪ انقلابي ساٿي پڻ آزاد ڪرايو هو.

هڪ دوست هيمون قاضيءَ جي لکڻيءَ موجب ته انگريزن کي گوريلا جنگ ۽ دهشتگرديءَ وارين ڪارروائين جي ڪري ڪمزور ڪندڙ ۽ گروهه هئا. هڪڙا اهڙي قسم جا ڏاڙيل هئا، جيڪي ٻئنڪن کي ڏاڙا هڻي، ڪانگريس جي مالي مدد ڪندا هئا، جنهن جو مهندار اڳواڻ اميرو رند هو جيڪو اڄ به لاڙڪاڻي پر ڪراڙپ جي زندگي گذاري رهيو آهي. اهڙي قسم جو مشهور واقعو ان دؤر پر لڳل عرب ٻئنڪ کي ڏاڙو آهي، جيڪو ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي. هن دوست ان ڪراڙي ڏاڙيل اميري رند جو ٻيو ڪوبه وڌيڪ احوال ڪونه

ڏنو آهي. جڏهن ته حقيقت ۾ دوست کي جڏهن اها خبر ۾ هئي ته ان دؤر جي تحريڪ ۾ هلچل بابت ان کان هڪ پرپور انٽرويو ڪري ها۔ اميرو رند نالي مان ته مسلمان ٿو لڳي، پر بئنڪ کي ڏاڍا هٽي ڪانگريس جي مدد ڇو ڪندو هو؟ جڏهن ته ان دؤر ۾ مسلم ليگ به سرگرم هئي؟ ۽ سنڌ ۾ ڪانگريس وارا هنسا (تشدد) بجاءِ اهنسا (عدم تشدد) ۾ يقين رکندا هئا؟ بئنڪن جي ڀرلٽ ۾ ڏاڍا هنسا جو ثبوت ته فراهم ڪونہ ٿا ڪن!؟ ان دؤر جي اهڙي ڏاڙيل کان اها پڇا ضرور ڪرڻ کپي ها ته هو مسلم ليگ بجاءِ ڪانگريس جي مدد ڇو ڪندو هو؟

۽ ٻئي قسم ۾ هن اهڙا سرويچ ۽ جوڏا ٻڌايا آهن، جيڪي انگريز سامراج سان سڌو ٽڪر کائيندا هئا ۽ مختلف هنڌن تي دهشت پسند ڪارروايون ڪري، حڪومتي مشينريءَ کي ڪمزور ۽ هيٺو ڪندا هئا. اهڙن جوڌن ۾ هن هيمون ڪالاڻيءَ جو نالو ڪنيو آهي. هيمون ڪالاڻيءَ جو ڪردار سنڌ جي آزاديءَ واري جدوجهد جو هڪ تاريخي ۽ نہ وسرندڙ ڪردار آهي. جنهن ڦاهيءَ جي ڦندي کي چمي پنهنجي ڳچيءَ لاءِ آزاديءَ جو هار سمجهي پاتو پر هن معافي نامون لکي جهڪڻ قبول نہ ڪيو.

منهنجي نظر ۾ هن انقلابي قومي جدوجهد دوران حر تحريڪ کي وساريڻ تاريخ سان ناانصافي برابر آهي. هن سچيءَ تحريڪ دوران ڀرلٽ جا واقعا گهٽ ٿا ملن. دهشت پسند ڪارروايون به ضرور ٿيون هونديون، پر ان سلسلي ۾ ظاهري طور هيمون طرفان ريل ڪيرائڻ واري واقعي کان وڌيڪ تاريخ ۾ ٻيو ڪوبہ وڏو واقعو نظر نٿو اچي. سنڌ ۾ اهڙين ڪارروائين جو اصلي محرڪ ۽ مهندار پرچو وديارتي ۽ سندس سوٽ عيشي وديارتي هئا. پرچي ودياتي لاءِ ته ٻڌڻ ۾ ٿو اچي ته هيمون ڪالاڻيءَ سان پنڙي اکوڙڻ واري عمل ۾ پڻ گڏ هو پر هن پري کان کي پوليس وارا پاڻ ڏانهن ايندي ڏسي ورتا ۽ اتان کسڪي ويو. هن هيمون ڪالاڻيءَ کي به هوشياري وٺائي. پر هو پنهنجي ڪم ۾ ايترو ته مشغول ۽ محو هو جو دنيا جي ٻئي ڪنهن ڏنڈي ڏانهن سندس ڌيان ئي نہ هو ۽ ان ڪري هن ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو.

نبي بخش ڪوسي جي لکڻي مطابق ٿو:

"ڪينجهر ڪان ڪارونجهر ۽ ڪيڻي بندر ڪان ڪشمور تائين هنڌين ماڳين هيمون ۽ سندس دوستن جي هاڪ ۽ ڏاڪ جميل هئي."

هن اهو مضمون اڳتي قدم ۾ لکيو هو جنهن ۾ هن وڌيڪ لکيو ٿو:

"پرچو وديارٿي انقلابي حڪمت عمليءَ جو بهترين جاڻو هو. هيمون ڪالاڻيءَ کي پڪڙيندڙ پوليس وارو انگريز سامراجين جو نمڪ خوار پنجابي هو. سندس نالو شايد فيروز خان هوا" شايد اهو پرچو وديارٿي ايجا سوڏو زنده آهي ۽ هندستان ۾ رهي ٿو."

جيرام سنڌوءَ جي لکت مطابق: "سنڌ ننڍو ملڪ ضرور هو پر حر تحريڪ ۽ هلچل ۾ سنڌي ماڻهن جو وڏو حصو هو. 9 آگسٽ ڪان وٺي ملڪ اندر گرفتارين جي ڏم مچي وئي. سيڪ وڏا وڏا ليڊر ۽ اڳواڻ گرفتار ٿي ويا. پر نوجوانن ان خال کي پريو. آزاديءَ جي انقلابي جهنڊي کي پنهنجن هٿن مان ڪِرڻ نه ڏنو ان وقت تحريڪ دوران جيڪي سنڌي نوجوان گرفتار ٿيا. انهن ۾ پرڪاش نارائڻ. ڊاڪٽر رام منوهر لوهيا. اچيٽ. شريمتي ارونا آصف علي شامل هئا."

23 آڪٽوبر 1942ع واري ڏينهن هيمون ڪالاڻي. ۽ سندس ڪن دوستن کي خبر پئي ته برطانوي سامراج جيڪو هي عالمگير جنگ ۽ اندروني آزادي واري انقلابي هلچل. گوريلا تحريڪ ۽ دهشت پسنديءَ جي ڪري ڪافي ڪمزور ۽ هيڻو ٿي چڪو آهي. سو وري پنهنجي ناجائز ۽ غير قانوني اقتدار کي نئين ٽيڪ ۽ سهارو ڏيڻ سان گڏ غلاميءَ جي زنجيرن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ هڪ نئين سازش سڙڻ وارو آهي. ان ستا ۽ سازش هيٺ هنن سنڌ ۽ بلوچستان جي آزادي پسند انقلابين جو قتل عام ڪرڻ جي رٿابندي ڪئي آهي. جنهن ڪري مسلح فوج ۽ جديد هٿيارن سان پريل ريل گاڏي. جيڪا پنجاب کان پرجي سنڌ ۾ پهچي چڪي آهي. جنهن مان ڪجهه هٿيار بارود ۽ سپاهي هت لاٿا ويا آهن ۽ باقي سامان سنڌ بلوچستان موڪليو پئي ويو ان گاڏيءَ ۾ ڪي اعليٰ عملدار پڻ بلوچستان طرف وڃي رهيا هئا. جيئن اتان جي آزادي پسندن کي ڪچليو ۽ چيپاٽيو وڃي. اها ريل گاڏي روهڙيءَ کان سکر ڏريعي ڪوئيٽا وڃڻ واري هئي.

جڏهن اها خبر هيمون ڪالاڻي ۽ سندس ڪن ساٿين کي پئي، تڏهن هنن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ۽ پراڻي سکر وٽان ريل جي پٽڑي اکوڑي ريل کي ڪيرائڻ جو منصوبو ٺاهيو. چو ته هيمون ڪالاڻي ۽ سندس ساٿين جي اها خواهش هئي ته سامراجي مقصدن ۽ انهن کي ٽيڪ ۽ سهارو ڏيڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ فوج ۽ بارود کي ختم ٿيڻ کپي. ٽيڪ ان وقت جڏهن اها ريل سکر وٽان گذرڻ واري هئي. ان کان هڪ ڏينهن ڪلاڪ کن اڳ هيمون ۽ سندس ٻيا ٻه ساٿي مخدوم جماڻي پير جي سامهون ڪڙائي سيدن جي گهرن وٽ، دشمنن جي فوج ۽ بارود سان پريل ريل گاڏيءَ کي ڪيرائڻ لاءِ ريل جي پٽڑي اکيڙڻ لڳا.....!!" ۽ ان رات 23 آڪٽوبر 1942ع تي پٽڑي اکوڙيندي ٽڏي تي هيمون ڪالاڻي ته پڪڙجي ويو پر سندس ساٿي ڀڄي جان بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا..... جاءِ واردات تي ئي ريل ڪيرائڻ جي ڏوهه ۾ پڪڙجڻ کان پوءِ انگريزن جي دلالي ڪندڙ ٻي ضمير ۽ ويڪاڻو قسم جي پوليس وارن هيمون ڪالاڻيءَ جو اهو حشر ڪيو جيڪو دنيا جي اڪثر آزادي پسند انقلابين جو ڏاڍ آهي. ذهني توڙي جسماني طرح هيمون ڪالاڻيءَ مٿان ظلم ڪيو ويو. تشدد سان گڏ محبت جهڙن هٿيارن کي ٻه استعمال ڪري ڏٺو ويو. دنيا جو هر ظالماڻو طريقو استعمال ڪيو ويو. سندس سڀڌ سڀڌ ساڻو ڪيو ويو. ور ور ڏئي ڪانئس ساڻيو سوال ٿي پڇيائون:

"ٻڌاءِ ته ريل ڪيرائڻ ۾ توسان ٻيا ڪهڙا ماڻهو ساڻ هئا؟"

هيمون هر هر وراڻيو:

"ديس جو هر اهو ماڻهو مون سان گڏ هو جيڪو ڏاڙين انگريزن کي ظالم سمجهي ٿو ۽ ڪانئن نفرت ۽ چڙ ڪائي ٿو."

وري وري ڪانئس ساڻيو سوال ڪيو ويو پر هيمونءَ هر دفعي ساڻيو جواب ڏنو ته:

"هر اهو ماڻهو مون سان ريل ڪيرائڻ واري عمل ۾ گڏ هو جنهن جو نعرو غلاميءَ کان نفرت ۽ آزادي سان محبت آهي. منهنجي ڏرتيءَ جا سمورا هٽ، پٽڑي اکوڙڻ وقت منهنجي هيڻن هٿن جا ٻانهن ٻيلي ۽ ساٿي هئا."

پڇڙ وارا منجهي پيا. پر هيمون نہ منجهيو. انگريز ڏارين جاتو ٿي تہ ڪجهہ فرد تہ ان ڏوهہ ۾ شريڪ ٿي سگهن ٿا. پر سڄو ڏيهہ ان ڏوهہ جو ڏوهاري هجي، سو تہ ناممڪن آهي.

هيمون ڪالاڻي سڄو مجاهد ۽ ضمير وارو انسان هو. هن محسوس ٿي ڪيو تہ اصل ڏوهاري اهي ڏاريا آهن، جن اسان جي ديس مٿان ناجائز ۽ غير قانوني قبضو ڪري، اسان جي ماڻهن کي غلام بڻايو آهي، جن اسان جي ڌرتيءَ تي ڏاڙيلن جو روپ ڌاري اسان جي ڦرلٽ ڪئي آهي. هيمون ڪالاڻيءَ جاتو ٿي تہ انگريز حاڪم ڪيس ائين ڪونہ چڏيندا. پر ڪيس گهٽ ۾ گهٽ سزا ڪاهيءَ تائين اچي سگهي ٿي. ان هوندي بہ هن سچائيءَ واري ڏڪئي ۽ ڪنڊائين پيچري تي هلڻ قبول ڪيو. پر مصلحت ۽ ناهہ واري بہ واٽي کان دور رهيو. ڇو تہ ڪيس پڪ هئي تہ سچ چوڻ وارا ۽ سچائيءَ جي راهن تي هلڻ وارا ڪاهيءَ چڙهي بہ زنده رهندا آهن، ۽ ڪيس پڪ هئي تہ سچ ڪاهيءَ چڙهي بہ ناهي مرندو. پر هميشہ لاءِ امر ۽ زنده ٻڌجي ويندو آهي.

ڏارين انگريزن کي برصغير (ننڍي ڪنڊ) جي هي ڪنهن بہ قوم مان ايترو ڊڄ ۽ ڊپ نہ هو جيترو سنڌي قوم مان هو. ان جو واحد ثبوت اهو آهي، جو هنن سڄي ننڍي ڪنڊ مان رڳو سنڌ سان مارشل لا لاڳو ڪري، هتي مارشل لا ڪورٽون قائم ڪيون ۽ هزارين سنڌين کي سزائون ڏنيون.

سنڌي قوم، قومي جذبي جي بنياد تي دنيا جي ڪيترين ئي قومن کان وڌيڪ حساس ۽ جذباتي آهي. جڏهن بہ سنڌي قوم کي ڪڏيل قومي احساس ٿيو آهي، تڏهن مرڻ مارائڻ کان سواءِ ميدان تان ناهي موٽي. شايد ان قومي احساس ۽ حساس پڻي جي ڪري ئي انگريزن جو وڌ کان وڌ نقصان سنڌين ڪيو.

سنڌ اندر ڏارين انگريزن ڪيترين ئي مارشل لا ڪورٽون قائم ڪيون. هيمون ڪالاڻيءَ کي پڻ ڪورٽ مارشل ڪيو ويو. ڪيس سڪر جي مارشل لا ڪورٽ آڏو پيش ڪيو ويو. جنهن کيس عمر قيد جي سزا ٻڌائي، ۽ سندس اهو فيصلو وري نظرثانيءَ لاءِ حيدرآباد جي مارشل لا ڪورٽ کي اماڻيو ويو. جنهن فوجي ڪورٽ جو جج هڪ بي رحم

انگريز عملدار، رچرڊسن هو جنهن سندس عمر قيد واريءَ سزا کي سزاءِ موت ۾ تبديل ڪري، کيس ڦاهيءَ جو حڪم ڏنو.

هيمون ڪالاڻيءَ جي ان ڪيس جي پيروي، سکر سنڌ جي بهترين وڪيل، 1973ع واري آئين جي خالق عبدالحفيظ پيرزادي ۽ هاءِ ڪورٽ سنڌ جي هاڻوڪي وڪيل مجيب پيرزادي ۽ عبدالحليم پيرزادي جي مانواري پيءُ محترم عبدالستار پيرزادي ڪئي.

ڦاهيءَ ڏيڻ کان اڳ انگريز سرڪار ۽ سندس چاڙڻن اعليٰ سرڪاري عملدارن هيمون ڪالاڻيءَ کان لکت ۾ معافي وٺڻ لاءِ وڏا وس ڪيا. سندس مامي سيٺ موٽڻ داس ڪالاڻيءَ کي پڻ سرڪار هيمونءَ ڏانهن موڪليو تہ هو کيس معافي وٺڻ لاءِ راضي ڪري، ۽ هٿ اکر لکي ڏئي، پر هيمون ڪالاڻي سمجهيو ٿي تہ اها انگريز حڪمرانن جي هڪ وڏي چال آهي انگريز ڪنهن بہ نموني کيس ڦاهي ڏيندا، پر هو چاهين ٿا تہ هيمون لکت ۾ معافي وٺي. جيئن ڦاهيءَ کان پوءِ تاريخ ۾ سندس ڪردار ۽ اڏولتائيءَ کي ختم ڪرائڻ لاءِ، ان لکت واري معافيءَ کي استعمال ڪري، عام ماڻهوءَ جي دل ۾ پيدا ٿيل ڪاوڙ ۽ غصي کي ختم ڪرايو وڃي.

هيمون ڪالاڻيءَ چيو:

"منهنجي زندگيءَ ۾ ائين هرگز نہ ٿيندو. مان ڦورو لٽيرن ۽ ڏرتيءَ جو استعمال ڪندڙ ڏاڙيلن کان ڪڏهن بہ معافي نہ گهرندس. انگريز هن ڏرتيءَ جا ڏوهاري آهن، ۽ معافي بہ انهن ڏوهارين کي وٺڻ کپي. مان هنن ڏاڙيلن جا پير پنهنجي ڏرتيءَ مٿان برداشت نہ ڪندس. مان معافي نہ گهرندس، ان لاءِ مون کي سؤ ڀيرا ڦاهيءَ تي چڙهڻو پيو تہ چڙهندس. مان معافي وٺي ڏرتيءَ جي غلاميءَ جا ڏينهن وڌائڻ نٿو چاهيان. مون کي ڏرتيءَ جي آزادي پنهنجي زندگيءَ کان وڌيڪ پياري آهي، ۽ ان آزاديءَ لاءِ جيڪڏهن مرڻو پيو تہ موت کي ترجيح ڏيندس."

آخرڪار ان عظيم انسان ڦاهيءَ جو ڏنڊو ڳچيءَ ۾ وجهي موت قبول ڪيو پر آزاديءَ تي ڪنهن بہ قسم جي سوديبازي قبول نہ ڪيائين. ڪيس 21 جنوري 1943ع تي سکر سينٽرل جيل ۾ ڦاسي ڏني وئي، جيڪا مرڪي قبوليائين، ۽ "آزادي زنده باد"، "انقلاب زنده باد" ۽ "پارت ماتا جي جئ"، چئي ڦاهيءَ چڙهيو.

غلام محمد لاکو

هيمون ڪالاڻي

سنڌ جي ماڻهن تاريخ جي هر دور ۾ پنهنجي ديس جي حفاظت لاءِ مثالي قرباني ڏني آهي. چا هندو چا ملسمان، چا مؤمن چا ڪافر، جڏهن به وطن تي مصيبت آئي، تڏهن هڪ ٻالهه ٿي دشمن جي سامهون ٿيا. ڏرتيءَ جي اهڙن جانباز سپاهين جي هڪ ڊگهي لسٽ موجود آهي، جن مان سکر جو سورمون "هيمون ڪالاڻي" به هڪ آهي.

انگريزن گذريل صديءَ ۾ سنڌ فتح ڪري ان کي به پنهنجي هندستاني راج ۾ شامل ڪري ڇڏيو. تيرهن / چوڏهن سال پوءِ هندستان جي ماڻهن پنهنجي ديس کي آزاد ڪرڻ لاءِ، هڪ زبردست انقلاب برپا ڪيو. بدقسمتيءَ سان اهو انقلاب ناڪام ٿيو ۽ انگريز هڪ سؤ سالن لاءِ مضبوط ٿي هندستان تي حڪمر هلائڻ لڳا. سنڌي ماڻهن به پنهنجي حال ساري ان انقلاب ۾ خصو ورتو ۽ ڪيترن ئي جڏهن هيءَ بغاوت پوري ٿي، تڏهن ڪيئي سورما جن ۾ هندو به هئا ته مسلمان به ڦاهيءَ جي ڦندي تي چڙهي ويا.

ويهين صديءَ جي ايندي ئي ننڍي کنڈ جي ماڻهن ۾ سياسي سجاڳيءَ جي هڪ لهر ڊوڙي ويئي. هر طرف حقن جي حاصلات ۽ ڏارين حاڪمن کي ڪيڙ جو نعرو بلند ٿيو. ان جدوجهد ۾ ڪيئي اختلاف اپريا، معرکا ٿيا، مخالفتون ٿيون، گروپ ٺهيا ۽ علحدگيون پيدا ٿيون. آخر ۾ ننڍي کنڈ جي سياست جا ٻي رجحان ڏٺا ويا. مسلم گروپ، جنهن مذهب جي بنياد تي پاڪستان جي گهر ڪئي. ڪانگريس، جنهن مغربي طريقي جي حڪمراني ۽ سرشتي تحت ملڪ ولڻ ٿي چاهيو ۽ ٽيون ٽولو هو انقلابين جو

جن مڪمل ۽ ريٽي انقلاب ذريعي انگريزن کي هندستان مان ڪيڙ ٽي چاهيو. هن آخري ٽولي ۾ پڳت سنگھ ۽ سندس ساٿي شامل هئا.

سنڌ جيئن ته هندستان جو هڪ حصو هئي، ان ڪري ملڪ ۾ ايندڙ هر تبديليءَ جو مٿس اثر پوڻ لازمي هو. پيڇ ڏاھ، لٽ مار قتل خونريزي ۽ تشدد ذريعي مڪمل انقلاب جي حامين جو سنڌ تي به زبردست اثر پيو. هتي به ڪجھ نوجوان اھڙا هئا، جن ڀالهين ۽ امن پري تبديليءَ کي بيڪار سمجھي، انقلاب جي راھ کي بهتر ٽي سمجھيو. اھڙن انقلابين ۾ "هيمون ڪالاڻي" جو نالو سرفهرست آهي.

هيمون ڪالاڻي، سکر سنڌ جي هڪ واپاري پيسومل جي گھر ۾ 23 مارچ 1923ع تي پيدا ٿيو. پاڻ مڻترڪ جو شاگرد هو. تڏهن هڪ طرف دنيا عالمگير جنگ ۾ سڙي ٻري رهي هئي، ته ٻئي طرف هندستان ۾ انگريز حاڪمن خلاف نفرت پوري اوج تي هئي. ٻين لفظن ۾ "هندستان ڇڏيو" تحريڪ پنهنجي اوج تي هئي. هي اهو دور هو جڏهن سنڌ جي ماڻهن کي مارشل لاءِ ذريعي چيپاٽيو پئي ويو. تاريخ 23 آڪٽوبر 1942ع تي سکر جي چند انقلابين (جن ۾ هيمون ڪالاڻي به هو) کي خبر پيئي ته ڪراچيءَ مان هڪ ٽرين، ٻر گولا ۽ بارود ڪٽي اتر ڏي وڃڻ لاءِ سکر مان لنگھڻي آهي. هيمون ان ٽرين کي ڪيرائڻ لاءِ ريلوي لائين جي هڪ پٽي ڪيڙ جو فيصلو ڪيو. بدقسمتي اها ٿي، جو سنڌ جا هي انقلابي جوان مڙس موقعي تي پڪڙجي پيا. ٻيا ته پڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيا، پر هيمون موقعي تي هٿيڪو ٿي ويو.

انگريزن مٿس ڪيس هلايو. ڪيئي موقعا آيا، مهلون گذريون ۽ اتفاق ٿيا، انگريزن جو خيال هو ته هيءَ نوجوان رڳو پنهنجي فعل تي پڇتاءَ ڪري ۽ آئيندہ ڪنهن اھڙي ڪرتب کان توبھ تائب ٿئي ته ڪيس معاف ڪري ڇڏجي، پر هن سورهيہ ۽ سرويچ ائين ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو. آخرڪار وطن جي هن سورمي ۽ سپاهيءَ کي 21 جنوري 1943ع تي قاهيءَ تي چاڙهيو ويو. اهوئي زمانو هو جو انگريزن سنڌ جي هڪ ٻئي مٿير مڙس پير صاحب

پاڳاري ڪي پڻ شهيد ڪري ڇڏيو هو. اڄ انگريز ۾ نادري قهر ڪندڙ حڪمران تہ خاڪ ٿي ويا آهن، پر هيمون ڪالاڻي اسان جي تاريخ ۾ هميشہ هميشہ لاءِ امر ٿي چڪو آهي. تازو سندس ٻيڙي ماءُ ڪي هندستان ۾ اعزازن ۾ انعامن سان نوازيو ويو آهي ۾ سندس نالي ۾ ڪو يادگار ٺاهڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو آهي!

(ماهوار "گل ڦل"، جون 1989ع)

مهر ڪاچيلوي

هيمو ڪالاڻي

هيمو ڪالاڻي اڄ سنڌ جو هيرو ۽ آزاديءَ جي علامت آهي. جو انگريزن خلاف آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندي پنهنجي جان تان هٿ ڪٽي امر ٿي ويو.

هيمو ڪالاڻي ولد پسومل ڪالاڻي جو جنم 11 مارچ 1924ع تي پراڻي سکر ۾ ٿيو. سندس والد ٺيڪيداريءَ جو ڏندو ڪندو هو. سندس گهر ٽانڪيءَ جي پنيان هوندو هو. هي سڪيلڏو پٽ جڏهن پڙهڻ جهڙو ٿيو تہ اتي پرائمري پاس ڪري لوڪمانيہ تلڪ ميونسپل هاءِ اسڪول سکر ۾ انگريزي پڙهڻ لڳو. جڏهن ميٽرڪ ۾ پهتو تڏهن سندس عمر ارڙهن سال ڪٽي هئي. ان وقت اسڪول ۾ مشهور استاد پرسرام ۽ پولاڻي صاحب هئا. جي سپاش چندر بوس (هڪ مشهور پارتي هندو ليڈر) جا پوءِ لڳ هئا. جڏهن مشهور سنڌي ايڈر محمد امين کوسو "سنڌ شاگرد ڪانفرنس" "ڪرڙي" ميدان تي سڏائي هئي. تہ "هيمو" بہ هن ۾ شريڪ ٿيو هو. جتان محمد امين جهڙي مجاهد جو اثر قبول ڪيو هئائين. هيمو ڪالاڻيءَ تي مهاتما گانڌي جي سوچ حاوي هئي. ۽ طريقو "حر تحريڪ" وارو استعمال ڪيائين. هيمو ڪالاڻي، سندس چاچي ڊاڪٽر منگهارام ڪالاڻيءَ جي قائم ڪيل "سورج سٽنا منڊل" ۾ بہ پنهنجي سوٽ ڪرشن ڪالاڻي سان گڏجي ڪم ڪيو. ان کان علاوه دادا ٽانور داس گدومل جي اڳواڻيءَ هيٺ بغاوت جي تياري ڪئي. شروع ۾ هٿ سان پمفليٽ لکي ورهائيندو هو. "سازباز" تحريڪ جو رڪن بہ هو. جنهن ۾ سرڪاري رڪارڊ ساڙيندا هئا.

هيمو ۽ سندس ساٿين اهي ڪارروايون ڪاميابيءَ سان پي ڪيون تہ هڪ ڏينهن کين خبر پيئي تہ هڪ فوجي ٽرين ڪوئٽہ وڃڻ واري آهي. ان ڪري هنن هڪ منصوبو ٺاهيو تہ ريلوي لائن ٽوڙڻ هن گاڏيءَ کي ڪيرائجي. منصوبو طئي ٿيو. هيمو ۽ سندس ساٿي پرچو وديارٿي ۽ عيشي وديارٿي تي وقت مقرر تي مخدوم جماڻي پير جي سامهون "ڪڙائي سيدن" جي گهرن وٽ پهچي ويا. ان ڏينهن تاريخ 23 آڪٽوبر 1942ع جو ڏينهن هو. هنن نوجوان ايجان لائن جا بلٽ مس ڪوليا هئا تہ متان "حسن چوڪ" جي هڪ نو مسلم هندو جاسوسي ڪندي کين ڏسي ورتو جنهن گشتي پوليس جي هڪ سپاهي فيروز پنجابيءَ (جو پيرزادي محلي جو رهاڪو هو) کي ٻڌايو جنهن هيموءَ کي بروقت موقعي واردات تان ئي جهلي ورتو. سندس ساٿي ڀڄي ويا. پر آخر اهي بہ گرفتار ٿيا. گرفتاريءَ کان پوءِ سندن گهرن ۾ تلاشي ورتي ويئي. جتان گهٽو ئي انقلابي مواد نڪتو.

هيمو سنجيده نوجوان هو. ملڪ ۾ هلچل جو زمانو هو. "ٽپن جي تحريڪ" بہ وجود ۾ اچي چڪي هئي. هيمو ان دور ۾ تازو تازو مارڪسي نظريئي جو اثر بہ قبول ڪيو هو. ان ڪري سندس جذبو وڌيل هو. گرفتاريءَ کانپوءِ ڪيس 22 ڏينهن پوليس ٽارچر ڪيو ۽ برف تي سمهاريو. سندس مامي سيٺ موٽن مل گهٽو ئي پنهنجو پاڻ پتوڙيو. پر هيمو کي ڇڏائي نہ سگهيو. هيمو کي تازي ٺهيل سنٽرل جيل سکر ۾ رکيو ويو. جتي ماءُ پيءُ ملاقات تي ويندا هئا ۽ ڪيس منٽون ڪندا هئا. تہ هو اپيل تي صحيح ڪري تہ جيئن سندس لاءِ ڪوشش ڪئي وڃي. ڪيس انگريز آفيسرن بہ سمجهايو پر هن سنڌ جي هيري جان جي بيڪ گهرڻ جي ضرورت ئي محسوس نہ ڪئي. سندس ڪيس سکر مارشل لا ڪورٽ (ٽربيونل) ۾ هليو جتان "جنم ٽيپ" جو فيصلو صادر ڪري حيدرآباد جي فوجي ڪمانڊر آفيسر ڪرنل رچرڊسن ڏانهن موڪليو ويو جنهن فيصلو "سزاءِ موت" ۾ بدلائي ڇڏيو. هن ڪيس ۾ هڪ ملزم جي طرفان پيرزادو عبدالستار وڪيل پيش ٿيو هو. سزاءِ موت جو ٻڌي آخري 21 ڏينهن ۾ هيمو ڪالاڻي جو ست پائونڊ وزن وڌيو هو. آخرڪار هن "مرد آهن" کي 21 جنوري 1943ع تي سخت

سياري جي رات سنٽرل جيل سکر ۾ ڦاهيءَ جي ڏنڊي تي چاڙهيو ويو. هن سچي سرويچ ڦاهيءَ جي تخت تي چڙهي "سوراج زنده باد" جو نعرو هنيو جنهن جي ڪري دشمنن جون دليون سسي ويون. پاڻ مرندي مري ويو پر پنهنجن ۾ ساڻين جا راز ۽ نالا نه ٻڌايائين. اها سندس ڪردار جي بلندي هئي.

هيموءَ کي ڦاهي ڏيڻ واري ڏينهن تي سکر ضلعي ۾ قلم 144 لاڳو ويو هو جيئن ڪو فساد نه ٿئي. پر تنهن هوندي به عوام تمام گهٽو آيو. سندس مائٽ به آيا هئا. جن "شهيد سنڌ" هيمو ڪالاڻيءَ جي "ارٿي" جيل مان وصول ڪري سکر شهر ۾ وڄي ساڻي ۽ سندس پوتر رک پارت جي مختلف مکيه شهرن ۾ موڪلي ويئي، جتي دريا برد ڪئي ويئي ۽ ڪن جذباتي انسانن سندس رک جو "تلڪ" لڳائي روحاني تسڪين حاصل ڪئي. ان کان سواءِ ڪن عقيدت مندن لاڪيٽن ۾ وجهي گلي ۾ لٽڪايو.

جنهن ڏينهن هيمو ڪالاڻي، سنڌ جي سورهيه جي ڦاهيءَ ڏيڻ جو ذڪر اخبار ۾ چپجي آيو تن ڏينهن ۾ آءٌ (مصنف مهر ڪاچيلوي) پرائمري ۾ پڙهندو هوس. اسان جي استاد پوجراج اخبار پڙهي ٻڌائي. مون جذبات وچان پنهنجي پر واري ريلوي اسٽيشن ڪاچيلو (ضلعو ٺرپارڪر) جو سرڪاري رڪارڊ وڄي ساڻي تباهه ڪري ڇڏيو.

ان دور ۾ مون تي حر تحريڪ جو به ڏاڍو اثر هو..... بهرحال هيمو ڪالاڻي سنڌ جو هيرو ۽آزديءَ جي علامت بنجي ايريو. هيءَ وڏي خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته هيءَ سعادت سنڌ جي هڪ معصوم شاگرد جي حصي ۾ آئي.

رشيد پٽي

هيمو، هڪ حقيقت، هڪ سچائي

17 جنوري 1986ع تي شام جو 5 بجي، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هال سکر ۾ سائي پارٽي سنگت ياران شهيد هيمو ڪالاڻيءَ جي ورسي تي تقريري مقابلي ۽ مشاعري جي تقريب منعقد ڪئي وئي. ان ميڙ ۾ ڪيل صدارتي تقرير جو اتارو (Transcript) پيش ڪجي ٿو.

-مرتب

بزرگ سائي برڪت ۽ نوجوان همسفرو!
جيئي سنڌ! جيئي عوام!!

سڀ کان پهريائين مان "سائي پارٽي سنگت" کي واڌايون ۽ مبارڪون ٿو ڏيان، جن سکر ۾ سکر جي ئي هڪ سنڌي سپوت جي ورسيءَ جي موقعي تي، سندس ياد ۾ هيءَ تقريري مقابلي جي تقريب منعقد ڪئي آهي. ان لاءِ مان توهان جي سوچ، سچائيءَ ۽ سڪ کي سلام ٿو ڪريان! نه ته اسان ٻارهوئي سيڪيولر، وطن دوست، قوم پرست هٿ جي دعويٰ ته ڪندا رهندا آهيون، پر پنهنجي ساڻيهه جي غير مسلم سورمن، سياڻن ۽ سالڪن کي متروڪ ملڪيت سمجهي، صفا وساري ڇڏيو اٿئون. سامي، دلت، ڪنور، هيمو ۽ همعصر تاريخ جا اڪيچار سماجي، ثقافتي ۽ ادبي سورهيه سڀار اسان جي لاڀيتي بي توجهيءَ جو شڪار ٿي رهيا آهن. مان سمجهان ٿو ته، توهان هيءَ تقريب منعقد ڪري، هڪ سٺي شروعات ڪئي آهي، جنهن جو سلسلو مان سمجهان ٿو ۽ اميد ڪريان ٿو ته ٻيا يار ۽ ادارا به جاري رکندا ايندا. ڇو ته اهي وساريل شخصيتون به اسان جو مشترڪ ورثو آهن ۽ سنڌ جو سرمايو آهن.

شهيد هيموءَ جي باري ۾ توهان پنهنجي رفيقن ۽ ساٿين جون تقريرون ۽ مقالا پڌا. برڪت آزاد جي واتان سندس واکاڻ ٻه ٻڌي. ايڏا ٻه ڳهڻو ڪجهه آهي. جو مان توهان کي هن موقعي تي هٿي پڌائڻ ٿو چاهيان. مان ڪامريڊ برڪت جهڙو يا جيڏو خوش نصيب ته نه آهيان. جو سنڌ جي سدا ملوڪ سورهيه سان گڏ جيل ۾ گهڙين گهاڙ جو موقعو مليو هجيم. پر مان ٽن چئن ڳالهين ڪري. هيموءَ جي نسبت سان. پاڻ کي خوش نصيب سمجهندو آهيان. هڪ ته مان ان شهر ۾ رهيو ۽ وڏو ٿيو آهيان. انهن استادن جي اثر هيٺ رهيو آهيان. ساڳي ئي اسڪول ۾ جنهن ۾ هيمو رهيو ۽ پڙهيو. ٻيو ته مونکي هڪ دفعو ۽ آخري ۽ پهريون دفعو هيموءَ سان گڏ ويهي ڳالهائڻ ۽ چانهه پيئڻ جو شرف ٻه حاصل ٿيو. ٽيون ته مان سکر ڊسٽرڪٽ جيل جي ڦاسي گهاٽ جي ان ڪوليءَ Death Cell ۾ رهي آيو آهيان. جنهن ۾ هيموءَ کي رکيو ويو هو! ۽ چوٿون ته مان هيموءَ جي ارٿيءَ جي جلوس ۾ شامل ٿيڻ جو ثواب ڪمايو آهي.

مان ائين ڪونه ٿو چوان ته هيمو منهنجو دوست هو سنگتي هو يا همڪلاسي هو. هوته مونکي سڃاڻيندو ٻه ڪين هو ۽ ساڻس ان ڏکر ڪيل ملاقات وقت مونکي وهم و گمان ٻه ڪونه هو ته اهو هيمو اڳتي هلي، سنڌ جو امر شهيد هيمو ڪالاڻي ٿيندو. اسان جي عمرين ۾ هڪ اداري يا مڪتب جي وٽي هئي. هو مئٽرڪ (آخري سال ۾) هو جڏهن مون سنڌي پڙهي، تلڪ (لوڪمانيه تلڪ مهراج) ميونسپل هاءِ اسڪول، (هاڻي گورنمينٽ هاءِ اسڪول) سکر ۾ پهرين انگريزيءَ ۾ داخلا ورتي هئي. اهو وقت هو جڏهن قومي جاڳرتا ۽ آزاديءَ جو آندولن عروج تي هيا. گهرو علمي ۽ سياسي ماحول جي ڪري مونکي ٻه ننڍي هوندي کان ئي سياسي چرپر ۽ هلچل ۾ گهڻي دلچسپي هئي. ان وقت اسان جي ان اسڪول ۾ ٻه ماستر قومي جاڳرتا ۽ ديش پڳتيءَ جا وڏا پرچارڪ هوندا هيا. (ننڍي پڻماني تي هر هڪ استاد ائين هوندو هو سواءِ اڙدو ٽيچر مولوي نور احمد جي) هڪ ڊرائنگ ٽيچر، پرسرام مسند ۽ ٻيو ڊرل ٽيچر پولاڪاڻي. پوبون ميوزڪ ٽيچر ٻه هوندو هيو. هفتي ۾ ٻه پيريڊ ڊرائنگ جا. ٻه ڊرل جا ۽ ٻه ميوزڪ جا. اهي پيريڊ اسان جي حلقي

جا پسنديده پيرڊ هوندا هيا. اهي استاد اڄ پيرڊ پنهنجو ڪورس جو ڪم ڪرائيندا هيا، تہ اڄ وقت سياسي پاشڙ ڏيندا هيا. پرسرام مسند، تاريخ، ادب ۽ ثقافت جو بہ چگو ڄاڻو هوندو هيو. هن سکر ۾ "سندر شيوڪ سڀا" نالي تنظيم جو پايو وڌو ۽ ان جو سيڪريٽري هو. هن سياڻي سکر وارو گهنٽا گهر، مناري وارو هوا بندس سکر روڊ وارا اڪيچار باغ ۽ گهاٽ ۽ آشرم سکر کي سندر بنائڙ لاءِ نهرايا، ۽ ٽي وڏيون لائبريريون قائم ڪيون. سکر شهر جي تاريخ ۽ سماجي، ثقافتي ۽ اقتصادي زندگيءَ تي پهريون بنيادي ڪتاب "سکرسونهارو" بہ ساڻي ئي پرسرام مسند جو لکيل آهي. هي استاد ڪانگريسي، پرنيتا جي سباش چندر بوس جو گهٽو مداح هوندو هيو.

سائين پرسرام مسند جو ايڏو ذڪر ان ڪري ٿي ويو جو هڪ تہ ان جي شخصيت اسان جي زندگيءَ جي شروعاتي رجحانن تي گهٽو اثر وڌو هو ۽ ٻيو تہ ان وٽ ئي مون پهريون پيرو هيموءَ کي ڏٺو هو. ڊرائنگ جو آخري پيرڊ هو پيرڊ ختم ٿي ويو هو موڪل جو گهنٽ وڄي چڪو هو پر استاد مسند جو ليڪچر هليو ئي. ان مهل هيمو بہ ڪتاب ڪڇ ۾ ڪنيون اڇي ڪلاس ۾ وينو. استاد ليڪچر پورو ڪيو تہ هيموءَ ڏانهن متوجہ ٿيو ۽ ڪائنس اڇڻ جو سبب پڇيائين. هيموءَ ٻڌايس تہ هن کي نيتا جي سباش جي تقرير جو رڪارڊ (فوني وارو) هٿ لڳو هو ۽ اهو استاد کي ٻڌائڻ آيو هو. استاد اسان کي موڪل ڏئي ڇڏي ۽ هيموءَ کي ترسائي ڇڏيو. اها ڳالهہ مون لاءِ بہ دلچسپي جو باعث هئي. گهر موٽندي هورا کورا هيم. اسان سان هڪ ڇوڪرو ڪرشن ڪالاڻي بہ پڙهندو هو جو بئريج روڊ تي "اي" سيڪشن ٽاڻي جي اوپر ۾ رهندو هو. اسين گهر گڏ موٽندا هئاسين. گهنٽا گهر واري سندر شيوڪ سڀا واري لائبريري (هينئر اتي پان منڊي آهي) ۾ روزاني "هندستان" ۾ ٽارزن جي باتصوير ڪهاڻي ۽ ٻارن جا رسالا ڏسي، پوءِ گهر ايندا هياسين. ان ڏينهن مون لائبريري ۾ ڪرشن کان ان ڇوڪري (هيموءَ) لاءِ پڇيو. هن ٻڌايو تہ هو سندس، ويجهو مائٽ هيو ۽ اهو بہ تہ هو مونکي وٽس وڃي وڃي سگهندو ۽ اهو رڪارڊ ٻڌرائيندو. ٽين ڏينهن، شايد آڇر هو مان ۽

ڪرشن گهنٽا گهر وٽان ريزڪي ٽانگي تي آنڪ آنڪ پراڻي سڪر ويا هياسين. جتي هيموءَ نہ رڳو هڙ ماسٽرس وائس واري توتاري واري فوني تي اهو رڪارڊ ٻڌرايو هيو پر پاپڙ پاڻيءَ سان شيوا ڪئي هئي. تہ هن آزاديءَ ۽ انقلاب بابت هڪ ننڍڙو منجهيل ۽ مبهم ليڪچر ب ڏنو هو. ان وقت شايد پنهنجي ڪم عمري ۽ ذهني سطح جي سبب. سندس اهو ليڪچر مونکي چڱيءَ طرح سمجهہ ۾ نہ آيو هو.

ان ڪوليءَ يا "ڊيٽ سيل" ۾ رهڻ جو اتفاق. جنهن ۾ هيمون پنهنجا آخري ڏينهن گهاريا هيا. سال 1971ع جي اپريل. مئي. جون وارن مهينن ۾ ٽيو جڏهين مونکي فوجين ۽ عوام کي حڪومت خلاف بغاوت تي اڪسائڻ جي الزام هيٺ گرفتار ڪيو ويو هو ۽ ملٽري ڪورٽ جي تشڪيل ٿيڻ ۽ مقدمي هلڻ تائين ڪچي قيديءَ طور ڊسٽرڪٽ جيل ۾ رکيو ويو هو. شهري ۽ فوجي حڪومت جي ڪارندن جي هدايتن پٽاندر مونکي ٻين ماڻهن کان الڳ سلڳ رکڻو هون. ان ڪري مونکي پراڻي قاسي گهاٽ وارن ڪولين مان هڪ ۾ رکيو ويو هو. اولهہ کان پهرين نمبر ۾ جڏهن مان ان کوليءَ ۾ گهڙي رهيو هوس تہ اتان اڳلو قيدي. جيل بدلي ٿي وڃي رهيو هو اهو هو اين ايس ايف جو رهنما رشيد حسن! ان ڪري مونکي انهن پچرن جي ماضيءَ ۾ جهاتيءَ پائڻ جو شوق ٿيو. مون واريءَ کوليءَ ۾ رهيلن ۾ هيموءَ جو نالو نمايان هو. ٻين ۽ ٽئن نمبر ۾ ب سنڌ جون وڏيون شخصيتون رهي ويون هيون. ٻي ۾ پير پاڳارو (مرحوم) ۽ ٽين ۾ خانبهادر کهڙو (جڏهن ايوب کيس ڪنڊ جي بلئڪ جي ڪيس ۾ جهلرايو هيو). سو آءٔ اڪثر ان کوليءَ ۾ سوچيندو هوس. تہ هت هيموءَ. ڪيئن ۽ ڇا سوچيو هوندو؟!

سائين توهان هيموءَ بابت پنهنجي سائين ۽ سائيڻين کان گهڻو ڪجهہ ٻڌي چڪا آهيو. پر اهو سڀ ڪجهہ ڪافي نہ آهي. ان جو بنياد هڪ رجعت پرست ۽ سرڪاري درباري ليکڪ جي هڪ ليک تي ڪڙو ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ نہ رڳو واقعي جي صحيح اپٽار نہ آهي. پر هيموءَ ۽ سرڪار وچ ۾ ضد جو سبب ب غلط بيان ڪيل آهي. ان ۾ ڏوهہ اسان وطن دوست انقلابي اديبن ۽ ڪارڪنن جو آهي. جو هن مهل تائين. اسان سنڌ جي هن سڃاڻ ۽ سڃاڻ سورمي تي توجهہ

نہ ڏنو آهي، ۽ نتيجي ۾ جيڪي ڪجهہ بورجوا ۽ جاگيردار قوم پرست طرفان هن لاءِ اسان آڏو پيش ڪيو ويو آهي، ان تي ئي اڪتفا ڪندا رهيا آهيون، ۽ هيموءَ جي صحيح ۽ سچي تصوير نئين نسل آڏو پيش نہ ڪري سگهيا آهيون. مون هيموءَ جي مقدمي بابت ڪاغذ هٿ ڪرڻ لاءِ ڪامريڊ پوهوءَ جي وسيلي سان ڪوشش ڪئي هئي. ان ڏس ۾ هڪ ٻہ دفعو ڪراچيءَ واري نامياري سيٺ موتڏاس سان ٻہ مليو هوس. جنهن ڪيس جي پيروي ڪئي هئي ۽ خرچ ڪيو هو. پر هو آسرو ڏيندي ڏيندي، پاڻ ٻہ آنجهاني ٿي ويو ۽ سندس پوين ۾ پوتو نہ پائڻين ماڻ ڪري ويهي رهيس. شايد اسان جو هي سورهيہ ٻہ سنڌ جي ٻين سورهين وانگر روايتن، ڏند ڪتائن ۽ مهم جوين جي ڪوهيڙي ۾ ونجي وڃي. اسان پنهنجي ڪهڙي سورمي جي زندگيءَ، شخصيت ۽ ڪردار جي تحقيق ڪئي آهي؟ سنڌ، جنهن هر دور ۾ هر ڌارئي مسلط خلاف، هر ڦورو لٽيري جي موجن خلاف، مردانگيءَ سان مقابلو ڪيو آهي، ۽ ڪونڊر پيئي ڪهايا آهن، سا اهڙن سورمن ۽ سورهين سان سڱي پئي آهي. اسان جي جدوجهد جي تاريخ ۽ جوڌن جي فهرست ڪا مختصر نہ آهي، جو پورس کان پڳت سنگهہ تائين چئن پنجن جا نالا کڻي، وات ڦاڙي ويهي رهون. موسيقانس ۽ سندس ديش پڳت ساڻين کان وٺي، هن مهل تائين، اسان جي تاريخ اهڙن سورهين سرويچن جي داستانن سان سرشار آهي. سنڌ جي سر سر تي ڪنهن نہ ڪنهن سورمي جو رت لڳل آهي. هن ساڻيهہ جي ڌرتيءَ جو چپو چپو پنهنجي ڪنهن سورمي جي خاڪ سان مشفي ٿيل آهي. پري ڇو ٿا وڃو، هيموءَ جي آس پاس ئي نظر ڪريو. هو سامهون سکر جو قلعو آهي، جتي شاهہ بيگ ارغون جو چاڙتو ڪوڪلتاش، ودروهي ڌاريجن کي مارائي، سندن لاش، خوني برج تان درياهہ ۾ ڦٽا ڪرائيندو هو. منهنجي خيال ۾ اپڪنڊ ۾ هي قلعو ئي آهي، جنهن کي ڌاريا هڪ "خوني برج" ڏئي ويا. ان کان ٿورو اڳتي هلو اروڙ آهي. سنڌ جي ساک ۽ سمان! جنهنجي جوڌن جي جوانمردي ۽ وطن دوستيءَ جو انڪار "چچ نامي" جو مسلمان عرب مورخہ ٻہ نہ ڪري سگهيو آهي. ان کان ٻہ پنتي ماضيءَ ۾ وڃو. راجا موسيقانس

پنهنجي گادي اروڙ جي ديش پڳتن جي زور آڏو جهڪي، يونانين جي قبضي ۾ غلبي خلاف بغاوت ٿو ڪري، سڪندر جو سپهه سالار جنرل پيٽان وڏو ڪٽڪ ونڻي اروڙ تي ڪاهي اچي ٿو. سنڌي سورهيه وڙهندي وڙهندي مات کائين ٿا. راجا موسيقانس ۾ سندس ديش پڳت سائين کي، صليب تي چاڙهي شهيد ڪيو وڃي ٿو! منهنجي خيال ۾ حضرت عيسيٰ کان به اڳ ۾، سياسي ڏوهه ۾ صليب تي چڙهندڙ اسان جي سنڌ جا سورما ئي هيا، جي تڏهن به ڪڏهن آزادي لاءِ سر ڏيڻ ۾ دير نه ڪندا هئا ۽ اڄ به سرسٽ ۾ ڪنيو ٿا وتن. گذريل جمهوريت جي بحاليءَ واري تحريڪ جي گمنام شهيدن جو قافلو منهنجي ان دعوي جو جيئرو جاڳندو ثبوت آهي.

سنڌ جي شهيدن جي قافلي جي انهن پانڌيئڙن جيان هيموبه اسان وٽ گمنامي ۽ جي غلاف ۾ ويڙهيو پيو آهي. مختلف ڳالهيون ۽ قصا، سندس ڪارنامي، گرفتاري ۽ مقدمي بابت ڪيا پيا وڃن، جي سڀ گمراهه ڪن ۽ پلائيندڙ آهن. سال 1933ع ۾ جڏهن مان هندستان ويو هوس ته اُتِ انهن قومي ڪارڪنن ۽ ڪامريڊن سان ملڻ ۽ هيموءَ بابت ڳالهائڻ جو موقعو مليو جن جو هن سان ۽ سندس واقعي سان گهرو سهنڌ هيو. پرچو وديارٿي ۽ عينشي وديارٿي، هيموءَ جا ڏهني ۽ فڪري رهبر ۽ رهنما هيا. هتي هيمو ۽ سندس سوريءَ جي سبب واري واقعي متعلق سيني انهن ئي لکڻين ۽ ڳالهين کي دهرايو آهي، جيڪي اسان وٽ بورجواد جاگيردار سياستدانن ۽ انهن جي حواري ليکڪن معرفت پهتيون آهن. ائين صحيح نه آهي ته هيمو کو دوستن سان گڏ ريل جي پنڌڙي اکيلڙ ويو هو. ائين به نه آهي ته کو انگريزن هن کي آڇيو هيو ته هو معافي ونڻي ۽ ڪئي تي پشيمان ٿئي ته سندس سر دان ڏنو وڃي ها! پوءِ حقيقت ڇا آهي؟ اها مان ٿو توهان کي اڄ ٻڌايان. اها حقيقت، جا ڪجهه ته مون ننڍي هوندي هتي ٻڌي سڌي هئي، ۽ وڌيڪ ان جي تصديق هندستان مان هيموءَ جي رفيقن ۽ ساٿيارين کان ڪئي هئي. اتي هيموءَ تي، ۽ سنڌ جي ٻين آزاديءَ جي سورمن تي ڪافي ڪم اسان جا ترقي پسند سنڌي اديب، سياستدان ۽ دانشور ڪري رهيا آهن. هيمو پراڻي سکر ۾، سکر کان روهڙي ويندڙ ريلوي لائين جي

سکر بسڪٽ فئڪٽري وٽان فش بليٽ ڪڍي رهيو هيو ڇو جو اتان ٻئي ڳهڙيءَ گورا فوج جي هٿيار بارود کڻي ويندڙ ريل گاڏي ڪوئيٽا مان اچي رهي هئي. هو اڪيلو هوا. هن سان ڪوبہ ٻيو ساٿي ڪونہ هو. سورهن سالن جي ڇوريءَ اڪيلي سر ان مهم سرانجام ڪرڻ جو ذمو کنيو هيو ۽ ان کي نياڻي رهيو هيو جو مقامي ماڻهن هٿان جهلجي پيو. پوءِ مٿس ڪيس هليا، سزا آئي. ۽ سوريءَ چڙهي سرخرو ٿي ويو پر ڪڏهن کي نہ لڄايائين. ڪڏهن سامياوادي، ارپنا وارن Committed، اٽٽر انقلابي پانڌيئڙن جو ڪڏهن ۽ ڪٿنبا هو سرمائيدارن ۽ جاگيردارن واري نجي قوم پرستيءَ کان اڳتي وڌي عوامي جمهوري انقلاب ۽ آزاديءَ جي هلچل جو حصو بڻجي چڪو هو. هن آزادي جنگ ملڪ جي پيڙيل ۽ ڦريل سنڌيل سماجي طبقي خاطر پيئي لڙي. هن جا لاڳاپا ۽ تعلقات سکر ۾ پارٽيءَ جي ڪارڪنن سان قائم ٿي چڪا هيا. هن ينگ ڪميونسٽ ليگ جي طرز تي هڪ نوجوانن جي تنظيم ناهي هئي، جنهن جو نالو "سنڌ يوٿ سرڪل" Sind Youth Circle رکيو هيائين. اڳتي هلي هن ان تنظيم جو نالو مٽائي "سنڌ انقلابي پارٽي" رکيو هيو ۽ اها تنظيم سنڌ جي هندن ۽ مسلمان نوجوانن تي مشتمل، ورهاڳي تائين سنڌ اندر زير زمين ڪم ڪندي رهي. هيمون جي همعصر مسلمان نوجوانن ۾ لاڙڪاڻي طرف جو هڪ امير خان رند ۽ ٻيو نبي بخش کهڙو ڪافي سرگرم هيا. هن تنظيم ۾ هيمو پنهنجي فرضي نالي "موهن" سان ڪم ڪندو رهيو. ان تنظيم ۽ پارٽيءَ جي فيصلي هيٺ ئي هيموءَ ان هٿيار بارود جي گاڏيءَ کي ڪيرائڻ جو جوکم کنيو ۽ جهلجي پيو. آخري گهڙيءَ تائين، سامراجي سرڪار مٿس زوربار آڻيندي رهي، رهائيءَ جا دلبا ۽ دولاب ڏيندي رهي، انعام اڪرام جون لالچون ڏيندي رهي، جيئدان ۽ رهائيءَ جا وعدا ڪندي رهي، ۽ هن سچي سورهيہ انقلابي سپوت پنهنجي اعتماد ۽ پروسي کي ڪوسو واءُ لڳڻ نہ ڏنو. هو "انقلاب زندهہ باد" جو نعرو هٺندو ڦاسيءَ تي چڙهي ويو پر پنهنجي رفيقن، ساٿين ۽ زير زمين دوستن جا نالا ظاهر نہ ڪيائين. هن پريت نيائي ڪُريت نہ ڪئي. ۽ ثابت ڪري ڏيکاريو تہ هڪ پاڙ ارپيندڙ انقلابي ۽ سامياوادي پروسي ۽ اعتبار جوگو ساٿي

هوندو آهي. ۽ ان وڙ لاءِ سِر بہ داؤ لڳائي چڏيندو آهي. اهوئي سبب آهي جو سامراجي سفاڪن، هن سورهن سالن جي ڇيرو ۽ ہار کي بہ نہ بخشيو ۽ سر دار آندو. هن کي هيموءَ ۾ پنهنجو صحيح ۽ سنجيدو دشمن ۽ وروڌي وڌنڌو ۽ وڏو ٽيندو نظر مٽي آيو.

منهنجا ساٿيو! توهان هن مهل تائين تاريخ ۽ سياست جي مطالعي مان معلوم ڪري چڪا هوندا تہ سامراج ڪنهن کان ڪؤ ڪائيندو آهي. هو قوم پرستيءَ جي بورجوائي ۽ جاگيرداري نظريہ ۽ تحريڪ کان نہ ڊڄندو آهي. اهي تہ هن جا طفيلي هوندا آهن. هن کي سڌارڪ سماجواديءَ Socialist کان بہ پؤ نہ ٽيندو آهي. انهن جي تہ هو پشت پناهي ڪندو آهي. هو ڊڄندو آهي تہ انقلابي وطن دوست کان. هن کي ڊپ چڙهندو آهي تہ رڳو عوامي جمهوريت جي نعري کان. هن جو ساهہ ويندو آهي تہ سامياوادي هلچل کان. ڇو جو اهي سندس ڪوجهيءَ ۽ ڪنيءَ صورت کان واقف هوندا آهن سندس ظالم استحصالي ۽ عوام ۽ قوم جي رت پيئندڙ ڪردار کان آگاهہ هوندا آهن ۽ اهي عنصر سامراج جي دشمنيءَ ۽ بيخ ڪنيءَ کي پنهنجو آدرش بڻائيندا آهن. ان ڪري انهن وطن دوست، عوامي انقلابين کي سامراج ڪڏهن بہ نہ معاف ڪندو آهي. هيموءَ واري دور جي آزاديءَ جي هلچل تي ئي هڪ نظر وجهو. سڀ صاف ۽ واضح ٿي اڳيان ايندو. اُن آزاديءَ جي آندولن ۾ گهٽ وڌ اپکنڊ جي هر سياسي جماعت شامل هئي. عدم تشدد واريون تہ فوجي نوعيت ۽ تشدد ۾ يقين رکڻ واريون بہ دهشت گردي ۽ ۾ ڦاهہ سڀ ڪندا هيا. ڪانگريس، مهاسيا، راشٽريہ شيوڪ سنگهہ، جن سنگهہ، اڪالي دل، خاڪسار، احراري وغيره. ان سلسلي ۾ هر جماعت جا فرد پڪڙيا هيا. سندن سرگرمين جي نتيجي ۾ نقصان بہ ٽيندا هيا تہ جانيون بہ ويندیون هيون. انهن ڪارڪنن تي ڪيس بہ هلندا هيا، پر ڪو ہڏائيندو تہ انهن جماعتن جي ڪهڙن فردن کي ڦاهي ڇاڙهيو ويو؟ ڪو رڳو ڀڳت سنگهہ ۽ هيموءَ جي نالي ڇو نڪتو؟ انڪري جو هو ٻلهو آزاديءَ جو نعرو نہ هٽي رهيا هيا، پر انقلاب زنده آباد جا نعرا بہ هٽي رهيا هيا. هو رڳو انگريزن جا دشمن نہ هيا، پر انگريزي سامراج ۽ سندس ڇاڙتن سرمايدارن ۽ جاگيردارن جا بہ شترو

هيا. سوراج ۾ ڪرانتي هنن جي زندگيءَ جا آدرش هيا. هندستان ۾ پڳت سنگھ جي شخصيت، زندگيءَ ۾ ڪردار تي مڪمل تحقيق ڪئي وئي آهي، ۾ اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ هو هڪ مارڪسوادي عظيم روسي انقلاب کان متاثر ٿيل، لينن جو شردالو انقلابي ڪارڪن هو. اهائي حيثيت ۾ صورتحال هيموءَ جي بہ هئي. سامراجيءَ ۾ سامراج جون بينڪون ۾ نيون بينڪون، ٺلهن قومپرستن ۾ سڌارڪ سماج وادين کي بہ برداشت ڪري سگھن ٿا، انقلابي وطن دوست ۾ عوام دوست عنصرن جي مقابلي ۾ ۾ مخالفن ۾، انهن کي همتائي سندن امداد بہ ڪري سگھن ٿا، پر خالص وطن دوست انقلابين ۾ عوام دوست جماعتن جو وجود برداشت ڪرڻ لاءِ ڪڏهن بہ تيار نہ ٿيندا. اهي سندن اک ۾ ڪنڊي جيان چيندا رهندا آهن. اسان جو هيمو بہ پڳت سنگھ جيان انهن جي اک جو ڪنڊو هو جنهن کي هنن هر صورت ۾ ڪڍڻ پئي چاهيو ۾ ڪڍيو.

منهنجا رفيقو! سامراج ۾ ان جا طفيلي پنهنجو اهو ڪردار ازل کان اڄ تائين نڀائيندا پيا اچن. پنهنجي ملڪ جي مختصر تاريخ تي ئي نظر وجهو. حسن ناصر کان وٺي اڄ تائين، سياسي ظلم تشدد ۾ مقدمن هيٺ ڪير شهيدن جي قافلي ۾ شامل ڪيو ويو آهي؟ هر اهو جنهن سامراج ڏي اک کٽي نهارڻ جي ڪوشس ڪئي، يا ان جي ڪُڌي ڪردار جي نشاندهي ڪئي! بورجوا قوم پرستن ۾ سڌارڪ سوشلسٽن مان گھٽا سوريءَ چڙهيا؟ اڄ جي صورتحال تي نظر وجهو! چون ٿا تہ مارشل لاءِ لهي چڪو آهي ۾ جمهوريت جو مُڙ پولي پيو! جيلن جا دروازا کلي ويا. راج نڪري وڃي گهر پهتا، پر ايڏا بہ قيدوبند ۾ ڪير آهي؟ رسول بخش پليجو فاضل راهو، جام ساقي ۾ جمال نقوي وغيرہ! چو؟ ان جو جواب مان اڳ ئي توهان کي ڏئي چڪو آهيان. ٻيو تہ سڀ ڪجهہ نوراڪشتي هئي. بورجوائي ۾ جاگيردار مصلحت ڇاڻي ٿو. رڳو وطن دوست ۾ عوام دوست انقلابي ئي آهي، جنهن سرچاءُ نہ سوچيو آهي، سودي بازي نہ سکيو آهي، ۾ ان جي ياداشت ۾ سامراج ۾ ان جي ڪاڍين ۾ حوارين هٿان ڪڍهن سوري سزاوار ٿئي ٿو تہ ڪڍهن نير نصيب ٿينس ٿا. هر انقلابيءَ جي آدرش جيان سندس منزل ۾ مقدر بہ ساڳيوئي ٿئي ٿو.

ساڻيو! سچ ۽ سون کي نہ ڪٽ لڳي نہ ڪس. هيموءَ جي هستي ۽ درجو اسان وٽ ان دعويٰ جو ثبوت آهي. اسان جي ملڪ ۾ هر شيءِ جيان اسان جي تاريخ کي به مشرف به اسلام ۽ پاڪستاني ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. ان مهم ۾ اسان جي قومي سورمن ۽ سورهين جي ڪردار ڪشي به شامل آهي. جيئن هر محڪوم ۽ مفتوح قوم سان ڪيو ويندو آهي. ڪنهن سرومي کي زاني، چالاڪ ۽ محرم عورتن سان جنسي تعلقات قائم ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. ته ڪنهن کي ڪنهن عرب واپاريءَ جي نو شادي شده زال سان جنسي ناتن رکڻ جو خواهان ڪري پيش ڪيو ويو آهي. ڪنهن جي قبر ئي گم ڪئي وئي آهي. ته ڪنهن جو ذڪر ئي تاريخ مان ڪيڏيو ويو آهي. ان ڏس ۾ اسان جي هيموءَ کي به نہ بخشيو ويو آهي. هڪ نيم سرڪاري سامراجي امداد تي هلندڙ سياسي مذهبي جماعت ۽ سندس طفيلي ادبي ادارن طرفان هيموءَ جي به ڪردار ڪشي جي مهم شروع ڪئي وئي. ڪيس وات ڳاڙهو اڻ ڄاڻ ۽ گهمراهيءَ ۾ ورتل ڳيرو ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر سندن اها سازش به ناڪاميءَ ۽ نامراديءَ جي اوڙاهن ۾ دفن ٿي وئي. ڇو جو سنڌ جو نئون نسل پنهنجي سورمن ۽ سرواٽن کي سڃاڻي چڪو آهي. ۽ پنهنجي دشمن ۽ ان جي حربن ۽ حرڪتن کي به سمجهي چڪو آهي. ان جو ثبوت اڄ جو هي شاندار اجتماع آهي. جو امر شهيد هيموءَ کي خراج عقيدت يا شردانجلي پيش ڪرڻ لاءِ ڪوٺايو ويو آهي.

آخر ۾ مان اڄ جي ميڙ جي هڪ خاص شاهدي جو ذڪر ڪندس. هن ميڙ ۾ انهن ساڻين به پاڻ موڪيو ۽ هيموءَ کي شردانجليون پيش ڪيون آهن. جي پاڻ کي نوان سنڌي سڏائين ٿا. هو به هيموءَ کي پنهنجو هيرو ۽ سورمو سمجهي ۽ تسليم ڪري رهيا آهن ۽ اهو هڪ سياڻپ سنوڙ آهي. منهنجو اهو نظريو ۽ خيال آهي ته سنڌي ٿيڻ لاءِ، رڳو سنڌي سمجهڻ ۽ ڳالهائڻ، يا سنڌي ثقافت کي پنهنجو ڪرڻ ڪافي نہ آهي. سنڌي ڳالهائڻ، سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ اوڙهڻ سان، يا "هو جمالو" ڳائڻ سان کو سنڌي ڪونہ ٿو ٿئي. ان لاءِ سنڌي ٿي سوچڻ ۽ محسوس ڪرڻ ضروري آهي. اهو تڏهن ٿي

سگهندو جڏهن اڳلو سنڌ جي تاريخ کي پنهنجو ڪندو. يعني سنڌ جي سورمن کي پنهنجو سورمو Hero سمجهندو سنڌ جي دشمن ۽ بدمعاش کي پنهنجو دشمن ۽ بدمعاش Villian سمجهندو. سنڌ جي عوام جي صدين جي پيڙائن کي پنهنجي پيڙا سمجهندو. تڏهن ئي هو سنڌي ٿي سگهندو ۽ سنڌي سڏائڻ جو حقدار ٿيندو. اهوئي سنڌيءَ جو تشخص آهي، سنڌيءَ جي سڃاڻ آهي. مونکي اڄ جي هن اجلاس ۾ ان جي جهلڪ نظر آئي آهي. نون سنڌين جي باشعور ترقي پسند حلقي ان رخ ۾ وک وڌي آهي. پاڻ کي سنڌي تشخص ڏيڻ جي ڪوشش ۾ سنڌ جي تاريخ کي پنهنجي تاريخ سمجهڻ جي شروعات ڪئي آهي. اهائي انقلابي وطن دوستي ۽ ترقي پسندي آهي. مون کي اميد آهي ته اهو سلسلو اڳتي وڌندو ۽ اتي پڄي ختم ٿيندو جتي پراڻن ۽ نون سنڌين جي وچ وارو سنڌو. ختم ٿئي ٿو. اتان ئي انقلاب، آزادي ۽ جمهوري عوامي راج ڏانهن هڪ گڏيل راهه عمل شروع ٿئي ٿي. شال اسان جا سڀ نوان سنڌي ترقي پسند ان حقيقت کان آشنا ٿي سگهن ۽ ان ڏانهن وک وڌائين.

آخر ۾ مان توهانجو ٿورو مڃڻ ضروري ٿو سمجهان. جو توهان مونکي سڏي، سنڌ جي هڪ سچي، وطن دوست انقلابي سورمي کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو موقعو ڏنو. چگو موڪلاڻي! سات سلامتا!

حصو بيو

شوڪت حسين شورو

هيمون ڪالاٽي

هڪ ڪچهريءَ ۾ جنهن ۾ وڏا وڏا پڙهيل لکيل ۽ ذهين ماڻهو ويٺا هئا، پنهنجي ديس جي آزادي خاطر وڙهندي سر ڏيڻ وارن سورهيه مردن تي ڳالهه هولهه ٿي رهي هئي، هڪ نوجوان شاگرد ڳالهائيندي چيو:

"اسان جي سنڌ اهڙن سورهيه سرويچن کان ڪڏهن به وانجهي ڪانه رهي آهي، پر افسوس، هين زنده قومن وانگر اسان وٽ هنن جي اهميت ناهي."

ٻئي هڪ جوشيلي نوجوان چيو:

"منهنجو آئيڊيل ته هيمون آهي، نه رڳو منهنجو پر اسان سڀني سنڌي شاگردن جو آئيڊيل هيمون هئڻ گهرجي."

"هيمون!" پاڻ کي ذهين ۽ وڏو ڄاڻو سمجهندڙ هڪ همراهه نرڙ ۾ گهنج وجهي چيو.

"عجيب ذهنيت آهي، اوهان نوجوانن جي! هيمون اوهان جو هيرو ان ڪري آهي، جو هن اڪبر بادشاهه سان پاڻيپٽ جي ميدان ۾ جنگ ڪئي؟ پر ان سان سنڌ جو ڪهڙو تعلق!"

ٻن- ٽن اهڙن جا ڪن ۾ ڪڙا ٿي ويا. ڇا ته هئي هن جي ذهانت ۽ معلومات!

جوشيلي جوان تيز ٿي چيو:

"ڪا قوم! ايڏي احسان فراموش ۽ مرده ۾ ٿي سگهي ٿي، جيڪا هيمون ڪالاٽيءَ جهڙي هيري کي ايترو جلد وساري ڇڏي. حيف آهي اسان جي حال تي."

پوءِ جڏهن ان ذهين ۽ ڄاڻوءَ کي هيمون ڪالاٽي جي باري ۾ ٻڌايو ويو ته:

"هو هڪ نوجوان سنڌي شاگرد هو. سنڌ جي آزادي جي لاءِ انگريزن جي سامراجي راج سان ٽڪر ڪاڏائين. انگريزن کيس سکر ۾ ريل ڪيرائڻ جي الزام هيٺ گرفتار ڪيو. کيس چيو ويو ته رڳو معافي وٺ ۽ وعدو ڪر ته آئيندي آزادي جي هلچل ۾ ڪوبہ بھرونہ ونندين ته توکي آزاد ڪريون."

هن جواب ڏنن: "ديس جي دشمن کان معافي وٺڻ غدار ۽ بيغيرت ماڻهن جو ڪم آهي. جيڪڏهن مون کي آزاد ڪيو ويو ته وري ريل ڪيرائيندس. ديس تان هزار جانيون به قربان."

نيٺ انگريزن کيس ڦاهيءَ تي چاڙهي ڇڏيو ۽ هن ديس جي دشمنن کان پنهنجي جان جي خيرات ڪانہ گهري.

تڏهن هن بيشرمائيءَ سان چيو "پر هيمون ڪالاڻي هو ته هندونا"

مون کي ياد آيو ته اهڙيءَ ئي هڪ ٻي محفل ۾ هندستان جي آزاديءَ واري هلچل تي بحث ٿي رهيو هو. مون کان سواءِ ٻيا سڀ غير سنڌي هئا. هنن آزاديءَ لاءِ وري وري محمد علي جوهر، چوڌري رحمت علي، علامہ اقبال ۽ جناح جا ٿورا ٻي ميڙيا. نوجوان شاگردن جي ڳالهہ نڪتي ته مون هڪڙي کان پڇيو:

"آزاديءَ جي لاءِ سنڌين به ساڳيو حصو ورتو هو. سنڌ جي شاگردن آزاديءَ خاطر جانيون به قربان ڪيون. اوهان هنن کي نظرانداز ڇوتا ڪريو؟"

هن وراڻيو "پاڪستان جي تاريخ ۾ ته ڪنهن به سنڌيءَ جو ذڪر ڪونهي. شايد ڪو قابل ذڪر هوندو ئي ڪونا"

مون چيو "اوهان کي هيمون ڪالاڻيءَ جي باري ۾ خبر آهي؟"

هن منهن ڦيرائي چيو "هوگا، ڪوئي ڪانگريسي بنيا...."

پر هن جو ڪهڙو ڏوهہ پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪنهن به سنڌيءَ سورمي جو ذڪر آهي ئي ڪونہ. پر اسين سنڌي به جيڪڏهن پنهنجن سورمن ۽ هيرن کي، جن پنهنجي مٽي ديس جي آزاديءَ لاءِ سر ڏنا، ايترو جلد وساري ڇڏيو ته اسان جهڙو غلاماڻي ذهنيت رکندڙ غدار بيغيرت ۽ گيدي دنيا ۾ ٻيو ڪونہ هوندو ۽ دنيا ۾ ڪابہ شيءِ ايڏي ڏڪار لائق ناهي. جيترو تعصب هيمونءَ پنهنجي مذهب جي بقا لاءِ سر ڪونہ ڏنو هو. هر اهو ماڻهو پوجڻ لائق آهي. جيڪو پنهنجي ديس جي ڏرتيءَ کي ڌارين حملہ آورن جي ناپاڪ قدمن کان بچائڻ جي لاءِ پنهنجو سر ڏئي ٿو.

(لاڙ پبليڪيشن. سجاول تان ورتل)

وشوامتر روچيرام

(هيمون ڪالاٽيءَ جو دوست)

هيمون ڪالاٽي ـ ڪيئن آسان وٺان هليو ويو!

زمين ڪان اُڏايل دز جا غبار آسمان ۾ بادل بڻجي تري رهيا هئا. هوا جي سرسراهٽ ۾ اڄ سوز هو. گويا ڪنهنجي وڇوڙي ڪان ٽڏا شوڪارا پري رهي هئي. آسمان جو راجا سورج تہ ڪروڌ ۾ پرجي لعل ٿي ويو هو. ڏسي رهيو هو مٿان، زمين تي، پارت ورش جي پوتر پرٿويءَ تي ڏارين جا اتياچار! شهر ۾ بہ اڄ سناٽو ڇانيل هو. جنهن شهر ۾ هونءَ ڏينهن جو بيگهي متي پيئي هوندي آهي، تنهن ـ هائو تنهن ڪُتيل ۽ گوڙ شور واري شهر ۾ اڄ سناٽو ڇانيل هو. دڪان بند، گهر بند، سموزي خلق گهرن مان نڪري ڪيڏانهن وڃي رهي هئي. زالون رڙا پڪا ڇڏي، مرد ڏنڊا ڏاڙي ڇڏي، اڄ بندر تي ڳاهٽ ٿي رهيا هئا. ڪيترا ماڻهن جا انبوهہ سڪر پراڻي مساڻن وٽ منتظر وينا هئا تہ ڪيترا بئريج وارن مساڻن ڏانهن ڏوڪي رهيا هئا. چوڏاري پکڙيل ماڻ ۾ هزارن ماڻهن جو يڪو آواز وڌيڪ پيانڪ ٿي لڳو. آدمين جي ڪارن مٿن جي اڻاهہ سمنڊ ۾ اڄ وڏيون وڏيون لهرون بيتاب ٿي، ڪنهن شهيد جي درشن لاءِ چلانگ ماري رهيون هيون. لعل پگڙي (پوليس) وارن عوام جي جذبات کي دٻائڻ لاءِ هر ممڪن طريقو استعمال ڪيو پر هن بي چين، شاهي سيلاب کي ڪابہ طاقت روڪي نہ سگهي. هو درشن جي ڏٽيءَ ۾ ڏوڪيندا رهيا. سيني جا چپ جوش ۽ غصي وچان ڦرڪي رهيا هئا. رکي رکي نعرا پي هنيائون:

"هيمون ڪالاٽي زندهہ باد"

"انقلاب زندهہ باد"

جيڪڏهن هن قيامت جهڙي خوفناڪ طوفان کي شهر جا وڏا نه روڪين ها تہ، هو مستانا، ظالم سرڪار جي آرهہ زور آوري جو مقابل ڪن ها.

"سرفروشي کي تمنا، اب همارے دل ميں ہے،
آزمالے زور جتنا بازوئے قاتل ميں ہيں
سرفروشي کي تمنا، آب هماري دل پر هي،
آزمالي زور جتنا بازوئي قاتل پر هي".

سنڌءَ جي ڏاڍي ڪپ تي، سکر بئريج جي ٻئي پاسي، جيل جي پربت جيڏين پٽين اندر احاطي ۾، لڳين اُڳهاڙو لنگوٽ ٻڌل، 21 ورهين جو نوجوان ڪثرت ڪري رهيو هو. گهڙيءَ پنهنجا فولادي ڏورا ٿو ڏسي، تہ گهڙيءَ هوا ۾ ٽپا پيو ڏئي. سنڌس گلي ۾ ٻڌل قيدي نمبر واري ٽڪلي ۾ سنڌس سيني تي لڙڪي رهي هئي. هو پنهنجي موت کان بي پرواهہ ٿي قربان گاهہ تي نچي ٽپي رهيو هو. سنڌس چهرو ڪنهن عجيب تجليءَ سان ڀهڪي رهيو هو..... اجهو سنڌس وارو ۽ اچي ويو. ۽ لعل پگڙيون موت جا دوت ٻڌجي، هن ڏانهن ئي وڏي رهيون هيون. ڪيس جهلي ڦاهي گهات تي آندو ويو. جيل جي خاموش فضا ۾ هي پيانڪ نظارو تهائين پيانڪ ٻڌجي پيو هو. تڏهن ۽ نہ معلوم ڪهڙيءَ شڪتيءَ جي ڪري سنڌس پيشانيءَ تي گهنج ۽ ڪونہ پيو- اهائي خوبصورت ڇپن تي معصوم مشڪ.

ڪي ڏوهي جن کي ڦاهيءَ جي سزا ملندي آ، تن مان کي سزا ٻڌڻ سان ئي ڊرڪندا آهن تہ ڪي هيڏا سارا رڄ مڙس ڦاهي- گهات ڏسي دهلجي ويندا آهن. وڏن وڏن تيس مار خانن جا ڇهہ ڇڇي پوندا آهن، انهن جي پيٽ ۾ هي تہ هڪ آلڙ نينگر هو جنهن جي دل نہ ڏڏي- ڪيس توريو ويو. هي ڇا، تور ۾ 7 پائونڊ وڌيا! هن دلير نينگر تي جيل جي ڪارپردازن کي حيراني لڳي.

اوچتو ئي حڪم ٿيو: "سپاهيو ڏوهيءَ کي ڦاهيءَ جي تختي تي بيهاريو"

وري جلاد ڏانهن مخاطب ٿي اختياريءَ واري چيو: "جلاد هوشيار!"

هڪدم جلاد پاڻ سنياليو ۽ حڪم جي تعميل ڪرڻ ۾ لڳي ويو.

ڦاهيءَ جي رسي. شهيدن لاءِ گلن جو هار هوا ۾ ڪاري نانگڻ جيئن جهومي رهي هئي. جلاد ٽلهي تي چڙهي اُها رسي پنهنجن ڳورن هٿن سان جيڪي نامعلوم خوف کان ڪنبي رهيا هئس. هيمونءَ جي گلي ۾ وجهي. سرڪڻ ڦاهيءَ کي زور ڏنو. باقي رسيءَ کي ست ڏيڑ ڀ تختي ڪيڻ جي دير هئي.

"اڻئي ڪا آخري خواهش؟" ڪاراگار اڏڪاريءَ همدردانه نوع ۾ پڇيو.

"هائو اڻر- صرف هڪڙي خواهش اڻر- هڪڙي ئي تمنا تہ مان شهيد ٿيان. تنهن کان اڳ پنهنجي پارت جي جئہ منايان. منهنجن نعرن جو جواب ملي." هيمونءَ نڊرتا سان وراڻيو.

ڪجهہ وقت جي پوائتي خاموشيءَ کان پوءِ هيمونءَ وڏي واڪي پڪاريو:

"انقلاب.....

زندہ باد"

"هندستان.....

آزاد"

"پارت ماتا ڪي.....

جئہ"

هنن فلڪ شگاف نعرن جيل جون ديوارين ڏوڏي ڇڏيون. هر طرف نعرن جا پڙاڏا پٽريلي ديوارين سان ٽڪر کائي. خاموش فضا ۾ هلچل مچائي رهيا هئا. ٽيڪ اهڙي وقت پارت ماتا جي جئہ جئہ ڪار جي صدائن جي وچ ۾ نوجوان جي پيرن هيٺان تختو ڪسڪايو ويو رسي کي ڇڪ ڏني ويئي. نوجوان جو شرير هوا ۾ لٽڪي رهيو هو سندس زبان ٻاهر نڪري آئي. نڙيءَ مان رت وهي ڇٽڪي. اکيون نڪري آيون..... سندس اهڙي روپ خود مئجسٽريٽ کي بہ بدحواس ڪري ڇڏيو ڀ هو هڪدم منهن کي رومال ڏئي. ان جڳهہ تان ٻاهر هليو ويو. هن 21 ورهين جي نڊر نوجوان جي شهادت ڀ بهادرانہ موت جا شاهد آهن وسيع زمين ڀ وشال آڪاش!

"شہیدوں کی چتاؤں پہ لگینگے ہر برس میلہ
وطن پہ مٹنے والوں کا، یہی باقی نشا ہوگا۔"

آمر شهيد جو لاش گلن پريءَ سيج تي رکيل هو. فقط سندس منهن نظر اچي رهيو هو. اهو ساڳيو سندر ۽ ڪلمڪ چهرو. گويا هو گهريءَ نند ۾ ستو پيو هو. هزارها زالن، مڙدن مٿس ڦول چاڙهيا. هزارن ديوين کيس نمسڪار ڪيو. سيني حاضرينن جون اکيون ڳوڙهن سان ٽمٽار ٿي ڇلڪي رهيون هيون. هوڏانهن سندس پٽا اهو آڇي ڏاڙهي، آپوءَ وارن ۽ ڦاٽل ڪپڙن سان ڪاريءَ صدريءَ وارو زار زار روئي رهيو هو. سندس ماتا هنيانءُ ڦاڙي اوچنگارون ڏيئي رهي هئي..... هوءَ ٻڌڙي ڏاڏي ٻه ڏس ته سينو ٿي ڪٽي.....

اهڙو دردناڪ ۽ دلسوز نظارو ڏسي مانجهي مڙسن جو پتو ٻه پاڻي ٿي ويو. سنگ دل ٻه اڄ هارن جيان روئي رهيا آهن.....

"پٽ هيمون تون صدقي ٿئين ديس تان. تو آمر پڌر پاتو ٻچڙا پر....." پيسو مل (هيمونءَ جي پتا) درد مان چيو.

ساري رات شانت وايو منڊل ۾ سنڌوءَ جي ڪنڌي تي شمشان پوميءَ ۾ شهيد جي چتا ڏان ڏان ڪري جلي رهي هئي!

سورهيه هيمون ڪالاڻيءَ جي شهادت جو ڏينهن 21 جنوري آرتوار جنهن ڏينهن سنه 1943ع ۾ انگريز سرڪار پنهنجي طاقت جي نشي ۾ پُر ٿي هڪ هونهار نوجوان کان بزدلانه بدلو ورتو.

هيمونءَ کي ڦاهي 1942ع جي آندولن ۾ هنسڪ ڪارروائي. يعني ريل جا پٽا ڪيڙ جي ڏوهه ۾ ڏني ويئي هئي.

(ورتل "هندو" هفتيوار 20 جنوري 1947ع)

ديش ڀگت هيمو ڪالاڻي

سکر شهر ۾ اونهاري جي گرمين ۾ هيمو ڪالاڻي ڏاڏيءَ سان مڪان جي ڪڏ تي ويٺو هو. گهٽ ٻوسات اهڙي هئي، جو وڻ جو پتو به نه پئي چريو.

هيمو ڏاڏيءَ کي چيو:

"وڏي امان! ڏاڍي گرمي آهي. نند ڪيئن ايندي؟ آڪاڻي ٻڌاءِ نه؟ او هوءَ مهاتما گانڌيءَ واري ڳالهه ٻڌاءِ...."

ڏاڏيءَ چيو:

"روز روز توکي گانڌي ڪپي؟ تون گانڌيءَ جهڙو ٿيندين؟ پٽا جنم ملیو آهي، سڪل ڪرڻ لاءِ تون پنهنجو جنم سڪل ڪندين ته سڄو پريوار ڏنيءِ ٿي ويندو! تنهنجي ماءُ جي ڪک ڏنيءِ ٿيندي ۽ اسين سڀ تري ويندا سين....."

"وڏي امان! گانڌيءَ جهڙو ڪيئن ٿيان؟ ڇا ڪريان؟"

"پٽا گانڌي چوي ٿو ته اسان جو ديش غلام آهي، پنهنجي ديش کي آزاد ڪرڻو آهي. تون وڏو ٿيندين ته پوءِ سمجهندين."

"وڏو ته مان ٿي ويو آهيان!" هيمو ڪٽ جي پائي تي چڙهي اُپو بيهندي چيو.

"ائين نه.... ڪٽ تي بيهڻ ڪانسواءِ جڏهين ايڏو ڏکهو ٿين تڏهين....." ڏاڏيءَ ڪلندي چيو.

هيمون وڏي ۾ وڏو ٿيو. نندي هوندي هُو پنهنجي ماءُ کي چوندو هو:

"امان! وڏي امان امان چوي ٿي ته ديش به اسان جي ماءُ آهي. تمام وڏي ماءُ. پر امان! ديش ڇا ٿيندو آهي؟"

هوءَ چوندي هيس: "ڏس! مان رنڊڻي جي ڪم مان واندي ڪٽي ٽي ٽيان؟ پڇهين اوطاق ۾ ويٺو آهي، وڃي پڇيس."

هيمو ڊوڙي پيءُ وٽ ويندو هو تہ، پڇس ڪيس سمجهائيندو هو تہ اسان جي شهر پرسان سنڌو درياهہ ٽو وهي نہ؟ اسين سڀ ان جو پاڻي ٿا پيئون. پري ڏس چانورن جا کيت آهن. اسين هِن ڌرتيءَ تي پئدا ٿيل چانور کائون ٿا. ڌرتيءَ مٿان هوا لڳي ٿي، اسين اُها هوا ساهہ دوران کڻي جيئون ٿا. ان ڪري هيءَ ڌرتي اسان سڀني جي ماءُ آهي. اِهو اسان جو ديش آهي. تون پنهنجي ديش کي پيار ڪندين نہ؟ اَبا! ٻڌاءِ تہ سهي ڪيترو پيار ڪندين؟

هيمون ٻئي ٻانهون ڦهلائي چوندو هو: "هيترو! اصل هيترو گهڻو...."

هيمون اسڪول جي مٿئين درجي ۾ پڙهائيندو به هو:

"مرنداسين، مگر ملڪ کي آزاد ڪنداسين."

هيمو هڪ ڏينهن ڏيپي نائيءَ کان وار لهرائي آيو. اڳڻ ۾ ٻہ ڏول پاڻي جا رکي، انگوڇو ٻڌي سنان ڪرڻ لڳو. ماٿس ٽوم بصر پيل ٻاجهريءَ جو ڏوڏو ۽ سهانجڙي جو ٻلو آڻي ڪٽ تي رکيو. هيمون ڏانهن نهاري پڇيائين:

"پٽ ڏوڏي مٿان مکڙ رکاءِ؟"

"پلي امان! اڄ گهڻو مکڙ ڏجاءِ، نہ ڇاڻ تون هاڻي ايترو ڪنجوس ڇو ٿي پيئي آهين؟" ائين چئي هيمون ڪليو:

هيمونءَ جي ماءُ ڏانهنس چتائي ڏسي چيو:

"ماريا! هي مڇون ڪيئن ڪترايون اٽيئي؟ جهڙو هروڇ پيو لڳين!"

هيمونءَ مڇن تي هٿ ڦيريو ۽ چيو:

"ٻڌو ٿا! اوهان جو پٽ مڇ مان تلوار ٺهرائي آيو آهي."

هيموءَ جو پيءُ ڪمري کان ٻاهر ورانڊي ۾ آيو. ڪلي چيائين:

"تڏهن تنهنجي مرضي آهي تہ مڇ کي پينگهو ٻڌائي چپن مٿان رکي؟ هيمونءَ ماءُ منهنجو پٽ جوان ٿيو آهي جوان!" فخر محسوس ڪري هن پنهنجي پٽ جي پٺيءَ تي ڏڪ هنيو.

هيمونءَ ماءُ چيو:

"ها..... ها.... هيءُ صرف توهان جو پٽ آهي. خير..... توهان جو ڪِي منهنجو..... شل جڙيو جيئرو هجي."

ماءُ جي چهري تي ممتا پکڙيل ڏسي هيمونءَ جي دل ڏڙڪي ويئي. هن سوچيو.

"امان! اڄ مان پنهنجي وڏيءَ امڙ جي شيوا ڪرڻ وڃي رهيو آهيان. منهنجي منڙي امڙ! تون پنهنجيءَ ڪومل مڏر نهار سان منهنجي ارادي کي ڪمزور نه ڪج."

ائين سوچي هن منهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏيو.

سڄي پارت ۾ "ڪرو يا مرو" جو آندولن هليو. سنڌ ۾ آزاديءَ جي هلچل کي دٻائڻ لاءِ ملٽري گهرائي ويئي. سڄي پرانت ۾ مارشل لا جاري ٿيو.

سڪر مان هڪ ريل گاڏي لنگهي رهي هئي، جنهن ۾ انگريز سپاهي آزاديءَ جي جنگ کي روڪڻ لاءِ اچي رهيا هئا. هيمونءَ پنهنجن دوستن کي چيو:

"اسان جي ديش پڳتن تي بندوقون هلائڻ لاءِ، هي سپاهي آرام سان هتان لنگهي وڃن، ائين ٿيڻ نه ڏبو."

سياري جي ڪڙڪ ٿڌ هئي. سڪر شهر ۾ سپ ماڻهو سوڙن اندر ڪروندڙا ٿي سمهيا پيا هئا. ان وقت هيمون ڪليل ڳڇيءَ واري خميس پائي تارچ کڻي باهر نڪتو.

هيمونءَ سان گڏ سندس جيڏا ٿي ڇٽا پيا ۽ هئا. اهي ٿورو پريرو ٿي بيٺا. هيمون ٽرين جي پٽن مان فش پليٽون ڪيڻ لڳو.

اوچتو هڪ ملٽري آفيسر اچي سهڙيو. هن کي ڏسي هيمونءَ جا ساٿي ڀڄي ويا! هيمون پنير و ويٺو هو ۽ هن کي آفيسر وڃي پکڙيو.

هيمونءَ کي پوليس وارن بيد جي لڪڻ سان ماريو. ڪيس ڇهڪن پليان ڇهڪ هنيا ويا ۽ ڪانئس پڇيو ويو ته پنهنجن ساٿين جا نالا ٻڌاءِ. هيمون جواب ۾ چيو: "ساٿي! هر هڪ هند واسي منهنجو ساٿي آهي، ڪنهن جو نالو ٻڌائي ڪنهن جو ٻڌايان؟"

ملٽري ڪورٽ ۾ ڪيس هليو. سنڌ جي سپني وڏن ماڻهن اپيل ڪئي ته ننڍو ڇيرو جوان آهي. انڪري ڪيس وڏي سزا نه ڏني وڃي، پر انگريزن کي هين نوجوانن کي سبق سيکارڻو هو. تڏهن به جج هيمونءَ کي چيو:

"نوجوان تون پنهنجيءَ آلڙ جوانيءَ تي ترس ڪاءِ معافي ونِي پنهنجن ساڻين جا نالا ٻڌائيندين تہ اسين توکي صفا ڇڏي ڏينداسين."

هيمون چاتي سڏي ڪري سينو تاڻيندي چيو:

"شير جو ٻچو پل ڪيترو ٻہ ننڍڙو هجي، پوءِ ٻہ هو شينهن ئي ٿيندو آهي ڀ نہ گدڙ."

جج کيس چيو:

"توکي خبر آهي تہ ڦاهي ايندءِ؟ ناحق پنهنجي زندگي چو ٿو موت جي حوالي ڪرين؟"

هيمونءَ سينو تاڻيندي چيو:

"وطن تان جان گهوري تہ پرواهہ ناهي."

هاڻي جج ڪاڪ آواز ۾ ڳالهايو:

"چوڪرا! توکي قانون پڇڻ جي ڏوهہ هيٺ ڦاهيءَ جي تختي تي لٽڪايو ويندو."

هيمونءَ ڪلي چيو:

"ملڪ سان پيار ڪرڻ ڏوهہ آهي؟ اهڙو ڪهڙو قانون جو ڪتاب آهي، جنهن ۾ وطن سان وفاداري ڪرڻ کي جرم سڏيو ويجي ٿو."

جج کيس ڏمڪائيندي چيو:

"بڪواس بند ڪر چوڪرا!"

جج کي غصي ۾ ڏسي هيمونءَ مشڪندي پڪاريو:

"پارت ماتا کي جئا وندي ماترم!"

پوليس وارا ڪٿڙي مان ڪيڏي ڪيس ڏکي جيل وٺي ويا.

هيمونءَ لاءِ ڦاهيءَ جي سزا مقرر ٿي. سڄي سنڌ ۾ هاهاڪار مچي ويئي. سکر جيل ۾ اُن وقت ٽي سؤ ديش پڳٽ قيد هئا. هين سيني جيلن ۾ قيد ٽيل ديش پڳٽن ورت رکيو سڄيءَ سنڌ جي مندرن ۾ ماٺهن پرارٽنائون ڪيون. سيني مسجدن ۾ هيمون لاءِ دعائون گهريون ويون.

پر هيمون ڦاهيءَ جي تختي تي بيهي مشڪ لڳو. ڪلندي ڪلندي نوڙي پنهنجي گلي ۾ وڌي ڀ زور سان پڪاريو: "انقلاب زندهہ بادا" "هندستان آزاد".

جيل جي ديوارين ٻاهران هيمون جي اسڪول جا وديارٿي بيٺا هئا.
ڪيترن جي اکين ۾ پاڻي هو. سيني جا منهن جوش ۾ ڳاڙها ٿي ويا هئا.
جڏهن هيمون جو لاش تختي تان هيٺ لاٿو ويو تڏهن تلوار ڪٽ مڇن هيٺان ۾ چپ ايڄا ۾ مشڪي رهيا هئا.
هيمون هڪ اهڙو نندو ڏيئو هو جو وڏن وڏن کي راهه ڏيکاريندو آهي. نندڙو هيمون اسان سيني کي ديش پڳتيءَ جو سبق سيکاري ٿو. اسان سندس قرباني‌ءَ اڳيان سيس جهڪائي چئون ٿا:

هيمون! تنهنجي قرباني‌ءَ اڳيان ڪريون ٿا پرنام
سر ڏنو تو ۽ بخشيو اسان کي آ ممتاز مقام.

(1993ع ڪتاب "ماڻڪ موتي لعل" تان ورتل)

ڈاڪٽر منگھارام ڪالاٽي

سنڌ جو سورمو

1942ع جي پڇاڙيءَ وارو آندولن جنهن آندولن پارت ماتا جا غلاميءَ جا زنجير ٽڪر ٽڪر ڪري وڌا ۽ آزاديءَ جو سورج نڪري نروار ٿيو. تنهن سمي ۾ هي نوجوان اٽڪل 19 ورهين جي عمر ۾ لوڪمانيه تلڪ هاءِ اسڪول سکر جو شاگرد ۽ پارت ماتا جي آزاديءَ ۾ غلاميءَ جا زنجير ٽوڙڻ واري هلچل ۾ ٽپي پيو. اهو زمانو پي مهاپاري جنگ جو هو. سڄي دنيا ۾ ٽڪائوڪي جاري هئي. هٽلر پنهنجو خوب ڏهڪو ڄمايو هو ۽ تڪڙي رفتار سان فتح حاصل ڪري رهيو هو. هيڏانهن هندستان ۾ انگريز خوب ڏاڍ جاري ڪري رهيو هو ۽ آزاديءَ جي هلچل کي خوب ڏهائڻ ۾ سڀ وحشيائه طريقا ڪم آڻي رهيا هئا. تنهن سمي هڪڙي رات جو هن نوجوان کي خبر پوي ٿي ته اڄ هڪڙي اسپيشل گاڏي گورا سولجر کڻي، سندس منڙي وطن سکر مان لنگهي، ڪوئٽا بلوچستان طرف وڃڻي آهي. پوءِ وڃي ريل جو بند ڪيڏي ٿو ۽ انهيءَ بند ڪيڏندي پڪڑجي پوي ٿو. انهن ڏينهن ۾ سکر ۾ مارشل لا جاري هئي. روز هڪ نه ٻئي جوان کي اگهاڙو ڪري ٽنڪا هنيا ويندا هئا. سنڌ جا گهٽو ڪري سپيئي اڳواڻ جيل جي اندر باندي ٿي چڪا هئا. هن نوجوان کي برف جي چپن تي وهاري، بيان ونڊي، ڪورٽ مارشل ڪري، قاهي تي ٽنڪائڻ جي سزا اچي ٿي. جنهن تي سنڌ ۽ هند جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آواز اُٺن ٽا ته جڏهن ڪنهن جي حياتيءَ جو نقصان نه ٿيو آهي ته پوءِ هن کي قاهيءَ تي چو ٿو ٽنڪايو وڃي!! سنڌ ۽ هند جو مشهور سنت ساڌو واسواڻي صاحب ۽ شري جمشيد مهتا صاحب ڪراچي جي

مشهور ميئر ۽ ٻين صاحبن پاڻ گهٽو ئي پتوڙيو ۽ اخبارن ۾ ليک لکيا. پر ڏاري سرڪار چو ٿي ٻڌيا آخر 21 جنوري 1943ع سوير صبح جو پياري هيمون ڪالاڻيءَ کي ڦاهيءَ جي تختي تي لٽڪايو ويو ۽ ماءُ پيءُ جو لاڏلو پٽ هيمون آمر شهيديءَ جو تاج پهريندو رمندو رهيو.

(1981ع)

موهن ڪلپنا

هندستان چڏي وڃو!

(هيمون ڪالاڻيءَ جي شهادت تي يڪ فصلو ناٽڪ)

چمڇتو پهريون

وقت: شام جا پنج وڳا.

مڪان: پراڻي سڪر جي سوڙهيءَ گهٽيءَ ۾ هڪ پراڻي جڳهه جو اونداهو ۽ بند ڪمرو (ڪوٺيءَ ۾ بلڪل معمولي سامان پيل آهي): ڪٽ، ننڍو بسترو، ٽيبل ۽ ٻه ٽي ڪرسيون. ٽيبل تي ڪجهه ڪاڳر ۽ پيو سامان پيل آهي. هڪ ڪنڊ ۾ هڪ مُوڙو رکيل آهي، جنهن تي اخبارون تڙيل پکڙيل پيل آهن. پتين تي پڳٽ سنگهه تلڪ ۽ گانڌيءَ جون تصويرون ٽنگيل آهن. پردو کلي ٿو ته هڪ نوجوان ٽيبل جي پرسان ويهي ڪاڳر اُٿلائيندو نظر اچي ٿو. ٻيو نوجوان دريءَ کان ليٽا پائي، ڪنهن جو انتظار پيو ڪري ۽ واچ ۾ وقت پيو ڏسي. اوچتو واکو واکاڻ شروع ٿئي ٿي:

"پکڙيو، پکڙيو! ونوس، ونوس! گهٽيءَ ۾ ڪاهي پاسي! ونو ونو!"

ڪوٺيءَ ۾ جوان چرڪي وڃن ٿا ۽ خبردار ٿي وڃن ٿا. درين جا پردا ڪيرائي چڏين ٿا. اوڏيءَ مهل دروازي تي ٽڪ: ٽڪ ٽئي ٿي. هڪڙو جوان ٽهڪڙو دروازو کولي ٿو. هيمون اندر داخل ٿئي ٿو.

هيمون: (جهٽڪي سان دروازو بند ڪري، ان کي ٽيڪ ڏيئي، سهڪندي) خبردار ٿي وڃو! جمدوت پيڇو ڪري رهيا آهن. (باهران آواز آهستي جهڪا ٽيندا ٿا وڃن.) اُف! (اڳتي وڌي، نراڙ تان پگهر اُگهي) قسمت زور هيم، نه ته اڄ هنن جي چنبي مان چڏائڻ مشڪل هو.

ٽيڪر: توکي ڪيترو چيو اٽئون ته سڄ لهڻ کان اڳ ۾ ٻاهر نه نڪرندو ڪر.

هيمون: سو ته ٺيڪ آهي، پر اڄ ڪن سائين سان ڪم جي سلسلي ۾ ملڻ بلڪل ضروري هو.

پريتم: پر توکي اهو به خيال رکڻو آهي ته ڪيترو جوکم کڻي رهيو آهين. آزاد ميدان واري واقعي کان پوءِ سي آءِ ڊي نوجوان منڊل جي همراهن پٺيان هٿ ڌوئي لڳي آهي.

ٽيڪر: ۽ جيڪڏهن توکي ڪنهن به وقت ڪجهه ٽيو ته نوجوان جا آنسنا چوپٽ ٿي ويندا.

هيمون: (ٽيڪر کي هٿ کان جهلي) تون فڪر نه ڪر. (ڪلي) تون ذرا دل کي مضبوط ڪر. آءٌ اهڙو ميڙ جو ٺهيل نه آهيان. (چوڌاري نهاري) پر دولت نظر ڪونه ٿو اچي؟

پريتم: هوا جا ڪونه پهتو آهي.

هيمون: پر هو ته توسان گڏ اچڻو هو نه؟

پريتم: ها، پر هو منجهند جو ٻارهين بجي مون کان جدا ٿي ويو. وڏي بازار وٽي پئي وياسين ته ڪن شڪي ماڻهن کي پنهنجي پٺيان ايندو ڏسي، الڳ ٿي وياسين آءٌ ته گهٽين جا چڪر کائي، گوهي ڏيئي ويس، هو به اچڻ ۾ هوندو.

ٽيڪر: "پر اسين هت ويهي ڪري به چا ٿا سگهون." ٻاهر وڃڻ:

هيمون: (اڳ ۾ ڪپي) اهو ته ڪري سگهون ٿا ته پنهنجي دل ۽ دماغ پوريءَ جڳهه تي رکون! (پريتم ڏي منهن ڪري) اڄ تون پريات ڪيريءَ ۾ شامل ٿئين؟

پريتم: (مشڪي مون کي اهڙو ڪجو سمجهيو اٽئي؟ ڪيئن شامل ٿيندس؟ مون پريان ويڻي رنگ ڏنو. (جذباتي نوع ۾) پوليس جنهن بي رحميءَ سان شاگردن تي لٺبازي ٿي ڪئي، اها ڏسي دل ٿي چاهيو ته ڏنڊو کڻي هڪ ٻن سپاهين جو ميڃالو چٽي ڇڏيان (هٿ مٽي ڪجي ٿا وڃنس).

هيمون: (ٽورو پٺتي هٽي، ٿهڪ ڏيئي) سنڀال ڪٽي پوليس وارن جي بدران اسان جي مغز کي..... پريتم، جذبات ۽ جوش تي ذرا قبضو:

پريتم: (اڃ ۾ ڪپي) جيڏيءَ مهل ڏس، تون جذبات ۾ جوش جي ڳالهه پيو ڪرين، چا، تنهنجو اهو ويچار آهي ته اسين ٽڏا ٽڪر ٻڌجي ويهي رهون؟

هيمون: مون کي غلط نه سمجهه، منهنجا دلبر دوست مون کي چاڻ آهي ته جذبي جو مهتو ڪيترو آهي، پر ان جو پورو پورو اُپاءَ ڪرڻو آهي. وڏي ڪارج لاءِ، چا تون ان ۾ سياڻپ نٿو سمجهين؟

پريتم: اهو سڀ تنهنجي ئي ڪري ته آءٌ پاڻ کي روڪي ويٺو آهيان، نه ته هن کان گهڻو اڳ: (وري به هٿ متي ڪجي ٿا وڃنس ته اوچتو ٻاهران ڪن اوبرن ماڻهن جي گفتگوءَ جو آواز ٿو اچي.)

نوجوان جو آواز: امان، مهرباني ڪري منهنجي جند ڇڏ. آءٌ هٿ ٿو جوڙيان۽ مون کي وڃڻ ڏي

مائيءَ جو آواز: ٻڌاءِ، منهنجو پٽڑو هيمون ڪٿي آهي؟ ڪٿي لڪائي رکيو اٿئ منهنجي لال کي! مون کيس ڪيترن ڏينهن کان کونه ڏٺو آهي. ٻڌاءِ لال! مان توکي پيرين ٿي پوان.

نوجوان جو آواز: آءٌ چا ڄاڻان تنهنجي هيمونءَ کي، مون ڪٿي لڪايو آهي؟

مائيءَ جو آواز: پڳوان جي واسطي ائين نه ڪر مون کي پنهنجو پٽڑو ڏيکاريو. منهنجو خون نه سُڪايو (هيمون گوڙ تي دروازو کولي، ٻنهي کي اندر اچڻ جو اشارو ٿو ڪري ۽ پوءِ دروازو بند ٿو ڪري. مائي وڃي ٿي هيمونءَ کي چنبڙي ۽ دولت پاسيرو ٿي بيهي ٿو.)

هيمون: (غصي ۾) هيءَ تو چا ڪيو! تون امان کي هت چو وٺي آئين؟

دولت: (بيوسيءَ ۾) مان چا ڪريان؟ مارڪيٽ مان لنگهندي، مون کي ڏسي ورتائين. مون گهڻو ئي ليلايومانس، پر منهنجي پٽ ئي نه چڏيائين. مون کي ته هت وقت اندر ضرور پهچڻو هو.

هيمون: (اڃا به ڪاوڙ ۾) تو تمام وڏي غلطي ڪري وڏي هاڻي چا ٿيندو؟ (ٽنهي کي اندر وڃڻ جو اشارو ٿو ڪري)

ماءُ: (ڳوڙها اگهي) پٽ، جڏيءَ ماءُ کي چڏي، تن ڏينهن کان ڪيڏانهن گم ٿي ويو هئين؟

هيمون: (ڪلي، ويو وري ڪيڏانهن آهيان، ڏسين نٿي ته هت ويٺو آهيان. چوڪري آهيان چا جو سمر ٿي ويندس!

ماءُ: هت ويهي چا ويٺو ڪرين؟ اسان جو ته ساهه ئي سڪائي ڇڏيو اٿيئي.

هيمون: (ڏک ۾) امان، تون هتي چو آئين؟ پوليس توکي ڏسي ورتو هوندو ته اسان جو ٺهيو ٺڪيو ڪم بگڙي ويندو.

ماءُ: ڪهڙا ويٺو هتي ابتا ڪم ڪرين؟ منهنجي سياڻي پٽ کي الائي ڪنهن ڳڻ ۾ اُبتي ٿوڪ ڏني آهي. اُٺ لال! مون سان گڏجي گهر هل.

هيمون: امان، تون ڪوبه الکو نه ڪر. اڄ مون کي ٽورو ڪم آهي. آءٌ صبح ساڻ گهر پهچي ويندس.

ماءُ: الائي ڪهڙا ڪوڙناڪ (خوفناڪ) ڪم پيو ڪرين. مُٽيءَ ماءُ جو به ته ڪيال (خيال) ڪونه ٿو ٿيئي.

هيمون: (ماءُ کي ڀرانڊي پائي: منهنجي مٺڙي امڙ آهين نا رڳو اڃوڪو رات مون کي چڏ. پوءِ جيئن چوندينءَ، تيئن آءٌ ڪندس. ڏاهي ٿيءُ! تون آهستي نڪري وڃ.

ماءُ: نه نه آءٌ مور ڪين ويندس. اڄ تو الائي ڪهڙي سٽي آهي! منهنجي دل ۾ الائي ڪهڙا وسوسا پيا پون!

هيمون: (ڪلي) امڙ، تنهنجي دل ۾ اجايا پرم آهن. ديس: شيوا ۾ ڪهڙا وسوسا ڪبا. آءٌ ڪو هت چوري يا ڪاٽ ته ڪونه ويٺو هٽان. تون ته هيڪاري مون کي آسيس ڪر ته آءٌ ديس جي شيوا ڪري تنهنجو شان رکان.

ماءُ: ڪهه پوي اهڙو شان! مون کي پنهنجو بچڙو ڪپي ديس: شيوا لاءِ ٻيا ڪتا!

هيمون: امان، تون ڪهڙيون ڳالهيون پيئي ڪرين؟ (جذبات ۾) تون مون کي جنم ڏيئي ائين ٿي چوين؟ انهيءَ ڪان ته هيمونءَ کي جنم ئي نه ڏين ها.

ماءُ: سڏڪو پري، هيمونءَ جي وات تي هٿ رکي: ائين نه چئه پٽا گهور وڃان! نياڳي تنهنجي ماءُ، شل تنهنجو وار به ڪوسو نه ٽٽئي! مُٽيءَ ماءُ جي دل آهي!

هيمون: امان، سڀ مائرون ائين موهه وس ٿي، پنهنجي اولاد کي ديش: شيوا ڪان روڪين. ته پوءِ پارت ماتا جو سڏ ڪير اونائيندو؟

ماءُ: آءٌ تنهنجي ماءُ نہ آهيان؟ آءٌ پل چري ٿي پوان، ان جو توکي کيال (خيال) ڪونہ ٿو ٿئي.

هيمون: (پاسيرو ٿي، ڳوڙها اُگهي) منهنجي ملڙي امڙ ڪين آهين! پنهنجي پٽ کي سورهيہ بڻجڻ جي همٿ ڏي.

ماءُ: نہ، منهنجي دل باسي ئي نٿي. پٽڑا، چو جان جوکي پر وڌي اٿيئي؟ توکي پنهنجي جان پياري ڪانهي؟

هيمون: (جوشءَ پر) جان مٽي! ڪنهن کان؟ ديش کان؟ امان، مون کي اهڙي لولي نہ ڏي (جذبات پر) امان، هن ديش جون مائرون تہ پنهنجن پٽن کي اها ئي لولي ڏينديون آهن: "صدقي ديش تان تن من ڪرڻ جهڙي نہ ٻي خدمتا" تون بہ مون کي اهڙي سکيا ڏي منهنجي پٽي ٻُڌ. (جُهڪي ٿو)

ماءُ: (سڏڪو پري ڇڏيءَ سان لڳائي): تون منهنجي هنئين پر چو ٿو وڍ وجهين! هيترا ڏينهن توکي اکين جو نور ڪري پاليم تہ چا توتان آهو پلي چڏيان؟ (چڀريل آواز پر): مون کان ائين نہ ٿيندو. منهنجون تو پر ڪيترين اميدون: (آواز گهٽجي ٿو وڃيس)

هيمون: امڙ، تنهنجون سڀ اميدون برٿواب ٿينديون. ديش جي ڪلياڻ پر اسان سڀني جو ڪلياڻ لڪل آهي. منهنجي ڏاهي امڙ آهين نا هاڻي هتان نڪري وڃ. جيئن پوليس کي پتو نہ پوي.

ماءُ: نہ هيمون، منهنجا لال! مون کي پاڻ کان اڪيلو نہ ڪر. اڄ رات آءٌ هتي ئي ٽکي ٿي پوان.

هيمون: (ڪاوڙ پر) امان، تون هيءَ چا ٿي ڪرين! مون کي هرويرو لاچار نہ ڪر. پڳوان جي واسطي، اڄ مون کي چڏ. منهنجي آڏو نہ اڄ.

ماءُ: (رڙيون ڪندي) نہ پٽڑا، نہ آءٌ هتان اصل ڪانہ چرنديس. ٻانهون ٻڌي پيرين ٿي پوان، مون تي ديا ڪر، مون سان گڏجي گهر هل. (پيرن تي ڪريس ٿي).

هيمون: امان، تون مون کي بلڪل لاچار ٿي ڪرين. هاڻي مون کي سڀ مريادا ءِ موهہ چڏي، زور کان ڪم ونڊو پوندو.

ماءُ: (چنبڙي ءِ اوچنگارون ڏيئي): هيمون پهرين تون مون کي گولي هڻي پورو ڪر. پوءِ جيڪي وڻيئي سو ڪر. نہ جيئري هوندیس، نہ سور سهندیس.

هيمون: (واکو ڪري) امڙ تو منهنجي لاءِ ڪوبہ رستو نہ ڇڏيو آهي. مون کي معاف ڪج (زور سان) دولت)! ٽيڪر! دولت ۽ ٽيڪر اندر اچن ٿا.) جلدي ڪريو هن کي ٻاهر ڇڏي اچو. (ٻئي ڇٽا مائيءَ کي ٻانهن کان جهلي دروازي ڏانهن ڇڪين ٿا. هيمون منهن ٻئي پاسي ڦيرائي ٿو ڇڏي

ماءُ (دانهون ڪندي): پٽ هيمون، مون تي دیا ڪر! آءُ چري ٿي پونديس. پلائي ڪر، پٽ، نردئي نہ ٿيءُ! (رڙيون ڪندي): هيمون! هيمون! (دولت ۽ ٽيڪر ڪيس ڇڪي ٻاهر ٿا وڃن. آواز جهڪو ٿيندو ٿو وڃي. هو واپس موٽي اچي دروازو بند ٿا ڪن.)

پريتم: (اندر اچي، اکيون اُگهي) ماءُ جي ممتا!

هيمون: (پاسيرو پيو ڳوڙها اُگهي ۽ سور پيئڻ لاءِ هٿ کي چڪ پائي. سڏو ٿي، پريل گلي سان): چو توکي پڻ ماءُ جي يادگيري اچڻ لڳي آهي؟ شايد تنهنجي دل ڪمزور: (باقي گلي ۾ گهٽجي ٿو وڃيس.)

پريتم: (ٽڏو ساهہ پري) نہ، اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانهي. مون جهڙا ماڻهو ظاهري ڳوڙها ڳاڙيندا آهن، تون ڳوڙها پيئڻ جي ڪوشش ڪندو آهين: تفاوت فقط اهو آهي.

هيمون: (وچ ۾ ڪپي) چڱو هاڻي جلدي ڪريو. وقت باقي ٿورو آهي. تياري ڪرڻ گهرجي. دولت، بندوبست ڪيئن آهي؟

دولت: (ٻانهون ٻڌي بيپرواهيءَ سان دريءَ وٽ بيهي) بندوبست بلڪل ٺيڪ آهي. سپيئي نياپا پهچائي آيو آهيان باقي اسان جي دير آهي.

هيمون: ٻاهر جو ٻيو ڪهڙو احوال آندو اٿيئي.

دولت: (اُتان ئي) آزاد ميدان واري ٽوليءَ پوليس چونڪيءَ تي هٿرادو بم اُڇلايو آهي. پوليس تلاشين ۽ گرفتارين جي ڏم مچائي ڇڏي آهي. هينئر سپيئي ساڻي بسکوٽ فئڪٽريءَ جي هڙتال لاءِ ڪوشش ۾ آهن..... (ڪجهہ ياد ايندي) اڙي، مون کان تہ ڳالهہ ئي وسري ويئي! بمبئي مان هڪ بليٽن آئي آهي.

هيمون ۽ پريتم: (ٽپ ڏيئي) بليٽن! ڪٿي آهي؟ جلدي ڪيو.

دولت: (کيسي مان ڪڍي) اِڇها!

هيمون: (کسي) مون کي ڏي (کولي پڙهي ٿو) "بمبئيءَ ۾ ماڻهن ۽ پوليس جي وچ ۾ چڪري: 51 ماڻهو گولين جو شڪار: 300 گرفتاريون!"

پريتم: (جوش ۾) گوري فرنگيءَ جا ڏينهن اڃي ڪٿا آهن. پل ظلم جو گهوڙو تيز ڪري رت جي هڪ هڪ ڦڙي جو حساب چڪائي ونبو!

هيمون: (گنڀير مشڪ سان) جذباتي نہ ٿيءِ، پريتم!

پريتم: (درد مان) تون مون کي جيڪي وٽيئي سو چئُ (جوش ۾) چا، بي هٿيار ۽ بيگناهن جو هيءَ خون وهندو ڏسي، تنهنجو رت نٿو ڪڙهي؟

هيمون: (ڪلهي تي هٿ رکي) منهنجو رت ضرور ڪڙهي ٿو. پر اهو رت ڪڙهندو تڏهن آهي، جڏهن رت وهندو آهي. آزاديءَ کي قرباني گهرجي. هاڻي وڌيڪ احوال ڏسون (پڙهي ٿو). "ڪنڪتي ۾ ڪرفيو آرڊر چالو. مدراس ايڪسپريس ٽن ڏينهن کان غائب. ارونا آصف علي پوليس جي هٿن مان فرار. مهاتما گانڌيءَ جو اعلان (ڪرينگي يا مرينگي)!" (پڙهن ۽ تپا پيا ڏين.)

دولت: (وچ ۾) بليٽن پوءِ ٻ پڙهي ونبي، پهرين اڃوکي ڪم جو ويچار ڪيو.

هيمون: (بليٽن کيسي ۾ وجهي) ٺيڪ آهي. (واڇ ۾ نهاري) اها خبر بلڪل پڪي آهي تہ فوجي مال گاڏي سٽن ۾ ٽيهن منٽين اسٽيشن تي پهچندي، ۽ ويهن منٽن کان پوءِ اسٽيشن ڇڏيندي؟

دولت: شام جو پنجين بجي تائين اها پڪي خبر آهي. ريلوي اختياريءَ وارن کي اهڙو اطلاع پهتل آهي. جنهن ساڻيءَ اها خبر ڪڍي آهي، سو بلڪل پروسي جوگو آهي.

هيمون: اهو پتو لڳو تہ اها ڪهڙي مال سان پريل آهي؟

دولت: اها ڳالهہ بلڪل مخفي آهي، ان جو پتو لڳائڻ بلڪل مشڪل آهي. ريلوي اختياريءَ وارن کي ٻ کا خبر ڪانهي.

هيمون: پڪ ئي پڪ اهو فوجي مال پنجاب جي هلچل کي ڪچلڻ لاءِ وڃي رهيو آهي. جيڪڏهن اسان جو نشانو ٺيڪ ويو تہ وڏي سوپ حاصل ٿيندي.

ٽيڪر: (وچ ۾) ۽ نشان گسي ويو تہ ان جي نتيجي جو خيال ڪيو آٿو؟

هيمون: انهيءَ کي ڏٺو ويندو. نتيجو عمل کان اڳ نہ پر پوءِ نڪرندو آهي. نتيجو جنهن چيز جي تقاضا ڪندو تنهن لاءِ اسين تيار آهيون. رڳو تون دل کي ذرا مضبوط رک.

ٽيڪر: (نراس ٿي) هيمون، تون مون کي ور ور ائين چو ٿو چوين؟ تو مون کي ڪمزور سمجهيو آهي؟ تون سمجهين ٿو ته مون کي شايد جان ڏاڍي پياري آهي.

هيمون: (جذبي مان ٽيڪر کي پاڪر پائي) منهنجو اهو مطلب ڪونهي، ٽيڪر! مون کي معلوم آهي ته تنهنجو دوستن ۾ ايترو موهه آهي. جو ٿورو خطرو ڏسي گهبرائجي ٿو وڃين. پر هڏ، دوست، موت صرف هڪ دفعو ايندو آهي، ان جي سامهون للڪار ڪري وڃجي.

ٽيڪر: (بلڪل ڳري آواز ۾) اهو ته آءٌ به ميان ٿي پر الاجي ڇو تنهنجي باري ۾ منهنجي دل ڪمزور ٿيو وڃي.

هيمون: (مذاقي طرز ۾) چوڪرين جي سنگت ۾ شايد گهٽو رهيو آهين! (سيٽي ڪلن تا) چڱو هاڻي جلدي تيار ٿي وڃو. اسان کي سوائين ڇهين بجي نڪري هلڻ گهرجي.

پريتم: پهريائين مان ٿو وڃان. منهنجو پنڊ البت وڏيرو آهي. پروگرام ۾ ڦير گهير ته ڪانهي؟

هيمون: بلڪل نه. تون ريل وارو پتو وٺي سنگل واري موريءَ کان هڪ سؤ قدمن تي، ڪنهن وڻ جي سائي ۾ لڪي بيهج. جيسين منهنجو اشارو نه ملي، تيسين اتي ئي رهج! سمجهيئه؟

پريتم: بلڪل ٺيڪ آهي. ائين ٿيندو.

هيمون: (ڪلهي تي ڏڪ هڻي) شاباس، شير! اڃوڪو ڪم راس ٿيو ته جڙ سڄي جيون جي سوپ حاصل ٿي.

پريتم: رک مولا تي، تون جو ساڻ آهين!

پريتم: دروازو کولي باهر وڃي ٿو ۽ دولت دروازو بند ڪري اچي ٿو.

هيمون: دولت، هاڻي تون به تيار ٿي وڃ.

دولت: مان ته اڳ ۾ تيار ويٺو آهيان.

هيمون: تون هريجن واريءَ بستيءَ کان مڙي، ريل جي پٽي جي ٻئي طرف، موريءَ جي بلڪل سامهون ڪٽي بيهج. آءٌ به جلد اتي پهچي ويندس. پر هڏ، اوزارن پهچائڻ جو ڪم ڪنهن تي رکيو ائيئي؟

دولت: ان جي چنتا نه ڪر. جيوڙ ۽ آنند اهو ڪم پاڻ تي هموار ڪيو آهي. اسان جي پهچڻ کان اڳ ۾ سمورا اوزار موريءَ هيٺان رکي ويندا.

هيمون: شاباس! هاڻي تون هل. پر ذرا خبرداريءَ سان اتي پهچ. منهنجي سيٽي وڄي تہ بند تي چڙهي. ڪر ڪي جنبي وڃجو.

دولت: چڱو آهين.

هيمون: تہ پوءِ پل هل. (دروازو بند ڪري ٿو اچيس). هاڻي مون کي بہ هلڻ گهرجي (واڄ پرنهاري). جلدي تيار ٿي وڃان.

ٽيڪر: پوريءَ خبرداريءَ سان ٻاهر نڪرج. پنهنجي سلامتيءَ جو پورو بندوبست رکج.

هيمون: (مشڪي) اطمينان رک. دلبر دوست! منهنجو وار بہ ونگو نہ ٽيندو.

ٽيڪر: (اتساهہ مان پاڪر پائي) تنهنجي وات پر موتي!

هيمون: مگر هاڻي تون خبردار ٿي ويهج. ڪا گڙبڙ ڏسين تہ پنڌين دروازي کان رفو چڪر ٿي وڃج. (مرڪي) ڏچين تہ ڪونہ ٿو؟

ٽيڪر: (ٿهڪ ڏيئي) ڪنهن کان؟ توکان يا پتين کان؟ (هٿ کان پڪڙي التجا سان). هيمون. هڪ ڳالهہ چوانءِ. مڃيندين؟

هيمون: واهہ يار تنهنجي بہ نہ مڃيندس! (ڪوٽ پائيندي) رڳو مون تي شادي ڪرائڻ جو بار نہ وجهج! (کلي ٿو).

ٽيڪر: (پريل گلي سان) چريو نہ سمجهہ. (وري هٿ پڪڙي) منهنجي دل اڄ توکي ٻاهر ڇڏڻ تي نٿي ٿئي. مان چاهيان ٿو تہ....

هيمون: (اڏ پرڪپي. زور سان) ٽيڪر. تون هي ڪهڙيون ڳالهيون پيو ڪرين؟ مون کي اهڙي جاڻ هجي ها تہ توکي هت هرگز نہ آڻيان ها.

ٽيڪر: (پاسيرو اکيون اگهي. پريل دل سان) تون مون کي غلط سمجهي. مون سان بي انصافي ڪري رهيو آهين. منهنجو مطلب آهي تہ اڄ مون کي ڇڏ تہ تنهنجي بدران مان وڃان. مون کي بہ وڃهہ ڏيو. مون کي هت ڪوهہ جي ڏيڏر وانگر بند ڪري چو رکيو اٿوَ؟

هيمون: (پاڪر پائي) معاف ڪج. ٽيڪر. مون غلط سمجهيو. تنهنجو بہ وارو ايندو.

"Those also serve who wait and watch"

هاڻي ٻڌ. جيوڻ ۽ آنند کي سڀ هدايتون ڏج. جيڪڏهن ڪوبہ اتفاق ٿي پوي تہ ٽوليءَ جي ميمبرن کي جيوڻ جي هدايتن پٺاندر ڪم ڪرڻو آهي.

ٽيڪر: پلا، اڄ تون مون کي ٻاهر ڇو نٿو وڃڻ ڏين! اڄ منهنجي ٻه ڪٽي منج.

هيمون: ٽيڪر ائين ڪونهي، ٻيا دوست ميڙ جو جوکر ڪٽن، ڀ آءٌ هت ويٺو هجان! مون کي آرام ئي ڪونہ ايندو. اڄ چڏ، سياڻي ڏسي ونڊاسين.

(هيمون ٽوپي پائي ضروري چيزون کيسي ۾ وجهي، تيار ٿئي ٿو.)

هيمون: (دروازي وٽ پهچي) چگو جاني، وري سياڻي گڏباسين.

ٽيڪر: (ڪلهي تي هٿ رکي) خبرداريءَ سان ڪر ڪجو. "جئہ انقلاب!"

هيمون: "جئہ پارت ماتا!" (دروازو کولي وڃي ٿو. ٽيڪر دروازو بند ڪري ٿو. آهستي آهستي اونڌهہ وڏندي وڃي ٿي.!

(پردو)

ڇهڻتو ٻيو

وقت: شام جا اٽڪل ڇهہ ٻجا.

مڪان: جيلخاني جي ڪال ڪوٺڙي

(هڪ خالي ڀ اونداهي ڪوٺيءَ ۾ هڪ ڪنڊ ۾ پٽر جي ٽلهي تي، جيل جي ڪپڙن ۾ هيمون مٿو ٻانهن تي رکي ويٺو آهي ڀ هيٺين سٽ پيو جهونگاري:

"مرنداسين مگر ديس کي آزاد ڪنداسين، آباد ڪنداسين!"

(هڪ سپاهي بتي ڪٽي پهري تي اچي ٿو. بتي دروازي وٽ رکي اڄ وڃ ڪري ٿو. ٽورو بيهي اندر ليئو پائي ٿو ڀ هيمونءَ سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري)

سپاهي: (ليئون پائي) ڪيئن، ديوان وڻن هڻبو ڇا (جواب ڪونہ ٿو ملیس) هنن ڪچڙين هڏين کي ڀ سوليءَ تي چاڙهيو ويندوا ڇا خدا جو شان آهي! (هيمون ٽهڪ ڏئي ٿو ڀ سپاهي ڇرڪي وڃي ٿو) شايد، پاڳل ٿي رهيو آهي. ههڙين حالتن هيٺ ڪوبہ شخص پاڳل ٻڌجي سگهي ٿو. هن جوان کي ڪيتري نہ سختي ڏني ويئي آهي!

هيمون: (اڃا بہ وڏو ٿھڪ ڏيئي) پاڳل ٿين تنهنجا دشمن! ميان خدا جو شان نہ پر گوري فرنگيءَ جي قيامت آئي آهي.

سپاهي: (عجب پر) جوان، شاباس آهي تنهنجيءَ همٽ کي! مون هت ڪاهي گهاٽ پر گبر گبر مڙس ڏٺا آهن، جن جا ڪاهيءَ جو حڪم هڏي ڏيڙ ٿي ڏرا ٿي ويا آهن. عجب آهي، تنهنجي تہ تور ئي وڏي ويئي آهي! اڃا تہ مڃن جي ريهہ مس آئي اٿيئي.

هيمون: (ويجهو اچي مشڪي) اُهي مرڻ ايندا آهن، پر آءٌ هت موت تي فتح پائڻ آيو آهيان (اکين پر چمڪ اٿس) بس، اهوئي فرق آهي.

سپاهي: عزت سان سر جهڪائي بيشڪ شير مڙس آهين، پر ادا، ڏاڍي سان هٽ اٽڪايو اٿوَ.

هيمون: (ڪلي) ڏاڍو! گوري کي تون ڏاڍو ٿو سمجهين؟ جو بي هٿيار ماڻهن کان ائين ٿو ڊڄي، جيئن جهرڪي باز کان! پنهنجو گورو صاحب تہ ڏس، کيئن نہ هٽ پستول تي رکي ڪوليءَ پر اندر گهڙندو آهي.

سپاهي: (ڪلي) برابر! ٺيڪ ٿو چوين، پر ديوان، توکي ايڏي سزا ڪيئن جڙي آهي؟ تو اهڙو ڪهڙو جرم ڪيو آهي؟ چون ٿا تہ گاڏي ڪيرائڻ جي سازش ڪئي هئي.

هيمون: (مشڪي) مون "بهادر" فرنگيءَ جي نڪ ڪپڻ جو جرم ڪيو آهي، ان ڪري هيءَ سزا ڏائي اٿن. (ڪلي ٿو)

سپاهي: چوين سچ ٿو. تو جهڙو گيرو يءِ ڪاهيءَ جي سزا! ناحق آهي، ناحق!

هيمون: اڄ تنهنجو گورو سپرنٽينڈنٽ منهنجي روزاني سواگت تي ڪونہ آيو آهي؟

سپاهي: (چوڏاري نهاري) ڇهن وڃڻ پر باقي ڪي منٽ آهن. اڇڻ پر هوندو. (ٿورو ويجهو اچي، آهستي آواز پر) جوان، اڄ تنهنجي لاءِ نئون ڦندو لڳايو اٿن. (ڪن جي ويجهو اچي) شايد ڪن ماڻهن کي جيل اندر آندو اٿن. تنهنجا ماءُ پيءُ تہ ڪين آهن؟ هيءُ گورو سپرنٽينڈنٽ ڏاڍو حرفتي آهي.

هيمون: جيسين هن سريءَ پر سلهہ آهي تيسين تہ ڪجهہ ڪين ورندس.

سپاهي: خدا توکي همت ڏئي. اسان جي تہ دعا اٿيئي.

(بوٽ جي آهٽ جو آواز اچي ٿو. سپاهي خبردار ٿي، آڇ وچ ڪري ٿو. جيل جو گورو سپرنٽينڊنٽ هندستاني جيلر سان داخل ٿئي ٿو سپاهي سلام ڪري ٿو).

سپرنٽينڊنٽ: (انگريزي لهجي ۾) دروازا ڪولو! (سپاهي دروازو ڪولي. پاسيرو ٿي وڃي ٿو. سپرنٽينڊنٽ ۽ جيلر اندر داخل ٿين ٿا.) هاني (هاٿي) تنهنجو دماغ جاءِ آيو هوندو! (هيمون بي پرواهيءَ سان پاسيرو ويٺو آهي.) ان جا (اڃا) ۽ تون ضد تي قائم آهين؟ (هيمون ڪوبه ڏيان نٿو ڏئي.)

جيلر: (اڳتي وڌي) هيمون آخري دفعو اٽيئي: ٻڌاءِ ڪهڙو ويچار ڪيو اٽيئي؟

هيمون: (بيپرواهيءَ سان) مون کي ڪهڙو ويچار ڪرڻو آهي؟

جيلر: اِهو ته تون ٻين ٻن جوابدارن جا نالا ڏيڻ لاءِ تيار آهين يا نه؟

هيمون: آءٌ بار بار چئي چڪو آهيان ته مون سان ڪوبه ٻيو ڪونه هو. ان کان وڌيڪ ٻيو اوهان کي چا ٻڌايان؟ مون کي خواهہ مخواهہ پريشان ڪري رهيا آهيو.

جيلر: (چڑ ۾) اهو سراسر غلط آهي ته توسان ٻيو ڪوبہ شخص گڏ نہ هو. سپاهين ٻن شخصن کي پڇندو ڏٺو آهي.

هيمون: انهن منهنجي پاڇي کي پڇندي ڏسي غلط انومان ڪڍيو آهي.

جيلر: (مشڪي) تون اڃا سان جي اڳيان بار آهين. اهڙي قسم جا چرچا تنهنجي دماغ کان متي آهن.

هيمون: چڱو آءٌ ته ٽيس ٻار، پوءِ اوهين مهيني کان وٺي منهنجي اڳيان هيءَ مردانو کيل چوکري رهيا آهيو؟ چڏي ڏيو نہ هن ٻالڪ کي!

جيلر: هيمون، مون کي تنهنجي جوانيءَ تي رحم ٿو اچي تون بي سمجهہ ٻار وانگر ضد ڪري پنهنجي بربادي۽ لاءِ ڪڏ کوٽي رهيو آهين.

هيمون: (ٿهڪ ڏيئي) بيشڪ! پلا اوهان سمجهدارن جي ويچار موجب مون کي چا ڪرڻ گهرجي؟

جيلر: تون ٻين جوابدارن جا نالا ڏي ته تنهنجي قيمتي جان بچي سگهي ٿي.

هيمون: (اُڇل ڏيئي) ۽ انهن ٻن ڇٽن جي جان اوهان جي هٿن ۾ سلامت رهندي: ائين نا هڪ ڳالهہ ٻي ۽ چڱيءَ طرح سمجهي چڏيو:

فرض ڪريو تہ اهي ٻہ شخص مون سان گڏ هئا ٻہ تہ ڇا اوهين ائين ٿا سمجهو تہ آءٌ سندس نالا ڪيڊي اوهان کي ڏيندس؟

جيلر: ان ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي، پنهنجي جان بچائڻ لاءِ ڪجهہ ٻہ ڪرڻ روا آهي.

هيمون: اها ڳالهہ اوهان جي دماغ ۾ اچي سگهي ٿي منهنجي دماغ ۾ نہ

سپرنٽينڈنٽ: (جوش ۾) جي تون (تو) سڏيءَ طرح نالا نہ ڏنا (ڏنا) تہ ٻيو رستو ڪڍيو ويندو.

هيمون: (نفرت مان) هينئر اوهان گهٽ رستا آزمايا آهن! ڦٽڪا هڻڻ، برف تي سمهارڻ، ان کان وڌيڪ اوهان وٽ آهي ئي ڇا؟

جيلر: (جوش ۾) لوهہ جون تتل سيخون، ڪوڪن جا تختا! پوءِ پاڻيهي معلوم ٿيندءِ

هيمون (جوش ۾) آزمائي ڏسو اهي ٻہ پنهنجا شيطاني رستا!

سپرنٽينڈنٽ: خاموش، خاموش! پوءِ شيطان لڙڪا! (غصي ۾ اکيون ڦوٽاري ٿو)

هيمون: بس، گورا صاحب، جلدي چڙي ويا! شيطان هروپرو تہ برو نہ ٿيندو آهي!

جيلر: (وچ ۾) هيمون، تون خواهہ مخواهہ پنهنجي تباهي لاءِ تياريون ڪري رهيو آهين، جڏهن اسين تنهنجي پلائيءَ لاءِ سوچي رهيا آهيون.

هيمون: (ٿوري خاموشيءَ کان پوءِ) سچ! تہ پوءِ آءٌ تہ مورک چئبس، جو اوهان جي خير خواهيءَ جو خيال نٿو ڪريان. مون کي تہ اوهان سان مڪمل سهڪار ڪرڻ گهرجي.

جيلر: بلڪل! اسين ڪيترن ڏينهن کان اهائي تہ ڳالهہ توکي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون.

هيمون: تہ وٺو منهنجو اوهان سان پورو سهڪار آهي. آءٌ اوهان کي سيڪجهہ ٻڌائڻ لاءِ تيار آهيان. چئو اوهان کي ڇا کپي؟

جيلر: (خوش ٿي) ڇا ٿو چوين؟ تون سيڪجهہ ٻڌائڻ لاءِ تيار آهين؟

سپرنٽينڈنٽ (بود ۾) شاباس! مُجهي معلوم ٿا، تو بهت اڇا لڙڪا هئہ

هيمون: (گنهيرٽي) مان سڀڪجهہ ٻڌائڻ لاءِ تيار آهيان. پر هڪ شرط تي.

جيلر: (اُتاولو ٿي) چئہ چئہ. ڪجهہ بہ هجي. چئي ڏي. ڊپ اصل نہ ڪر. تنهنجي جان بچائڻ جو واعدو آهي.

هيمون: شرط تہ معمولي آهي. پر اوهان لاءِ ذرا....

جيلر: (اڌ ٻرڪي) تون ڪوبہ فڪر نہ ڪر. تنهنجو ڪوبہ شرط مڃڻ لاءِ تيار آهيون.

سپرنٽينڈنٽ: بداءِ. بداءِ (ٻڌاءِ). ڊپ نہ ڪر.

هيمون: (ڇهري تي عجيب مشڪ آٽي. مٽيون پيري. جوش ۾) تہ پل ٻڌو: (بلند آواز) "انگريزو هندستان ڇڏي وڃو!" (ٻئي سراپجي تا وڃن) ڪيئن. منظور آهي شرط! (ڪلي ٿو)

سپرنٽينڈنٽ: "يو فول" (يہ لڑکا ايسي ٹيک نهين هوگا).

جيلر: (منهن پيلو ڪري) صاحب. هيءَ بلڪل باغي چوڪرو آهي. هن سان مٿو مارڻ. ديوار سان مٿي ٽڪرائڻ برابر آهي.

سپرنٽينڈنٽ: (باغي اکر تي چرڪي) هيءَ انقلابي آهي يا گانڌيوادي (گانڌيوادي)؟

هيمون: (وچ ۾) آءٔ ديش ـ شيوڪ آهيان.

سپرنٽينڈنٽ: تون گانڌي (گانڌي) کي جانين (ڄاڻين) ٿو؟

هيمون: گانڌيءَ کي ڪير نٿو ڄاڻي! هو تہ باندي پارت جي جاڳرت آتما آهي.

سپرنٽينڈنٽ: ديش جو پلو ائين نا ٽيندو.

هيمون: سپرنٽينڈنٽ صاحب. غلام قوم ديش شيوا جو سبق حڪمرانن کان ڪانہ سکندي آهي. آزاديءَ جا پروانا پاڻيهي مڙي اينداآهن.

سپرنٽينڈنٽ: گانڌي غلط ڪم ٿو ڪري. آزادي ائين نا ايندو (ايندي).

هيمون: ديش پڳتن لاءِ حڪمران هميشہ ائين چوندا آهن. سپرنٽينڈنٽ صاحب. اوهين کا نئين ڳالهہ ڪريو ها. اتهاس انهيءَ ڳالهہ جي فتوي ڏيندو ۽ نہ اوهين.

جيلر: (رعب مان) هن مان صاف ظاهر آهي تہ تون پنهنجي ڏوهہ جي قبوليت ٿو ڏين. ۽ سزا کائڻ لاءِ تيار آهين.

هيمون: (خاموشيءَ کان پوءِ) ڏوهہ! ڏوهہ چا کي ٿا چئو؟ ظالمن جي ڪتاب ۾ اُن جي معنيٰ آهي، اها اوهين جاڻو باقي مون کوبہ اهڙو ڏوهہ نہ ڪيو آهي، جنهن لاءِ شرمسار ٿيان ۽ قبوليت ڏيان، غلام ديش پنهنجي آزاديءَ لاءِ جيڪي ڪندو آهي، اهو ظالمن جي نظر ۾ ڏوهہ هوندو آهي. واشنگٽن جڏهن آزاديءَ جو جهنڊو بلند ڪيو هو تڏهن اوهان هن کي ڏوهاري سمجهيو هو. مڙني جڏهن آزاديءَ جي للڪار ڪئي هئي، تڏهن هوبہ مٿي ڦريو هو. ۽ گانڌيءَ هو اوهان جي نظر ۾ ديوانو آهي.

جيلر: (خفي ٿي) تون اِهي لنبيون تقريرون ڪري قانون جي نظر ۾ پاڻ کي بيڏوهي ثابت ڪري نہ سگهندين. فوجي قانون موجب تو سنگين ڏوهہ ڪيو آهي!

هيمون: (توڪزنيءَ مان) قانون! ڪنهن جو قانون؟ حڪمرانن جو؟ جيڪي پنهنجي طاقت کي قائم ڪرڻ لاءِ هيءَ دڪان ڪيڙي ويٺا آهن ۽ جتي انصاف سندن اشاري تي نچي ٿو! (امنگ ۾) تہ پوءِ اهو بہ ٻڌي چڏيو تہ هن کان اڳ چا، ۽ هن کان پوءِ بہ اُهي سڀ ڏوهہ ڪندس، جيڪي منهنجي ديس کي آزاد ٿيڻ ۾ مدد ڪندا!

سپرنٽينڈنٽ: خطرناڪ! بلڪل خطرناڪ!

جيلر: (نرمائيءَ سان) هيمون، تون خيال تہ ڪري ڏس تہ ضد ڪرڻ سان توکي ڪهڙو نتيجو پوڳڻو پوندو!

هيمون: توهان جي هن لڳاتار پيڙا کان تہ ڪابہ سزا پوڳڙ لاءِ تيار آهيان. ڦاهيءَ کان وڌيڪ اوهان وٽ رکيوئي چا آهي؟

جيلر: (عجب ۾) توکي پنهنجي زندگي پياري ڪانهي!

هيمون: (بيپرواهيءَ سان) ڦاهيءَ جو ڊپ ڪائڙن کي ٿيندو آهي، جي پنهنجو ضمير چانديءَ جي چند ٽڪرن تي وڪڻي چڏيندا آهن. (امنگ ۾) باقي هيءَ زندگي؟ هن سندر وستوءَ کي ڪير نہ پيار ڪندو! زندگي ڪهڙو نہ عجيب لفظ آهي... ور ور هن چيز کي حاصل ڪرڻ تي جيڪر دل ٿئي.

جيلر: (اُتساهہ سان) سچ! تون زندگيءَ کي ايترو پيار ٿو ڪرين؟ زندگي واقعي خوبصورت چيز آهي؟

هيمون: (ايڪا بہ اُتساهہ سان) ها، بلڪل ڏاڍو پيار ٿو ڪريان. جيلر صاحب، ذرا تون خيال تہ ڪري ڏس تہ هن زندگيءَ ۾ مون کي ڇا ڇا نہ ڪرڻو آهي! مون ايڪا زندگيءَ کي ڏنو ئي ڇا آهي.

جيلر: تون زندگيءَ ۾ ڇا ٿو ڪرڻ گهرين؟ ڪهڙيون تمنائون سانديل اٿيئي؟

هيمون: (مستيءَ ۾) زندگيءَ کي هن مهايگيہ ۾ گاڏيءَ جو ڦيٽو بڻائڻ ٿو چاهيان. تلوار جو چمڪو ڪرڻ ٿو گهران. يا ڪٽڪ جو سلو. هيءَ زندگي طوفان جو جهونڪو وڃ جو چمڪاٽ ۽ برسات جو وسڪارو آهي! (مستيءَ ۾) هيءَ زندگي هزار دفعا ماڻيان. تہ بہ منهنجو يگيہ پورو نہ ٿئي! زندگيءَ جو هڪ هڪ پل منهنجي لاءِ

جيلر: (وڃ ۾ ڪپي) مان توکي اها زندگي ڏيان تہ؟

هيمون: (خوشيءَ ۾ ٽپ ڏيئي) تون مون کي زندگي ڏيندين! (اوچتو رُڪجي ۽ تڏو ٿي) تون منهنجي بدران قاهيءَ تي چڙهڻ وارو تہ ڪونہ آهين. پوءِ تون مون کي هن (ويهي) سندر چيز جو دان ڪيئن ڏيئي سگهندين؟

جيلر: بس صرف هڪ ئي ڳالهہ آهي.

هيمون: (جوش ۾ اُڇل کائي) وري ساڃيو رينگڻ مهرباني ڪري مون کي وڌيڪ ستائڻ جي ڪوشش نہ ڪريو.

جيلر: نہ، هيمون، مون تنهنجي زندگي بچائڻ لاءِ ٻيو رستو ڳولي ڪڍيو آهي، رڳو تون ها ڪر، پوءِ دير ڪانہ لڳندي

هيمون: (نراسائي ۾) مون کي ڪوبہ رستو نظر نٿو اچي.

جيلر: (اتساهہ مان) چڱو ٻڌ ـ جي تون پنهنجن ساٿين جا نالا نٿو ڏين، تہ پنهنجو تصور قبول ڪر ۽ انهيءَ لاءِ معافي وٺ ۽ اڳتي لاءِ لکي ڏي تہ تون اهڙو ڪم نہ ڪندين. ۽ سرڪار سان وفادار ٿي رهندين.

هيمون: (غصي مان اکيون ڦاڙي، ڏند ڪرٽي) معافي ڇا، تون پنهنجي ضمير کي ايترو ڪچلي چڪيو آهي، جو تون هندستاني ٿي، مون کي اهڙي نيچ صلاح ٿو ڏين! ڪهڙي ڏوهہ لاءِ معافي وٺان؟ ديس شيوا جي ڏوهہ لاءِ؟ ۽ ڪنهن کان معافي وٺان؟ هن (سپرنٽينڈنٽ ڏانهن اشارو ڪري) ڀاير جي اولاد کان!

سپرنٽينڈنٽ: (جوش ۾ پستول کڏي) شٽ: آپ يو بلڈي! موت جي سزا توکي سڏو ڪري چڏيندي (چڏيندي) تون.... (پستول سڏو ٿو ڪري، پر وري هيٺ ڪري ٿو چڏي).

هيمون: هلائي، هلائي نہ اهو پنهنجو قومي نيشان. خاموش چو ٿي وئين؟ موت جو نالو وٺي مون کي ڊيجارٽ جي ڪوشش نہ ڪريو. آزاديءَ لاءِ اها قيمت ٿوري آهي.

سپرنٽينڈنٽ: آزادي! ڏسون (ڏسيون) ٿا، ڪهڙي ٿي آزادي اچي! موت توکي به سانت ڪري چڏيندو ٻيا (ٻيا) به سبق سکندا.

هيمون: سبق سکندا ڏيش پڳتيءَ جو ۽ نہ ڪانئرتا جو اوهان منهنجي جوت برابر اُجهائي سگهو ٿا، پر آزاديءَ جي شمع نٿا وسائي سگهو. هيمونءَ جو خون ڏيي ۾ تيل جو ڪم ڪندو (اُمنگ ۾) هڪ بيگناهہ هيمونءَ جو خون، سوين هيمون پيدا ڪندو ۽ جوت جلندي ئي رهندي!

(سپرنٽينڈنٽ ۽ جيلر پاسيرا ٿي سس پس ڪن ٿا. ۽ پوءِ جيلر، وڏي:)

جيلر: هيمون، جوش کان ڪم نہ وٺ، ڪجهہ سوچ. معلوم اٿيئي تہ تنهنجي ماءُ پيءُ جو ڪهڙو حال ٿيو آهي! هنن جو به ڪو خيال ڪيو اٿيئي؟

هيمون: (پيشانيءَ تي هٿ رکي) منهنجي ماءُ..... منهنجو پيءُ: (اکيون پوري ٿو)

جيلر: تون هنن کي ڏسڻ چاهين ٿو؟

هيمون: (گهبرائجي، متو ڏوٽي) نہ نہ. آءٌ هنن کي ڏسڻ نٿو چاهيان. مهرباني ڪري هنن کي هتي نہ آڻيو.

سپرنٽينڈنٽ: (مچن کي وٽي، ڪنڌ ڏوٽي) سپاهي! آفيس سي وو لوگ ڪو لائو.

هيمون: (هٿ مٿي ڦهلائي) هنن کي منهنجي سامهون نہ آڻيو. مون کي هن حال ۾ رهڻ ڏيو. مون تي: (مٿو ٻانهن تي رکي ٿو چڏي).

جيلر: (هيمون تون پنهنجو ۽ مائٽن جو پلو ٿو چاهين تہ هوڏ تان لهي وڃ. ٿوري وقت لاءِ سوچي ڏس تہ تون پنهنجي جوانيءَ سان:

(سپاهي هيمونءَ جي ماءُ ۽ پيءُ کي اندر وٺي ٿو اچي.)

هيمون ماءُ: (هيمونءَ کي چنبڑي) منهنجا لال! تنهنجي نياڻي ماءُ شل مري وڃي، تو پاڻ کي ڪٽي اڇي ڏاسايو آهي! (سڏڪا پري ٿي.)

هيمون: امان! (وڌيڪ گلي ۾ گهٽجي ٿو وڃيس.)

جيلر: توکي پنهنجو خيال نٿو ٿئي ته گهٽ ۾ گهٽ ماءُ پيءُ جو ته ويچار ڪر.

ماءُ: پٽ، تون ڏاهو ٿيءُ، جيئن هي چون ٿا، تيئن ڪر. انهيءَ ۾ اسان جي پلائي آهي.

هيمون: (درد مان) امان، تون چا ٿي چوين! آءٌ پنهنجي جان بچائڻ لاءِ بين مائرن جي لالن کي ٻوهي ۾ وجهان؟

ماءُ: (روئي) نه پٽ، آءٌ ائين نٿي چوان. رڳو تون مون کي گهرجين. (چنبڙيس ٿي) تون مون جڏيءَ جو سهارو آهين. (روئي ٿي)

هيمون: امان تون من کي ڏيرج ڏي، موهِ وس ٿي من کي اشانت ڪرڻ سان دک وڏي ٿو.

ماءُ: پٽ، تون چا ٿو چوين! موهِ ۽ گانءِ ۾ ٻچڙي کي آپدا ۾ ڏسي ٿونا هٽندي آهي، آءٌ ته نيٺ ۾ انسان آهيان.

هيمون: امان، تنهنجو ٻچو آپدا ۾ ڪونهي. هو هڪ اهڙي آستان تي آهي، جو يگن يڌيان يگن جو اتهاس روشن ڪندو رهي ٿو. هيءَ اونداهي ڪوئي نه، پر روشن مينار آهي، جتان پرڪاش ڦهلجندو آهي، ۽ اڃا ۾ ڦهلجندو رهندو جيسين ستر جو نالو نشان ۾ قائم هوندو.

ماءُ: تون الائي ڪهڙيون ڳالهيون ويٺو ڪرين، مون کي ته ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي. منهنجي دنيا ته اونداهي ٿيندي ٿي وڃي.

(سپرنٽينڈنٽ کي) منهنجي ٻچي جو ڪوبه قصور ڪونهي، هن کي ڇڏي ڏيو. مون تي ديا ڪريو.

سپرنٽينڈنٽ: (رعب سان) قانون موجب هن کي قاهيءَ جي سزا ڏني ويندي!

ماءُ: (رڙ ڪري) پگهوان جي نالي، ائين نه ڇئو. هن جي بدران اوهين مون کي قاهيءَ تي چاڙهيو. ايشور لڳ، هن کي ڪجهه نه ڪريو.

جيلر: مائي، اسان ته هن کي ڏاڍو سمجهايو آهي، پر هي باز ئي نٿو اچي. هاڻي اوهين ڪوشش زور بار آڻيو.

پيءَ: (اکين مان ڳوڙها اُگهي، اڇتي وڏي) پٽ هيمون، هن جڏي سرير جو به ته ڪو ويچار ڪر. هن عمر ۾ تون ئي منهنجو ڪرنگهو آهين.

هيمون: (پيءَ کي چنبڙي) بابا، اوهين مون کي معاف ڪريو. آءٌ اوهان جو دڪ ۽ پيڙا سمجهي سگهان ٿو پر هاڻي مون کي پنهنجو پرن پالڻ ڏيو.

جيلر: (پيءَ کي) جيڪڏهن هيءَ پنهنجن ساڻين جا نالا نٿو ڏئي، ته اوهان هنن جا نالا ڏيئي: پنهنجي پٽ جي جان بچائي سگهو ٿا.

پيءَ: (هچڪندي) نالا! ڪهڙا نالا؟ ڪنهن جا نالا؟

جيلر: جيڪي به جوان انهيءَ رات هن سان گڏ هئا ۽ گم ٿي ويا آهن. ٻڌائيندا، ته انهيءَ ۾ اوهان جي پٽ جي پلائي آهي.

هيمون: (درد پري رڙ ڪري) بابا! پنهنجي هيمونءَ جي نالي ڪارنهن جو داغ نه لڳائجو: موهه وس ٿي، پاپ جو وچن نه ٻولجو!

سپرنٽينڊنٽ: اوهان نالا نه ٻڌا (ڏنا) ته اوهان کي به گرفتار ڪيو ويندو.

جيلر: هيمون تنهنجي ماءُ پيءُ کي به توجهڙيون سختيون ڏنيون وينديون

هيمون: ائين نه ڪريو ڪيس هٽ نه لايو هن جسم کي ڪٽي ٽڪر ٽڪر ڪيو.

جيلر: اهو صرف هڪ ئي شرط تي ٽيندو جي تون اسان جي صلاح تي هلندين.

هيمون: (وائڙن وانگر) چا ٿا چئو؟ اوهانجي صلاح! ڪهڙي صلاح! ها ها..... اوهان جي صلاح..... امان!، بابا!، (منهن ڪٽي ٽوهٽن ۾ بند ڪري) نه نه، ائين نه ٽيندو هرگز نه!

پيءُ: هيمون، منهنجا لال، اها لٽ مون کان ڪسي نه وڃ! تون پنهنجا ننڍا پائر ۽ پينر ته هلي ڏس! توکان سواءِ ويڳاٽا آهن.

هيمون: (وچ ۾) بابا، بابا! بس، مون کي وڌيڪ موهه وس نه ڪريو.

ماءُ: (روئندي) هيمون، تون اسان کي پنهنجي موهه ۾ قابو ڪري ڪيئن ٿو هليو ويڃين؟ اسان تي به ته رحم ڪاءُ.

هيمون: (هٽ ٻڌي) اما، مون کي وڌيڪ پيڙا ڏيڻ جي ڪوشش نه ڪريو. منهنجي آتما هينئر بلڪل شانت آهي. جڏهن کان مون هيءُ ظالمن جو حڪم ٻڌو آهي، منهنجي مٿان هڪ امر جيون جو خمار

طاري ٿي ويو آهي. آءُ هڪ انوکو آنند محسوس ڪري رهيو آهيان. هڪ مها آنند! (سپيئي هن ڏانهن اکيون ڦاڙي ڏسن ٿا.) هاڻي مون کي پورن سنتوش آهي. چا، اوهين منهنجو آنند پنگ ڪرڻ ٿا گهرو؟ چا، توهين مون کي هن مها يگيہ کان هٽائڻ ٿا گهرو؟ چا، اوهين منهنجو پرن توڙڻ ٿا گهرو؟ ائين نہ ڪريو ڪجهہ پلڪن لاءِ مون کي اهو آنند ماڻڻ ڏيو. هيءُ شهادت جو جام مون کي پيئڻ ڏيو. منهنجيءَ آتما کي امر جيون جو رس وٺڻ ڏيو. (هٿ جوڙي) منهنجي ماتا، توکي پرنام! منهنجا ساٿيو اوهان کي بہ پرنام! منهنجي ماتر پومي، تنهنجي ڪٽي ڪٽي کي پرنام! منهنجي ماتر پومي، تنهنجي ڪٽي ڪٽي کي پرنام! (پاسيرو ٿي وڃي ٿو.)

(سپيئي هڪ عجيب اثر هيٺ بوتن وانگر بيٺا آهن. ۽ ڏسندا رهن ٿا. اوندهہ وڌندي ٿي وڃي. ساڃيو جهونگار جو آواز: "مرنداسين مگر ديش کي آزاد ڪنداسين، آباد ڪنداسين" پيو اچي ۽ آهستي جهڪو ٿيندو ٿو وڃي.)

(پردو)

هرومل راجپال

آمر شهيد هيمون ڪالاڻي

(پهريون نظارو)

(اسٽيج تي هڪ شاهوڪار گهر جو منظر آهي. هڪ پاسي صوفا سيٽ وغيره آهن، ٻئي پاسي فون وغيره آهي ۽ ديوار تي ديوتائن ۽ ويرن جا فوٽا ٽنگيل آهن.)

هيمون جو پٽ: مورتن اڳيان سيس نوائي، هٿ جوڙي ٿو. سندس پٽ هيمون اچي ٿو.

هيمون: (راڻا پرتاب جي فوٽي ڏانهن اشارو ڪندي) بابا! هي ڪير آهي؟

پٽ: پٽ هيءَ آهي مهاراڻا پرتاب، جنهن پنهنجو سر تريءَ تي ڪٽي دشمنن کي ٽوٽا ڇهارايا. راج ماڻڻ بدلي دربدر ٽيڻ قبول ڪيو پر سر جهڪائڻ نه قبوليائين.

هيمون: (شيواجيءَ جي فوٽي ڏانهن) ۽ بابا هي ڪير آهي؟ (هٿ ڪٽي اشارو ڪري ٿو).

پيءُ: پٽ! هيءَ آهي ڇترپتي شيواجي مهاراج جنهن ظالمن کي شڪست ڏيئي، ڪين نستو ٻڌايو.

هيمون: هي وري ڪير آهي بابا؟ (راجا ڏاهرسين ڏانهن اشارو ڪري).

پيءُ: پٽ! هيءَ آهي سنڌو سمراٽ راجا ڏاهرسين، جنهنجو نالو سنڌ ۽ هند ۾ آمر ۽ آجر رهندو جنهن يارهن دفعا حملا ڪندڙن کي پڇايو آخر دوکي سان ماريو ويو!

هيمون: (گرو گوبند سنگهه جي فوٽي ڏانهن) بابا هي ڪير آهي؟

پيءُ: پٽ هيءَ آهي پنجاب جو شير، جنهن پنهنجي جگر جا ٽڪر ديش ۽ ڌرم لاءِ قربان ڪيا. ٻيا بہ ڪيترا ويرآهن، جن ديش لاءِ تن، من ۽ ڌن اَرپڻ ڪيو.

هيمون: (اُتساهہ ۾آڻي) بابا، مان بہ اهڙو ويرٿيندس.

پيءُ: شاباس پٽا من سان گڏ تن بہ تندرست ۽ مضبوط هڻ گهرجي، جنهن لاءِ هر نوجوان کي ڪسرت ڪرڻ گهرجي.

هيمون: بابا، آءٌ بہ اوهان جي آڳيا انوسار ڪسرت نيم سان ڪندس.

پيءُ: شاباس پٽا! تون ضرور همٽ وارو ٿيندين.

(ٻيو نظارو)

(هيمون هاٿي وڏو ٽي چڪو آهي، اٽڪل 18 سالن جو آهي ۽ اسٽيج تي گپت هڪ ميٽنگ جو نظارو آهي. ڪن ڪرسين تي سنڊس کي ساٿي آهن، باقي هڪ ڪرسي خالي آهي.)

هڪ ساٿي: يار اَڄا هيمون ڪونہ آيو آهي؟

ٻيو ساٿي: اچي ويندو ضرور ڪنهن ڪم سان ويو هوندو.

(هيمون جو اچڻ).

ٽيون ساٿي: اچي وئين هيمون! عمر وڏي اَٽيئي. هاٿي هاٿي اَڄا توکي ياد پئي ڪيوسون!

هيمون: دوستو! اسان کي هتي اُهو آندولن هلائڻو آهي، جيڪو جواهر لعل نهرو: مهاتما گانڌي ۽ ويرساورڪر لال لجپتراءِ، پگت سنگهہ، سياش چندر بوس ۽ لوڪمانيہ تلڪ هلايو آهي. اسين سڀ پنهنجي پارت ماتا کي جلد غلاميءَ جي زنجيرن مان آزاد ڪرايون.

سڀ: اسين تيار آهيون.

هيمون: ڦاهيءَ تي لٽڪڻو پوندو.

سڀ: اَسين تيار آهيون.

هيمون: دوستو! هن راهہ تي تڪليفون آهن، توهان کي آرام ۽ سک سڀ تياڳڻا پوندا.

سڀ: اَسين مري مٽجڻ لاءِ تيار آهيون.

هيمون: ٺيڪ آهي، مون کي برِاهائي اُميد هئي.

(هڪ ساڻي سهڪندو آچي ٿو).

هيمون: چا ٿيو آهي؟ خير ته آهي نا آمبرت؟

آمبرت: هيمون! هيمون!! اسان جون رڻائون متيءَ ۾ ملي ويندیون. سکر ۾ انگريزن ملٽريءَ جي ٽرين گهرائي آهي، جنهن ۾ بارود، هٿ گولا، مطلب ته اسان جي مؤٽ جو سامان آهي. شايد اسان جو پارٽ کي آزاد ڪرائڻ جو خواب آڏورو رهجي ويندو.

هيمون: بس، ڳالهه ٻه ايتري آهي. (ڪجهه سوچيندي) اُها گاڏي ڪٽان اچي رهي آهي، ڪڏهن اچي رهي آهي.

آمبرت: اڄ اچي رهي آهي شام جو.

هيمون: ٺيڪ آهي (چپٽي وڄائي) نه هوندي بانس نه وڄندي بانسري. اِن گاڏيءَ کي سکر ۾ اچڻ کان اڳ وچ تي ئي ڪيرايو ويندو. ٻه ساڻي مون سان ٺيڪ هنومان مندر وٽ، جتي ريلوي ڦاٽڪ آهي، اُتي ملن، هاڻي جلد وڃو وقت ٿورو آهي.

(ميٽنگ برخواست)

(ٽيون نظارو)

(ريلوي ڦاٽڪ وٽ ڪجهه نوجوان نظر اچي رهيا آهن).

هيمون: دوستو! ٺيڪ آهي. هاڻي توهان چئني ڪنڊن تي ڏسو جيڪڏهن پوليس آچي ته اطلاع ڏجو. (سندس هٿ ۾ پانو ۾ پکڙ آهي، مگر وري اوچتو اُٿي ٿو) آمبرت اهو وقت برابر آهي نه. اِئين نه ٿئي جو اجايو بيگناهه ٻيءَ جنتا جون جانيون هليون وڃن.

آمبرت: نه هيمون اِها پڪي خبر آهي ته هينئر انگريزن جي ملٽري ٽرين اچي رهي آهي.

(هيمونءَ آيا هڪ نٽ مس کوليو ته پوليس جو هن طرف ڊوڙي اچڻ ۾ سندس ساڻي پڇڻ لڳن ٿا).

هيمون: دوستو منهنجي پرواهه نه ڪريو توهان پڇي وڃو.

انسپيڪٽر: (روالور هٿ ۾ آڻي) هٿندس آپ. (هڪ دفعي سان هيمون، ٻڌو آ ٻڌو ڪري ٿو) مان توسان ڳالهائي رهيو آهيان، هٿ مٿي ڪر (انسپيڪٽر پڪاريو).

(هيمون آهستي آهستي هٿ مٿي ڪري ٿو)

انسپيڪٽر: جيڪڏهن ڪا حرڪت يا ڇڑ جي ڪوشش ڪيئي تہ هي ۽ گولي تنهنجي سيني جي پار هوندي.

(هيمون ۽ کي گرفتار ڪيو وڃي ٿو.)

(پوليس چونڪي ۽ جو سين: انسپيڪٽر ويٺو آهي ۽ ڪو فائيل ڏسي رهيو آهي. فون جي گهنٽي وڄي ٿي.) انسپيڪٽر: هيلو.... ڪير ڳالهائي رهيو آهي؟ جي ڪمشنر صاحب، يس سر..... ڇا انقلابين جي ٽولي اسان جي سنڌ ۾..... يس... سکر ۾..... نوسر..... سر مان انهن جي هلچل کي دٻائڻ لاءِ ويهن ٽي ننهن جو زور لڳائيندس.... يس سر.... سر توهان چنتا نہ ڪريو.... اوڪي.... (فون رکي ٿو).

(آخري نظارو)

(اسٽيج تي ڪورٽ جي سين آهي. سرڪاري وڪيل ۽ بچاءَ جو وڪيل ويٺل آهن ۽ اڄ جي ڪيس جي فائيل کي جاچي رهيا آهن. اڄ جو مجرم هيمون شير وانگر اچي رهيو آهي. اچي جهنگلي ۾ بيهي ٿو. سندس پاسي ۾ انسپيڪٽر ۽ ٻہ پوليس وارا آهن. ڪجهہ وقت کان پوءِ جج جو اچڻ ۽ سپ اُٿي بيهن ٿا ۽ جج جي ويهڻ کان پوءِ ويهن ٿا.)

جج: اڄ جي ڪارروائي شروع ڪئي وڃي.

سرڪاري وڪيل: ماءِ لارڊ، اڄ جو ڪيس اهو آهي تہ هن نندي نينگر جنهن هونئن ننڍا وڏا ڪيترائي تہ ڏوهہ ڪيا، جهڙوڪ: مظاهرا ڪرڻ، سرڪار خلاف ميٽنگون ڪرڻ وغيره مطلب تہ هن انگريز سرڪار خلاف نفرت پيدا ڪرڻ جي هر ڪوشش ڪئي آهي. مگر هينئر.... هن هڪ اُهو وڏو ڏوهہ ڪيو آهي، جيڪو نظرانداز ڪرڻ جي قابل ڪونہ آهي. مگر سزا ۽ سزا ٻہ ڳري ۾ ڳري ڏيڻ لائق آهي. هن سکر ۾ ايندڙ انگريز ملٽريءَ سان پريل ٽرين کي ڪيرائڻ جي ناڪام

ڪوشش ڪئي. مون کي خوشي آهي جو هي اُن ۾ ناڪامياب ويو. اهڙي سنگين الزام هيٺ گرفتار ڪيو ويو آهي، جي گرفتار نه ٿئي ها ته اسان جي ڪيتري انگريز ملٽري مري وڃي ها. ڪيترو بارود ۽ جان مال جو نقصان ٿئي ها. تنهن ڪري مان ڪورٽ سڳوريءَ کي عرض ڪندس ته هڻڻ نانگن کي ڏنگ هٽڻ کان پهرين ئي سندن ڏڙ ڪچلي ڇڏجي. جيئن ٻين کي به سبق ملي. مطلب ته هن کي ڪڙي ۾ ڪڙي سزا ڏني وڃي. ڦاهيءَ کان گهٽ سزا نه ڏني وڃي.

بچاءَ جو وڪيل: آبجيڪشن يوئر آنر. منهنجي عزيز دوست وڪيل کي اهو حق ڪونهي ته هو منهنجي اَصيل کي مجرم ثابت ٿيڻ کان پهرين ئي سزا مقرر ڪري. اِهو ڪم ڪورٽ جو آهي، نه کي وڪيل جو.

جج: آبجيڪشن اوور رولڈ...

(بچاءَ جو وڪيل پنهنجي جڳهه تي وهي ٽو.)

سرڪاري وڪيل: (پنهنجو ڳائون ٽاهيندي) ماءِ لارڊ مون کي اجازت ڏني وڃي ته مان هن مجرم کان ڪي سوال پڇان.

جج: يِيس يو ڪَن آسڪ (توهان پڇي سگهو ٿا).

سرڪاري وڪيل: ٿئنڪ يوسر.... (هيمونءَ ڏانهن مخاطب ٿي) اي نوجوان نينگر تنهنجو اَصلي نالو ڇا آهي؟ تنهنجي پتا جو نالو.

هيمون: (بي ڊپائيءَ سان) منهنجو نالو آهي ڪرانتڪاري. منهنجي پيءُ جو نالو آهي انقلاب ۽ منهنجي ماءُ جو نالو آهي پارت ماتا.

سرڪاري وڪيل: (ٽورو غصي ۾) توکان جيڪي سوال پڇيا ٿا وڃن، تون اُنهن جا ئي صرف جواب ڏي ۽ جواب صحيح هڻ ڪپن. شايد تون نٽو ڇاڻين ته ڪٽي ڳالهائي رهيو آهين. هيءُ ڪو انقلاب جو ميدان ڪونه آهي.

هيمون: (طنز مان) مان ڄاڻان ٿو ته مان ڪٽي ڳالهائي رهيو آهيان. جنهن کي اِنصاف جو مندر سڏيو وڃي ٿو جتان ماڻهن کي اِنصاف ملڻ جي آشا آهي، مگر اِهو اِنصاف جو مندر نه آهي. اِنصاف جو شمشان گهاٽ آهي. هتي اِنصاف نالي جي شيءِ کي ڪوئي نه سڃاڻندو آهي. بس صرف بيگناهه اِنقلابين کي سزا ڏني ويندي آهي ۽

پنهنجي آفيسرن کي خوش ڪندا آهن پنهنجي ئي ديش جا هي غدار اِنسان!! جيڪي پنهنجي ماتر پوميءَ جي پيارن کي سزا ڏيئي سگهن ٿا. وڪيل صاحب مان ٿو پڇان چا پنهنجي ماءُ سان پيار ڪرڻ ڏوهه آهي؟ ڪهڙي ڪتاب ۾ لِکيل آهي؟ جنهن ڪتاب ۾ لکيل آهي. اُهو ڪتاب ئي ساڙي ڇڏيو جن ۾ ماءُ کي پيار ڪرڻ ڏوهه ڄاڻايو ويو آهي. مون ۾ ته صرف پارت ماتا کي آزاد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي نہ؟ مگر اِهو ڏوهه آهي ته مان سزا پوگڙ لاءِ تيار آهيان.

سرڪاري وڪيل: (غصي ۾) او يو شٽ آپ (بند ڪر زبان) تون ڄاڻين ٿو ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهين؟ سرڪاري وڪيل سان ۽ سرڪاري جج سان.

هيمون: (ڪلندي) سرڪاري وڪيل: سرڪاري جج: اِهي ته توهان جا سرڪاري نالا آهن. مگر مان ڄاڻان ٿو مان ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهيان. جيڪي انگريز سرڪار جا چمچا آهن. جن کي پنهنجي ديش جي سون سان ساڙ آهي. مگر انگريزن جي متيءَ سان پيار آهي. مان اُنهن سان ڳالهائي رهيو آهيان.

سرڪاري وڪيل (غصي ۾) ماءِ لارڊ. هيءَ نينگر حد کان ٻاهر وڃي رهيو آهي ۽ ڪهڙي نہ بدفضيلتائيءَ سان ڳالهائي رهيو آهي. شايد هن کي خبر ڪانہ آهي ته ڪيس ڪهڙي سزا ملي سگهي ٿي؟

هيمون: سزا! وڪيل صاحب شايد توهان کي خبر ڪانہ آهي ته اسين اِنقلابي جڏهن ديش کي آزاد ڪرائڻ جو پڪو پڌ ڪندا آهيون. ته جان تان هٿ کڻندا آهيون هر وقت سر تريءَ تي هوندو آهي. پر توهان وٽ مؤت کان متي ڪا سزا آهي؟ جيڪڏهن آهي ته مان اُها به پوگڙ لاءِ تيار آهيان.

جج: (نرمائيءَ سان) اي نوجوان! رحم ٿو اچي تنهنجي جوانيءَ تي. مگر غصو ٿو آچي تنهنجي نادانيءَ تي. چاڪاڻ ته تو آچا دنيا ۾ ڪجهه به نہ ڏٺو آهي. ان ڪري اسين توکي آزاد ڪنداسين. جيڪڏهن تون ٻڌائين ته توسان هن ۾ گهٽا ڇٽا شامل هئا؟

هيمون: ها. به ساٿي مون سان هئا.

سرڪاري وڪيل: (خوشيءَ ۾) شاباس هاڻي ٻڌاءِ ته اُهي ڪٿي آهن؟

هيمون: هن ڪورٽ ۾ موجود آهن.

سرڪاري وڪيل: (عجب ۾) ڪورٽ ۾ ڪورٽ جا دروازا هڪدم بند ڪيا وڃن. جيئن هيمونءَ جا ساٿي پڄي نہ سگهن. ها هاڻي ٻڌاءِ ڪٽي آهن. تنهنجا ساٿي ڇ ڪهڙا آهن.

هيمون: اُهي منهنجا ٻئي ساٿي سامهون ٽيبل تي ويٺل آهن.

جج: هيءَ مذاق جي جاءِ ڪانہ آهي. سچ ٻڌاءِ ڪٽي آهن.

هيمون: توهان جي سامهون هيءَ ڏسو (پڪڙ ڪٽي ان کي چمي ڏئي ٿو) هيءَ آهي منهنجو پهريون ساٿي ڇ (پانو ڪٽي چمي ڏئي ٿو) هيءَ آهن منهنجا ساٿي پڪڙ ڇ پانو جن مون کي پٽڑي توڙڻ ۾ ساٿ ٻئي ڏنو.

سرڪاري وڪيل: ٺيڪ آهي. تون ڪجهہ بہ نہ ٻڌائيندين. دئٽ اِز آل يوئر آنر.

جج: اي نوجوان توکي وري بہ اسين موقعو ڏيئي رهيا آهيون. تون سرڪار کان معافي گهر ڇ قسم کڻ تہ وري اهڙو ڪم ڪونہ ڪندس.

هيمون: (غصي ۾) معافي! لفظ پارتي شيرٽيءَ جو ڀچو سکيوئي ڪونہ آهي ڇ معافي بہ توهان کان ونان! مگر معافي ڇا لاءِ مون کو اهڙو ڏوهہ ٿي ڪونہ ڪيو آهي. معافي ڇا لاءِ مان سر ڪٽائي سگهان ٿو سر جهڪائيندس نہ. هن ديش لاءِ قربان ٿي ويندس. منهنجو هڪ هڪ خون جو ڦڙو رنگ آڻيندو.

جج: (پين کڻندي) ٺيڪ آهي. جيڪڏهن تنهنجو مرڻ ۾ ايترو چاهہ آهي تہ توکي اهڙي سزا ملندي. جيڪڏهن ڪا تنهنجي آخرين خواهش هجي تہ ٻڌاءِ.

هيمون: مون کي گيتا ملي سگهندي!

(ڪيس گيتا ڏني ٿي وڃي) اي ڏٽي! منهنجي اِهائي تو در دعا آهي تہ مون کي وري هن پارت ۾ جنم ڏيءِ جيئن هيءَ آڏورو ڪم پورو ڪريان ڇ منهنجي خواهش آهي تہ. توهان سڀ گڏجي مونسان "اِنقلاب زندهہ آباد" چوائيندا.

سرڪاري وڪيل ڇ جج: ناممڪن.

هيمون: ٺيڪ آهي. مگر آخري خواهش آهي اِنقلاب....

سڀ: (لاچاريءَ مان چون تا) زندهہ باد.

اي جي اُتم

سنڌ هند ۾ هيمون ڪالاڻيءَ جي ياد

اَڄ به جڏهن 40 سال ڪن اڳ واري آزاديءَ جي يگ جي ياد ٿي اچي ته سوين سورهيه سنڌي سپوتن جون صورتون اکين اڳيان ڦرڻ لڳن ٿيون. اُنهن سڀني مان اعليٰ تصوير آهي شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي. هن اسڪولي جوان ديس جي آزاديءَ خاطر مارشل لا حڪومت جي عقوبتن، ايذائن ۽ عذابن جي به پرواهه نه ڪري، معافي نه ورتي، پر خوشيءَ سان "انقلاب زندهه باد" جو نعرو هٺندي، شهادت جو جام پيتو ۽ سنڌڙيءَ جو ڀاڻ اوچو ڪري ويو.

انگريز خلاف آزاديءَ جي هلچل ۾ اسان جو هيمون ننڍي ۾ ننڍي عمر وارو شهيد هو. اُن وقت سندس عمر 19، 20 سال مس هئي.

جنهن وقت جوان هيمون ريلوي پٽا ڪيندي پڪڙيو ويو تنهن وقت سندس عمر وارا اسين سوين جوان "ڪئٽ انديا" هلچل ۾ جيلن ۾ هئاسين. سندس همٽ ۽ جرئت واري ڪارنامي جي خبر ٻڌي اسان جو فخر کان ڪنڌ اوچو ٿي ويو هو. سندس شهادت جي خبر ته اسان جي آزادي حاصل ڪرڻ جي ارادي ۽ اعتقاد کي ايڏو به وڌيڪ مضبوط ٻڌايو هو.

شهيد هيمون ڪالاڻي نه رڳو راجنيتي ۽ پبلڪ ڪم ڪندڙ لاءِ روح قوڪيندڙ شخصيت آهي، پر سنڌي ساهتڪارن لاءِ به اُتساهه ۽ اُمنگ پيدا ڪندڙ هيرو (سورمو) پڻي رهيو آهي. البت آزاديءَ بعد شروعاتي سالن ۾ اَڄهي ۽ پيٽ پالڻ جي ڦهري ڪشمڪش ۾ هي شهيد اسان کي پورو ياد نه رهيو هجي. اسان جي سنڌ ۽ هند جي حاڪمن ته هن کي جڙ وساري ڇڏيو آهي. ڪيترن سالن جي لڳاتار طلب ڪندي به هند سرڪار هن شهيد جي ياد ۾ خسيس ٽڪلي نه ٿي ڪيي اُن

بابت جڏهين سنڌين جي مرڪزي سنسٿا "اکل پارت سنڌي هولي‌ءِ ۽ ساهت سڀا" جي جنم داتا جنرل سيڪريٽري جي حيثيت ۾ 22 سال اڳ سرڪار جي ٽپال ڪاتي وارن سان منهنجو گڏجڻ ٿيو هو تہ هنسا جو بهانو ڏيئي ٽڪلي‌ءِ جي طلب رد ڪئي هٿائون. ليڪن اُن کان پوءِ ڪيترن ئي هنسا سان واسطو رکندڙ شهيدن جي ياد ۾ ٽڪليون نڪتيون آهن، پر هيمون ڪالاڻي ايڏا تائين نظر انداز ڪيو ويو آهي.[1]

ان سڀا طرفان هيمون‌ءَ تي ٽڪلي‌ءِ جي طلب لاءِ تحرڪ هلائيندي سڀا سان لهه وچڑ ۾ رهندڙ ڪن ساهتڪارن هن شهيد کي پنهنجين لکڻين ۾ياد ڪرڻ شروع ڪيو. خاص ڪري ڪوين پنهنجن ڪوتائن ۾ هن کي پنهنجو هيرو ڪري ڪم آندو. هتي اهڙو پهريون شاعر جنهن 20-25 سال اڳ شهيد هيمون‌ءَ کي جدا جدا معنائن ۾ پنهنجو هيرو ڪري بيتن ۾ پيش ڪيو سو آهي اِندر پوجواڻي. سندس ڪوتائون هڪ ٻئي پٽيان نئين دنيا مخزن ۾ چپجنديون هيون، جن مان ڪجهه مثال هي آهن:

هيمون‌ءَ منڙي ملڪ لئ، ڪئي سوريءَ سان پريت،
اهڙن کان سڪ "اندر" تون، مري جيئڻ جي ريت.

***

تنهنجو شان بلند، رکبو سهڻي سنڌڙي،
هيمون جو سؤگند، جان گهوريي شان تان.

ٻئي هڪ ڪوتا ۾ اندر چوي ٿو:

هيمون ڪالاڻي‌ءَ جي پياري سنڌ کي مان ڪيئن وساري سگهندس،
"سامي شاهه جي سنڌ سونهاري،
وید جي جوت جڳائڻ واري،
هيمون ڪالاڻي‌ءَ جي پياري،
سنڌ وساريڻ مون وس ناهي."

شاعر جڏهن سنڌين ۾ نراشا ٿو ڏسي تہ اُتي ٻہ هو ڪين هيمون ڪالاڻي‌ءَ جي ياد ڏياري سجاڳ ٿو ڪري. اندر پوجواڻي چوي ٿو:

---

[1] 1984ع ۾ هن سڀا ڪالاڻي‌ءَ جي ڪوشش سان هيمون ڪالاڻي يادگار ٽڪلي جاري ڪئي وئي.

هيمون ۽ هوشوءَ وارن ۾
اندر نراشا ڪيئن اچي ويئي.

هڪ ٻئي شاعر آشا درگاپوريءَ به شهيد هيمونءَ تي شرڌانجلي وارو شعر لکيو جو 21 سال اڳ نئين دنيا ۾ چپيو هو. شعر ۾ چوي ٿو:

"سپاتر شير سنڌڙيءَ جا، ملهايئه سنڌ جو پاڻي!
شهادت جي سنڌ تنهنجو ٻڌي سينگار ڪالاڻي"

جڏهن 1974ع ۾ هيمون جي شهيدي ڏينهن 21 جنوري تي، بمبئي ۾ سنڌو ديش سميلن ٿيو هو تہ اُن ۾ ڊاڪٽر ارجن سڪايل هيمون ڪالاڻيءَ تي ناهيل خاص شعر پڙهيو هو جنهن جو مطلب هو تہ سنڌ هند جا سنڌي هڪ آهيون. هيءَ صوفين جي سنتان. هڪ ئي پاڪ ۽ رهندي. هڪ ئي ڌرتيءَ کي چمندي ۽ طلسم جي ديوار نيٺ ٽٽندي. شاعر آخر ۾ هيمونءَ کي مخاطب ٿي چوي ٿو تہ اڄ تنهنجي شهادت جي ڏينهن تي اسين پنهنجو قسم، وچن، پرن ۽ انجام دهرايون ٿا.

سنڌ ۾ تہ هند جي شاعرن کان به وڌيڪ شاعرن ۽ شاعرائن به هيمون ڪالاڻيءَ کي ياد ڪيو آهي. انهن مان گهٽا تہ ڇاوا به ورهاڳي کان پوءِ آهن.

ڪجهہ مثال هيٺ ڏيان ٿو:

اچو تہ سنڌڙيءَ جو سوگ ڪٽون
اڄ وري انقلاب ايندو
اسين هيمون ڪالاڻي ٻڌجي
ڪاهي تي چڙهنداسين.
(شبير سومرو)

دودي هوشوءَ، هيمون جهڙا
ڪٽي آهيو جهونجهار
هلو هلو گرنار.
(نصير مرزا)

هوشو دودو هيمون سپ،
پٽ ڏسي مرڪي تون،
جڳ جڳ جيءِ او سنڌڙي ماءُ،
تو لاءِ هٿون سر جو داءُ.
(ارشاد شيخ)

هڪ مشهور نئين شاعره ۽ ڪهاڻي نويس نور الهدي چوي ٿي:

"هي جامشوري جو ميدان آ،
هوشوءَ جو هيمون جو
رزاق جو ڏاهر جو
سيد جو ها، جيئنءَ
تون پليو آن: تون آن،
هت راج آ،
سنڌين جو سنڌين جو."

سنڌ ۾ شيخ ايياز پهريون شاعر هو جنهن هيمونءَ کي 13: 14 سال اڳ پنهنجي مشهور گيت "سنڌو ديش مهان" ۾ هيئن ياد ڪيو:

"ستر لک سپوتن هوشو هيمون ٻڌجو
هرڪو جهڙو دودو دولهه دريا خان،
سنڌو ديش مهان."

ٻيو هڪ ايياز جهڙو مشهور شاعر نياز همايوني لکي ٿو:

"هوشوءَ وارو سنڌوديش، هيمون وار سنڌوديش،
تنهنجو ديش، منهنجو ديش سنڌو ديش."

هڪ اهڙي ئي شاعر فتاح ملڪ لکيو:

هوشو هيمون هترڙي جاوا،
هردم جوت جوان آ ساڻي،
سنڌوديش مهان.

ڪينجهر ڪرڪي، مڪلي مرڪي،
اُتم اڳوڻو آن او ساڻي،
سنڌو ديش مهان.

پر هنن سيني کان سهڻو شعر لکيو آهي، عبدالحڪيم ارشد. هو چوي ٿو:


اڄ پي تنهنجي ياد اچي ويئي،
اڄ پي منهنجا لڙڪ لڙي پيا!
اڄ پي تنهنجون ڳالهيون ساريم.
اڄ پي ساڳي جنگ لڳل آ،
اڄ پي ساڳي باهه ٻري پيئي،
اڄ پي سنڌڙي سڏڪي پيئي،
اڄ پي ڦاهي ماندي آهي،
اڄ پي ڌرتي ماتا جي دانهن،
مون کي جهنجهوڙي جاڳايو
هيمون منهنجا دوستا
مان تنهنجي روح کي سامهون آٿي،
اڄ سنڌڙيءَ سان ٿو قول ڪريان،
جيجل جيسين جيئرو رهندس،
تيسين تو لئه لکندو رهندس!

سنڌ ۾ اڇڪلهه شهيد هيمون، خاص ڪري جي ايم سيد جي رهبري واري جيئي سنڌ هلچل جي شاگردن جو ته زبردست پيارو هيرو ٻڌجي پيو آهي. هو وقت به وقت هن جي ورسي به ملهائيندا رهندا آهن. ڪن جوانڙين ته پنهنجي ٻارن تي به هيمونءَ جو نالو رکڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

ان باري ۾ ڪجهه سال اڳ جڏهن هيمونءَ جي ملهايل ورسي تي اردو اخبارن اعتراض ورتو هو ته اُنهن کي حيدرآباد سنڌ جي هڪ جوان چوڪريءَ (جا گرلس ڪاليج جي شاگرد هئي) مس ياسمين تنهن هي منهن ٽوڙ جواب ڏنو:

"عابد صاحب، ڪاش، مان توهان جي منهن تي ڪتڪار وجهي سگهان. توهان جي ليکن تي مذهب جو رنگ چڙهيل آهي. مذهب جيڪو دليل ماڻهن جو ٻڌايل آهي. توهان کي ان تي اعتراض آهي تہ سنڌ جي شاگردن جي ڪنوينشن ۾ هڪ هندو ڪالاڻيءَ کي شهيد ۽ هيرو جي حيثيت سان پيش ڪيو ويو آهي. چڱيءَ طرح ياد رکجو تہ راجا ڏاهر هڪ سنڌي هو چاهي هو هندو هو يا مسلمان، اسان جو هيرو (سورمو) آهي. اڄ بہ هزارين هيمون ڪالاڻي موجود آهن..... دنيا ۾ سنڌ جي عظمت سڃاڻپ اسلام نہ، پر موهن جي دڙي جي ڪري..... اسان چوڪرين فيصلو ڪيو آهي تہ اسين پنهنجن ٻارن تي نالا ڏاهر، هيمون ڪالاڻي، شيخ اياز ۽ هوشو رکنداسين." هي جواب پڙهي هن سورهيہ ڇوڪريءَ ياسمين اڳيان سر جهڪيو ويڄي.

هن مان ظاهر آهي تہ اڄ سنڌ ۾ شهيد هيمون ڪالاڻي، عام ۽ لوڪ پيارو ٿيڄندو پيو وڃي. ڪاش! هند جا سنڌي ان سلسلي ۾ سنڌ جي سنڌين کان سبق سکن ۽ شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي ياد سدائين پنهنجي سيني ۾ سانڍين ۽ هن لاءِ ڪو يگانو يادگار کڙو ڪن.



”امان هومون کي سياڻي ڪاهي چاڙهيندا،
آئون نہ رهندس،
پر پوءِ بہ منهنجي سنڈ رهندي،
منهنجي قوم رهندي،
آءٌ پنهنجي وطن ءِ قوم جي دلين ۾
سدائين زندهہ رهندس.“
(شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي پنهنجي ماءُ سان
آخري ملاقات وقت چيل لفظ)